منصور ثاني
سچل سرمستؒ

مرتب

پروفيسر عطا محمد حامي



ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

منصور ثاني

سچل سرمست

مرتب

پروفيسر عطا محمد حامي

ثقافت کاتو حکومت سنڌ

اداري جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو:	منصور ثاني سچل سرمست
مرتب:	پروفيسر عطا محمد حامي
ڇاپو پهريون:	اپريل، 1964ع
ڇاپو ٻيو:	جولاءِ، 2012ع
تعداد:	هڪ هزار ڪاپيون
ڪمپوزنگ:	سارنگ امداد / اقبال ابڙو
لي آئوٽ:	ظفر آفتاب ابڙو
ٽائيٽل:	ڪپتان ابڙو
ڇپيندڙ:	پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي، سنڌ
ڇاپائيندڙ:	ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

Title of Book:	Mansoor-e-Sani Sachal Sarmast
Compiler:	Prof. Atta Muhammad Hami
Edition First:	April 1964
Second Edition:	July 2012
Quantity:	One Thousand Copies
Composing:	Sarang Abro/ Iqbal Abro
Layout:	Zafar Aftab
Title:	Kaptan Abro
Printed by:	Peacock Printers, Karachi, Ph: 0300 2152634
Published by:	Culture Department, Government of Sindh

ملڻ جو هنڌ:

ثقافت کاتو ڪتاب گهر

سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ،

ڪراچي، سنڌ- 74400

فون: 021-99206073

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

- پ اکر — عبدالعزيز عقيلي — 5
- حرف اول — پروفيسر عطا محمد حامي — 9
- **عقيدت جا گُل** — تنوير عباسي، لطف الله بدوي، شيخ اياز، پروفيسر شيخ "راز"، احمد خان "آصف" مصراڻي — 11

■ **مقدمو** — 19

- ♦ **حسب نسب** — 21
  - خاندان — 21
  - درازا — 22
  - درگاهه جو سلسلو — 22
  - ميان عبدالحق — 24
  - سخي قبول محمد اول — 25
- ♦ **زندگيءَ جو احوال** — 26
  - ولادت ۽ نالو — 26
  - پيشنگوئي — 26
  - نندپڻ ۽ تعليم — 26
  - بيعت — 27
  - شادي — 27
  - حليو ۽ لباس — 28
  - سير سفر — 29
  - طالب — 29
  - تصنيفات — 29
  - بيماري ۽ وصال — 30
  - قطع — 30
- ♦ **سچل سائين جو زمانو** — 31
  - سياسي حالتون — 31
  - مذهبي حالتون — 32
  - فقراهي خانقاهون — 32
  - ادبي ماحول — 32
  - ٻيا فاروقي شاعر — 33
  - صاحبڏنو — 34
  - ميان عبدالحق — 35
  - سخي قبول محمد اول — 35
  - محمد حيات "حاتم" — 36
  - گل محمد — 36
  - عبدالهادي — 37
  - محمد صالح — 37
  - باغ علي — 37
  - محمد نشان — 37
  - ٻيا شاعر — 38
- ♦ **عالمن جا رايا** — 39
  - اصناف سخن — 41

■ **چونڊ مضمون** 51

- سچل سرمست جو خاندان — محمد يعقوب چانگ 53
- سچل سرمست جي حياتي — لطف الله بدوي 56
- سچل سرمست جي سوانح حيات — عبدالحق زيب 63
- درازن جو ديدار — قلندر بخش "نثار" مرزاپوري 67
- سچل سائين جا ادبي تبرکات — قاضي علي مردان درازي 70
- سچل سرمست — پير علي محمد "اظهر" 73
- سچل سرمست – منصور ثاني — شيخ عبدالرزاق "راز" 77
- سچل سرمست - سنڌ جو منصور — مولوي محمد صادق راڻيپوري 81
- سچل سرمست جون تصنيفون — فقير رجب علي درازي 87
- سچل سائينءَ جا سوانح نگار — خورشيد احمد علوي 91
- سچل بابت هڪ غلط روايت — حڪيم محمد صادق راڻيپوري 96
- سچل سرمست جي عظمت — شيخ اياز 100
- سچل سائين جو اردو ڪلام — احسان بدوي 103
- سچل سرمست جو فارسي ڪلام — شفيع احمد علوي 109
- سچل سائينءَ جو سرائڪي ڪلام — رشيد احمد لاشاري 121

■ **مثنويون** 135

- ساقي نامو 137
- تار نامو 139
- راز نامو 145
- گداز نامو 177
- عشق نامو 185

پہ اکر

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري ۾ "سچل سرمست" جو نهايت اهم مقام آهي. ننڍي کنڊ جي صوفي شاعرن عام طور دنيا جي مختلف رنگن کان خلق خدا کي آگاهه پئي ڪيو آهي. ڪن سستي ۽ ڪاهلي کي ڪيڏ جي صلاح پئي ڏني آهي، ته ڪن آدمين جي اخلاص جي ڳالهه ڪئي آهي ته ڪن وري دنيا دم گذر جو قصو ڪوتاهه ڪيو آهي. ڪن ان کي پاڻيءَ جي ڦوٽي مثل پئي پانيو آهي.

سچل انهن روايتي رمزن سان گڏ حق جو هو ڪو پڙ ڏنو آهي. هن زماني جي مصلحتن کان مٿي ٿي سچ جو نعرو بلند ڪيو: "سچ تا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نه وٽي+ ڪوڙي دوستيءَ جو دم بٽي نه بٽي". دنيا جي وهنوار ۾ سچ چوڻ تمام ڏکيو معاملو آهي، ان جي قيمت به تمام ڳري آهي، جن سچ چيو انهن سر وڃايو. کي سوليءَ چڙهيا، ڪن کي سنگسار ڪيو ويو. ڪن کي آتش جي نذر ڪيو ويو ته ڪن کي پاڻي ۾ ٻوڙيو ويو. پر پوءِ به اهو حق ۽ سچ جو سودو ازل کان ابد تائين جاري آهي. ڪو شاعر يا آرٽسٽ انجام کان آگاهه هئڻ باوجود سچ چوڻو ڳالهائي؟ اها اسرار جي اونهي ڳالهه آهي، جيڪي باهه سان وڙهي جاڻن اهي ئي ان رمز کي رسندا. سنڌ ۾ لاشڪ ته سچل سرمست انهي اسرار کان بخوبي واقف هو. فارسي شاعريءَ ۾ هن 'آشڪار' ۽ 'خدائي' تخلص ڪتب آندا آهن. هن پنهنجي ڪلام ۾ انهي اسرار تان ڪيئي پردا کنيا آهن، جن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ڪيترن ئي مرد مجاهدن درازن جو در پکڙيو ۽ سچل جي سچائي کان آگاهه ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. ان ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته استاد عطا محمد درِراز (دراز =سچل جو ڳوٺ) جي ڪڙڪي کولڻ ۾ کنهن حد تائين ڪامياب رهيو. ان جو وڏو ثبوت اهو آهي ته هن پنهنجي زندگيءَ جو آخري حصو سچل جي تعليم مطابق گذاريو. سندس مطالعي جو مرڪز به سچل ئي هو. ڊاڪٽريٽ ڪرڻ کان اڳ ئي استاد حامي، سچل سائين جي مستند حوالي طور پاڻ مڃائي چڪو هو. عشق ۽ عقيدت کان علاوه جديد تحقيقي اصولن مطابق سچل سرمست جي ڪلام جي تشريح جو حق ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ڊاڪٽر عطا محمد حامي ادا ڪيو آهي.

مرڪزي حڪومت پاران حامي صاحب کي 1964ع ڌاري "سچل سرمست" جي نالي سان، سچل جي سوانح، ڪلام ۽ پيغام بابت هڪ مفصل ڪتاب لکڻ لاءِ چيو ويو هو. جنهن لاءِ هن وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪئي. ان وقت تائين سچل سائين بابت شايع ٿيل هيٺيان ڪتاب:

1- رسالہ مراز علي قلي بيگ
2- سچل سرمست - آغا صوفي
3- سنڌ ۽ صوفي - جيٺمل پرسرام
4- تذڪره مخاديم کهڙا - مخدوم الله بخش
5- ملفوظات پير محمد راشد روضي ڏڻي
6- سند الموحدين - بيدل
7- تاريخ شعراءِ سنڌ- نجفي
8- رسالو سچل - رشيد لاشاري
9- سچل سرمست اردو - نسيم امروهوي
10- سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام - مولوي محمد صادق
11- رسالو سچل سرمست - عثمان علي انصاري
12- رسالو سچل سرمست - نماڻو فقير
13- سنڌ جي ادبي تاريخ - محمد صديق ميمڻ
14- تذڪره لطفي - پروفيسر لطف الله بدوي
15- گلزار نظم - عبدالرزاق ميمڻ "رفعت"
16- گلزارِ خيال - ميران محمد شاهہ
17- ديوان عجائب فارسي - محمد ابراهيم فاروقي
18-شجره خاندان فاروقي تاليف آخوند خان محمد فاروقي
19- دولهہ درازي - قاضي علي اڪبر روهڙائي
20- درازن جا درويش - عطا محمد حامي
21- سچل سرمست - رحيم بخش ميمڻ رياستي
22- سونهارو سچل- محڪمہ اطلاعات حيدرآباد
23- قلمي مسودو - مولوي محمد صادق
24- قلم مسودو - سيد امير علي شاهہ فتحپوري
25- ڪتابچو - سنڌي ادبي سنگت ڪراچي
26- ايڊمنسٽريشن رپورٽون رياست خيرپور
27- مختلف رسالن جا مقالا ۽ مضمون

حامي صاحب پوري ڌيان ۽ گيان سان پڙهي، پُرجهي، تحقيقي اصولن جي آڌار تي ذڪر ڪيل ڪتاب "سچل سرمست" تيار ڪيو. ان جي پيش لفظ ۾ ٻه لکي ٿوتہ "مٿين سيني ڪتابن تان باقاعده مدد ورتي ويئي آهي، جتي غلط ۽ عقل سليم جي خلاف ڪي روايتون نظر آيون، تن کي نظر انداز ڪيو ويو. نئين زندگيءَ مان ٻه چونڊ مضمون، جن ۾ سچل سائين جي زندگيءَ ۽ ڪلام تي چگو بحث ڪيل آهي، اهي شامل ڪيا ويا آهن".

ان حوالي سان، هي هڪ تحقيقي ڪتاب آهي، جنهن ۾ سچل سائين بابت اهم ڪتابن جو نچوڙ شامل آهي. ان کان علاوه هي ڪتاب ڪافي وقت کان اڻلڀ هو. سچل سرمست جي طالبن ياران طلب ٿيندي رهي، جنهن کي پورو ڪندي هن عرس جي موقعي تي پڌرو ڪري رهيا آهيون. هن ڪتاب جي اشاعت ۾ جناب رفيق احمد ٻرڙو ڊائريڪٽر جنرل ثقافت ڪاتو جن جون ڪاوشون ساراه جوڳيون آهن، جنهن اشاعت جي پهرين مرحلي کان آخري مرحلي تائين ڪم جي نگراني پنهنجي ذمي ڪنئين.

ثقافت ڪاتو، محترمہ سسئي پليجو وزير ثقافت جي اڳواڻيءَ هيٺ اساسي ادب (Classical Literature) بابت نهايت ناياب ۽ اهم ترين ڪتاب شايع ڪري رهيو آهي، هي ٻه انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

محترمہ جي هدايتن پٽاندڙ هن سال ٻه "ادبي ڪانفرنس" ڪوٺائي ويئي آهي، جنهن ۾ ملڪ جي مڃيل محققن ۽ عالمن کي گذارش ڪئي وئي آهي تہ اڄ جي دور جي گهرجن مطابق اُهي پنهنجون نڪور لکڻيون پيش ڪن، تہ جئين سچ جي صدا عام ماڻهن تائين پهچي ڪلفت ڪدورت ختم ٿئي ۽ ملڪ ۾ سک ۽ شانتي جو سمو پيدا ٿئي.

اميد تہ ادب جا پارکو عام طور ۽ سچل سائين جا پاڻڌيئڙا خاص طور اسان جي هنن خلوص پرئي ڪاوشن جو قدر ڪندا ۽ پنهنجن راين کان آگاهہ ڪندا رهندا.

عبدالعزيز عقيلي

سيڪريٽري،

ثقافت ڪاتو، حڪومت سنڌ

حرف اول

گھڻي وقت کان دلي تمنا هئي ته سچل سائين جي زندگي ۽ ڪلام متعلق ڪجھ لکجي. مهينو کن ٿيندو جو "پاڪستان پبليڪيشنس" ڪراچيءَ جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جناب رفيق "خاور" پاران حڪم اچي پهتو ته کين سچل سرمست جي سوانح حيات ۽ ڪلام تي مقدمو به لکي ڏيان ۽ فارسي مثنوين جو سنڌي منظوم ترجمو به لکي موڪليان. وري پنهنجي پراڻي ۽ هر دلعزيز دوست برادرم علي احمد خان بروهي ڊپٽي ڊائريڪٽر اطلاعات کاتو. اولھ پاڪستان، ڪراچي جي سفارشي خط به اچي ڪڙڪو ڪيو. بسم الله ڪري حڪم جي تعميل ۾ لڳي ويس. لکڻ کان اڳ هيٺيان ڪتاب سامهون رکيم انهن مان ڪجھ پاڻ وٽ هئا ۽ ڪجھ محترم حاجي محمد خان حداد ۽ محترم عبدالواحد خان قلهوتي مهيا ڪري ڏنا، جنهن لاءِ ٻنهي دوستن جو احسانمند آهيان.

1- رسالہ مراز علي قلي بيگ
2- سچل سرمست — آغا صوفي
3- سنڌ ۽ صوفي — جيٺمل پرسرام
4- تذڪره مخاديم کهڙا — مخدوم الله بخش
5- ملفوظات پير محمد راشد روضي ڏڻي
6- سند الموحدين — بيدل
7- تاريخ شعراءِ سنڌ- نجفي
8- رسالو سچل — رشيد لاشاري
9- سچل سرمست اردو — نسيم امروهوي
10- سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام — مولوي محمد صادق
11- رسالو سچل سرمست — عثمان علي انصاري
12- رسالو سچل سرمست — نماڻو فقير
13- سنڌ جي ادبي تاريخ — محمد صديق ميمڻ
14- تذڪره لطفي — پروفيسر لطف الله بدوي
15- گلزار نظم — عبدالرزاق ميمڻ "رفعت"
16- گلزارِ خيال — ميران محمد شاھ
17- ديوان عجائب فارسي — محمد ابراهيم فاروقي

18- شجره خاندان فاروقي (فارسي) تاليف آخوند خان محمد فاروقي
19- دولهه درازي – قاضي علي اكبر روهڙائي
20- درازن جا درويش – عطا محمد حامي
21- سچل سرمست – رحيم بخش ميمڻ رياستي
22- سونهارو سچل– محكمه اطلاعات حيدرآباد
23- قلمي مسودو – مولوي محمد صادق
24- قلمي مسودو – سيد امير علي شاهه فتحپوري
25- ڪتابچو – سنڌي ادبي سنگت ڪراچي
26- ائڊمنسٽريشن رپورٽون رياست خيرپور
27- مختلف رسالن جا مقالا ۽ مضمون

مٿين سيني ڪتابن تان باقاعده مدد ورتي وئي، جتي غلطي ۽ عقل سليم جي خلاف ڪي روايتون نظر آيون تن کي نظر انداز ڪيو ويو. ايڊيٽر رسالي "نئين زندگي" جي خواهش موجب رسالي نئين زندگي جي مختلف پرچن ۾ شايع ٿيل چوند مضمون به هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن، جن ۾ سچل سائين جي زندگي ۽ ڪلام تي چگو بحث ڪيل آهي. ڪتاب جي پڇاڙي ۾ سچل سائين جي پنجن شاهڪار فارسي مثنوين جو منظوم سنڌي ترجمو پيش ڪيو ويو آهي. آخر ۾ پنهنجي پياري شاگرد ۽ دوست عزيزي احمد الدين هنجراهه جو ٿورائتو آهيان، جنهن مهرباني ڪري سڄو مواد نقل ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

وما توفيقي الا بالله العلي العظيم.

نياز ڪيش
پروفيسر عطا محمد "حامي"

27 ڊسمبر 1963ع
خيرپور ميرس

عقیدت جا گُل

ڪافر ناهي، مومن ناهي، "سچو" پوءِ بہ سچّ،
سچّ چوي ٿو: اچّ، اچي سوريءَ تي لڙڪي نچّ.
_ شيخ اياز

من ۾ آهي مچ

انـدر مـنـهـنـجـي آڳ آ، مـن ۾ آهـي مـچ،
سچل، تنهنجو سچ، سوري تي لڙڪي پيو.
لاهـي اُن کـي اڇ، اکـيـن تـي رکـون ٻـئـي.

ماڻهوءَ منجهه الاهه، وينو روئي رت ڦڙا،
ڪنهنکي آ ساڃاهه، جو سمجهي ان ڳالهه کي.

وحدت ويـر ڪيـا، ڪـثـرت سـاڻ ڪـلـور ٿـيـا،
پـرزا اڏري ويـا، سـچـل، تـنـهـنـجـي فـڪـر جـا.

ويـرون ويـرون وڃ، ويـر تـه وڃـنـدو ٿـو وڃـي،
ڪچي ٿيو آ ٻه اڃ، سچل، تنهنجو فلسفو.

ڪـنـهـنـجـي خـاطـر ڪـوڙڪـي اڌيـن ٿـو، نـادان،
هـيءُ نـه آ انسـان، آهـي عـڪـس الاهـه جـو.

تنوير عباسي

عشق جو سفير

اي درازن جي زمين! تنهنجي مٿان سهسين سلام،
ڪاروانِ عشق جي سالار جو تو ۾ مقام.
شهرِ موسيقي! نمايان اڄ بہ توکان حسن و عشق،
مست آ سرمست جي نيءَ کان سندءِ ديوار و بام.
ساربان! هو منزلِ عشق آئي، جهل مهار،
کا گهڙي ترسي، ديارِ يار ۾ ڪر ڪجهہ قيام.
نيلمي گنبذ جي اندر دفن آ او راز دار،
جنهنجي نغمن کان جهانِ عشق ۾ آيو نظام.
عقل جي اک کين سمجهيو عشق جي درجات کي،
روزِ اول کان رهيو هي نکتو آهي نا تمام.
عقل هڪ راهِ تعقل کي گهڙي سمجهيو نجات،
عشق ان پيچيده رستي جو مٿايو انتظام.
عقل ان سود و زيان جي راهہ ۾ آ سنگِ ميل،
عشق اُن نيشان کان آزاد آ محوِ خرام.
عشق جا اعليٰ مقاصد عشق جو جاڻي سفير،
سچ چيو جيڪي "سچي"، ان کي نہ ڄاتو عقلِ خام.
راز ٿي رهندو سدائين آشڪار جو ڪلام،
روم ۽ تبريز جو آهي درازا عڪسِ تام.

لطف الله بدوي

هڪ منظر

سچل سرمست جهومي رهيو آهي:

رباب جون رڳون تاڻجي ويون آهن،
ڏوري جي پن هوا جي هانوَ ۾
بڙچيون هڻي رهي آهي،
رات جا ڪارا وار اپا ٽي ويا آهن.

سچل سرمست جهومي رهيو آهي:

ملان ڏوَ تي ڪائي سمهي پيو آهي
مسجد ڪونگهرا هڻي رهي آهي،
ٻانيڻ نند ۾ اوگرايون ڏيئي رهيو آهي،
مڙهيءَ ۾ باسي ڪڙهيءَ جي بوءِ آهي.

سچل سرمست جهومي رهيو آهي:

درازن جي دَز جهومي رهي آهي،
ويساک جو چند جهومي رهيو آهي،
۽ خدا آڪاس جي آرسيءَ ۾ پاڻ کي ڏسي رهيو آهي
۽ سوچي رهيو آهي،
ته "مان انسان جي ويس ۾ ڪهڙو نه وٽندڙ ٽولڳان."

-شيخ ايار

جوشِ جنون جو شهر يار

عشق جا پروردگار!
اي درازي شاهه، سنڌ جي سر زمين جا شهسوار!
عشق جا ۽ حسن جا، جوشِ جنون جا شهر يار!
تو ٻڌايون ٽي رموزِ ڪائنات،
تو ڏنا افلاڪ جا رازونياز،
تو ٻڌائي زندگيءَ پابندگيءَ جي شاهراهه،
آشنا جنهن کان نه هئي ڪنهنجي نگاهه.
اي محبت سرمدي جا يادگار!
جنهن کي پوشيده رکيو عبداللطيف،
تنهن طريقت کي ڪيو تو بي نقاب،
تو ڪئي ساري حقيقت آشڪار،
تو پياريو بي تحاشا معرفت جو ٽي شراب.
زندگيءَ جو ڇٽ نکرجي پيو شباب،
ڇٽ چمن ۾ جهوليندي آئي بهار،
هر طرف نغمه سرائي ٽي وئي،
هر طرف مشڪل ڪشائي ٽي وئي،
نور ۽ نغمي جي محفل ٽي وئي،
ڪيف و مستي جو نزول،
زندگي کان ٽي وئي انسان جي ذات
بي خبر ۽ بي نياز.

پروفيسر شيخ "راز"

اي درازي ميڪده جا پاسبان!

اي درازي ميڪده جا پاسبان!
حافظ و خيام جا پيرِ مغان!
اي مڪان و لا مڪان جا رازدان!
سنڌ جي مهراڻ جا اي ناخدا!
قوم ويچاري ڪناري ڪان پري،
آ پريشان گردشِ گرداب ۾.
اي حياتِ جاودان جي ڪاروان جا رهنما!
تو ڏنو ٿي جاودانيءَ جو سبق،
تو ڏنو ٿي پاسبانيءَ جو سبق،
تو ڏنو ٿي زندگانيءَ جو سبق،
تو ٻڌائي معرفت جي شاهراهه،
قوم پٽڪي راهه ڪان بي راهه ٿي،
آهي منزل ڪان پري.
اي "سچو" سائين، حياتِ جاودان جا شهر يار!
نور ونغمه جا خدا!
ٿي وڃي بارش شرابِ ناب جي،
نور جي نغمي جي بارش ٿي وڃي،
اي حريمِ ناز جا پروردگار!
عشق جا ۽ حسن جا، جوشِ جنون جا تاجدار!

پروفيسر شيخ "راز"

السلام اي سنڌ جا منصور سونهارا سچل

السّلام اي سنڌ جا منصور سونهارا سچل
السّلام اي شاعرِ مشهور سونهارا سچل
السّلام اي مرد مولیٰ صدر مجلس اصفيا
السّلام اي سر گروهه اوليا و اتقيا
تو هنيو نعرو "اناالحق" جو صفا نروار ٿي
سنڌ ۾ آئين سچل تون عشق جو اوتار ٿي
سُنّتِ منصور کي زنده ۽ پائنده رکيءِ
پڻ "خيالِ شرع اطهر" دل ۾ ٿي سانده رکيءِ
"حافظ" القران ٿي تعليم قرآني ڏنءِ
برهه جا اسباق سڀ کي "برهه جا باني" ڏنءِ
"آشکارا" ٿي حقيقت کي کيو تو آشکار
راز هائي عشق تان لاهي چڏيءِ پردا هزار
ٿي "سچو" سڀ کي ڏنءِ سچ ۽ صداقت جو سبق
ٿي پڙهايءِ پنهنجي مکتب ۾ محبت جو سبق
سمجهيو تو نکتئه ناسوت ۽ جبروت کي
ماڻيو تو منزلِ ملکوت ۽ لاهوت کي
حقّ ۽ ناحقّ جو کولي ٻڌايءِ امتياز
نينهن جا نکتا کيا نروار تو شاهِ دراز
حق تعاليٰ سان ملڻ جي تو ڏني ترغيب آهه
شعر ۾ محفوظ تو کئي سنڌ جي تهذيب آهه
مختلف ٻولين ۾ شعرن جا رسالا تو ڏنا
جڻ شرابِ عشق جا سي پُر پيالا تو ڏنا
اڄ به تنهنجو فيض ۽ احسان جاري جام آهه
تو ڏنو "آصف" کي بيشڪ دل گهريو انعام آهه.

احمد خان "آصف" مصراڻي

مقدمو

حسب نسب

خاندان

سچل سرمست عرب جي مشهور معروف فاروقي خاندان سان تعلق رکي ٿو. سندس مورث اعليٰ شهاب الدين اول بن عبدالعزيز بن عبدالله بن عمر سنہ 93 هجري ۾ محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيو. ان وقت سپه سالاري جا فرض محمد بن قاسم انجام ٿي ڏنا. تہ عباسي خاندان مان شيخ محمود بن محمد بن علي بن عبدالله بن عباس تي خطبي پڙهڻ جي ذميواري هئي ۽ پيش امامي جو ڪم شيخ شهاب الدين کي سونپيل هو. سنڌ فتح ڪرڻ بعد محمد بن قاسم شيخ شهاب الدين فاروقي کي سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو. هي سنڌ جو پهريون مسلمان حاڪم هيو. هن کان پوءِ سندس ڇهہ پيڙهيون لڳاتار ديني خواهہ دنيوي حڪومت جون واڳون سنياليندیون رهيون. آخرڪار سن 217 هجري ۾ سلطان محمود غزنوي سنڌ تي قبضو ڪري. ان وقت جي فاروقي حاڪم محمد کي پينشن مقرر ڪري ڏني. جيڪا هو سال بسال ونندو رهيو ۽ تاريخ 2 رمضان 221 هجري ۾ وفات ڪيائين. ان کان پوءِ زماني جي انقلاب سبب هن خاندان جي ڀانهن خدا آباد جي پرسان نوريجن جو ڳوٺ ٻڌو، جتي ڪيترائي فاروقي بہ لڏي اچي وينا. آخرڪار محمد فاروقي جي اولاد مان اٺويهين پيڙهي ۾ مخدوم نورالدين بن وحيدالدين جا بہ فرزند مخدوم ابو سعيد ۽ مخدوم بدرالدين سنہ 660 هجري ۾ غوث بهاء الدين جي خليفي مخدوم شاهہ جمار جا مريد ٿيڻجي صاحب ڪماليت ٿيا. مرشد جي قرب حاصل ڪرڻ لاءِ سيوهڻ ۽ نوريجن کي خيرباد چئي، گاگن واري پرڳڻي (گاگڙي) ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا. مخدوم شاهہ جمار جو مقبرو گمبٽ تعلقي جي شهر گڏيجي جي پرسان آهي ۽ مخدوم ابو سعيد جو مقبرو ديهہ راڻي پور مکان موسيجي ۾ آهي.

مخدوم ابو سعيد ۽ مخدوم بدرالدين مرشد کان فيض حاصل ڪرڻ بعد ڪافي رياضتون ۽ مجاهدا ڪيا، ايتريقدر جو جهنگ ۾ گاهہ ۽ ڏڏ کائي پيٽ جو پورائو ڪندا هئا. شيخ بهاء الدين ذڪريا ملتاني جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن بنهين پائرن کي ڏوٽيئڙن جي لقب سان ياد ڪيائين. انهي مخدوم ابو سعيد جي نائين پيڙهي خواجہ محمد حافظ ميان صاحب ڏنو درازن جي موجوده درگاهہ جو باني ٿيو.

درازا

درازن جي شهر تي اهو نالو فاروقين جي هڪ نوڪر جي نالي پٺيان پيو. اهو هيئن جو فاروقين مان هڪ شخص ميان احمد نالي سرڪاري ملازمت ۾ هو. جنهن جي ايمانداري سان نوڪري ڏيڻ جي عيوض گمبٽ ۽ راڻي پور جي وچواري زمين فاروقين کي جاگيرطور ملي هئي. فاروقين اها زمين پنهنجي بن نمڪ حلال نوڪرن دراز وندير ۽ ڪاجن وندير کي آبادي لاءِ ڏني، جتي هو پنهنجا ڳوٺ ٻڌي وينا. ۽ سندن نالن پٺيان دراز ۽ ڪاجن جا ڳوٺ مشهور ٿي ويا. انهن مان ڪاجن جو ڳوٺ ڦٽي ويو آهي. باقي درازن جي عمر هميشہ دراز آهي.

درگاھ جو سلسلو

درازن جي درگاھ سچل سائين جي نالي کان مشهور آهي، پر انهي کي قائم ڪندڙ سچل سائين جو ڏاڏو خواجہ محمد حافظ ولد ميان عبدالوهاب آهي، جيڪو سنہ 1101 هجري ۾ مڪي جي ملڪ تي آيو. ڪيس صاحب ڏنو موراڳي ۽ سوائي جي نالي سان بہ سڏيندا هئا. ان وقت جي رواج موجب عربي ۽ فارسي علوم ۾ تحصيل ڪري سرڪاري ملازمت ۾ داخل ٿيو. موره جي ديهہ ۾ ڪلهوڙن طرفان فصلي ضابط جو ممتاز عهدو ماڻيائين. هڪ دفعي جيئن گهوڙي تي سوار ٿي نوڪري تي وڃي رهيو هو، تيئن ڪوٽڙي ڪبير ۽ ڏيوٽي جي وڃ تي هڪ مجذوبہ عورت گهوڙي جي واڳ جهلي. سندس رستو روڪي بيهي رهي ۽ ڪجهہ بيت ڏيئي چوڻ لڳي: "خدا توکي ٿو ڳولي، تون ڪنهن جي ڳولا ۾ آهين." مجذوبہ جي گفتگو ٻڌي خواجہ صاحب تي حال پئجي ويو ۽ نوڪري وغيره ڦٽي ڪري، جهنگل وسائي چله ڪشي ڪيائين. چاليهن چلن ڪڍڻ بعد شاهہ عبيدالله جيلاني اچي کيس مريد ڪيو. اهو قصو سچل سرمست پنهنجي مشهور تصنيف "رازنامہ" ۾ هن ريت منظوم ڪيو آهي:

نام جدم مشتهر صاحبدنہ — هم محمد حافظ است در سلسلہ
روز يک مي رفت بيرون از شهر — بود خواجہ بر تماشائي دگر
درميانِ کوتري و ديونہ — ديد يک ديوانہ زن بد برهنہ
بيبي بصري بود ظاهر نام او — کس نمي دانست او را تارمو
ناگهان ديوانہ زن پيشش رسيد — گفت با آن خواجہ و آهي کشيد
بشنو از من راز اي مردِ خدا — آن خدا در کارتو تو تاکجا
بيتها سندي بگفتا از زبان — آن به پيش تو همي سازم عيان.

ا – چري ڪري بصري ڪري تا ڪرنانهن،
وئي پرائي وهانءِ تنهنجو هينڙو تا هئين ٿيو.

2- جئان گھٹو جگ ۾ پر جم نہ جئڻ ڏي،
باب نہ پڙھج بي، ھج آلوده الف سان.
3- ورسين وجھيو ڪاڻ، تُھہ ڪرسين ڪليو سمھين
آيل هي اهجاڻ، جو ڪٽ ڇڏي تُھہ ابھين.

از شنیدن خواجہ آن بیخود شده باز پس گردید عاشق خود شده
پارچہ عمامہ را از سر کشید جرعہ از میخانۂ الفت چشید
آمده بشگافت جنگل گوشه یافت جز محبت هرچه بد روئي بتافت
چهل چله اندر آن بیشه کشید بعد مدت شه عبیدالله رسید
دستِ بیعت خواجہ را داد آن زمان کشف بخشید از مکان تا لامکان

شاھہ عبيدالله شيخ عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان هوءِ پنهنجي بن پائرن هر هڪ شاھہ ڪليم الله ءِ شاھہ عبدالملڪ سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو. شاھہ ڪريم بلڙي واري شاھہ ڪليم الله ڪان باطني فيض حاصل ڪيو هو ءِ شاھہ عنايت الله صوفي جھوڪ واري شاھہ عبدالملڪ جي مريدي اختيار ڪئي. شاھہ عبيدالله خواجہ محمد حافظ سان روح رچنديون ڪري اجمير شريف هليو ويو. سندس مزار بہ اتي خواجہ معين الدين چشتي جي درگاھہ عاليہ ۾ آهي.

خواجہ محمد حافظ جي چلہ ڪشي واري وقت ۾ شاھہ عبداللطيف پٽائي بہ ساڻس ملاقاتي ٿيو هو. اهو مخدوم محمدي جو زمانو هيو ءِ نہ مخدوم احمدي جو. جيئن مرحوم مولانا محمد صادق راڻيپورائي سچل سرمست جي سرائڪي ڪلام ۾ لکيو آهي. انهيءَ ملاقات جو ذڪر تذڪره مخاديم ڪھڙا ۾ هن ريت آيل آهي: "شاھہ صاحب سير و سفر ڪندي اتفاقاً ڪھڙن جي باھران چنيھہ فقير جي ڪوھہ تي اچي منزل انداز ٿيو ءِ مخدوم صاحب وٽس دعوت لاءِ ماڻھو موڪليو. شاھہ صاحب مخدوم صاحب ڏانھن هيٺيون بيت چورائي موڪليو:

اڄ نہ آيس آئُ، صبح ايندس سپرين،
توتي جنھنجو نانءُ، ڪٽي بار ڪھين جو.

صبح سان شاھہ صاحب مخدوم صاحب جو مھمان ٿيو ءِ پورو ھفتو مخدومن سان رھاٽيون ڪري درازن ۾ اچي خواجہ محمد حافظ سان ملاقات ڪيائين. چون ٿا تہ شاھہ صاحب حي اچڻ وقت خواجہ صاحب ھڪ غار ۾ معتڪف هو. شاھہ صاحب غار جي مٿان بيھي چيو: "ھتي پڪل گدري جي بوءِ ٿي اچي." پوءِ اندر وڃي خواجہ صاحب سان مليو ءِ چيائين، "يار ڪي لڪائڻ نہ گھرجي." ساڻس روح رچنديون ڪري باھر لوڙھي ۾ آندائين. تذڪره مخاديم ۾ اهو بہ لکيل آهي تہ شاھہ صاحب خواجہ صاحب ڪي امانت جي صاحب ٿيڻ جي نشاني ڏني ءِ اتي ساڻس گڏجي ڪوھي بہ ڪوٽيائين. والله اعلم بالصواب.

درحقيقت هي اها کوهي هئي جنهن متعلق متواتر روايتون آهن، ته جڏهن شاهه صاحب ۽ خواجه صاحب اندر هئا. تڏهن کنهن کي به اندر اچڻ جي اجازت کا نه هئي، مگر چنيهه فقير اچڻ شرط اچي ٽپو ڏنو. جنهن تي شاهه صاحب کيس چيو: "تنهنجي ڇ کڏي نسورو ئي نينهن بڻائي تا چڏيون. فقيري ويس اسان تا ڏيون ۽ طلب صاحب ڏني کان وٺ". انهي وقت کان وٺي چنيهه فقير ۽ سندس خاندان جو ويس نيرو هلندو ٿر اچي. اهو چنيهه فقير مخدوم عبدالرحمان شهيد جي دعا سان جائو هو ۽ مخدوم صاحب ننڍپڻ ۾ ئي فرمايو هو: "هن چوکري کي طريقت جي امانت فاروقي خاندان مان حاصل ٿيندي."

خواجه محمد حافظ کي شاهه عبيدالله جي نظر فيض اثر ذري مان آفتاب بڻائي چڏيو. ٿوري صحبت ۾ ئي طريقت جا سمورا مرحلا طئي ڪري حقيقت ۽ معرفت جو صاحب بڻجي پيو. مرشد کان خلافت جو خرقو حاصل ڪري درگاهه جو سلسلو جاري رکيائين.

شاهه عبيدالله موڪلائڻ وقت خواجه صاحب کي فرمايو ته درگاهه جو سجاد نشين لوڙهي ۾ رهي خاندان جو هر فرد سجاده نشين جي بيعت ڪري ۽ ٻيو ڪو به بيعت نه وٺي. انهيءَ حڪم جي تعميل اڄ تائين ٿيندي رهي ٿي. ڪتاب "دولهه درازي" ۾ قاضي علي اڪبر صاحب لکيو آهي ته "گمبٽ ۽ راڻي پور ۾ اڳ ۾ ئي جيلاني بادشاهن جون به مشهور گاديون هيون. ٻئي بادشاهه (خواجه محمد حافظ جي) ايتري رجوعات ڏسي تعجب ۾ پيا ته هي ڪير فقير آهي، جنهن اسان جي وچ ۾ اچي ديرو جمايو آهي. الخ" اها روايت بلڪل غلط آهي چوته خواجه محمد حافظ جي درگاهه جو بنياد مخدوم محمدي جي ڏينهن ۾ پيو. جڏهن ساڻس شاهه عبداللطيف جي ملاقات به ٿي هئي. گمبٽ ۽ راڻيپور جون ٻئي درگاهون مخدوم احمدي جي وقت سن 1171 هجري ڪانپوءِ محمد شاهه ۽ احمد شاهه جيلانين اچي قائم ڪيون. صاحبڏنه سائين جي درگاهه انهن جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي قائم دائم هئي.

خواجه 91 سال ناسوتي ملڪ جو سير ڪري 1192 هجري ۾ ابدي وصال ماڻيو. ڪيس به فرزند هيا: (1) ميان صلاح الدين (2) ميان عبدالحق. ملفوظات پير محمد راشد ۾ ذڪر آهي ته پاڳارن جي درگاهه جو باني پير محمد بقاشاهه مخدوم محمد اسماعيل جي وفات بعد ميان صاحب ڏني وٺ روحاني فيض جي اضافي لاءِ آيو هيو.

ميان عبدالحق

ميان عبدالحق خواجه محمد حافظ جو ننڍو فرزند هو. مگر عبيدالله مسند نشيني جي سلسلي ۾ وڏي فرزند ميان صلاح الدين جي بدران سندس ئي نالو لکيو هو. تنهنڪري خواجه عبدالحق مسند نشين ٿيو. مرزا علي قلي بيگ جي اها روايت غلط آهي ته جڏهن ميان صاحبڏنه وفات ڪئي، تڏهن سندس وڏي پٽ خوشيءَ سان ننڍي پاءُ ڪي هٿن سان گاديءَ تي ويهاريو چو ته ميان عبدالحق جي گادي نشين ٿيڻ کان گهٽو اڳ ميان صلاح الدين وفات ڪري ويو هو. (ميان

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindhi Studies, Jamshoro.

عبدالحق) 1120 هجري ۾ هن مٽي جي ملڪ تي آيو ۽ پنهنجي والد بزرگوار جي وفات بعد خلافت تي ويٺو. هو پنهنجي زماني جو هڪ وڏو عارف ۽ جيد عالم ٿي گذريو آهي. سندس ديني فتويٰ کي حرف آخر ڪري ڄاڻو ويندو هو. ڪيترائي روحانيت جي فيض جا پياسي ڏورانهن ڏيهن تان پنڌ ڪري وٽس اچي پنهنجي پياس پوري ڪندا هئا. سچل سرمست وٽ جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو مريد ٿيڻ ايندو هو ته کيس پنهنجي مرشد ميان عبدالحق ڏانهن رجوع ڪندو هو ۽ سندس گهٽي عزت ڪندو هو. راز نامه ۾ سندس تعريف ڪندي ڪندي آخر ۾ چئي ٿو ڏئي:

مدح او از ما نمي گردد تمام
هرچه گفتم آن بود بس والسلام.

ميان عبدالحق دنيا کان بي نياز رهي حقيقت ۽ معرفت جو ملڪ وسائي آخرڪار سن 1213 هجري ۾ برقعو مٽايو. کيس پنج پٽ هئا، جي پڻ وڏا عارف ٿي گذريا آهن. سندن نالا مبارڪ هي آهن: (1) قبول محمد، (2) زين العابدين (3) دين محمد (4) ولي محمد (5) خدا داد.

سخي قبول محمد اول

ميان عبدالحق کان پوءِ سندس وڏو فرزند سخي قبول محمد اول مسند نشين ٿيو. هو سن 1181 هجري ۾ جائو ۽ 1245 هجري ۾ وفات ڪيائين. انهي سخي قبول محمد جي وصال کان ٽي سال اڳ سچل سرمست برقعو مٽايو. هو هڪ وڏو پرهيز گار متقي ۽ متوڪل درويش ٿي گذريو آهي. جيڪي هٿ ايندو هوس اهو في سبيل الله ڏئي ڇڏيندو هو. تنهنڪري کيس هر ڪو سخي جي نالي سان سڏيندو هوس. کيس ڇهه فرزند هئا: (1) خواجه نظر محمد (2) خواجه محمد حافظ (3) خواجه محمد سعيد (4) خواجه سرور علي (5) خواجه موجود علي (6) خواجه محمد غوث.

سخي قبول محمد اول کان پوءِ هيٺيان بزرگ فقيري جي خلافت کي رونق بخشيندا رهيا آهن:

خواجه نظر محمد	ولادت 1201هـ	وصال 1252هـ
خواجه نجم الدين	ولادت 1239هـ	وصال 1272هـ
سخي قبول محمد ثاني	ولادت 1261 هـ	وصال 1343هـ
خواجه صاحبڈنہ ثاني	ولادت 1308هـ	وصال 1350هـ
خواجه قبول محمد ثالث	ولادت 1332هـ	وصال 1371 هـ

هن وقت خواجه عبدالحق ثاني مسند نشين آهي. سندس تاجپوشي 25 جنوري 1952ع تي ٿي هئي.

زندگيءَ جو احوال

ولادت ۽ نالو

سچل سائين جي ولادت باسعادت سن 1152 هجري مطابق 1739ع ۾ ٿي. هو خواجه محمد حافظ جي وڏي فرزند ميان صلاح الدين جو هڪڙو ئي پٽ هو. سندس نالو پڙ ڏاڏي جي نالي تي عبدالوهاب رکيائون. مگر هو سچل، سچيڏنو ۽ سچو جي نالي سان مشهور آهي. سندس چاچو ۽ مرشد ميان عبدالحق کيس پيار مان انهن نالن سان پڪاريندو هيو. پاڻ به سنڌي، سرائڪي خواه اردو ڪلام ۾ تخلص طور اهي ئي نالا ڪم آڻيندو هيو. باقي فارسي ۾ سندس تخلص آشڪار ۽ خدائي آهي.

پيشنگوئي

سچل سائين جي ٻالپڻ وقت ئي شاهه عبداللطيف خواجه محمد حافظ سان ملاقات ڪئي هئي. ان وقت سچل سائين جي پيشاني ۾ ولايت جا آثار ڏسي خواجه صاحب کي چيو هئائين: "اسان جيڪا عشق جي ديگ چاڙهي آهي، ان جو ڍڪ هي ٻار لاهيندو." اها اڻڪٿي حرف بحرف صحيح نڪتي. مرزا علي قلي بيگ ۽ مولانا محمد صادق راڻيپوري پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي ته شاهه صاحب اها پيشنگوئي ان وقت ڪئي هئي، جڏهن ميان عبدالحق جي پنجن پٽن سان گڏ سچل سائين کي ڏٺو هئائين. مگر حقيقت ان جي برعڪس آهي، چو ته ميان عبدالحق جي مسند نشين ٽيڻ کان اڳ ۾ ئي شاهه صاحب رحلت ڪري چڪو هو ۽ ميان عبدالحق جو وڏو فرزند ميان قبول محمد شاهه صاحب جي وفات کان پوءِ ئي سن 1181 هجري ۾ جائو هو. شاهه صاحب صرف خواجه محمد حافظ جي وقت ۾ درازن ۾ آيو هو ۽ سچل سان گڏ ميان عبدالحق کي ڏٺو هوندائين. جنهن جي عمر سچل جي ولادت وقت ٻتيهه سال هئي.

ننڍپڻ ۽ تعليم

سچل سائين ايا ڇهن سالن جو مس هيو ته سندس والد بزرگوار برقعو مٿائي ويو ۽ هن در

يتيم جي سنپال خواجہ محمد حافظ ۽ ميان عبدالحق ڪئي.

سچل سائين انهيءَ ماحول ۾ پرورش پاتي جيڪو ديني خواه دنيوي لحاظ سان اُتم هو. خواجہ محمد حافظ خواه سندس جاءِ نشين ميان عبدالحق پنهنجي وقت جا وڏا ولي ۽ جيد عالم هئا. وٽن رات ڏينهن ظاهري خواه باطني علوم جي محفل گرم هوندي هئي. انهيءَ ئي فيض جي چشمي مان سيراب ٿيل حافظ عبدالله قريشي صديقي ڪي سچل سائين جي پڙهائڻ جو ڪم سونپيو ويو. ڪامل استاد وٽ فهيم طبع واري ذهين شاگرد ڪافي پرايو ۽ ٿوري عرصي ۾ ئي قرآن ڪريم حفظ ڪري ورتائين. عربي ۽ فارسي علوم جي تڪميل ميان عبدالحق وٽ ڪيائين. قرآن، حديث، فقہ، منطق، فلسفہ ۽ تصوف جون رمزون بہ پنهنجي چاڇي وٺان سکيو.

ڪتاب دولهہ درازي ۾ قاضي علي اڪبر صاحب هڪ عجيب روايت پيش ڪئي آهي تہ سچل سائين ڪي سندس استاد عبدالله قريشيءَ نہ پڙهڻ ڪري ڇڏي هئي، جنهنڪري سندس ڀانهن سڪي پئي، جيڪا بعد ۾ سچل سائين جي هٿ گهمائڻ سان ٺيڪ ٿي وئي. اول تہ حافظ عبدالله قريشي جهڙو فاضل ۽ ڪامل استاد، جيڪو ميان عبدالحق جهڙي عارف وٺان ظاهري خواهہ باطني فيض حاصل ڪري چڪو هو. سو سندس پائڻي ڪي ڇڏي ڪيئن هٽندو؛ پر جيڪڏهن خدانخواسته هن ڇڏي بہ هجي تہ بہ انهيءَ ۾ سندس نيت نيڪ هوندي. اهڙي نيڪ نيتي جي ڪري ڀانهن جو سڪڻ عجيب ڳالهہ آهي.

ازنسواءِ انهيءَ عبدالله قريشي لاءِ سچل سائين جي تصنيف ڪيل قطع تاريخ موجود آهي. جنهن ۾ سرمست سائين ڪيس محرم راز عارف باالله ۽ واصل بحر ذات الا الله تسليم ڪيوآهي. اها روايت ڪنهن بہ تذڪره ۾ آيل ڪانہ آهي. پتو ناهي تہ قاضي صاحب ڪنهن وٺان ٻڌي پنهنجي ڪتاب ۾ آندي آهي.

بيعت

سچل سائين فقيري جي سلسلي ۾ ميان عبدالحق جو دست بيعت مريد هيو. هن وٺان ئي طريقت جا مرحلا طئي ڪري حقيقت ۽ معرفت جو صاحب ٿيو. پنهنجي مرشد سان بيحد عقيدت هيس. ايتري قدر جو سندس آڏو ٻڙڪ بہ نہ ٻولیندو هو ۽ هميشہ غلامي ۾ گذاريندو رهيو. مرشد جي اولاد جي بہ حد کان وڌيڪ عزت ڪندو هو. ميان عبدالحق جي وفات کان پوءِ سخي قبول محمد اول جو خاص خليفو ٿي رهيو.

شادي

سچل سائين کي شادي بہ سندس چاڇي ۽ مرشد ميان عبدالحق پاڻ وٺان ڪرائي. بيبي صاحبہ بہ سال حيات هئي. مگر کو بہ اولاد ڪونہ ٿيو.

حليو ۽ لباس

مرحوم عثمان علي انصاري جي تحقيق موجب سچل سائين جو قد وچولو، رنگ صفا، پيشاني کليل ۽ ڀهکندڙ ۽ وار ڊگها هيس. مٿي تي سائي رنگ جو تاج پائيندو هو ۽ بدن تي اڇو چولو.

سچل سائين ننڍپڻ کان وٺي نهايت بردبار ۽ مائيٽي طبيعت وارو انسان هو. گهٽو ڪري صبر سانت ۽ فڪر ۾ گذاريندو هو. عيش ۽ آرام جو خيال دل ۾ ڪين ايندو هيس. ايتريقدر جو حياتي ۾ ڪڍهن کٽ تي نه سمهيو. کاٽ جي صندل تي يا هيٺ ڏرتيءَ تي سمهندو هو. گهٽو ڪري بيراڳڻ جي ٽيڪ تي ذڪر فڪر ۾ رات گذاريندو هو. عمر پر نه ڪنهن شڪار جي ويجهو ويو ۽ نه ڪنهن جانور کي ذبح ڪيائين. نشيدار شين کان دور رهندو هو.

شيخ محي الدين، ابن عربي، فريد الدين عطار، احمد جام ۽ ٻين صوفي بزرگن جي تصنيفات جو مطالعو سندس خاص وندر هئي. راڳ ۽ ويراڳ جو ايترو شوق هيس جو ڪنهن ساز تي هٿ لڳڻ سان بيخود ۽ سرشار ٿي ويندو هو.

مٿين سينن ڳالهين جي باوجود درگاهه جو انتظام سندس هٿ ۾ هو. سمورو ڪاروبار پنهنجن هالڪن جي معرفت پاڻ سنياليندو هو. پنهنجي چاچي ميان عبدالحق خواه سندس پٽ سخي قبول محمد ٻنهين جو خليفو ٿي رهيو ۽ سندس پاران شادي غمي خواه ٻين ڪمن لاءِ پاڻ ويندو هو. وقت جي حاڪمن خاص ڪري ميرسهراب خان ۽ ميررستم خان سان سندس تعلقات هيس. راڻيپور، گمبٽ، کهڙا، پير ڳوٺ ۽ ٻين درگاهن سان چگا لاڳاپا هيس. ڪن سڃڻ لکيو آهي ته کهڙن جا مخدوم سندس برخلاف هيا. پر اها ڳالهه حقيقت جي برعڪس آهي. ان لاءِ تذڪره مخاديم جو هي حوالو ڪافي آهي ته هڪ دفعي مخدوم محمد عاقل اول سان سندس پاءُ مخدوم محمد جو جاگيرن جي سوال تي تڪرار ٿي پيو ۽ هو ميرسهراب خان وٽ پڪاري تڪجي پيو. پر سندس ڪجهه به نه وريو. آخرڪار هو سخي قبول محمد ۽ سچل سائين وٽ دانهن ڪٽي ويو. سچل سائين مخدوم محمد عاقل وٽ سفارش لاءِ آيو ته مخدوم صاحب پنهنجي مهر ڪٽي سچل سائين جي حوالي ڪئي. جنهن فيصلو ڪري ملڪيت جو مناسب حصو مخدوم صاحب جي پاءُ کي ڏياري ٻنهين کي ڪير ڪنڊ بڻائي ڇڏيو. اهو مخدوم محمد عاقل مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ واري جو داماد هو.

سير سفر

سچل سائين درگاهه جي خلافت سبب دور دراز ملڪن جو سير ڪو نه ڪيو. البت مرشدن جي ڪم ڪار سان سکر، روهڙي، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي تائين ڪڍهن ڪڍهن ويندو هو.

طالب

سچل سائين کنهن بہ طالب کي پنهنجو دست بيعت مريد نہ ڪندو هو. جيڪو وٽس طلب وٺڻ ايندو هو ان کي پنهنجي مرشد ڏانهن رجوع ڪندو هيو. سندس مرشد وري اهڙن طالبن کي ذڪر ڏئي سچل سائين جي صحبت ۾ رهڻ جو حڪم ڪندو هيو. سندس اهڙن طالبن مان هيٺيان مشهور آهن.

1. فقير نانڪ يوسف اڳڙن وارو
2. فقير محمد صالح قادري لاڙڪاڻي وارو
3. فقير محمد صلاح دونهين وارو
4. فقير گهرام جتوئي
5. فقير شير خان پنهرو
6. جانو فقير شڪارپوري
7. سيد خير شاهہ
8. سيد پير شاهہ
9. حاجي عثمان چاڪي
10. سيد حسن شاهہ
11. فقير محمد صديق
12. فقير شير علي
13. حيدر شاهہ

تصنيفات

سچل سائين وڏو پرگو ۽ بلند پرواز شاعر ٿي گذريو آهي. سندس جو ٻيو ڪو بہ شاعر ڪونهي جنهن مختلف ٻولين ۾ ايترو ڪلام چيو هجي. عام روايت آهي تہ: "سچل سائين پنهنجي آخري عمر ۾ پنهنجو اهو ڪلام ضايع ڪري ڇڏيو. جيڪو شطحيات تي مبني هيو. مرزا علي قلي بيگ جي تحقيق موجب هو پنهنجي انتقال وقت جيڪو ڪلام ڇڏي ويو ان جو تعداد نو لک ڇٽيهہ هزار ڇهہ سو ڇهہ بيت هيو. هن وقت سندس مطبوعہ ۽ غير مطبوعہ ڪلام جو تفصيل هي آهي:

1 - سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون ۽ دوهيڙا
2 - اردو غزل
3 - مرغ نامہ سنڌي
4 - وحدت نامہ سنڌي
5 - قتل نامہ سنڌي
6 - جهولڻا ۽ گهڙوليون
7 - سنڌي مرثيا
8 - ديوان آشڪار فارسي
9 - راز نامہ فارسي
10 - وحدت نامہ فارسي
11 - رهبر نامہ فارسي
12 - عشق نامہ فارسي
13 - گداز نامہ فارسي
14 - وصلت نامہ فارسي
15 - تارنامہ فارسي
16 - ساقي نامہ فارسي
17 - بحر طويل فارسي

بيماري ۽ وصال

سچل سائين جي صحت هميشہ سالم رهندي هئي. مگر پڇاڙي ۾ خوني اسهال سبب بيمار ٿي پيو. ڪيترن ئي پرت جي پانڌيئڙن کي معرفت جي منزل تي پهچائي، تاريخ 14- رمضان

1242هجري مطابق 1829ع ۾ انتقال فرمايائين. بيدل فقير سندس وفات جون تاريخون هڪ سنڌي ۾ ۽ ٻه فارسي ۾ چيون آهن، جي ٽيئي هت ڏجن ٿيون:

سنڌي

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو — مست سالڪ شهه سچل عاشق اتي اظهار هو
برهه جي برسات جو تنهن ويرتي وسڪار هو — ظاهر ۽ باطن تنهين وٽ درد جو ڏڏڪار هو
وجد وحدت جو سدا خاصو تنهين خمار هو — مرد سو منصور وانگر عشق جو اوتار هو
منجهه سخن ان جي الوهيت سندو آثار هو — جنگ جذبه جوش مستي ۾ مثل عطار هو.
پانهنجي رائي پرين نوي وره نروار هو — پوءِ وصل جي موج ماڻي ذوق کان ڏخار هو
سن ٻارهن سو ٻائيتاليهه ۾ تيار هو — چوڏهين رمضان جي هادي اهو هسوار هو
قربدارن جي ڪنڊ ۾ مرد منصبدار هو — در تهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو.

قطعه تاريخ فارسي

در بيعنائي ازل ترکيد شد مخروج عشق — کف ز د ريائي محبت کرد بيرون موج عشق
ازخدا بودي صديق و پيش احمد شد سچو — از علي صادق يقين و پيشوا مخروج عشق
سال اورا منشيءِ بر لوح تقدير اين نوشت — بود مر برج هدا و آفتاب اوج عشق.

1242

قطعه تاريخ فارسي

چون سالک سچو زين طلسم مجاز — سوي آشيان رفت چون شاهباز
زهي صاحب وجد منصور وقت — که بي مثل بوده به سوزو گداز
به هنگام سرجوشيءِ حالتش — نگاهش همي بود طالب نواز
به نيم التفاتي کزو يافتند — به يک لحظه طئي گشته راهه دراز
زهر دو جهان دست شست آن کسي — که شد محرم راز آن عشق باز
چون شد جان او عازم وصل اصل — شنيد ارجعي باهزار عز و ناز
دلم جست سالِ وصالش ز جان — بگفتا که درياي ذخّار راز.

1242

سچل سائين جو زمانو

سياسي حالتون

سچل سائين انهي زماني ۾ پرورش پاتي جيڪو سياسي لحاظ کان پر آشوب هيو. سياست ساندي وانگر ست ئي رنگ ظاهر ڪري رهي هئي. شاهه عنايت جهوڪ واري ۽ مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري جي شهادت جي ياد پراڻي نه ٿي هئي، ڪيترا ماڻهو اڃا جيئرا هيا، جيڪي متين واقعن وقت موجود هئا. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ۽ سندس پاءُ عطر خان جي ويڑهه، مير بهرام خان جو پنهنجي پٽ مير صوبدار خان سميت بي دردي سان قتل ٿيڻ، ميان سرفراز خان جو شهيد ٿيڻ ۽ مير بجار خان جو دغا سان قتل ٿيڻ وغيره سمورا واقعا سچل سائين جي وقت ٿيا. انهن کان سواءِ ڪلهوڙن جي ڪمال جو سج لهڻ ۽ تالپرن جي اقبال جو آفتاب اپرڻ سچل سائين پنهنجي اکين سان ڏٺا. هي اهو زمانو هيو، جڏهن مدد خان پٺاڻ سنڌ ۾ اچي پنهنجي قهر جو طوفان ڪڙو ڪيو هو. مير سهراب خان جو پاءُ مير غلام محمد خان عمر ڪوٽ جي قلعي وٽ راجپوتن هٿان مارجي چڪو هو. مير صاحبان راجپوتن، سکن ۽ دائود پوٽن جي بچاءُ کان حربي قلعن ٺهرائڻ ۾ مصروف هئا. مطلب ته ملڪ ۾ جا بجا خوف و هراس جي باهه پڙڪا ڪائي رهي هئي. هوڏانهن فرنگي سياست جو ڇار هندستان مان هلي سنڌ ۾ شيطان جي آندي وانگر ور وکڙ ڪائي رهيو هو.

مذهبي حالتون

سياسي بي اعتدالين سان گڏ مذهبي حالتون به نرالیون هيون. کهڙن جي مخدومن جو ايڏو زور هو، جو ٿوري گهڻي ڳالهه تي هندن کي زوري مسلمان ڪندا هئا. ان وقت جا حاڪم خواه پير ۽ عالم انهن جو ساٿ ڏيندا هئا. مخدومن جي فتويٰ حاڪمن خواه رعايا وٽ حرف آخر جي حيثيت رکندي هئي. انهن ڳالهين جي ڪري اقليت وارا هميشه حڪومت ۽ مخدومن جي خلاف سازشون سٽيندا رهندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو هو انگريزن جي اچڻ وقت سندن ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا.

فقراهي خانقاهون

سچل سائين جي وقت ۾ سياسي خواه مذهبي ماحول اطمينان جوگو نه هو. تڏهن به فيض وارن فقيرن جون خانقاهون امن ۽ آرام سان طريقت جي طالبن کي معرفت جي مئي سان مست ڪري رهيون هيون. گمبٽ ۽ راڻيپور ۾ ابراهيم شاهه ۽ صالح شاهه قادري وڪروهائي رهيا هئا ته ڪهڙن ۾ محمد ذاڪر ۽ رازق ڏنو فقير درازن جي درگاهه کان ورتل نينهن جو نعرو هنيون وينا هئا. هنگورجن ۾ سيد محمد عطا ولد سڪيل شاهه حسيني فيض ٿي ڏنو ته دونهين (ٻهرلوءِ) ۾ سيد ابراهيم شاهه الاهي درد جو دونهون ڪايون وينو هو. تجل ۾ شاهه عنايت شهيد جي فرزند مخدوم سلام الله ٽر ڏٽي جي گادي مخدوم سلطان علي شاهه وسايو وينو هو. ته ڪنڊڙيءَ ۾ وري روحل فقير جا فرزند برہ برهه جي بازار لڳايو وينا هئا. روهڙي ۾ سيد جان الله شاهه ثاني ۽ بيدل بادشاهه عشق جو آڪاڙو لاتو هو. ته نوشهري ۾ پير شهاب الدين ۽ پير عبدالحي نقشبندي نالو نروار ڪري رهيا هئا. پريان لوءِ ۾ سن 1184هجري تائين مخدوم محمد اسماعيل نقشبندي درگاهه قائم ڪئي هئي. پير گوٺ ۾ وري پير محمد راشد روضي ڏٽي ۽ سندس فرزند پير صبغت الله شاهه تجر ڏٽي قادري ۽ نقشبندي ٻنهين سلسلن جو ميثاق ڪري وينا هئا. ان وقت درازن ۾ ميان عبدالحق سجاده نشين هو ۽ سندس خليفو سچل سرمست الاهي موج ۽ مستي سان شعر و شاعري ذريعي وحدت الوجود جو پرچار ڪري رهيو هو. مٽين سيني درگاهن جو پاڻ ۾ سهٽو سلوڪ هو ۽ وقت جا حاڪم خواه عالم ۽ عام ماڻهو سندن خيال رکندا هئا.

ادبي ماحول

سچل سائين وارو زمانو ادبي لحاظ کان سونهري زمانو هو. اڳ ۾ ڪلهوڙن ۽ پوءِ مير سهراب خان ۽ رستم خان جي حڪومت هئي. انهن درٻارن ۾ علم و ادب جو چرچو لڳو پيو هوندو هو. حاڪم پاڻ شاعر ۽ شاعر نواز هئا. تنهنڪري پري پري جا اديب اچي پنهنجا جواهر پارا پيش ڪري خراج تحسين حاصل ڪندا هئا. مير رستم خان جا بيت ۽ ڪافيون سوز ۽ گداز جي ساک پريندا هئا. ازانسواءِ مير عالي خان ۽ مير مبارڪ خان ٻئي سنا شاعر ۽ سخندان هئا. انهن سيني وٽ بيت بازيون ۽ ادبي معرڪا ٿيندا رهندا هئا. آخوند محمد حيات حاتم، محمد نشان فاروقي، قاضي محمد ڪامل لقماني ۽ خان محمد پيرزادو گڏيجي وارو فارسي جا قادر الڪلام اديب ۽ شاعر هئا. پير گوٺ ۾ پير محمد راشد ۽ پير صبغت الله شاهه جي ادبي محفل پنهنجو مٽ پاڻ هئي. خليفو محمود نظاماڻي، آئل فقير، ابوبڪر ۽ عبدالله ڪاتيار سندس درگاهه سان منسلڪ هئا. گمبٽ ۽ راڻي پور جا پير ابراهيم شاهه ۽ صالح شاهه جيتوڻيڪ پاڻ شاعر نه هئا، تڏهن به وڏا فيض وارا ۽ ادب نواز بادشاهه هئا. پير غلام محي الدين شاهه جو استاد آخوند چٽو جامڙو، شيرخان ميساوو ۽ پير محمد شاه ثاني انهن درگاهن سان واسطو رکندڙ شاعر ۽ اديب هئا. ڪهڙن ۾ مخدوم احمدي، مقيم

مولودي، محمد ذاکر اڇڻ ۽ رازق ڏنو اڇڻ وڏا مداح، مولود خوان ۽ اهل دل شاعر هئا. سگهڙن مان صادق شاهه گامبٽو، خير شاهه پنجابي، الهرکيو ميربحر ۽ بچو فقير پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ازانسواءِ صوفي شاعرن مان محمد شريف فاروقي، عبدالرحيم گروهڙي، پير عبدالحق خاڪي، جان الله شاهه عاشق، مراد فقير، غلام علي فقير، درياهه خان ۽ بيا ڪيترا درويش درد جا دفتر کولي رهيا هئا. مطلب ته شعر و شاعري جو ميدان تمام وسيع هو ۽ جتي ڪٿي علم ادب جو چرچو هوندو هو.

بيا فاروقي شاعر

ادبي دنيا ۾ سندّ جو فاروقي خاندان فقط ميان صاحبڏني، پير عبدالحق ۽ سچل سائين جي ڪري مشهور آهي. مگر جيڪڏهن ڳوڙهي نظر سان تاريخ جي ورق گرداني ڪبي ته معلوم ٿيندو ته هن خاندان ۾ بيا ڪيترائي عالم فاضل اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، جن تي سندّ جيترو فخر ڪري اوترو بجا ٿيندو. ڪلهوڙن خواه تالپرن جي ڏينهن ۾ وقت جا امير پنهنجا خواه پنهنجي هارن جا اتاليق گهٽو ڪري هنن خاندان جي ماڻهن مان مقرر ڪندا هيا، چو ته هن خاندان ۾ علم فضل ٻين جي نسبت گهٽو هوندو هو. هن خاندان مان جيڪي شاعر ٿي گذريا آهن، تن مان پهريان ذوقي ۽ حقيري فاروقين جا نالا اچن ٿا. افسوس آهي جو فقط سندس تخلص ۽ ذات جو پتو پوي ٿو. باقي سندن نالن ۽ زندگي جي احوال جي ڪا خبر ڪانهي. سندن ڪلام قلمي بياض عرف ديوان عجائب مولف محمد ابراهيم عشق باز مان ڪافي انداز ۾ ملي ٿو. سچل سائين خود پنهنجي مشهور تصنيف ديوان آشڪار ۾ ڪين ياد ڪيو آهي: "بسي شاعر نهان شد آشڪارا، ڪجا ذوقي ڪجا رفته حقيري." هتي ذوقي ۽ حقيري جو هڪ هڪ غزل نموني طور پيش ڪجي ٿو.

غزل ذوقي

نکتهٔ اسرار حق يا ساغر صهبا است اين — يا دهان دلستان يا گوهر يکتا است اين
پرتوِ خورشيد و مه يا شمع بزم افروز دل — لالهٔ گل ياسمن يا عارض زيبا است اين
سنبل گلزار حسن و سلسلهٔ مستان عشق — زلف زنجير حزن يا رهزن دلها است اين
خازن گنجينهٔ گل يا دانهٔ دام مراد — زنگيءِ در گلستان يا خال پر سودا است اين
عقد پروين است يا گوهر خوش آب پرتگال — يا در دندان او يا لؤ لؤي لالهٔ است اين
بلبل دستان سرا يا مست مجنون صفا — عند ليب دلکشا ذوقي ليلا است اين

غزل حقيري

از ازل دل درخم ابروي جانان بسته ام — تا ابد بر خاک راه يار خود بنشسته ام
غمزه مژگان او تاجان من بر بوده است — خاکساري حاصلم شد از خودي وارسته ام
خال رخسارش بسي موزون و دلکش شد ولي — زلف مشکينش چنين بيتاب کرد آهسته ام

نيم جاني خود به شب ميخواستم قربان كنم تا بپرسد گويم اينكه هر دو دستت بسته ام
مصرعِ خسرو حقيري دل زدستم برده است گر بپرسد كيستي گو هيچ اينجا سسته ام

ذوقي ۽ حقيري كان پوءِ آخوند عبدالقوي جو نالو اچي ٿو. سندس تخلص طالع ۽ قويطالع هئا. هو ميان نور محمد كلهوڙي جو درباري شاعر هو ۽ ميان نور محمد جي وفات تي هڪ وڏو مرثيو لكيائين، جنهنجو ذكر صاحب تكملة مقالات الشعراء ۾ كيو آهي. آخوند عبدالقوي ميان صاحبڏنہ جي سلسلي ۾ ستين ڪڙي مخدوم شهاب الدين ثاني جي اولاد مان شيخ علاء الدين جو فرزند هو. كيس چهہ پٽ هئا: 1 - ميرگولو، 2 - صفت الله، 3 - محمد زاهد، 4 - فيض محمد، 5 - محمد حيات، 6 - محمد تقي. سندس كلام مان هڪ غزل پيش كجي ٿو:

دل زمن رنجيد چون آن دستان رنجيد رفت طفل را مكتب بود ماتم چو روز عيد رفت
هر كه سر افراخت بر درياي دوران چون حباب از طلاطم شور شر گرداب وش پيچيد رفت
خوش نفس آن كس كه بهر رنگ بوي اين جهان دل نه بسته درچمن مانند گل خنديد رفت
گر رهِ ليليٰ روي مجنون صفت بگذر ز هوش گرچه اين صحرائي چون ريگ روان غلطيد رفت
اي قويطالع به پيش هركه گفتم درد دل گوش خود راكرد كره حال مانه شنيد رفت

صاحبڏنو

قويطالع كان پوءِ درازن جي درگاهه جي باني خواجه محمد حافظ عرف صاحبڏنہ سائين جو نالو ٿو اچي. هو هڪ بينظير عالم ۽ باكمال بزرگ هجڻ سان گڏ پنهنجي زماني جو هڪ وڏو شاعر به هيو. شعر ۾ ڪٽي صاحبڏنہ ڪٽي حافظ نالو آندو اٿس. سندس كلام اسلامي اخوت ۽ مساوات جو آئينہ دار آهي. جنهن ۾ ذات پات جي پيد ۽ فرقہ پرستي جي بوءِ به كانهي. سندس جي هڪ وڏي عارف پير محمد راشد روضي ڏٽي جي ملفوظات ۽ بيدل فقير روهڙي واري جي سندالموحدين ۾ سندس كلام كي سند طور كم آندو ويو آهي. كتاب دولهہ درازي ۾ قاضي علي اكبر صاحب جيكو كلام ڏنو آهي، تنهن مان اڏ كان گهٽو صاحبڏني شاهہ بلڙي واري جو آهي. كلام جو انتخاب هيٺ ڏجي ٿو:

1. آدم آهي چوڻ ۾، پر آهي پاڻ الله،
سريرئون ساهہ. صاحبڏني صحيح كيو.

2. الله سچاڻ سڙو، پاڻ سچاڻ ڏك،
تيترپانءِ م سك، جيترسر سچاڻين نہ پنهنجو.

3. كنين نينهن نهر سان، كنين دٻايا درياهہ

صاحبڏني جي ساهه، سارو سمنڊ سمائيو.

4. ڪي ٻڏڻ سان ٻڌجي ويا، ڪي چريا منجهه چاهه
صاحبڏنه جي ساهه، سارا ورق ورائيا.

5. پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، جن پسيونا پيهي
صاحبڏنا صورت جي، ڪل تنين ڪيهي
تن وهامي ويئي، چپ چٽيندي راتڙي.

ميان عبدالحق

صاحبڏني سائين کان پوءِ ميان عبدالحق پنهنجي زماني جو چگو شاعر ٿي گذريو آهي. شعر ۾ ڪٽي پنهنجو سجو نالو ۽ ڪٽي پنهنجو تخلص "خاڪي" آندو اٿس. سنڌي ۽ فارسي ۾ ڪافي مداحون چيون اٿس. ڪڏهن ڪڏهن غزل جي زمين ۾ به طبع آزمائي ڪري هم اوست جو سر آلا پيو اٿس ۽ بين الاقوامي برادري جي دعوت ڏني اٿس. انتخاب طور سندس فارسي مدح مان ڪجهه شعر هت ڏجن ٿا:

اي سرور دو عالم — يا مصطفيٰ مدد شو.
اي بر گزيده آدم — يا مصطفيٰ مدد شو.
بر عرش حق رسيدي — حق را پديد ديدي
قول خدا شنيدي — يا مصطفيٰ مدد شو.
روشن جهان زرويت — خوشتر ز خلد كويت
ظلمت شبي ز مويت — يا مصطفيٰ مدد شو.
دل از فراق ريشم — بردار پرده پيشم
بنما لقائ خويشم — يا مصطفيٰ مدد شو.
در گور در قيامت — خواهم ز تو شفاعت
مارا توئي حمايت — يا مصطفيٰ مدد شو.

سخي قبول محمد اول

ميان عبدالحق کان پوءِ سندس وڏو فرزند ميان سخي قبول محمد اول ڪڏهن ڪڏهن سالڪن کي سلوڪ جا سبق سمجهائيندي في البديهه شعر به چئي ويندو هيو. سندس ڪلام نايابَ آهي. بيدل فقير پنهنجي ڪتاب سند الموحدين ۾ هينيون شعر ڏنو آهي، جو پيش ڪجي ٿو:

جامن تي جامان، پرين پهري آئيو.
كامان ڙي كامان، كيڏو لِك كريم كيو.

محمد حيات "حاتم"

قوي طالع جو پڙپوٽو محمد حيات ولد محمد واسع هك وڏو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس تخلص حاتم هيو. هو مخدوم نور محمد بوبكائي جو همعصر هيو. هك دفعي مير كرم علي خان جي دربار ۾ وينو هو تہ مخدوم نور محمد بہ آيو. ادبي محفل گرم هئي. مخدوم صاحب فارسي شاعر هلالي جي شهادت جو واقعو بيان كيو. جنهن تي مير صاحب كيس هك لونگي عطا كئي. وري جڏهن محمد حيات جو وارو آيو تہ مخدوم صاحب جي ذكر كيل بيان مان كجهہ غلطيون كڍي صحيح واقعو پيش كيو. جنهن تي سڄي دربار ۾ واهہ واهہ جو شور برپا ٿي ويو ۽ كيس خلعت سان گڏ ٻہ لونگيون مليون. مخدوم صاحب پڻ پنهنجي لونگي كيس ڏئي چڏي. اهو ذكر محمد ابراهيم فاروقي جي قلمي بياض تان نقل كيو ويو آهي.

آخوند محمد حيات ان وقت عالم خان نظاماڻي جي فرزندن جو اتاليق هيو. ان كان پوءِ هو مير سهراب خان اول جي فرزند مير مبارك خان جو استاد ۽ درباري شاعر ٿي رهيو. هو ميان عبدالحق جو مريد هيو ۽ سن 1255هجري ۾ وفات كيائين. سندس هك غزل انتخاب طور ڏجي ٿو:

تار محبت است كہ بسيار نازك است — از تار جان نزاكت اين تار نازك است
ساقي بہ جام جم چہ مئي ناب مي دهي — مل را بگل فگن كہ لب يار نازك است
در تار موئ رشتئہ جان بس نزاكت است — ليكن از اين ميان كمر يار نازك است
دلهاي خلق جمع بہ طاق دو زلف تست — هشدار بار شيشہ بہ اين تار نازك است
مشكن دل رقيب خدا را بكوي دوست — فهميده پاگذار كہ اين خار نازك است
آخر سوال ما بہ جوابي نمي رسد — با تندخو مناظره بسيار نازك است

گل محمد

آخوند محمد حيات جو وڏو پاءُ گل محمد بہ هك وڏو اهل دل ۽ درويش صفت شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شعر ۾ جا بجا تصوف جو رنگ نظر ايندو. فارسي مدح ۽ غزل ۾ طبع آزمائي كئي اٿس. سن 1268هجري ۾ وفات كيائين. سندس هك غزل پيش خدمت آهي.

يار من آمد با نقش نگاري عجبي — سرمہ سا نرگس سرمست خماري عجبي
برخ آويختہ از آن زلف بلند آغشتہ — هر سر تاج سيہ مار قطاري عجبي.
تاختہ آورد بہ صد ناز تجمل جولان — اشهب شوخ عجب شاهہ سواري عجبي

كرد يغما دل من آن به نگاهي نا گاهه چشم سالاس نما شعبده كاري عجبي
گل محمد هم تن كاسه شد اندر عشق سر خود كرد فدا در ره ياري عجبي

عبدالهادي

گل محمد كان پوءِ عبدالهادي ولد صادق فاروقي جو نالو اچي ٿو. هو سچل سائين جي وفات جو صدمو سهي نه سگهيو ۽ ٻئي ڏينهن تاريخ 16 رمضان 1242ھ ۾ وفات كري ويو. سندس هڪ غزل هيٺ ڏجي ٿو.

در وصف نگنجد كه چه سيمين ذقن است آن بگذشت ز گلبرگ كه نازك بدن است آن
رويش همه نور است چون روش مه تابان مويش هم مشك است ويا آهو ختن است آن
آن زلف كه آراست خم اندر خم جانان ماريست سيه يا ز كمند رسن است آن
بامن به مقالات بجز تلخ نه گويد با مردم بيگانه چو شيرين دهن است آن
آن تلخ جوابي ز زبانش كه بر آيد راحت دل و جان است كه بس خوش سخن است آن
هادي به در خدمت تو سير شد اكنون دورش مكن از خويش كه يار كهن است آن

محمد صالح

عبدالهادي جوسوٽي سئوٽ محمد صالح ولد محمد اسماعيل به هڪ چگو شاعر هيو. سندس هڪ غزل هت ڏجي ٿو:

گر دورم از تو باتو سوال و جواب چيست ور با توام هميشه مرا اضطراب چيست
گر دورم از تو جان مرا راحت از كجا است ور با توام در آتش هجر و عذاب چيست
از راه معنيٰ از آمده در ميان جان و از راه ظاهرت سبب اجتناب چيست
گفتي كه صالح از الم عشق فارغ است از سينه پر آتش چشم پر آب چيست

باغ علي

عبدالهادي سان گڏ سندس هڪ عزيز باغ علي فاروقي جو نالو شاعرن جي قطار ۾ اچي ٿو. سندس ناصحانه كلام مان هڪ غزل پيش كجي ٿو:

هر كسي صاحب نظر ديدم بهر لقمه در بدر ديدم
مرد دانا هلاك بهر پشيز كيسه نادان پر از گهر ديدم
مسخره هم دروغ گوئي سخن نزد شاهان عزيز تر ديدم

جاهلان را به سيم زر دستار عالمان را برهنه سر ديدم
مطربان و قواله اطلس پوش جامه نيكان زبون تر ديدم
هر كسي هوشمند با دانش او به غم سوخته جگر ديدم

محمد نشان

ان كان پوءِ محمد نشان ولد گل محمد فاروقي پنهنجي زماني جو وڏو عالم اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سن 1269هجري ۾ وفات كيائين. سندس كلام نايات آهي. فقط به قطع تاريخون ملن ٿيون. جيكي هن ميرسهراب خان ۽ مرثيه گو شاعر محمد عالم اول جي وفات تي لكيون هيون. سندس تصنيفات مان هك فارسي لغات (قلمي) راقم الحروف وٽ محفوظ آهي.

ٻيا شاعر

انهن كان سواءِ هيٺين فاروقي شاعرن جون تصنيف كيل قطع تاريخون ملن ٿيون.

1. خوش محمد ولد محمد ذاكر وفات 1236هجري
2. آخوند خان محمد ضياءُ الدين وفات 1258 هجري
3. نور علي ولد مسعود علي وفات 1276هجري

جيكڏهن كوشش كري سندس كلام هٿ كيو وجي ته جيكر ادب جو وڏو خال پرجي وجي.

عالمن جا رايا

1 - منجهہ سخن تنهنجي الوهيت سندو آثار هو
جنگ جذبي جوش مستي ۾ مثل عطار هو
- بيدل

2 - سچل سائين تي هميشہ الاهي عشق جو غلبو هوندو هو ۽ حال ۾ اچي ڪلام چوندو هو.
- مخدوم الله بخش عباسي مؤلف تذڪره مخاديم کهڙا

3- سندس ڪلام تصوف جي متن تي آهي ۽ مضمون رڳو معرفت ۽ حقيقت بابت آهي.
- مرزا علي قلي بيگ

4 - شاهہ درازي جي شعر ۾ گهٽو ڪري سندس عشق جا اوچتا آلاپ ۽ الفت جا المست امنگ آهن.
- آغا غلام نبي صوفي مؤلف سچل سرمست

5 - سچل جي ڪلام ۾ واڪا ڪري سولیٰ ڪي سڏيو ويو آهي.
- جينمل پرسرام ، مؤلف سنڌ ۽ صوفي

6 - جهڙو جوش ۽ جلال، جواني ۽ جمال سندس باڪمال هستيٰ ۾ هميشہ نمايان هو. اهوئي جوش ۽ جذبو، جمال ۽ جلال سندس شعر ۾ ظاهر آهي.
- عبدالرزاق ميمڻ رفعت، مؤلف گلزار نظم

7 - سچل جي ڪلام ۾ عرفان، حق ۽ تصوف ڪان سواءِ واردات عشق، هجر و وصال جو ذڪر ۽ عاشقانہ پيار الفت جون ڳالهيون بہ ملن ٿيون.

- اردو شاعر نسيم امروهوي

8 - سچل سرمست دين ۽ بي ديني، ڪفر ۽ اسلام جي وچوارا پردا عشق حقيقي جي آتش سان ڦٽا ڪري ڇڏي ٿو.

- محمد صديق ميمڻ، مؤلف سنڌي ادبي تاريخ

9 - سچل جو ڪلام معرفت جو شراب آهي، جنهن سان دل مست ٿيو پوي.

- رحيم داد خان مولائي شيدائي

10 - سندس ڪلام عين بي باڪي جو آئينو آهي ۽ منجهانس رندي ۽ مستي پيئي بکي، ائين پيو پائنجي تہ گويا وجد ۾ اچي نچندي شعر چيو اٿس ۽ ذوق مان پڙهندڙ جي دل تي بہ اهڙي ئي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي.

- ڊاڪٽر دائود پوٽو

11 - ڪلام چوڻ وقت فقير صاحب حق جي سير ۾ مشغول هوندو هو، جتي فقط مستي ۽ محويت آهي.

- نماڻو فقير هندستاني

12 - سچل جو ڪلام توحيد ۽ معرفت الاهي جو وسيع ۽ بي نظير خزانو آهي.

- رحيم بخش ميمڻ

13 - سچل جي ڪلام ۾ بي ڊپائي ۽ بي ڊڪي موجود آهي.

- سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي

14 - سندس شعر اعليٰ خيال ۽ جذبي وارو آهي.

- ميران محمد شاهہ، مولف گلزار خيال

15 - سچو ڪلام عشق و محبت جي سرمستين ۽ تصوف جي باريڪين سان معمور آهي.

- رشيد احمد لاشاري

16 - (سچل سائين) مدهوشي ۾ هوش جون ڳالهيون ڪندو ٿو رهي ۽ هوش ۾ مدهوشي جا راڳ آلاپيندو ٿو رهي.

- عثمان علي انصاري

17 - ڪٿي ڪٿي شطحيات به آهن. ورنه سموري ئي تصنيفات سوز گداز درد ۽ غم سان پرپور آهي.

- مولوي محمد صادق راڄپوري

18 - سندس ڪلام ۾ خاص خوبي اها آهي ته نهايت آساني سان هر خاص و عام جي فهم ۾ [illegible]

- قاضي علي اڪبر، مؤلف دونهه درازي

اصناف سخن

سچل سائين کان اڳ سنڌي شاعري اوائلي ڪبت، دوهڙي ۽ ڪافي يا وائي تي مبني هئي. ڪبت ۾ فقط فقهه جا مسئلا، معجزا ۽ مداحون وغيره چيا ويندا هئا جي اڄ ڪلهه متروڪ ٿي چڪا آهن. وايون يا ڪافيون گهڻو ڪري ۾ ٽيبيون هونديون هيون. جن ۾ مولود، مناجات يا محبوب جي سراپا وغيره جو بيان ٿيندو هيو. انهن جو مضمون هن وقت جي شاعري جي لحاظ کان اڻپورو هيو. باقي دوهيڙو پنهنجي ترقي جا ڪافي مرحلا طئي ڪري چڪو هيو. سچل سائين مٿين سڀني صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪبت ۾ سندس وحدت نامو مخدوم محمد هاشم جي زاد الفقير، مخدوم عبدالله جي ڪنز العبرت خواه مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جي حقيقت محمدي يا تفسير وغيره کان گهڻو اڳيرو آهي ڇو ته ان جي زبان وڌيڪ سليس سلوڻي ۽ صاف آهي. ازانسواءِ منجهس روزمره جو به گهڻو خيال رکيو ويو آهي. ساڳي ريت قتلناموءِ جهولڻا وغيره سنڌي شاعري ۾ پهرئين ڪوشش هجڻ جي باوجود اڄ ڏينهن تائين پنهنجو مٽ پاڻ آهن. انهيءَ طرز ۾ ڪوبه شاعر اڃا ايترو ڪامياب ڪونه ٿيو آهي.

مرثيه جي ميدان ۾ سچل سائين سنڌ جو پهريون شاعر آهي. هن کان اڳ دوهيڙن ۽ بيتن جي زمين ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، احسان فقير ۽ بين ڪن شاعرن سر ڪيڏارو آلاپيو آهي مگر مرثيه جي صنف سخن جو موجد اسان جو سچل سائين آهي. جنهن کان پوءِ ثابت علي شاهه، عالم ڪربلائي ۽ بين شاعرن هن فن ۾ پنهنجي قلم جا جوهر ڏيکاريا آهن. سنڌي دوهيڙي جي زمين

شاھ عبداللطيف اڳ ۾ ئي هموار ڪري ڇڏي هئي، باقي انجي آبياري ۽ گلڪاري جو ڪم سچل سائين اچي پورو ڪيو. هير رانجهو ۽ روجهن جا داستان جيڪي اڳ ۾ ڪنهن به سنڌي شاعر بيان نه ڪيا هيا تن کي سچل جي زبان حق ترجمان بيان ڪري سنڌي ادب ۾ اضافو آندو. ازانسواءِ سنڌي خواھ سرائڪي دوهيڙن ۽ بيتن ۾ حسن و عشق جي رازو نياز جون اهي موشگافيون ڪيائين، جن جي تقليد مولوي لطف علي ۽ خواجه غلام فريد جهڙن شاعرن کي ڪرڻي پئي. بيدل، حمل ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي شاعر سچل سائين جي ڪلام کان متاثر ٿي شعر چوڻ لڳا.

سنڌي ڪافي ۾ سچل سائين جو مقام سنڌ جي سيني شاعرن کان مٿانهون آهي. هن صنف ۾ سچل سائين ساخت خواه مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ کان جيڪي ايجادون ڪيون تن ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪو به اضافو ڪري نه سگهيو آهي.

سنڌي موزون ڪلام ۾ اوليت جو سهرو هالن جي شاعر مخدوم عبدالرؤف ڀٽي جي سرتي آهي. مگر سندس ڪلام صرف قديم مولودن ۽ مداحن تائين محدود آهي. سچل سائين جون ڪيتريون ڪافيون ۽ غزل به علم عروض جي قاعدن موجب آهن. ازانسواءِ زبان جي صفائي، خيال جي گهرائي خواھ مضمون آفريني ۾ سچل سائين جي ڪلام جو درجو بلند آهي.

سچل سائين اردو ۾ به ڪجهه غزل چيا آهن. جي ان وقت جي لحاظ کان هڪ معجزي جي حيثيت رکن ٿا. چو ته ان وقت اردو شاعري پنهنجون ابتدائي منزلون طئي ڪري رهي هئي. سراج الدين خان آرزو جي وفات وقت سندس عمر سترهن سال هئي، اردو زبان جو هڪ وڏو عالم ۽ شاعر نسيم امروهوي پنهنجي رسالي ۾ سچل سائين جي ڪلام تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته سچل سائين ان وقت به اردو غزل ۾ اهڙا صوفيانه ۽ اخلاقي مضمون نظم ڪيا، جيڪي اڄ به انقلابِ ذهنيت جي باوجود هر طبقي ۾ مقبول آهن.

فارسي ۾ سچل سائين غزل، مستزاد، قطع ۽ مثنوي ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. انهن سيني صنفن ۾ مثالن ذريعي وحدت الوجود جي وضاحت ٿيل آهي. خيال جي بلندي ۽ معنيٰ جي گهرائي سان گڏ صنايع ۽ بدايع به ڇڳا استعمال ٿيل آهن. مگر زبان جي بندش ۽ صفائي اهڙي نه آهي جهڙي هر هڪ اهل زبان شاعر جي ڪلام ۾ هڻڻ گهرجي، ممڪن آهي راوين ۽ ڪتابن جي غلطين سبب ڪلام جي اصلي صورت سالم نه رهي هجي. بهرحال سندس قادر الڪلامي ۾ ڪو به شڪ ناهي.

موضوع سخن

سچل سائين پنهنجي زماني جو هڪ بي نظير شاعر ٿي گذريو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪائنس پوءِ سنڌ سندس درجي جو شاعر پيدا نه ڪري سگهي آهي. هو هڪ مجذوب سالڪ ۽ الاهي اسرار جو عارف هيو. تصوف جو ڪو اهڙو نڪتو ڪونهي جو سچل سرمست نروار نه ڪيو هجي.

هو بڏائي ٿو ته هي جهان اصل عدم جي اوڙاهه ۾ هيو مگر جڏهن ذات الاهي پنهنجي

صفات جي مظهر کي ظاهر ڪرڻ چاهيو تڏهن "ڪُن" جي اشاري سان ڪائنات جو ڪتاب جڙي راس ٿي پيو ۽ هي سموري هنگامہ آرائي نيستي مان نڪري نروار ٽيل هستي واري نئين شيءِ مان پيدا ٿي پئي. سچل سائين اهو سمورو مضمون هن ستن ۾ هن طرح ادا ٿو ڪري:

ز نا چيز شده يک چيز پيدا که او در هر دو عالم شد هويدا.

وري جڏهن وحدت جي وادي ۾ اها ڪثرت جي ڪچهري لڳي، تڏهن هن ساري ڪچهري جو ميرمجلس ۽ روح روان حضرت انسان کي ئي قرار ڏنو ويو ۽ تخليق جو سمورو راز انجي سيني ۾ سمايو ويو.

نديدم سر از انسان بيرون همه ملک خدا گرديده ام

صورت سي انسان جي، اٿي عشق اصل خلق الله آدم عليٰ صورته، جزو تهڙو ڪل
الانسان سري وانا سره، سچ سچا پيوسل پول نہ ٻي تون پل، هتي هتي هڪ ٿي.

انسان کي ڪائنات جو جوهر ۽ اشرف المخلوقات بڻائي ساري خدائي جون واڳون سونپيون ويون مگر انسان وري ٻي مخلوق تي حڪم هلائڻ بدران انسانن تي حڪومت هلائڻ شروع ڪري ڏني. ذات پات جو ڀيد، نند وڏائي جا درجات ۽ دوئي جا طلسمات ان کي ويڙهي حقيقت جي نقطي تان هٽائي ويا. سچل سائين اها حالت ڏسي هڪ همدرد ناصح جي صورت ۾ هن طرح هدايت ٿو ڪري:

آءُ سالڪ ڪر صحيح تون هن طلسمات کي
پڄ دوئي تان ڪل پويئي دور ڪر درجات کي.

دوئي جابند پڄي ڪثرت جي طلسم ٽوڙڻ بعد وري ساڳيءَ وحدت جي وادي ۾ قدم ٿو پوي ۽ هيڪڙائي جو عالم نظر ٿو اچي. سچل اها هيڪڙائي واري هستي پنهنجو پاڻ ۾ ٿو پسي ۽ سڀ ڪجهہ پنهنجو ئي مظهر تصور ڪري ببانگ دهل پڪاري ٿو:

پاڻ پنهنجو پاڻهي صورت منجهہ سڄاڻ
الله الله ڇو ڇوين، پاڻ ئي الله جاڻ
ناهي شڪ گمان، سچو سائين هيڪڙو.

انهيءَ متئين منزل ماڻڻ لاءِ ڪيس ڪنهن بہ اڪتسابي علم ۽ هنر جي ضرورت نٿي پوي. اها شيءِ شيخن مشائخن وٽان نٿي ملي ڇو تہ اها امانت فقط الاهي عشق جي عطا آهي، جنهن لاءِ ڪو بہ ڪُجي جو ناهہ ڪارگر نٿو ٿي سگهي.

بزرگ شيخ مشائخ يارو، نا مخدوم ٿياسي
نڪي قاضي نڪي ملا، معلم پير ٻڌاسي
نڪي ناهہ ڪُجي جا ناهي رنگ رساءِ رکياسي
سچا ڀاجهئون عشق الله جي، ڪوئي هنر نہ سکياسي.

سچي ۽ الاهي عشق لاءِ عقل ۽ اختيار جو ڪم ناهي. اتي محبت جي ميخاني مان بيخودي جي شراب جي ضرورت آهي. جنهن جي پيئڻ سان خدائي خمار چڙهي ٿو ۽ ان مدامي مستي سان ئي الستي عشق حاصل ڪري الاهي اسرار جو راز حاصل ڪري ٿو سگهجي.

مست رهي ميخاني اندر، منگ وتي سي مستي
مستي سان ناسر سجاڻي، تنهن جو ڪم ڪمبختي
ٻيون سڀ ڪوڙيون ڳالهيون سچا. سچو عشق الستي.

الاهي عشق حاصل ڪرڻ سان سالڪ کي پنهنجي هستي جي سموري حقيقت معلوم ٿي وڃي ٿي. هو عبديت جي اولي کان ٻاهر اچي خدائي رنگ ۾ رڱجي ٿو وڃي. اهڙي حال حاصل ڪرڻ بعد ئي سچل سائين پنهنجي وقت جي غلامانه ذهنيت خلاف صداءِ احتجاج بلند ڪئي هئي ۽ علامه اقبال کان هڪ سئو سال اڳ خودي جو نعرو بلند ڪيو هيو. سندس ڪلام ۾ اها هڪ خصوصيت آهي جو هو تقليدي رسم و رواج جا بند ٻيڙي. تحقيقي مرحلن طئي ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو.

تون ئي مالڪ ملڪ جو، ٻانهون ٻانءِ ۾ ٻاڻ
لا خيرفي عبيدي، اهو اٽئي اهجاڻ
صورت منجهه سجاڻ، ٻاڻ پنهنجو پاٽهئي.

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو
ٻاڻ بيگانو مول نه ڇاٽين، آهين يار يگانو
ونفخت فيه من روحي، بلڪل ڇڏ بهانو
وهم سچل ڪڍ ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

طبل وڄائج وحدت وارو، غازي ڇڏ گدائي
هيڏي هوڏي تون ئي آهين، ڪانهي جاءِ جدائي
الانسان سري و اناسره، آهين خاص خدائي
بر بحر ۾ تنهنجو، سچا آهي سير سدائي.

چوڙ گمان گدائي والا، شملا ٻڌ چا شاهي دا

هو وحدت جو طبل وڄائيندي انساني برادري کي وسيع پيماني تي دعوت ٿو ڏئي، خواه مذهب جي فروعي ۽ منجهيل مسئلن کان سندس منزل مٿي آهي. ڪابه گروهه بندي کانه آهي. هو هر ڪنهن جي صورت ۾ پنهنجي محبوب جو مشاهدو ٿو ماڻي:

نہ بي ديني بندي ۾ . نہ اسم اسلامي
هندي سنڌي ناهي، هو شاهہ نا شامي
نکا حرکت هن کي، نکي آهي آرامي
خواجہ خدامي، پنهنجي کري پاڻ ٿو.

ايتري فراخ دل ۽ بين الاقوامي برادري جي مبلغ هجڻ جي باوجود سچل سائين ائين کڏهن به نہ ٿي چاهيو تہ کا هک قوم دغا ۽ دولاب سان ٻيءَ تي غلبو حاصل کري وڃي. سندس زماني ۾ جڏهن فرنگي سياست جو چار سچي هندستان ۾ پکڙجي چکو هيو. جا بجا سندس عياري ۽ مکاري پنهنجو کم کري رهي هئي ۽ سندس ملک کي حريص نگاهون پنهنجي آماجگاهہ بڻائڻ لاءِ سوچي رهيون هيون، تڏهن فقط هن شاعر جي دوربين ۽ موقع شناس نظر پنهنجي وطن واسين کي ايندڙ خطري کان خبردار کري رهي هئي ۽ هو وقت جي تقاضا موجب هندو – مسلم اتحاد تي زور ڏئي بار بار پکاري رهيو هيو:

وقت اها ٿي ويل، دوئي دور کرڻ جي
کڏ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل
هندو مومن سان ملي، محبت جا کر ميل
متان ٿئي اويل، اولهہ سج نہ اپري.

اولهہ سج نہ الهي، متان ٿئي اوير
ميڙي ويندئي مغربي تاريکي ۾ تير.
چڏي ويندئي چپرين، ڏونڊين سدا ڏير
مرد ڏين ٿا مام ۾، ماٽيکي مٽير
وَجهہ اٿي وِجهہ پاڻ ۾، هيکڙائي جي هير
ناسودي ناخير، نپٽ پوءِ نابود کر.

نہ فقط ايترو مگر فرنگين جي دريائي تماشي ۽ هنرمندي ۾ خلوص نہ ڏسي مٽن اکيون ٻوٽي ويساهہ رکڻ جي خطرناک نتيجن کان به قوم کي کولي کولي واقف کري ويو آهي.

مکڙي ڏنم موج ۾، تنهن ۾ مير ملاح
مڇيون مارن اوچتي، بانکا بيپرواهہ
لهر بحر جا حاکم ڄاڻي، شوريا وتن شاهہ
وائڙا رکن تن مٽان، ويچارا ويساهہ
آسرا اڙين جا، آهن منجهہ الله
ڏئي پاند پناهہ، رکي وٽندو راج کي.

مٿين بحث مان معلوم ٿيندو تہ هوهڪ بي نظير قومي ۽ بين الاقوامي شاعر آهي ۽ قدم قدم تي انساني برادري ۽ مساوات جي تبليغ ڪندو ٿو رهي. ان کان سواءِ حسن و عشق جون سموريون ڪيفيتون سندس ڪلام جو حصو آهن. مجاز ۽ حقيقت جون اهي موشگافيون ڪيون اٿس. جتي ڪنهن عام شاعر جي رسائي مشڪل ۽ محال ٿيندي. حسن جي حملي جو منظر ڏسو:

چالي چشم چٽڪ، ماريو محبوبن جي
قاتل فوج حسن جي آئي، ڪاهون ڪاهہ ڪٽڪ
اچي وڏائون اوچتي، سيني سيف سٽڪ
عاشق ٽپي آئيا، اٽڪجي اٽڪ
جهٽ پٽ سان جهٽڪ، سر سٽيائون سٽ ۾.

ساڳي نموني مجازي محبوب جي سراپا بيان ڪندي ان جي ڪنڌن جي وصفن جي تصوير ٿو ڪڍي. سندس منهن کي مصحف سمجهي تلاوت ٿو ڪري ۽ برهہ جا سمورا باب ختم ڪري ٿو چڏي.

ابرو ڪنڌيا قرب جا، وار ڪنڌيا ڪارا
اکين ڪنڌيون عجيب جون، ماڻڪ موچارا

محرابي مرغول، ڪنڌيا پيشاني پارا
منا موچارا، سدا منهنجا سپرين.

ڪجا ڪج محراب، منهن تي محبوبن جي
ڏنگا ونگا ورهہ ورهہ، مصحف جا اعراب
ستون سيپارن جون، پڙهن ٽيون ثواب
برهہ سندا باب، سچل سپ ختم ڪيا.

اهو ساڳيو مضمون ٻئي هنڌ ٻئي پيرائي سان بيان ٿو ڪري.

مصحف پاڻ چوان مُنهڙو محبوبن جو
آيتون منجهہ عشق جون، مطالع ڪيان
قاري اچي ڪو پڙهي، هجي هي روان
حرف سپ سنوان، ڏنگو ڏسان ڪو نہ ڪو.

محبوب جي ابروءِ خمدار کي قوس قزح سان تشبيهہ ڏئي، نيهن جي نظاري کي ڪيئن نہ خوش اسلوبي سان بيان ٿو ڪري.

قوس قزح ڪمان، ابرو عجيبن جا
ضرب ظلم جي زور سان، اچلن الامان

سل هڻن ٿا سيني ۾، پنبڑين جا پيڪان
نيزا نيهن نشان، سچل سر سهائيا.

محبوب جي منهن تي پگهر جي پاڻي جي تصوير کيڏ لاءِ کڻڙا رنگين لفظ استعمال ٿو ڪري

قطرا آب عرق، سونهن سجڻ منهن تي
جرکن جهلکن ٿا ائين، جئن پني ماڪ مرڪ
داڻا ڪن درڪ، دل ۾ دردين جي.

وري محبوب جي منهن تي زلفن جي پکڙجڻ جون تشبيهون ملاحظ ڪيو.

مو پکيڑيا منهن تي، چهيلن چلا
سنبل جڻ ڪي سلا، صبح ڪڍيا ساجهري.

مو پکيڑيا منهن تي، چهيلن چلا
واسينگن ولا، ورهه وارن تي ڏنا.

چهيلن چلا، مو پکيڑيا منهن تي
نير شبي مهتاب جان، منهن هرن مشعلا
تاريڪي ۾ تيجارا، تکا ڏين تجلا
عاشق ات اجهلا، سر ڏين ٿا سٽ ۾.

يار جي رخسار تي ڪاري تِرجو منظر جيئن سچل سائين ڏيکاريو آهي، تيئن سيکو شاعر ڏيکاري نٿو سگهي. سندس حسن بيان ۽ حسن تشبيهه جو اندازو لڳايو.

حبيبن حبشي، پهرو رکيو پاڻ تي
اندر اچڻ کان اڳي، ڪاتي تنهن ڪشي
رخ انهيءَ رشي، ڪروڙين قتل ڪيا.

مجازي محبوب جي سراپا بيان ڪرڻ کان پوءِ هن جي مرغنامي ۾ عاشقانه خط و ڪتابت جا راز و نياز ۽ عجيب نموني سان آيل آهن. جن ۾ زبان جي سلاست سان گڏوگڏ نازڪ خيالي ۽ بلند پروازي جا اهڙا مثال ملن ٿا، جي سيڪنهن جي ڪلام ۾ نه لينداً. سندس پرت جي پني جون تمثيلون ڏسو.

پني ۾ پيغام، لکي مڪا سڃڻين
سي نه سمجهن عام، جي آهن منجهه اشارتين.

الوهيڑو عشق جو، ساڻي ساڻ نيو
ڪامي پاڻ پيو، خوني خط پرينءَ جو.

مُنجان ڪيئن لکي، ڪتابت قريب ڏي
ساڻي واڻ سکي، ٻڌائي نہ ٻين ڪي.

اڃا عبارت، لکڻ لڳس پريءَ ڏي
روئندي پريون رت، اوتڻ ٻئي اکيون.

جارون لکيم جو، ڪاغذ قريب ڏي
حقيقت جا حال جي، واچڻ وينو ڪو
پڙهندي پنو سو، تنهن کي آنديون آئيون.

پينر ڪيئن پنو، هي جو نامو نيهن جو
خط خمار ڏنو، جيکس پڙهندي پريءَ کي.

سوز و گداز سچل سائين جي رڳ رڳ ۾ سمايل هيو. سندس عقيدي موجب بي درد نامرد آهي ۽ صحبت جي مرحلن طئي ڪرڻ لاءِ درد کان سواءِ ٻيو ڪو به رهبر ڪونهي.

درد در دل هر که باشد مرد اوست
حرف بيدردان موثر نيست نيست.

ورتم دڳ درد جو، تنهن سپ کا واڻ وساري
چند اپري آئيو، وئي سپ انڌاري

گوندر جن گذاريو، آءٌ تنين گولي
هينئڙي ۾ هولي، هوندي ڏکن وارئين.

سچل سائين هڪ عارف ۽ عاشق شاعر هجڻ سان گڏ فطرت جو به وڏو نقاش آهي. هو قدرت جي نظارن کي اهڙي نموني سان چٽي ٿو وڃي جو اهي نظارا جڏ اسان جي اکين جي سامهون اچي ٿا بيهن. سر سارنگ ۾ سندس منداڻتي مينهن جو منظر ڏسو.

ٻهه ٻهه ڪندا آئيا، ٻيهر ٻڪر وال
ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ ڪان، ويا ٿهي مال
آهن ۾ اچي پئي، چونگن سندي چال
مندائتي مندل ڪيا، جر انا جال
پلر سان پسي پيا، پنهوارن پلال
جُهري پيون جهوپيون، جهانگيئڙن اجهال
ننگ ڪج نہ نڊر کي، نماڻن ننگ پال
جن جا ههڙا حال، تن پرور پت رکيج تون.

هڪ وسڻ ٻيو وڃڻ، ٽيون لهي پيو سيءُ
جهوري وڏئين جهوپيون، ڇن وڏائين ڇيءُ
رنن جو رڻ ۾ والي، وسيلو ٽيءُ
حال جنين جو هيءُ، تن پرور رک پناهه ۾.

مٿين بن بيتن ۾ مينهن وسڻ وقت هڪ واهڻ ۾ جيڪو ماحول پيدا ٿئي ٿو. ان جو هوبهو تصور اسان جي سامهون آهي. اها تصويراهڙن دلڪش، مناسب ۽ موزون لفظن ۾ ڪيو وئي آهي، جيڪي سندس فطرتي شاعري جي ساک ٿا پرن. ازانسواءِ سندس روجهن جو داستان پڙهبو. ته سندس مضمون آفريني ۽ جدت جو اندازو لڳائي سگهبو. مثال طور بن بيتن تي اکتفا ٿي ڪجي.

ڦوڙائي جون ڦٽيون، ڦٽيون ٽيون ڦولهين
ابر سندي آسري، ٽڪر ٽيون ٽولين
ڳوليو ٽيون ڳولين، ترايون تر پريون.

پانڊوڙيون پهاڙ جون، رڙين ڪوهه رهن
لوچي سي لهن جن، سچو ٻڌو سندرو.

سچل سائين جي ڪلام جو گهري نظر سان مطالعو ڪبو، ته معلوم ٿيندو ته ڪيس زبان تي وڏي دسترس ۽ عبور حاصل آهي. الفاظ جي نشست ، بندش جي چستي، بيان جو جوش ۽ زبان جو زور سندس قادر الڪلامي جو ڪلمو پريندا نظر ايندا. الفاظ سندس حڪم موجب زبان جي صفائي سان فرمانبردار نوڪرن وانگر پنهنجي پنهنجي مناسب جڳهه تي ازخود ايندا ويندا، محاورا، ضرب المثل ۽ اصطلاح بلڪل روزمره جي مطابق هوندا. مجال آهي جو هڪ حرف بي مهل استعمال ٿيل هجي. مطلب ته هر شيءِ مندڻ جي ٽڪ وانگر پنهنجي جاءِ تي جڙيل نظر ايندي. ڪمال اهو آهي جو زبان جي صفائي سان گڏ صنايع بدايع جي سرخي به شامل هوندي آهي ۽ ان ۾ ڪو نه ڪو ناصحانه پهلو به موجود هوندو. مثال طور سندس بلاغت جي باغ مان هڪ چار عقيدت جا گل پيش ڪجن ٿا:

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان
بجلي بادل سان، آهي جئن سپرين.

هڪ جُوءِ ٻي جوءِ، ڇڏي ڪين جوان
اهي سڀ انسان جي ننگن تان نثار ٿيا.

سر سنواريو سر کي، سر سنواريو سر
جو آهي سورٺ ور، سو ڏيٺ کان کٽي ڏري

مور نہ محبت کان مڙان، هتي اچي هاڻ
کاڻ کني جي کاڻ، ڳئون چارينس ڳوٺ جون

کچو سچو کين ٽئي، توڙي اچي رنگ
سچي سندي سنگ، کچا سچا ٽي ويا.

حرف حلال هيکڙو، ٻيا سڀ حرف حرام
عاشقن انجام، اهو آهي عجيب سان.

کاتي ريءَ کهي چڏيو، راڻا تنهنجي رنج
سکون سڀ سهنج، سوڏو ساڻ کٽي ويو.

سوڏا هن سڙيءَ جو، لهي وچ سماءُ
ويرين وڏو وچ ۾، آهي ويرُ وڏاءُ
مون تي لڳندو کونہ کو، پيارا پاڻي پاءُ
هيکر هيڏي آءُ، تہ پير لوي پڏري ٽئي.

مطلب تہ سچل سائين جي کلام ۾ فصاحت ۽ بلاغت جو درياھ چولين ماريندو نظر ايندو. خيال جي گهرائي، فکر جي بلندي، ٻولي جي سلاست ۽ بيان جي خوش اسلوبي سندس کلام جون اهم خصوصيتون آهن. حاصل کلام شاھ عبداللطيف ڀٽائي کانسواءِ سنڌ جو کوبہ شاعر کنهن بہ لحاظ کان سندس مد مقابل ٿي نہ سگهندو.

- "حامي"

خيرپور ميرس
24 ڊسمبر 1963ع

چونڊ مضمون

محمد يعقوب چانگ

سچل سرمست جو خاندان

سچل سرمست جو جد اعليٰ

سچل سرمست جا وڏا اصل ۾ عرب کان سنڌ ۾ آيا هئا. سندس نسل حضرت عمر فاروقؓ کان شروع ٿئي ٿو. شيخ شهاب الدين بن عبدالعزيز حضرت عمر فاروقؓ جو پڙ پوٽو هو. هو پنهنجي ڏاڏي عبدالله بن عمرؓ جي فوت ٿيڻ بعد حجاز مان هجرت ڪري نڪتو. شيخ شهاب الدين پنهنجي وقت جو هڪ وڏو مدبر ۽ سياستدان هو. سنڌ تي پهرين ڪاهه ۾ بديل جي ماتحتي ۾ جڏهن شڪست جو منهن ڏسڻو پيو هو. انهيءَ وقت شهاب الدين فاروقيءَ حجاج بن يوسف (مشرقي صوبن جي وائسراءِ) کي سنڌ تي قبضي ڪرڻ لاءِ هڪ رٽ پيش ڪئي ته پهريائين سنڌ جي سرحدي صوبن ۾ اسلامي تبليغ لاءِ زبردست عالم موڪليا وڃن، جن جي ڪاميابي ڪاهه ڪندڙن کي منزل مقصود تي پهچائڻ جو هڪ عمدو ذريعو ٿيندي. آخرٿيو به ائين.

شيخ شهاب الدين جون خدمتون

93 هجري مطابق 711ع ۾ جڏهن محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جي تياري ڪئي، تڏهن حجاج بن يوسف ابو مغيره ۽ حزيم کي بحري وزير۽ شيخ شهاب الدين کي سندس مشير اعليٰ مقرر ڪري ساڻ ڏنو. محمد بن قاسم پنهنجن مشيرن ۽ مددگارن جي دانائيءَ جو گهڻي قدر قائل هو. تنهن ڪري هميشه سندس صلاح ۽ مشوري تي عمل ڪندو هو.

سنڌ جي ملڪي ۽ فوجي انتظام ۽ سنڌ جي باشندن کي خوشحال بنائڻ لاءِ شيخ شهاب الدين گهڻي قدر مفيد رٿون پيش ڪيون، جن جو نتيجو اهو نڪتو. جو سنڌ ۾ اسلام جو بنياد مضبوط ٿي ويو. سنڌ جا غير مسلم جوق در جوق اسلامي برادري ۾ شامل ٿيڻ لڳا.

نيرون ڪوٽ (موجوده حيدرآباد سنڌ) جي راجا وٽ عربن جي حملي کان اڳ هڪ سفارت وئي هئي، جنهن جو رهبر شيخ شهاب الدين هو. ان کان بعد بين ڪيترن راجائن وٽ سفارت ويئي جا نهايت ڪامياب ٿي. انهيءَ کان سواءِ شيخ شهاب الدين سنڌ جي عوام سان نهايت گهرا تعلقات پيدا

ڪيا. شيخ شهاب الدين پنهنجي اعليٰ اخلاق سبب سڄي سنڌ ۾ مشهوري حاصل ڪئي.

قديم زماني ۾ سيوهڻ محل وقوع ۽ سياسي اهميت سببان قديم سنڌ ۾ صوبي جو صدر مقام هو ۽ صوبي جو گورنر اتي ئي رهندو هو. جڏهن سيوهڻ جو شهر مسلمانن جي هٿ ۾ آيو تڏهن اتي جو گورنر اتي ئي رهندو هو. جڏهن سيوهڻ جو شهر مسلمانن جي هٿ ۾ آيو تڏهن اتي جو گورنر شيخ شهاب الدين مقرر ٿيو. جنهن پنهنجي اعليٰ قابليت سببان ملڪ جو ايتري قدر بهترين انتظام ڪيو. جو اتي جا ماڻهو نهايت خوشحال ۽ فارغ البال ٿي ويا. شيخ شهاب الدين کان پوءِ سندس پٽ محمد فاروقي، سندس پوٽو شيخ محمد باقي فاروقي ۽ سندس پڙپوٽو شيخ عبداللطيف فاروقي سيوهڻ جا حڪمران ٿيا.

زماني جي گردش

ڏاڍي پاڻي جو دور ڦريو. لاچار زماني جي نيرنگين سبب، هن فاروقي خاندان سيوهڻ کي خيرباد چيو ۽ حيدرآباد جي پرسان خدا آباد جي شهر ۾ لڏي وڃي ويٺا، پر اتي به زماني جي گردشن ويهڻ نه ڏنو. ڪجهه زماني تائين خدا آباد ۾ رهڻ کان پوءِ هن خاندان کي ٿر ۾ وڃي رهڻو پيو. ليڪن ان لڏ پلاڻ جو ڪو سبب ظاهري معلوم ڪونه ٿو ٿئي. سچل جو مشهور سوانح نگار مرحوم آغا صوفي لکي ٿو:

"ٿورا گهٽا ڏينهن اتان (خدا آباد مان) به ڏاڙو پاڻي کاڏائون ۽ ڪجهه ڪٽي وڃي ٿر جا ٽاٽا وسايائون، جتي ڏٺ ڏهاڙي سومرا آڻين ۽ چاڙهين وارو قلم، هنن فلڪ جي ستايلن سان گهڻو وقت جاري رهيو. پر قدرت کي جو اها فقيري امانت کين سونپڻي هئي، سا اهي سڄ ۽ سادگي جا سامان ڪيئن نه کين موجود ڪري ڏيندي. هوڏانهن وري مشهور برڪت واري بزرگ غوث بهاءُ الحق کي اهو الاهي فرمان ٿيو ته پنجاب کان ڪهي اچي هنن ڏوٽيئڙن سان ڏاتر جي ڏنل ڏات جي ڏيتي ليتي ڪر. ٿر جي ٽاڪن ۾ جهجهو وقت جالڻ بعد آخر وري ڏاڍي پاڻيءَ اتان به کين ڪٽي ٽولاڪن ۾ ٽورندي اچي گڏيجيءَ جي ڳوٺ جون ڳليون ڏيکاريون."

گڏيجيءَ جو ڳوٺ رياست خيرپور ۾ راڻيپور شهر جي اتر پاسي ڇهن ميلن جي پنڌ تي آهي، انهيءَ فاروقي گهراڻي مان احمد فاروقي نالي هڪ نهايت قابل شخص هو. زماني جون ٽڏيون ڪوسيون ڏنل هيس ۽ لاهيون چاڙهيون خوب لتاڙيون هئائين. انهيءَ اچي ميرن جي ملازمت اختيار ڪئي. زماني جي حڪمران ميرسهراب خان هنجي ڇڳي طرح عزت ڪئي. هي اهو زمانو هو جڏهن ٽالپرن جي سبز گلشن ۾ نفاق جي خزان جو دور شروع هو ۽ ان وقت جي حاڪم ميرمراد علي خان ٽالپر جي وفات بعد منجهن سنڌ جي وراثت جا خيال پيدا ٿي رهيا هئا. گهٽن جهيڙن ۽ جڇهڙن کان پوءِ بالاخر ٽالپرن سنڌ کي ٽن پاڳن ۾ ورهايو. هڪ علائقي جو صدر مقام حيدرآباد سنڌ ٿيو، ٻي جو ميرپورخاص ۽ ٽين جو خيرپورميرس مقرر ڪيائون.

خيرپور ميرس جي حاڪمن کي احمد فاروقي گهٽا مفيد مشورا ڏنا. جن رياست جي بنيادن کي مضبوط ڪيو. انهيءَ زماني ۾ خيرپور رياست جو علائقو سنڌو درياهه جي ٻنهي پاسن تي هو. انهن مفيد مشورن ۽ صلاحن کان خوش ٿي خيرپور جي ٽالپرن هن فاروقي گهراڻي کي راڻيپور ۽ گمبٽ جي وچ وارو پاڳو جاگير طور ڏنو.

درازن ڏانهن

ٽر کان لڏي اچڻ وقت هن گهراڻي سان کي نمڪ حلال نوڪر هئا. انهن مان هڪ جو نالو دراز وندير ۽ ٻئي جو ڪاجن وندير هو. فاروقي گهراڻي انهن نمڪ حلال خادمن کي انهيءَ جاگير جو انتظام سپرد ڪيو. انهن نمڪ حلال خادمن پنهنجي آبادي جي سهوليت لاءِ پنهنجا ٻوٽ ٻڌا. هڪ ٻوٽ جو نالو پيو ڪاجن وندير جو ٻوٽ ۽ ٻئي جو درازن وندير جو ٻوٽ. ڪاجن جو ٻوٽ ڪن سببن ڪري آهستي آهستي ڦٽي ويو. البت درازن جو ٻوٽ ڏينهون ڏينهون وڌندو ويو.

سچل سرمست جي ڏاڏي فقير صاحبڏني گڏيجيءَ کان لڏي اچي درازن جي ٻوٽ کي آباد ڪيو. ان کان درازن جي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ ڏينهون ڏينهن مشهوري حاصل ڪندو رهيو. جنهن جو مستحق به آهي. ڇو ته فقير صاحبڏني جهڙو صاحب دل، پير عبدالحق جهڙو ڪامل مرشد، سائين سچل سرمست جهڙو پهتل درويش صوفي شاعر ۽ سائين قبول محمد سخي مرد پيدا ٿيا. انهيءَ ئي نيڪوڪار ۽ نيڪ بخت فاروقي گهراڻي منجهان درازن جي ٻوٽ ۾ سچل سرمست 1739ع ۾ ڄائو هو. جنهن جي شاعريءَ جي سرمدي نغمن کان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ اڄ تائين مست آهي ۽ گونجي رهي آهي.

لطف الله بدوي

سچل سرمست جي حياتي

سچل سرمست جو نالو عبدالوهاب هو. پر کيس سچيڏنو به سڏيندا هئا. سنڌي شعر ۾ سندس تخلص "سچو" ۽ سچيڏنو ڪم آيل آهي. سندس سر مستين جي ڳالهين ڪري کيس "سرمست" سڏيو ويو آهي.

سرمست سچل فاروقي خاندان يعني حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي اولاد مان هو. چوٿ ۾ اچي ٽوتہ فاروقين جو هي خاندان سنڌ ۾ گهٽي وقت کان مقيم هو. سندس وڏو، شيخ شهاب الدين فاروقي، محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ اتي ئي رهجي ويو. محمد بن قاسم کيس سيوهڻ جي قبضي ٽيڻ کان پوءِ اتي جي نواب مقرر ڪيو هو. شيخ شهاب الدين سال 95هـ ۾ سيوهڻ ۾ وفات ڪئي، انکانپوءِ سندس پٽ حاڪم ٿيو. جو سنه 124هـ ۾ فوت ٿيو ۽ سندس قبر سيوهڻ ۾ آهي.

ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ هنن فاروقي بزرگن جي وڏي عزت ٿي ۽ کين گمبٽ ۽ راڻيپور جي وچ ۾ وڏيون جاگيريون مليون، جي هنن پنهنجي ٻن لائق ٻانهن، دراز وندير ۽ ڪاجن وندير کي آباد ڪرڻ لاءِ ڏيئي ڇڏيون. هنن ٻانهن اتي ٻہ ڳوٺ "دراز وندير" ۽ "ڪاجن وندير" قائم ڪيا. ڪاجن جو ڳوٺ تہ پوءِ برباد ٿي ويو، مگر دراز آباد رهيو جو پوءِ درازا سڏجڻ ۾ آيو. درازا جو ڳوٺ راڻيپور اسٽيشن کان ميل پنڌ تي اوتر اولهہ ڪنڊ تي هڪ خاموش بستي آهي. سندس نظارو من موهيندڙ آهي.

هن درازا ڳوٺ جي مشهوري ميان صاحبڏنہ عرف موراڳي فاروقي [فقير صاحبڏني جي احوال لاءِ ڏسو تذڪره لطفي جلد (2)] جي نالي سان ٿي. ميان صاحبڏني کي ٻہ فرزند هئا، جن مان هڪ جو نالو صلاح الدين هو ۽ ٻئي جو نالو ميان عبدالحق هو.

سچل سرمست ميان صلاح الدين جو فرزند هو. سچل فقير جي ولادت سال 1739ع ۾ ٿي. هنجي تعليم ۽ تربيت ميان صاحبڏني جي نظر هيٺ ٿي. سچل فقير ظاهري علم گهٽو پڙهيو ۽ قرآن شريف جو حافظ هو. سندس استاد جو نالو آخوند عبدالله هو. جو پڻ هڪ عالم فاضل شخص هو.

چون ٿا تہ جڏهن سر مست سچل ننڍو هو [ڪي چون ٿا تہ ستن سالن جو هو ۽ ڪي چون ٿا تہ

نون جو هو] تڏهن شاهه پٽائي [شاهه پٽائي سنه 1752ع ۾ وفات ڪئي] اچي درازن ۾ نڪتو ۽ ميان صاحبڏني وٽ مقيم ٿيو. ان وقت پاڻ سچل سائين کي ڏسي فرمايو هئائون، "جا ڪُني اسان جاڙهي آهي، انجو ڏکڻ هي چوڪرو لاهيندو".

سچل فقير چوڏهن ورهين جي عمر ۾ ظاهري علوم جي تڪميل ڪري، فارغ ٿيو. ننڍپڻ ۾ هو خلوت پسند هو ۽ اڪثر اڪيلو جهنگ ۾ گهمندو هو. جلدئي سندس ڏاڏو صاحبڏنو فوت ٿي ويو ۽ فقير جي مسند تي سندس ننڍو فرزند خواجه عبدالحق وينو. جنهن لاءِ روايت آهي ته ميان صاحبڏني جي مرشد ميان عبيدالله صاحب جيلاني سرمست سچل جي توليد ٿيڻ کان اڳ ميان صاحبڏني کي چيو هو ته، فقيري مسند تي خواجه عبدالحق کي ويهارڻ جي وصيت ڪجو. چو ته ميان صلاح الدين کي هڪ فرزند ٿيندو. سو زماني کان تارڪ هوندو.

ميان صاحبڏني جي وفات کان پوءِ جلدئي ميان صلاح الدين به فوت ٿي ويو ۽ سچل فقير جي پالنا خواجه عبدالحق جي سپرد ٿي. خواجه عبدالحق رشتي ۾ سچل فقير جو چاچو هو. مگر سچل کي روحاني فيض انهيءَ بزرگ کان ئي عطا ٿيو. جنهن ڪري هو ان جو مريد به هو. جنهن جو اظهار پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترين جاين تي ڪيو آهي:

ڪو شڪ چوي، ناحق چوي، ڪو بات اها برحق چوي
مونکي مرشد عبدالحق چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان

سچل فقير جي پنهنجي مرشد سان بيحد عقيدت ۽ محبت هئي. مرشد جي به پنهنجي مريد سان بيحد محبت هئي. هن پنهنجي معصومه (نياڻيءَ) سچل فقير جي نڪاح ۾ ڏني. اگرچه سچل فقير جي پنهنجي راءِ شاديءَ جي ٻنڌڻ کان آجي هئي، مگر هو عام ماڻهن کي شادي ڪرڻ جي ترغيب ڏيندو هو. سچل فقير کي فرزند به ڄائو. پر ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي ويو. چون ٿا ته انهن ڏينهن ۾ ميرر ستم خان جو پٽ ميرمحمد حسن بيمار هو. تنهن سچل فقير کي پاڻ وٽ دعا ڪرڻ لاءِ گهرايو. فقير ويو ۽ ميرصاحب جي فرزند کي دعا ڪيائين، فرمايائين ته اسين تنهنجي پٽ جي عيوض پنهنجو پٽ ٿا ڏيون. خدا جي قدرت پاڻ خيرپور ۾ ئي هو ته سندس پٽ پوئتان گذاري ويو ۽ ميرجو پٽ چگو پلو ٿي اٽيو.

خواجه عبدالحق 1213هـ ڌاري فوت ٿي ويو ۽ سندس گاديءَ تي سندس فرزند ميان قبول محمد وينو. سچل فقير پنهنجي مرشد جي جاءِ نشين جي ساڳئي عزت رکندو آيو. جيئن مٽي ڏيکاريو ويو آهي، ميان صاحبڏنو. ميان عبيدالله جيلاني جو مريد هو. جو شيخ عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان هو ۽ صوفي عنايت الله شهيد جي مرشد خواجه عبدالمالڪ جو پاءُ هو. ميان عبدالحق به ان سلسلي جو مريد هو. سچل فقير به تنهن ڪري قادري سلسلي ۾ اچي ويو.

مرزا علي قلي صاحب، جنهن فقير صاحبڏني جو تذڪرو نهايت محنت سان تيار ڪيو هو،

سو هڪ هنڌ لکي ٿو ته فقير اوائل وقت ۾ شريعت جو پابند رهيو. مگر جڏهن رندي حالت ۾ آيو. تڏهن اهي ڳالهيون کائنس وسريل رهيون. اهڙي حالت ۾ به کيس شريعت جو احترام رهندو هو. عالمن ۽ فقيرن جي صحبت ۾ شامل رهندو هو.

بيماري ۽ رحلت

فقير صاحب جن جي تندرستي عمدي هوندي هئي. مگر هڪ دفعي کيس اسهال جي بيماري ٿي، جنهن کيس بيحد تکليف ڏني. لاڙکاڻي جي هڪ حسين ۽ پيشه ور عورت جيوائي هي خبر ٻڌي درازا آئي. هار سينگار ڪري فقير صاحب وٽ لنگهي ويئي. فقير صاحب هن کي ڏسي هڪدم تندرست ٿي ويو. هن مان خبر پوي ٿي ته فقير صاحب حسن پرست هو. پڻ هي علم حڪمت جو اصول به آهي ته "حسن" جو طبيعت تي گهرو اثر پوي ٿو. انهيءَ بيماري کان پوءِ فقير صاحب تندرست رهندو آيو. پاڻ جيتوڻيڪ وڏي عمر جو هو، تڏهن به کيس پنهنجي تندرستي لاءِ ڪابه شڪايت نه هوندي هئي.

آخري دفعو ماهه رمضان 1242هـ ۾ بيماري ٿيو ۽ ان ئي مهيني جي چوڏهين تاريخ هن باڪمال بزرگ رحلت فرمائي. ان وقت سندس عمر 90 ورهيه هئي. چون ٿا ته وفات کان ٿورا ڏينهن اڳ پاڻ وڃي گوشه نشين ٿيو. باهرين دنيا سان رلڻ ملڻ ڇڏي ڏنائين. پڇڻ تي چوندو هو. "سرڪار جي سلامي جي تياري ٿا ڪريون". سندس وفات جون تاريخون مختلف شاعرن چيون آهن، جن مان هي تاريخ مشهور آهي:

"آفتابِ اوجِ عشق" "بود مربوح هدا"

شخصيت

ميان سچيڏنو وچولي قد جو هو، رنگ صفا ۽ وٽندڙ هوس، نڪ ۽ پيشاني مرغوب هيس. وار ڊگها هيس ۽ مٿي ۾ سائي رنگ جو تاج پائيندو هو. اڪثر سفيد ڪپڑا ڏيکيندو هو. سياري ۾ اوني ڪٽي ويڙهيندو هو. گهٽو ڪري ڪٽ جي بدران، ڪاڪ جي صندل تي ويهندو ۽ سهمندو هو. ڪنهن به نشيدار شيءِ جي ويجهو نه ويندو هو. هي بلڪل کوڙ ۽ من گهڙت آهي ته فقير صاحب شراب به ورتائيندو هو. الاهي ڪيف جي هوندي انگوري شراب جي ڪهڙي ضرورت! هو نشي ڪان ايتري قدر ته بيزار هوندو هو جو سندس پياري طالب نانڪ يوسف فرمايو آهي ته فقير صاحب جي سامهون حقي چڪڻ جي به ڪنهن کي جرئت نه ٿيندي هئي. ڪڏهن به ٽهڪ ڏيئي نه ڪلندو هو. جا عادت معرفت جي صاحبن جي آهي. گهٽو ڪري پيري مريدي جي ويجهو نه ويندو هو. مگر هي چوڻ به غلط آهي ته فقير صاحب جي مريدي جو سلسلو جاري نه هو ۽ سندس فيض محدود هو.

ميرن سان لاڳاپا

ميرن سان هن خاندان جا اڳيئي تعلقات هئا. فقير احمد فاروقي، ميـر سهـراب خـان جـي ملازمت ۾ هو. سندن جدّهن ڪلهوڙن جي هٿن مان نڪري ميرن جي هٿ ۾ آئي، تڏهن ميـر سـهـراب خان به سندس جاگيرون بحال رکيون. مگر هڪ واقعي جي ڪري ميرصاحب فقـيـر سچيڏنـي جـا وڌيڪ معتقد ٿي پيا.

چيو وڃي ٿو ته هڪ حيدرآبادي عامل هندو، ميرن جي نوڪري ڇڏي اچي خيرپور جي ميـرن جي ملازمت ۾ داخل ٿيو. مگر هتي به سرڪاري پئسا ڪٽائي وڏائين، جنهن ڪري ميرسهـراب خـان ڪيس باند رکيو. سندس عزيز جهوڪ شريف جي سجاده نشين، مخدوم فضل الله وٽ دانـهـيـن ٿـي ويا، جنهن کين خواجه عبدالحق ڏي روانو ڪيو. خواجه صاحب فقيرسچيڏني کي گهرايـو ۽ سـنـدس مٿي ۾ ٽوپي وجهي فرمايو، "وڃ بازو ڇڏائي اچ".

فقيرصاحب خيرپور وڃي پهتو. جتي ڪيس وندرائڻ لاءِ نوڪر اسلح خاني ۾ وٺي ويا ۽ مختلف هٿيار ڏيکاري هر هڪ جي خاصيت ٻڌائيندا ٿي ويا. جڏهن هڪ دورمار بندوق تي پهتا، تڏهن ڪيس ٻڌايائون ته هي بندوق شينهن جي شڪار ۾ ڪم ايندي آهي. تنهن تي فقـيـر صـاحـب چين: "ابا شينهن کو بندوق ماري سگهي!" پر نوڪر فقيرجي نڪتي کي سمجهـي نـه سـگـهـيـا ۽ پنهنجي ڳالهه تي ضد ڪندا رهيا. هن تي فقير کي جوش آيو. اهائي ڪن، فقيرصاحب جي بدران هڪ غضبناڪ شينهن اسلح خاني ۾ ظاهر ٿي پيو. هن تغير کان سيئي ڏڃي ويا ۽ پڃي وڃي ميرصاحب کي خبر ڏنائون. فقيرصاحب جي هي حالت ٿورو وقت هلي، هو وري اصلوڪي صورت ڏانهن موٽـيـا. ميرصاحب تي هن واقعي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ هو هميشه معتقد ٿي رهيا. ڪن مصنفن فقيرصاحب جي هن واقعي کي "يوگ" جي طاقت سان منسوب ڪيو آهي، مگر هي حقيقت آهي ته فقـيـر صـاحـب نـه "يوگ" جي تعليم ورتي هئي، نه انجو استعمال ڪيو هو.

ملت ۽ مذهب

ائين ته محبت وارن جو مذهب ۽ ملت ئي نيارو ٿيندو آهي، مگر عام طرح مشهور آهي تـه هر ڪو پنهنجي پر ۾ پورو آهي. هت اسان کي ڏسڻو آهي ته سندس پر ڪهڙي آهي. سندس شعر جي مطالعي کرڙ مان معلوم ٿيندو ته پاڻ اعليٰ درجي جو صوفي هو. منصوري نڪتن جو شارح هو. مگر ڏسڻ ۾ اجي ٿو ته هن جتي انهن ڳجهن کي ويهي کوليو آهي، اتي پنهنجي تنگ ظرفي جو بـه اظهار ڪيو اٿس. هو منصور وانگر بي باڪ نه هو.

سندس شعر و شاعري

فقير صاحب پنهنجي دور جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. هن کي پارسي، سنڌي، اردو ۽

سرائڪي زبانن تي عبور ڪامل حاصل هو. سندس شعر تمام گهٽو هو. پر انجو ڪ حصو پاڻ ناس ڪرائي ڇڏيو هئائين ته متان عام انکي نه سمجهي سگهي. سارنگي ۽ طبلي تي هٿ لڳندو هو ته بيخود ٿي ويندو هو. ۽ اکين مان پاڻي جاري ٿيندو هوس. ۽ شعر مستي ۽ مدهوشي جي حالت ۾ چوندو هو. جنهن کي فقير لکندا هئا.

سندس شعر جو گهٽو حصو تصوف جي باريڪ نڪتن سان معمور آهي. "مقامات تصوف" جو سمورو احوال سندس شعر ۾ سمايل آهي. "نفي ۽ اثبات"، "فنا ۽ بقا"، "ذڪر ۽ فڪر"، "حال ۽ قال"، "همه اوست ۽ وحدت الوجود" جهڙا مسئلا نهايت عمدي طرح ادا ڪيا اٿس. هو حسن جو بيحد دلداه هو. مجازي محبت جو شڪار به ٿيل هو. هن جي ڪلام کي ڏسي، ڇئي سگهجي ٿو ته هو ڪنهن جي عقابي اکين جو عاشق ضرور هو. جيئن فرمائي ٿو:

آهه علاج نه ڪوئي، هن اکين ماري آهيان
ڪنهن کي سليان سرتيون، حال اهو ئي روئي
ڦڪيون ٻڪيون لکين هزارين ڪيون طبيبا توئي
ناخن ٻڌيون پٽيون، ڪل نه حاذق هوئي
دست سچڙ جي دارون آهي، سچو يار سيوئي.

يا ٻئي هنڌ فرمايو اٿس:

لڳي دل جو دارون ناهي، ڪو ڊولڙ يار پيارا!

سچل فقير جي مجازي ممڌ کي جيڪڏهن ڏسٽو آهي ته سندس "مرغ نامو" پڙهجي، جنهن ۾ دوست جي ياد، هجر ۽ وصال جو ذڪر، درد جو پيغام، محبت جي ڪيفيت پڻ سمايل آهي. ڪانگ ڪيئن اچي ٿو ۽ ڪيئن درد جا پيغام نباهي ٿو. اهو پڙهندي اکين مان ڳوڙها نڪريو اچن. هڪ هنڌ پنهنجي درد انگيز ڪيفيت جو احوال هيئن ٿو لکي:

الله لڳ اڏام، موٽي محبوبن ڏي،
وڃي ڏيج پرين کي، اهو پاڃي جو پيغام
ڪري قدمن تي پئي، سو لک ڏيج سلام،
آهي اوهان ريءَ سپرين مڙيوئي ماتام،
اچڻ جو انجام، سگهو ڪري "سچو" چوي.

ڪيتري قدر نه حقيقي جذبات آهن، سوزو گداز ۽ درد ته فقير صاحب کي الاهي ذات هئي. پاڻ اڪثر ڪري فرمائيندا هئا ته "بيدرد نامرد". ڪانگ جون درد پريون لاتيون ٻڌي، پنهنجي جيڏن کي چوي ٿو:

آڻي ڪانگ ڏنياس، ڪتابت قريب جي
ڪتيندي پهو پٽ پيس چوهون تند چنياس،

پيجون پيج ٽياس، ڪتابت قريب جي.

ويس تند چجي، پهوپٽ ڪري پيو،
سڻي سنيها نينهن جا، پئي جهوري منجهه جهجي
انهي پت پجي، پيس روئندي ڪپڑا.

ڪيترو نہ رقت خيز بيان آهي. سچو "مرغ نامو" اهڙين درد جي ڳالهين سان پرپور آهي. مناظر فطرت ۽ حب الوطني جو شعر بہ گهٽو چيو اٿس. شاهہ پٽائي وانگر ڪٽي، مارئيءَ جي اوٽ ۾ حب الوطنيءَ جا گيت ڳايا اٿس. ڪٽي سسئي ٽي وندر جي واٽ ووڙي اٿس. برسات جو نظارو هيئن ٽوڪيو:

سارنگ ساري رات، رڻ مٽان ريج ڪيا
پکين پرڙا سوئيا، پرهہ ڦٽي پريات
پٽن تي پڌرا ٽيا، گل ڦل پاتون پات.

ٻکر وال، مينهن، اتر اوپر جي ڪنڊ کان ايندڙ چئبو آهي. اهو نهايت زور سان وسندو آهي. انجو خوشگوار نظارو هيئن ٽوڪيو:

ٻهہ ٻهہ ڪندا آيا، ٻيهر ٻکر وال،
ککرن جي ڪڙڪاٽ کان، ويا ٽهي مال.

اهڙا نظارا فقير صاحب جي شعر ۾ تمام گهٽا آهن. مينهن جي مند ۾ مارئي جي اکين سان مليرجو منظر هيئن ٽو پيش ڪري:

مونکي رات رسيون، ڏيهہ ڏاڏاٽيون خبرون،
تہ ساٽيهہ سپ سرهو ٽيو، وڃون واهہ وسيون،
برابر بادل ڪيون مٽي لوءِ لسيون
وُڙهيون ڪسر ڪسيون، پڻ آهن تار تراريون.

مليرجو نظارو ڪهڙو نہ مڪمل ٽو ڏئي:

ريگستاني راج جي، آءٌ ڳالهہ ڪريان ڪيهي،
ڪن پڇارون پاڻ ۾، واريءَ تي ويهي!

سندس شعر ۾، گذريل بزرگن کان نازڪ خيالي وڌيڪ آهي. تصوف جي ميدان ۾ هلندي هن وڌيون موشگافيون ڪيون آهن. هڪ هنڌ فرمائي ٽو:

سچل روئين چو ايترو، بس ڪر تون هن برسات کي،
تصديع تون چو ٽو ڏئين، محبوب جي محلات کي.

ڪيڏي نہ نازڪ خيالي سمايل آهي: پنهنجي جسر کي محبوب جو محلات سمجهي

انکي تکليف کان بچائڻ. هي هڪ اعليٰ فکر آهي. ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

ساروئي سر آهي ڪاڻي سچل ڪاڻي ذات سچل جي،
موج درياءَ حباب ڪڙا ڪيا، ڇاڻج ڪو شڪ ناهي.

"وحدت الوجود" جي مسئلي کي نهايت آسان طريقي سان بيان ٿو ڪري. درياهه جي لهرن کان حباب (بڙبڙا يا ڦوٽا) پيدا ٿين ٿا. پر اهي درياهه کان جدا نه آهن. اهڙيءَ ريت انسان کي پنهنجي خالق سان ضرور نسبت آهي. هو ان کان ڪڍهن به ڌار نه آهي. ٻئي هنڌ دنيا کي "طلسم افلاطوني" سڏي دنيا جي بي ثباتي جو نقشو چٽي ٿو. بهرحال فقير سچيڏنو صاحب سيني صفتن سان سينگاريل مفڪر هو. سچ ته هو پنهنجي دور جو وڏو صوفي ۽ فلسفي شاعر ٿي گذريو آهي.

هن جي رسالي ۾ ڪٿي ڪٿي ملن مولوين جي برخلاف شعر نظر اچن ٿا، پر اهي سندس تصنيف مان نظر نه ٿا اچن. هيڏي اعليٰ هستي ڪنهن جي مذمت يا گلا لکي، اهو ڪڍهن به ٿي نٿو سگهي. پڻ انهن ڪافين ۾ جا ٻولي ڪم آيل آهي. سا نهايت دقيق آهي. اهڙن شعرن کي ساڻس نسبت ڏيڻ ايڏي وڏي مفڪر جي دامن تي داغ لائڻا آهن. جڏهن چيو ويو ٿو ته "جو شخص هندو ته چڏيو پر ڪافر کي به نه ٿو نندي." تڏهن حيران آهيان ته ملن مولوين کي ڪيئن نندينڈو هوندو. شايد ڪي ملا اهڙا هجن به، جنجي رهت اعتراض لائق هجي، مگر ائين ٿي نه ٿو سگهي ته سڄو جهنگ سڄو هجي، شايد ڪو منجهس شينهن ستل هجي.



عبدالحق زيب

سچل سر مست جي سوانح حيات

اڄ کان 213 سال اڳ جو تصور ڪيو وڃي، جڏهن منهنجي سنڌڙيءَ جي اڪيلي اسٽيٽ خيرپور جي اندر، راڻيپور اسٽيشن کان اتر طرف ٻن ميلن جي مفاصلي تي ڪهڙن ۽ ڪرڙن واري ڳوٺڙي، درازن ۾ فاروقي خاندان جي گادي نشين ميان عبدالحق جي وڏي ٻاءُ ميان صلاح الدين جي چشم اميد سال 1153ھ ۾ نور نظر سچل سهٽي جي تولد کان پرنور ٿي.

ڇٽيءَ تي سندس نالو عبدالوهاب رکيو ويو. مگر پيار وچان ڪيس سچيڏنو ۽ سڏيندا هئا، جنهن نالي سان هي نينگر اظهر من الشمس آهي، ننڍڙو ٻالڪ والدين جي گود ۾ پرورش وٺي رهيو هو تہ انقلاب زمانہ هن سعادتمند ٻچڙي جي سرتان تاج پدري هٽايو. جنهن بعد هي ڇورڙو ٻار پنهنجي چاچي ميان عبدالحق جي زير شفقت پرورش پائڻ لڳو. ليڪن بقول لطيف سائين "ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٽيا،" يعني مرشد عبدالحق جي زير نگراني هن نينگر نہ فقط جسماني پرورش پاتي ليڪن روحاني ترقي پڻ حاصل ڪئي، جنهن شيءِ جو هر جڳهہ اعتراف ڪندي سچل سرمست فرمائي ٿو:

دل سان دلبر درد قبوليم ڪشف قبور ڪرامت ڪين
هادي عبدالحق سچل کي توڙئون ڪئي تاهيءَ تلقين.

جوان ٿيڻ تي جيتوڻيڪ هن خدا رسيده بندي کي شادي ڪرڻ جو اشتياق گهٽ هو، پر پوءِ زماني سازي ڪندي ميان عبدالحق کيس پنهنجي نياڻيءَ سان شادي ڪرائي. جنهن مان کيس هڪ پٽ ۽ ڇائو جو ننڍي هوندي رحلت ڪري ويو. ان تمهيدي بيان بعد مان صحيح مقصد تي اچڻ ٿو گهران. ريڊيو پاڪستان تان 1948ع جي زماني ۾ جنهن شخص جي حياتي بيان ڪرڻ جو ضرور تصور ٿو ڪيو وڃي، تنهن جو بيانِ زندگي، ڪن ڏند ڪٿائن يا مريدي محبت تي مبني ڪرڻ، هوائي جهاز ۾ اڏامندڙ دنيا کي موٽي، گهوڙي سواريءَ واري زندگيءَ ڏانهن نيٽ ٽينڊو. ان سبب مان هر انهيءَ القاب سان هن بزرگ هستيءَ کي ياد ڪندس جنهنجو ڪامل دليل پيش ڪري سگهان.

هر انسان جي زندگيءَ جو نقش سندس قول ۽ فعل آهي ۽ قول و فعل جي معائني لاءِ آسان

۽ زماني جو مڃيل دليل صاحب زندگيءَ جي تصنيف آهي. انهيءَ فيصلي سان سچل سرمست لاءِ ڪسوٽي سندس ڪشاده ڪلام چئبو. جنهن جي آڌار تي هن صوفي مرد کي سنڌ جو مايه ناز شاعر سڏيان ، زبان دان چوان، تاريخدان ۽ سياستدان ڪوٺيان، وڏو عالم ۽ قرآن جو حافظ هو، درست آهي ته خدا رسيده فقير هو، ثابت آهي ته متشرع، اصول پرور ۽ آزاد طبع انسان هو. سندس ڪلام جي نمايان خصوصيت آهي، خيالات جي پاڪيزگي ۽ انداز بيان جي لطافت، جنهن آڏو موجوده شاعري بہ دنگ رهجيو وڃي.

سچل جو سمورو ڪلام سندس صوفي طريقي جي گواهي آهي. پارسي ڪلام ۾ جتي "آشڪارا" ٿي آشڪار ٿيو آهي، اتي صوفيانہ خيالات جو اظهار ڪندي فرمايو اٿس:

نہ ديدم سري از انسان بيرون همه ملک خدا گرديده است

سندس ڪلام سنڌي، سرائڪي، پارسي ۽ اردو زبانن ۾ ڪافي موجود آهي، جنهن لاءِ سندس تصنيفات گواهہ آهن: ديوان آشڪار، رازنامه، رهبر نامه، تار نامہ رسالو سچل سرمست پاڳو پهريون ۽ ٻيو. سندس لازوال شاهڪار آهن. جدا جدا ٻولين ۾ ايڏو ڪلام ڇوڙ سندس زبان داني‌ءَ جي ساک آهي.

سچل جو طرز بيان ۽ جذبہ عشق، همت شڪن ۽ عمل سوز نہ هو، بلڪ سندس ڪلام جو هر لفظ، خودي ۽ منزل مقصود جي ماڻڻ لاءِ درست عمل آهي.

"هر خاڪ نشينون کي ٺهوکر مين زمانہ هے" واري مسئلي کي قلندرانہ نوع ۾ فرمائي ٿو:

بہ شاهي ميزنم نعرهٔ گدائي گدائي نيست ليکن خود نمائي
بگمراهي نيفتاديم هرگز جهان را ميکنم اين رهنمائي.

باوجود ان همت ۽ جرائت جي عجز و نياز جا سهرا به هن سهڻي جي سر ٿا سونهن، اميد وصال ۾ پٽڪندڙ دل، زماني جي رنج و ملال مان تنگ ٿيندي پڪاري ٿي:

ونـدر جـي وٽـن ۾، زور ڪـريـان زاري،
هڪ واڇوڙا واڻ تـي، ٻي وسـي ٿـي واري،
ڪـا، ور ڪـريـو ور مـون.

جناب! سندس ور ۽ ور واري تجنيس تام ۽ مضمون جي سلاست ۽ رواني ڏانهن توجهہ ڏنو وڃي.

ڪا ور ڪريو ور مون، آهيان ويهي ويچاري،
سچل هئي ساري، عمر گذاري آسري.

اڃا بہ عجز و نياز سان پُر لفظن ۾ اچاري ٿو:

ننگڙا نماڻي دا، جيوين تيوين پالٽا
ميرئي آهيان، مندي آهيان، آخر تنهنجي بندي آهيان،
ڏکين منهنجا ڏولٽا، عيب نہ قولٽا.

آهي کا دل جا سندس عجزو نياز جي انتخاب الفاظ تي داد ڏئي. آهي کا طبع جا هن سلاست کي سمجهندي واهه واهه سبحان الله پکاري. سندس پارسي کلام تي هڪ نظر وجهو:

گر بگويم شرح عشقي بر دوام صد قيامت بگذرديم ناتمام.

الله الله هڪ ئي بيت اندر عروض جي پابندي ۽ منزل عشق جي وسعت بيان ڪرڻ سان گڏ شاعر صد قيامت جو نئون محاورو ڏنو آهي. صد سال گهٽن چيا، قيامت گهٽن اچاري، ليڪن صد قيامت چئي شاعر اعليٰ کلامي جو ثبوت ڏنو آهي. هن صاحب جي کلام اندر اسلامي تاريخ جا کيترائي مثال ملندا. هڪ جڳهه چيو اٿس:

سرمد کي ڏئي لت کهايئه سوليءَ تي منصور چڙهايئه،
شيخ عطار جو سر ويايئه هيڏي پنڌ پچائين تون.
ذکريا کي ڪرڻ چيرايئه يوسف کي منجهه کوهه وجهايئه،
شمس ملن جي هٿان مارايئه عاشق ٿو آزمائين تون.

فقير جو کلام سندس حيات ۽ اصول جي صحيح تصوير آهي. سندس تنها پسند طبيعت، عجزو نياز، صحيح مستي ۽ قلندري، علمي اشتياق ۽ ساده لباسي تصديق تي تصديق آهن.

دنيا کيس کيئن به چوي مگر سائين ثابت ٿو ڪري ته مان متشرع آهيان. شريعت جي اهميت بيان ڪندي فرمائي ٿو:

آن موحد که در عشق گرفت سر تصدق کند به نام شرع

سبحان الله! اهو وحدت جو پرستار، مبتلائي درد عشق هوندي به نام شرع تان سرگهورڻ جو سبق ٿو ڏئي!

حضرات! مان مٿي پنهنجي سنڌي مست کي سياستدان کوٽي چڪو آهيان ۽ ان اهم خيال کي، سوانح حيات پيش ڪندي، دوران بيان ۾ ڳجهارت طور بيان ڪري سامعين تي سچل جي سياستداني مڙهڻ کو نه ٿو چاهيان. بلڪ ان لاءِ مڪمل دليل عرض آهي.

نه وساريو وڃي ته، سچل سرمست ان وقت جو شاعر هو، جڏهن ڏارين يعني انگريزن، هند ۽ سنڌ ۾ نوان پير رکيا هئا ۽ هي فقير جو واليان سنڌ (تالپرن) جو هم وطن ۽ ڪن جو مرشد پٽ هو. تنهن کي ضرور ان شيءِ جو بروقت علم ٿيو هوندو. ڪمال اهو آهي جو باوجود روحاني کلام گوئي ۾ مست هئڻ جي، باوجود ساز سرودن جي ڏن ۾ رهڻ جي، هي مست آزادي، عوام، ملڪ، قوم ۽ غير جي زيانڪار تسلط کان ڪڏهن به ناآشنا نه هو. جنهن شيءِ کي هندستان جي گهٽن مدبرن وساريو ۽ نه پروڙيو، هو ڏسي ٿو ته هي ڪنهن جي ٻيڙن ۾ چڙهي سمنڊ جهاڳي هتي گهڙيا آهن. فرمائي ٿو:

مڪڑي ڏٺم موج ۾، تنهن ۾ مير ملاح
لهر بحر جا حاڪم جاڻي شوريا وطن شاهه

هند ۾ سنڌ تي فلڪ نہ آٽِن، مارن ملڪ سپاهہ
وائڑا رکن تن مٽان، ويچارا ويساهہ.
آسرا اڏڻين جا، آهن منجهہ الله
ڏيئي پاند پناهہ، رکي ونندو راج کي.

عام و خاص جي غفلت ڏسي فقير الله کان امان ٿو گهري، ليکن بيتاب دل کيستائين خاموش رهي، آواز ٿي ڏئي: او غافل هوشيار ٿي. وطن جي آزاديءَ جو قدر جاڻ.

اولهہ سج نہ الهي، مٽان ٽئي ديہ
ميڑي ويندءِ مغربي، تاريکيءَ ۾ تير
چڏي ويندءِ چپرين. ڏونڏين سندا ڏير.

حضرات! آخري مصرع تي توجهہ ڏنو وجي تہ 150 ورهيہ اڳ غير جي قبضي جو خطرو بيان کندي، شاعر 150 ورهيہ پوءِ جي تصوير پيش کئي آهي، جنهن جي تصديق مان نہ بلڪ موجوده انقلاب اندر زمين جو هر رت رنگيل ذرو ڪري رهيو آهي.

زمانو ڪٽي ٿو ڪنهن کي سهي. سون ساراهون ڪيون تہ سون سهمان بہ ڏنا، ليکن اصول پرور مرد ڪٽي ٿو منزل مقصود کان منهن موڙي:

لوڪ سڃي جون سهمان، سڃو سهڻ آيو
مشتاقن کي محب جو چکن ٽيون چمان
بابو جهلي بره ڪنان تہ عشقان جهلي امان
مورن سندا سمان، سچل سي سها ٽيا.

انهيءَ ريت چيمگوين ۾ ڪشمڪش جي باوجود هي مرد محو عشق رهيو. تاريخ نويس لکن ٿا تہ پاڻ فرمائيندو هو تہ عطا تہ 105 سال زندگي ٿئي ها، پر پنهنجي قريب کي قريب ٽيڻ خاطر مان 15 سال اڳيرو روانو ٿيندس. پنهنجي اردو بيت ۾ فرمائي ٿو:

اس حال اپنے کی خبر کس کو سناؤں اے سجن!
جنجال ہے یہ زندگی مرنے میں مرا کام ہے ۔

آخر ٿيو بہ ائين ۾ هي بزرگ 90 ورهين جي ڄمار ۾ تاريخ 14 رمضان مبارک 1242هـ مطابق 1829ع ۾ راهہ عدم روانو ٿيو. سندس مقبرو درازن ۾ آهي، جتي اڄ تائين ان تاريخ تي ميلو لڳندو آهي. اسان وٽ بزرگ جي چڏيل چيز سندس تصنيفات آهي، جنهن جو هر لفظ اسان جي سنڌ جو شان بلند کندي کيس ۾ سندس نيلگون مقبري کي حيات جاودان ٿو ڏي.

قلندر بخش "نثار" مرزاپوري

درازن جو ديدار

سچل سرمست جي سالياني ميلي جو موقعو ويجهو هو. سنگتين صلاح ڪئي ته هلي سنڌ جي سڳوري صوفي، سچل سائين، جي درگاهه جو ديدار ڪري اچون ۽ ميلي جي موج وٺي اچون. سڀني يڪراءِ فيصلو ڪيو ته هي موقعو هٿان نه وڃائبو ۽ ضرور ميلي جو مزو وٺي ڏسبو. آخر چنڇر ڏينهن صبح جو سوير سنبري بسترا ۽ ٻيو ضروري سامان کڻي اچي سکر اسٽيشن تي پهتاسين. ٽڪيٽون وٺي اڃا پليٽ فارم تي پهتاسون ته ريل گاڏي ٻه ناز نخرا ڪندي اچي اڳيان بيٺي. بس مانجهي مڙسن جيان ٽپ ڏيئي گاڏيءَ ۾ ڏوکي پياسين. ڪن دوستن خاڪي ڪپڙا کڻي پهريا هئا سو ملٽريءَ جا نوان رنگروٽ پئي معلوم ٿيا. سامان سڙو ٽانيڪو ڪري ويناسين ته ٻه ٽي ڳوناٽا ماٺهو ڳوٽين ۽ ڳوٽرين سوڌا گاڏي ۾ ڏوکي پيا. پلا شهر جا رنگيلا نوجوان ڪيئن ٿا اهڙي گستاخي سهن ته ساڻن گڏ ڪي جهنگ جا جانور ويهن. اسان سان هڪ مذاقي دوست گڏ هو. ڄاڻيندو انگريزي جا فقط ٻه ٽي اکرهو مگر ڪم اهڙو ڪري ڏيکاريائين جو واهه! ڇا ڪيائين جو وٺي "گيٽ .... آئوٽ ... گيٽ ... آئوٽ ... " شروع ڪري ڏنائين. ويچارا ڳوناٽا اڻ پڙهيل آدمي انگريزي جا اکر ٻڌي وائڙا ٿي ويا ۽ پنهنجو سامان سنياڻي وڃي ٻيو گاڏو وسايائون. پوءِ ته پاڻ ۾ واه جي موج مچي ويئي. ڪنهن فلمي گانا شروع ڪيا. ڪوڪاٽ ڪٽي تار جو ڪم ڪرڻ لڳو. مطلب ته هر هڪ پنهنجو پارٽ بخوبي ادا ڪيو.

اهڙي ريت پاڻ پرچائيندي اچي "راڻيپور" اسٽيشن تي رسياسين. سمورو سامان خبرداريءَ سان لاهي پليٽ فارم ڪان ٻاهر ٽياسين ته هڪ سفيد ريش بزرگ اچي اسان سان مليو ۽ اسان کي وٺي وڃي ٽانگن تائين پهچايائين. پوءِ ته بگين ۾ بالم ٽي ويهي رهياسين. پلا سانت ڪري ويهڻ ۾ ته مزو ڪونه اچي. تنهن ڪري ٽانگي واري ڪان ويهي، درازن ۽ سچل بادشاهه بابت سوال پڇيم . هو به انهن ڳالهين ڪان ڪو پوري طرح واقف هو ۽ سربستو حال ڪري ٻڌايائين. ڏاڍي من کي موج اچي ويئي. پڇيومانس "ادا! ڪر خبر. درازن تي اهو نالو ڪيئن پيو؟"

چيائين: "صاحب! ڳالهه هيئن آهي ته فاروقين وٽ "دراز" نالي هڪڙو نوڪر هوندو هو، جنهن کي فاروقين سچائيءَ سان نوڪريءَ ڏيڻ سبب هڪ جاگير جو ٽڪر انعام ڏنو هو. دراز انهيءَ هنڌ کٽي پنهنجو ڳوٺ ٻڌو ۽ ائين ئي سندس نالي پٽيان ڳوٺ تي درازن جو نالو پئجي ويو." هي اهو ئي ڳوٺ آهي، جنهن کي اسانجي سهڻي سچل جي جنم جو شرف حاصل ٿيو. چيومانس، "پلا پر ۾ ڪو ٻيو ڳوٺ يا بستي آهي؟" چيائين، "هائو سائين! درازن جي اتر اولهه طرف "ڪاجن جو ڳوٺ هو، جو هينئر برباد ٿي ويو آهي." ائين ٿانگي واري سان رهاڻيون ڪندا اچي پنهنجي ماڳ پهتاسون. درازن جي درگاهه شريف استيشن کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي اتر اولهه طرف آهي. اسين هڪ سنڌي اسڪول ۾ لٿاسين. جو درگاهه شريف کان سڌ پنڌ تي هو، پوءِ يڪدم وڃي غسل ڪيوسين، پلا منهن مٿو مٽيءَ ۾ پرچي ويو هو، سو بنا غسل جي ڪيئن ٿي آرام آيو!.

شام جو پنجين بجي ڌاران درگاهه شريف ڏانهن وياسين. ڳوٺ جي لوڙهي اندر اسان جي سرمست عاشق جو عاليشان نيلگون ڪاشيءَ جو قبو آهي. جتي فياض فقير جي فيض واري لهر اڃا جاري آهي. سچن سچ چيو آهي:

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو.
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڏو مان.
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آڳهه ان جي. (شاهه لطيف)

پوءِ اسين درگاهه اندر سچل سائين جي مزارمقدس جو ديدار ڪرڻ وياسين. اندر ڪامل قربدار سان گڏ سندس والد "فقير صلاح الدين" سندس ڏاڏي "فقير صاحبڏني" ۽ سندس مرشد "پير عبدالحق" جون تربتون پڻ آهن. سندس پوين مان سخي قبول محمد جي تربت پڻ پنهنجي بزرگن جي پيراندي‌ءَ کان ڏاکڻي دروازي وٽ هڪ سنگ مرمر جي چوڪاٺ اندر نياز جو ثبوت ڏيئي رهي آهي. خليفي کان حال احوال ورتوسين. جنهن ٻڌايو ته اهو قبو اول رستم خان (والي رياست خيرپور) تعمير ڪرايو هو. سال 1922ع ڌاري سلطان سخي محمد جي ذوق شوق واري زماني ۾ سندس هندو مسلم طالبن گڏجي هي عجيب و غريب نيلرنگ ڪاشيءَ جو ڪم ڪرائي پنهنجي مرشد جي سچيءَ سڪ جو ثبوت ڏنو.

درگاهه شريف جو ديدار ڪري باهر آياسين. باهر هڪ وڏو شاهي انگاس بيٺل آهي. پوءِ آءٌ دوستن کان ڌار ٿي اتي جي هڪ طالب جي پرسان حال احوال ونڻ لاءِ وڃي ويٺس. پهريائين ته هيڪيس پئي ته ڪيئن ڳالهايان پر نيٺ دل ٻڌي ڪائنس چوڌهين جي ميلي بابت حال احوال ورتم.

هن ٻڌايو ته "سچل سرمست" جو جنم 1739ع ڌاري ٿيو هو ۽ سندس وصال 1829ع ۾ ٿيو هو. سندس چئي‌ءَ جو نالو "عبدالوهاب" هو. هو عاشق فقير هو ۽ شاعر پڻ اول درجي جو هو. ساري عمر حسن وارن جو حلقه بگوش ٿي رهيو هو ۽ "المجارن قنطرة الحقيقة" (يعني مجاز حقيقت جي پل آهي) پوري طرح ثابت ڪندو رهيو. سندس مذهب محبت هو. جيئن پاڻ چئي ويو آهي:

هندو مومن ناهيان، مان جوئي آهيان سوئي آهيان.

سندس گادي نشين فقير به پٽ ساڳيو رخ اختيار ڪيو آهي. جنهن ڪري درازن جي درگاهه گهٽن ماڻهن لاءِ چائنڪ چمڻ جو هڪ خاص آستان بنجي پيئي آهي. وڏيڪ چيائين: "اڄوڪو ڏينهن تاج پوشي جو آهي. صبح جو "پڙ چاڙهڻ" جو افتتاح ٿيندو. ڇا ڪندا آهن جو تربتن جي مٿان نوان ڪپڙا چاڙهيندا آهن. جنهن بعد "چونڪي" ٿيندي آهي. تنهن کان پوءِ سيئي "هو ... هو "جو آواز ڪري جهولندا آهن. پوءِ سائين جن جڏهن پنهنجا هٿ مٿي ڪندا آهن تڏهن سڀ خاموش ٿي ويندا آهن. بس پوءِ ته موج ڏسڻ وٽان آهي. وٽي هڪ ٻئي کي پيرين پوندا آهن ۽ عشق مبارڪ! عشق مبارڪ! جي وجود آفرين جي نعرن سان فضا کي معمور ڪندا آهن. انهيءَ مهل ماڻهن جي اندر مان دوئي دور ٿي ويندي آهي."

اها حقيقت هٿ ڪري مان وڃي پنهنجي دوستن سان گڏيس، جي پاڻ ۾ سچل سائين جون ڳالهيون ڪري پنهنجو من وندرائي رهيا هئا. شام جو ماني کائي وياسين مس ته هڪ طالب آيو ۽ اچي چيائين، "هينئر سماع ٿيڻ وارو آهي. اوهان کي سخي سائين سڏي ٿو."

سخي بادشاهه جو سڏ ٻڌي، اسين سيئي وڃي اتي ڪنا ٽياسون. بس پوءِ ته سنڌ جي سونهارن جون عجيب ڳالهيون "وايون" شروع ٿي ويون. هڪ ته مون کي اهڙي وٽي ويئي جو ور ور ڪري پئي اچاريم: "ٻاجهه پريا ٻانهيءَ تي... من پي کا مهر ڪجانءِ." ڳچ وقت سماع کان سرور حاصل ڪري وڃي پنهنجا پنهنجا بسترا مستطيل ڪياسين. ايا سمهياسين مس ته به ٿي درازي طالب اچي ڪنا ٽيا، جن پنهنجي واين سان اسانجو من مستانو ڪري ڇڏيو. گهٽي رات کان پوءِ ٿورو وقت سمهي سانت ڪئي سين.

صبح جو سوير اٿي تاج پوشيءَ جي زيارت لاءِ وياسين. انگاس جي هيٺان هڪڙو تختو ٺاهيو هئائون، جتي "سخي سائين" براجمان هو. پوءِ ڪن طالبن ڪافيون ڳائي سخي سائين تي نئون ڪپڙو وڌو. تاج پوشيءَ بعد سيئي طالب جهمريون پائي "هو.. هو" جو آواز ڪرڻ لڳا ۽ ائين ئي تاج پوشي خير خوبي سان ختم ٿي. درازن ۾ جي ڏسڻ جهڙا مڪيه هنڌ هئاسي ڏٺاسون. تنهن کان منجهند جي ماني کائي سيني سڃڻن کان موڪلائي گاڏيءَ ۾ چڙهياسين. اڪين اڳيان سنڌ جي سونهاري "سچل سرمست" جي دربار جو نوراني نظارو نظر پئي آيو. سچ ته هو اسان جي دفتر تي درج ٿي چڪو آهي. "دراز" حقيقتاً "راز جو در" آهي، جنهن ڪري اڄ به دل اوڏانهن پئي واجهائي.

قاضي علي مردان درازي

سچل سائين جا ادبي تبرڪات

سچل جو درجو شاعري کان نهايت بلند آهي. هو هڪ مفڪر، فلسفي ۽ ولي جي حيثيت رکي ٿو. سندس شاعري معاني ۽ بيان جي ظاهري علمن، ناهه نوهه ۽ آورد کان پاڪ آهي. سندس شاعري تبليغ ۽ تصوف جي اصولن جي ڦهلائڻ جو ذريعو آهي. روميءَ وانگر عوام جو شاعريءَ ڏانهن لاڙو ۽ رغبت ڏسي انهن جي دلچسپيءَ خاطر سچل شاعري اختيار ڪئي نه ته هو خود انهيءَ کان بيحد بيزار هو. جيئن چوي ٿو: "وڍي چڏ وڻ ته وڏائي جا، شعر چوڻ ۾ ناهه فقيري" سندس شعر کي بندش ۽ ڪوشش هيٺ لکيل ڪين آهي، پر هڪ سندس اندر جي اڇل ۽ پلٽ آهي، جنهن مان سندس عرفاني خيال، امنگ ۽ جذبات جي تازگي بکي ٿي. سندس شعر ۾ صوفي گروهه جي اعليٰ شاعرن جهڙوڪ: رومي، عطار ۽ احمد جام زنده پير جو جلال جوش ۽ جذبو موجود آهي. اعليٰ شعر وجداني هوندو آهي ۽ اها ڪيفيت سچل سائين جي شعر ۾ جهجهي آهي. منجهس حسن ۽ جمال جي ماڻن ۽ مظاهرن مان خالق ڏانهن ورڻ جا اهجاڻ آهن.

سندس شعر جو فلسفو نسورو وحدت الوجودي آهي ۽ هن ان جي تات ۽ ذڪر ڪيو آهي. سچل نهايت پرگو شاعر هو. سنڌي زبان کان سواءِ پنجابي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين جو پڻ بلند پايه شاعر هو. جيترو جملي شعر هن چيو آهي اوترو ڪنهن به سنڌي شاعر نه چيو آهي. سندس نظمي تصنيفن جو ذڪر هن طرح آهي.

سنڌي شعر

1. رسالو سچل فقير جو ٻن جلدن ۾ آهي. پهرين جلد ۾ سنڌي، سرائڪي، پنجابي ٻولين جون ڪافيون، غزل، جهولڻا، ريختا آهن. جن جو انداز هڪ هزار ٿي سو چاليهه آهي، ٻئي جلد ۾ ڏهه سي – حرفيون، پنجابي ۽ سرائڪي زبان ۾ هڪ سو پنجانوي پنجابي ڏوهيڙا آهن.
2. مرغ نامو، جنهن ۾ هڪ سو پنجويهه سنڌي ڏوهيڙا آهن.

3. وحدت نامو. جنهن ۾ هڪ سواسي مصرعن وارو يڪو سنڌي ڏوهيڙو آهي. انهيءَ کان سواءِ ادائي سو کن سسئي جا سنڌي ڏوهيڙا آهن. نوري ۽ جام تماچي بابت منو سو کن ڏوهيڙا آهن. روجهن بابت سترهن سنڌي ڏوهيڙا آهن ۽ پورب جا بيت اٽاويهه. وحدت جا بيت پنجٽيهه ۽ ان کانسواءِ سندس جهولٽا مشهور آهن.

پارسي شعر

پارسي ۾ سچل سائين جو تخلص "خدائي" ۽ "آشڪار" هو. ان ٻوليءَ ۾ سندس هيٺيان ڪتاب آهن:

1. ديوان آشڪار. جنهن ۾ غزل، رباعيون ۽ ٻيا شعر جا قسم شامل آهن. ديوان جي شروعات هن شعر سان ٿئي ٿي:

بادشاها خلعت از عشق پوشاني مرا جرعءِ از جام توحيدت بنوشاني مرا.

اِن مان بنهه عطار رحه جو جوش ۽ جلال ظاهر آهي. ديوان آشڪار پهريون بار ميرعلي مراد جي سعي سان نهايت خوشخط نموني ۾ ڇپجي نڪتو ۽ ٻيهر به ڇپيو آهي.

2. سچل سائين جو باقي ڪلام مثنوين تي مشتمل آهي، جي عطار جي منطق الطير ۽ مثنوي معنوي رومي جي طرز ۽ ساڳي بحر ۾ ڇپيل آهن. سچل جون مشهور مثنوبون هي آهن:

1. راز نامو. جا مثنوي رمز، ڪنايه ۽ تمثيلي نوع ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ معرفت جون عجيب پرولبون ڏنل آهن.
2. رهبر نامو. هي مريدن جي هدايت ۽ تلقين ۾ ڪين "صراط المستقيم" ٻڌائڻ ۽ راه ضلالت کان بچائڻ لاءِ لکيو ويو آهي.
3. -4 سوزنامو ۽ گدازنامو. جن ۾ عشق ۽ فراق جي ڪيفيت ڏنل آهي.
5. وصلت نامو. هن ۾ محبوب جي ملڻ ۽ ان جي قرب حاصل ڪرڻ لاءِ ڏس ڏنل آهن.
6. تارنامو. جنهن ۾ لوهه جي تار جي اصليت کي منظوم ڪيو ويو آهي. اهو رومي جي ياد ڏياري ٿو.

خشک تار و خشک چوب و خشک پوست از کجامي آيد از نغمءِ آواز دوست.

سچل جو پارسي ڪلام نهايت شسته ۽ پڪو آهي. ٻنهيءَ رخن يعني نوع ۽ معنيٰ جي نقطه نظر کان، سندس پارسي ڪلام ۾ به صوفياڻي فلسفي وحدت الوجود جو گهڻو ذڪر آهي. سنڌي ۽ پارسي زبان جي شاعريءَ کان سواءِ سچل کي اردو زبان تي به چگو عبور هو. جنهن جو ثبوت سندس اردو غزل آهن. جن ۾ انهيءَ وقت جي مروج ٻولي ڪتب آندل آهي. سرائڪي جيئن ته ميرن جي گهرو زبان هئي ۽ ميرن سان سچل جا رستا هئا، تنهن ڪري ان زبان ۾ به سچل ڪافي بلند پايه شعر چيو آهي. سچل جو شعر رواجي شعر نه آهي، بلڪ هڪ الهامي حيثيت رکي ٿو. جو

انسان کي هن عالم رنگ وبو کان آزادي بخشي کليل فضا ۽ خالق ڏانهن رجوع ڪري ٿو. سچل کي پنهنجي شعر جي خود خبر هئي، جيئن چيو اٿس:

اين سخن ڪے شعر باشد اي پسر! اين همه ذکر است آيات و خبر

(اي پٽ! هي مجازي شعر نہ آهي، پر توحيد، قرآني آيات ۽ حديث تي مبني آهي)

جيئن پٽائي صاحب چيو آهي تہ:

جي تو بيت پانيان سي، آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

پير علي محمد "اظهر"

سچل سرمست

مان نہ ڪو اهڙو اديب آهيان، نہ وري ڪو مضمون نگار! پر البت سچل سائين جي ڪلام سان دل اٽم. وقتي سچل جي ٽور پوندي آهي تہ درازن جو ديدار ڪري، روح راضي ڪندو آهيان. رسالي "نئين زندگي" ۾ ڪجھ لکڻ جو شوق ٿيو تہ جيئن ٻيڙي ڪپھ جون پوٽيون ڪٽي اچي حضرت يوسف جي خريدارن ۾ نالو ڳٽايو هو. تيئن آءٌ بہ هِتان هُتان ٻہ ٽي لفظ هٽ ڪري "سچل سرمست نمبر" ۾ نالو ڳٽايان. انهيءَ مراد ماڻڻ لاءِ سچل سائين جو احوال ڏيان ٿو.

سچل سائين جو نالو عبدالوهاب هو. پر ڪيس سچيڏنو. سچو ۽ سچل بہ چوندا هئا. ڪيس ڪي سخي، ڪي صوفي ۽ ڪي مست فقير بہ چوندا آهن. فارسي ڪلام ۾ سندس تخلص "آشڪار" ۽ "خدائي" آيل آهي.

سنڌي ڪلام ۾ سندس نالو "سچل" ۽ "سچو" تخلص طور ڪم آيل آهي. سندس درگاهہ خيرپور رياست جي مشهور ڳوٺ درازن ۾ آهي. سندس جنم جي تاريخ تي اختلاف آهي. ڪي چون ٿا تہ سندس جنم جي تاريخ سال 1152هجري آهي، پر سندس وفات جي تاريخ 14 ماهہ رمضان سن 1242هجري مطابق 1829ع آهي. 14 ماه رمضان تي سندس درگاهہ تي هميشہ ورسي ملهائي ويندي آهي.

سچل سائين حضرت عمر فاروق ٻئي خليفي جي چاليهين پيڑهي مان هو. شيخ شهاب الدين فاروقي محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيو. ڪيس سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. جتي سندن پنجويهہ پيڑهيون گذريون. دادو ضلعي ۾ جيڪو نوريجن جو ڳوٺ آهي سو بہ مخدوم نورالدين فاروقي ٻڌايو آهي، جو شيخ شهاب الدين فاروقي جي چوويهين پيڑهي مان هو. ان جو اولاد سيوهڻ مان لڏي وڃي ڪاڪڙي ۾ وينو. جتي سخت عبادتون ۽ رياضتون ڪري رب کي ريجهائي فقيري ۽ بزرگي ۾ نالو ڪڍيائون.

سچل سائين جو ڏاڏو سخي صاحبڏنو هو، جنهن کي خواجہ محمد حافظ بہ سڏيندا هئا. سو

وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. انهيءَ بزرگ هڪڙي ڪبڙ جي ويڑهه ۾ چاليهه چاليها ڪڍيا هئا. پڇاڙيءَ واري چاليهي مان شاهه پٽائي گهوٽ اچي ڪڍيس.

انهيءَ جاءِ تي هاڻي تخت ٺهرائي چڏيو اٿن، جنهن تي سچل سائين جي ورسي جي ڏينهن سجاده نشين وهندو آهي. تڏهن ان کي به خاص فقيري جو ويس پهرائي ويهارينداآهن. اهو تخت قبي جي اپرندي طرف آهي، جو مونکي هڪ ٻڍڙي سيد فقير جڏهن آءٌ پهرين دفعي زيارت تي ويو هوس تڏهن ڏيکاريو هو ۽ مٿين حقيقت به مونکي ان ٻڌائي هئي.

سخي صاحبڏني کي به فرزند هئا. وڏو سچل سائين جو والد ميان صلاح الدين ۽ ننڍو سخي عبدالحق سائين هو. سخي صاحبڏني جي مسند جو حقدار ميان صلاح الدين هو. ليڪن سخي صاحبڏني کي سندس مرشد سيد عبيدالله شاهه جيلاني حڪم ڪيو ته سخي عبدالحق کي مسند تي وهارجو. شايد اڳتي هلي سچل سرمست هڪ مست ۽ مسند نشينيءَ جي معاملن کان دور رهندڙ ۽ بي اولادي پيدا ٿيڻو هو ان ڪري بزرگن اهو انتخاب ائين ڪيو هجي.

سچل سائين ننڍي هوندي ئي يتيم ٿي پيو. تنهن ڪري سندس پرورش سندس چاچي سخي عبدالحق ڪئي. سخي عبدالحق سچل سائين جو چاچو به هو ته سهرو به هو. پگڙدار رئيس به هو ته مرشد به هو. سچل سائين جي استاد جو نالو حافظ عبدالله هو. جنهن جي مزار قبي جي ٻاهران آهي. سچل سائين حافظ قرآن به هو ۽ فارسي ۽ عربي به گهٽي پڙهي هئائين ۽ جڏهن شاهه پٽائي درازن ۾ سچل کي ڏنو تڏهن فرمايائين: "هنکي وڏيڪ علم جي ضرورت ڪانهي. اسان جيڪو ڪنو چاڙهيو آهي تنهن جو ڏيڪ هي لاهيندو".

سچل فقير ظاهري طرح مريد کونه ڪندو هو. پر سندس فيض جي درياءَ جي پالوٽ ڪيئي ڪلر ساوا ڪري چڏيا. ڇا هندو ڇا مسلمان، جيڪو ٿي آيو سو ٿي اگهيو. سندس طالبن مان نانڪ يوسف، يعقوب، محمد صالح، قربان علي، ڪيمون واٽيو، دين شاهه، پير شاهه، حيدرشاهه، حسن شاهه، خير شاهه، گهرام، شير علي، محمد صديق، محمد عثمان چاڪي ۽ ٻيا به ڪيترا فقير مشهور آهن.

چون ٿا ته به ٿي دفعا سچل سائين بيمار ٿي پيو هو. حڪيمن کيس لاعلاج ڪري چڏيو. پر کي ڳائٽيون عورتون سندس مجرو پرڻ آيون، تن کي ڏسي چيائين ته اجهي اسانجا طبيب اچي ويا. جن جي راڳ ٽي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بيماري پٽ چڏي ويس. خوش ڇگو پلو ۽ نوبنو ٿي ويو. اهو الائي ڪهڙو اسرار هو؟

سندس وفات جي تاريخ جو بيان ڪري آيا آهيون. سچل فقير جو جيڪو قبو آهي، ان ۾ سندس ڏاڏي سخي صاحبڏني، سخي عبدالحق ۽ ٻين جون تربتون آهن. اهو قبو مير رستم خان تالپر ٺهرايو هو. سخي قبول محمد سائين ان کي وڏيڪ نزاڪتدار بڻارايو. عاليشان سهڻو قبو آهي، جنهن جي سوني نيل سج جي ڪرڻن ٽي جهلڪا ۽ تجلا پئي ڏيندي آهي. قبي جو پهريون پاسو البت سينگار جي مرمت گهري ٿو.

سچل جي هٿ جون ڪي شيون جهڙوڪ: عصا، تنبور ۽ مچي جي هڏي جي بيراڳڻ ۽ لوهه جي بيراڳڻ سندس طالبن وٽ هيون، جي انهن جي پوين وٽ ايا سوڏو موجود آهن. فقير صاحب نهايت نهنو، رحمدل، سادي پوشاڪ ڪندڙ ۽ سادو ڪاڏو ڪائيندڙ هو. ننڍ ٽوري ڪندو هو. اڪثر مراقبي ۾ رهندو هو. پهريائين روزي نماز جو ڏاڍو پابند هو پر جڏهن موج مستي ۾ آيو، تڏهن روزا ۽ نمازون چڏي ڏنائين. سندس خواهه سندس وڏن جو مذهبي فرقو سني هو. نشي پتي ڪان بالڪل پري هو ۽ هڪڙو لاطمع درويش هو.

پاڻ راڳ ڳائيندو ۽ يڪتارو به پاڻ وڄائيندو هو. راڳ ۾ نچندو هو. پهريائين سخي صاحبڏني جو ڪلام چوندو هو، پوءِ وري پنهنجو ڪلام چوڻ لڳندو هو. سڄي عمر ۾ فقط هڪ يا ٻه دفعا ٿهڪ ڏي ڪليائين. جهڙو نالو هوس سچو تهڙو هو سچو، حقيقت ڪڏهن به نه لڪايائين. سندس ڪلام تصوف سان ٽهيو پيو آهي. پارسي، سرائڪي، پنجابي ۽ سنڌي هولين ۾ سندس ڪلام آهي. جهڙي طرح پٺائي گهوٽ پنهنجو ڪلام ڪراڙ جي ڏنڊ ۾ هوڙائي چڏيو هو. تهڙي طرح سچل سائين به پنهنجو ڪلام هوڙائي ۽ ساڙائي چڏيو هو، انهيءَ ڪري ته پويان منهنجو ڪلام سمجهي ڪو نه سگهندا ۽ گمراهه ٿي ويندا. تنهن هوندي به جيڪو سندس وفات کان پوءِ ڪلام هٿ آيو ان جو انداز بيتن سوڏو نو لک، چٽيهه هزار، ڇهه سو ۽ ڇهه آهي، جنهن ۾ سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابي ڏوهيڙا، سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابي ڪافيون، سي حرفيون، پنجابي زبان ۾ وحدت نامو، مرغ نامو، مرثيا ۽ راز نامو آهن.

پارسي ۾ ديوان آشڪار، راز نامو، گداز نامو، عشق نامو، رهبر نامو، غزل، رباعيون ۽ مثنويون آهن. سندس ڪلام مان رساله سچل سائين بن پاڳن ۾ هريسنگهه چپايو هو ۽ آغا صوفيءَ وارو "سچل سرمست" به چپايل آهي.

پارسي ۾ ديوان آشڪار ۽ رازنامو چپايل آهن. وڌيڪ سنڌي ڪلام ڪي سنڌ گورنمينٽ نئين سر چپائڻ لاءِ "سنڌي ادبي بورڊ" تي ڪم رکيو آهي، جنهن ۾ سردار بهادر محمد بخش "ڪوجهي" جي خاص دلچسپي آهي. اميد آهي ته علامه انصاري جي ڪوشش سان سچل سائين جو سنڌي ڪلام سهڻي نموني ڇاپجي رساله سچل فقير جي نالي سان علم و ادب جي شوقينن جي دل ٺاريندو.

جهڙيءَ ريت منصور کي ملن سوريءَ تي چاڙهيو هو، تهڙيءَ طرح سچل کي به ڪونه چڏين ها. پر اهڙي پجندي ڪانه هين، شريعت وارن جي شايد ساٿس ناسازي هئي، سچل فقير لاءِ جيڪي ماٺهن جا رايا هئا، سي پاڻ هڪڙي شعر ۾ بڌايا اٿس. پچاڙيءَ ۾ سندس قصو ختم ڪندي سندس شعر پيش ڪريان ٿو:

كافي

كو كيئن چوي، كو كيئن چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.
كو مومن چوي، دڙ ڪافر چوي، كو جاهل نالو ظاهر چوي،
كو ساحر چوي، كو شاعر چوي، آءُ جو ئي آهيان سوئي آهيان
كو پنڌ چوي، كو سنت چوي، كو باغ بهار بسنت چوي،
كو ميراثي كلونت چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
كو ملان چوي، جو قاضي چوي، كو مفتي چوي، كو غازي چوي،
كو روزيدار نمازي چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
كو رد چوي، كو بد چوي، كو بيديني بيحد چوي،
كو مشرڪ كو ملحد چوي، آءُ جو ئي آهيان سوئي آهيان
كو صورت ۾ انسان چوي، كو شر پريو شيطان چوي،
كو بزرگ كو مستان چوي، آءُ جو ئي آهيان سوئي آهيان
كو مست كوئي سرمست چوي، كو راهه دين درست چوي،
كو عاشق روز الست چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
كو زير زبر زنديق چوي، كو راهه نما رفيق چوي،
كو غرقي منجهه عميق چوي، آءُ جو ئي آهيان سوئي آهيان
كو رنگ كوئي بي رنگ چوي، كو مستو مست ملنگ چوي،
كو ننگي كو بي ننگ چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
كو حالي چوي، كو قالي چوي، كو خاص الخاص خيالي چوي،
كو ازلي مست موالي چوي، آءُ جو ئي آهيان سوئي آهيان
كو شڪ چوي، ناحق چوي، كو بات اها برحق چوي،
مونكي مرشد عبدالحق چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
كو خاص چوي كو عام چوي، كو پختو چوي كو خام چوي،
كو "سچو" سچو نام چوي، آءُ جو ئي آهيان سوئي آهيان.

شيخ عبدالرزاق "راز"

سچل سرمست - منصور ثاني

منصور حلاج جو روح تن صدين کان بعد خواجہ فريد الدين عطار جي ذات گرامي ۾ جلوہ افروز ٿيو. منصور جي "نعرہء اناالحق" ۽ سندس "وحدت الوجود" جي نظريہ جي خواجہ عطار تشهير واشاعت ڪئي آهي. اسانجي وطن جي سرمست، انهيءَ منصوري شراب ناب جي هن ملڪ ۾ دعوت عام ڏيئي، خواجہ عطار جي مسلڪ جي تبليغ ڪئي، جنهن ڪري ڪيس منصور ثاني سڏجي تہ ڪوبہ واڌاءُ ڪو نہ ٿيندو. سچل سائين خواجہ عطار کان روحاني فيض حاصل ڪيو. فرمائي ٿو:

اي دلا خوشبو زشه عطار در جانم رسيد

سندس والهانہ عشق جو ٻيو مثال هينئين شعر مان ظاهر آهي، جنهن ۾ پنهنجي روحاني مرشد جي وطن مالوف جو انتهائي جذبءِ شوق ۽ عقيدت سان ذڪر ڪري فرمائي ٿو:

اي صبا! با ما حقيقتِ شهرِ نيشاپور کن،
ميکنم قربان بران خاکِ زمين اين جان وتن.

سچل سائين، هڪ عالم باعمل ۽ قرآن مجيد جو حافظ هو. سندس پرورش انهيءَ خاندان ۽ ماحول ۾ ٿي جتي، درس و تدريس جو دور دوره هو، جتي شريعت ۽ طريقت جي اصولن جي پابندي سان تعميل واشاعت ڪئي ويندي هئي. اهڙي گهراڻي سان تعلق رکندي، سچل شريعت جون منزلون طئي ڪندي، بتدريج معرفت الاهي جي درجي تي پهچي، "همه اوست" جو نعرو بلند ڪري مولانا روم جي هينئين شعر جي باريڪ نڪتن تي عمل ڪري ٿو.

آئينهءِ دل چون شود صافي و پاک،
نقشها بيني برون از آب و خاک.

جيئن تہ امام غزالي رحہ فرمايو آهي: "انسان کي خدا پنجن جسماني حواسن کان سواءِ هڪ روحاني حواس بہ عطا فرمايو آهي۽ اهوئي "روحاني حواس" آهي، جنهن سچل سائين جهڙي متشرع عالم کي "ميزنم نعرءِ اناالحق آشکار" جو سر الاهي جهونگارڻ لاءِ مجبور ڪيو."

اهو ساڳيو سُر، اهو ساڳيو ترنم، اها ساڳئي لئي، اهو ساڳي نظريو، اهو ساڳيو جذبو ۽ جوش، اهو ساڳيو جولان ۽ جلال، جيڪو صديون اڳ "منصور" جي ذات ۾ ڪار فرما ٿيو هو، جنهن الوهيت ۽ عبوديت جو پردو چاڪ ڪري انهن جو امتياز مٽائي ڇڏيو، سو اسانجي سنڌ جي شهسوار سچل سرمست جي وجود ۾ جلوه افروز ٿيو، جنهن ڪيس بادشاهي چيست وليڪن خود خُدائي ميڪنم چوڻ لاءِ آماده ڪيو. هن عجيب شان و شوڪت ۽ بلند حوصلي جو مظاهرو ڪيو آهي، جنهن نظريه ڪي اهڙن عظيم الشان شخصن پيش ڪيو، تنهن جو مختصر احوال هيٺين ريت آهي.

اهو نظريو تصوف جي نالي سان مشهور آهي. انهيءَ عقيدي جي علمبردارن ڪي صوفي سڏيو ٿو وڃي. اهو لقب ٻي صدي هجري جي ختم ٿيڻ کان اڳ رائج ٿي چڪو هو. سڀ کان اول اهو لقب ابو هاشم صوفي کي نصيب ٿيو هو جو 10 هجري ۾ وفات ڪري ويو.

تصوف لفظ جي اشتقاق متعلق ڪيترين خيال آرائيون ڪيون ويون آهن، جن جو ذڪر ڪيترن ئي محققن ڪيو آهي، انهيءَ نموني تصوف جي حقيقت ۽ ماهيت ۾ گهٽو اختلاف آهي. ان بابت امام قشيري جا پيش ڪيل قول هي آهن:

1 – ذوالنون مصري، "صوفي اُهي آهن جن سڀ ڪجهه ڇڏي خدا کي حاصل ڪيو آهي."

2 – حضرت جنيد بغدادي، "جنجو مرڻ جيئڻ فقط خدا لاءِ هجي."

3 – منصور حلاج، "اهو شخص نه جنهن کي ڪوئي پسند ڪري ۽ نه هو ڪنهن کي پسند ڪري."

انهيءَ نموني ٻين ڪيترن بزرگن پنهنجي خيال موجب تصوف جي مُنزلن مان ڪنهن خاص منزل جي تعريف بيان ڪئي آهي.

تصوف در حقيقت، زهد و فقر ۽ ڪن ٻين خاصيتن جو مجموعو آهي. زهد و فقر جيئن وڏندو ويو، تيئن روحاني وصفون پيدا ٿيندين ويون. امام غزالي جو خيال آهي ته تصوف، شريعت وانگر ٻين شين جو مرڪب آهي، يعني علم و عمل، پر تفاوت ايترو آهي جو شريعت ۾ علم کان بعد عمل پيدا ٿيندو ۽ تصوف ۾ عمل کان بعد علم پيدا ٿيندو آهي، القصه، صوفين جا علم دل کي صاف ۽ شفاف بنائين ٿا، جنهن تي سموري معلومات نقش ٿيو وڃي. جيئن مولانا مرحوم فرمايو آهي:

آن صفاييءِ آئينه وصف دل است،

صورتِ بي منتها را قابل است.

منصور لاءِ متقدمين ۽ متاخرين جا رايا ڪجهه به هجن، ليڪن خواجه عطار پنهنجي عقيدت جا گل هن جي بارگاهه ۾ چاڙهي سندس تعريف ڪئي آهي. ساڳي نموني سنڌ جي سرمست، منصور جي غير معمولي شخصيت کان وقت بوقت متاثر ٿي، استغراق جي حالت ۾ "روا باشد انا الحق از درختي، چرا نبود روا از نيڪ بختي" جو اعلان ڪيو آهي. ايڏو وڏيڪ چئي نموني پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ عقيدت جو ثبوت پيش ڪيو اٿس:

اصل کون منصور جو، انهي کاڻيو ڪنڌ ڪٽوري،
نشي منجهه نواز تي گهوريون هي سر گهوري.

الستي مي جي خمار، هستي ۽ نيستي جون حدون مٽائي ڇڏيون. انهيءَ نشي عبوديت ۽ الوهيت جو امتياز ختم ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن هزار جانيون هجن ته به ان نشي جي خمار ۾ قربان ڪري ڇڏجن. اهڙي قرباني ڪري ئي زندگي جو معراج حاصل ٿئي ٿو. سچل سائين منصور کي انهي شراب ناب جي خمار ۾ سرشار ڏٺو آهي، جنهن جي تصديق لاءِ ثابتي پيش ڪري ٿو:

سچو سوريءَ سي وڃن، جي مئي ۾ ٽيا مدهوش.

شاعري زندگي جو آئينو آهي، زندگي جي تصوير آهي، زندگي جو نقش آهي جنهن سان زندگي جي مختلف مسئلن جو جائزو ونڊي سگهجي ٿو. "سوري ۽ مئي ۾ مدهوش" لفظن ۾ هڪڙي عظيم شخصيت جي، انهيءَ وقت جي ماحول جي نقشي ۽ تصوف جي فلسفي جي عڪاسي ڪئي ويئي آهي. "سوري" ۽ "مئي" جو مختصر بن لفظن ۾ جڙ ساري ڪائنات کي سمايو آهي ۽ هڪ عظيم نصب العين جو اعلان ڪيو ويو آهي، جنهن شاعري ۾ تجربن ۽ جذبن جي نمائندگي هوندي، انهي شاعري مان شاعر جي نظريي، عقيدي، مقصد ۽ اصول جي پڌرائي ٿي سگهي ٿي. ميٿيو آرنولڊ چوي ٿو ته "شاعر جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي جو هو پنهنجي خيالن کي زندگي سان نهايت خوبي ۽ صداقت سان ملائي ڇڏي ٿو." سچل سائين پنهنجي نظريي ۽ مقصد کي نهايت سهڻي نموني ۽ ديانتداري سان پنهنجي شاعري ۾ جذب ڪري ڇڏيو آهي. ظاهر آهي ته سندس ڪلام باوجود گهڻين ٻولين هڻڻ سبب، پنهنجي مقصد جو علمبردار آهي ۽ اهوئي روح، فارسي، سرائڪي، اردو ۾ به ساڳي نموني نمايان آهي جو سنڌي ٻولي ۾ ڪارفرما آهي. پنهنجي وڏي روحاني رهبر، منصور حلاج جو ذڪر ۽ منصوري مسلڪ جو اعلان واضح نموني سندس سرائڪي ڪلام ۾ جا بجا ڏسڻ ۾ اچي ٿو:

ويڪو منصور ڪون عشقي، ڪيتا سردار آويزي

ايا به منصوري راز کي وڌيڪ ظاهر ڪري، مسئلہ وحدت الوجود جي پيدن کان واقف ڪري ٿو ۽ پنهنجي مرشد اعليٰ کي "نعرءِ انا الحق" بلند ڪرڻ ۾ حق بجانب سمجهي پنهنجي حق ادائي جو ثبوت پيش ڪري ٿو:

حَقَ، انا الحق ٿي چيو، پر منجهه نظر منصور هو

معرفت الاهي جو ڪيڏو نہ مشڪل مسئلو آهي، جنهن تي دفتر لکي ٿا سگهجن. سچل سائين انهي ڳوڙهي مسئلي کي ٿورن لفظن ۾ ماپائي هڪ اهڙو انڪشاف ڪيو آهي، جنهن جي اميد، فقط ڪنهن غير معمولي شخص ۾ ئي رکي سگهجي ٿي. مٿين مصرعي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪهڙي ڪيفيت ۽ ڪهڙي حالت هيٺ اهڙي نموني جا لفظ نڪتا هوندا. برابر اهو استغراق ۽ بي خودي جو عالم هوندو. ورنہ هڪ ڪامل عالم ۽ هڪ باشرع حافظ اهڙي جرئت ڪٽي

ٿو ڪري سگهي. ڪيڏو پختو دليل ۽ ڪيتري حجت پيش ڪري، "انا الحق" چوڻ واري منصور ۾ بي گناهه ثابت ڪيو ويو آهي. هيٺين شعر پڙهڻ سان ڪنهن مست درويش جي وجداني ڪيفيت اکين آڏو اچيو وڃي. انداز بيان ۾ ڪيترو زور ۽ مقصد ڪي خوش اسلوبي سان پيش ڪرڻ سچل سائين جهڙي عظيم انسان جو ئي ڪارنامو ٿي سگهي ٿو.

ايتري حقيقت بيني ۽ حق شناسي، ايتري جرئت ۽ جوش، ايتري مستي ۽ مدهوشي دنيا جي ڪن ٿورن شاعرن ۾ ملي ٿي سگهي. دنيا ۾ هڪ عجيب و غريب ڪيف ۽ لذت جي لهر ڊوڙي وڃي ٿي. جڏهن فرمائي ٿو:

جنهن دل پيتا عشق دا جام، سا دل مستو مست مدام،
سولي‌ءَ تي منصور چڙهايا، انا الحق ڪلام.

نه فقط ايترو، پر اڳتي هلي منصوري موج زياده عيان ٿئي ٿي ۽ منصوري درياهه مستي ۾ اچي وڃي ٿو. بي باڪي ۽ بي خوفي، جوش ۽ ولولو، جنون ۽ مستي جو زنده ثبوت ملي ٿو. فلسفءِ همه اوست، مسئلہ وحدت الوجود جو راز افشا ٿئي ٿو. منصوري روح وجد ۾ اچي وڃي ٿو. منصوري شان وڏيڪ ظاهر ٿئي ٿو. رموز ڪائنات جا سڀ راز فاش ٿي وڃن ٿا. عالم هست و بود جي حقيقت آشڪار ٿيو پوي. عبد ۽ معبود جي ڇاڻ پوي ٿي. الوهيت ۽ عبوديت جا پردا کڄي وڃن ٿا. الله ۽ بندو هڪ ٿي وڃن ٿا.

الله الله ڇو ڇوين، پاڻ ئي الله ڇاڻ

مولوي محمد صادق راڻيپوري

سچل سر مست _ سنڌ جو منصور

اسم مبارڪ عبدالوهاب تخلص "آشڪار"، "خدائي"، "سچل"، "سچو" ۽ "سچيڏنو"، نسباً فاروقي، مشرباً صوفي قادري 1125 هجري مطابق 1739ع ڳوٺ دراز ۾ جائو هو. انهيءَ سال نادر شاهه ايراني دهلي فتح ڪري سنڌ کي اچي والاريو. جڏهن ميان نور محمد صاحب ڪلهوڙو 1152هجري مطابق 1752ع ۾ وفات ڪئي هئي، تڏهن سنڌ جي هن مايه ناز قادر الڪلام شاعر جي عمر چوڏهن سال هئي ۽ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي وفات وقت سندس عمر ويهن سالن جي هوندي. سچل سائين ايجا صغير هو تہ سندس والد ميان صلاح الدين رح وفات ڪري ڪيس داغ جدائي جو ڏنو. پوءِ سندس چاچي خواجه عبدالحق رح ڪيس پنهنجي زير سايه تعليم ۽ تربيت ڏني. پهرئين حافظ عبدالله رح وٽ ڪيس قرآن شريف ياد ڪرايائون، جنهن سال 1232هجري ۾ وفات ڪئي. ان جي قبر قبي اڳيان آهي، جنهن تي سچل سائين جي چيل تاريخ وفات ڪاشي جي سر تي اکريل آهي.

خادمِ صاحبان اهل الله محرمِ رازِ عارف الله
عرف اهل قريشي صديقي واصلي بحرِ ذات الا الله
جستم ازعقل سالِ تاريخش، گفت از اسم حافظ عبدالله. (1232هجري)

ان کان پوءِ ڪيس سندس چاچي خواجه عبدالحق رح پاڻ فارسي ۽ عربي جي تعليم ڏيئي فارغ التحصيل ڪيو ۽ ان سان گڏ تصوف ۽ معرفت جي تڪميل ڪرائي خرقهءِ خلافت ڏيکيائينس، جنهن ڪري ڪيس خليفو ڪوٺيندا هئا ۽ هي مشهور آهي تہ ڪيس سندس مرشد سچو ۽ سچيڏنو ڪري سڏيندو هو. انهي ڪري ڪيس اهو نالو ڏاڍو پسند هو. انهي ڪري سنڌي زبان ۾ "سچو" "سچل" ۽ "سچيڏنو" تخلص اختيار ڪيائين. سندس مرشد 1214هجري ۾ وصال ڪيو. پاڻ سندس تاريخ وفات جو هيٺيون قطعو موزون ڪيائين جو هن وقت سندس تربت شريف تي ڪاشيءَ جي سر تي اکريل آهي:

مرشدِ کامل حقیقت یار وارثِ دین احمد مختار
گوهر بحرانه واحد لیس في الدار غیره دیار
سال تاریخ اوست مظهر حقِ میم ما ومن از میان بردار (1214هـ)

سندس تذکره نویسن لکیو آهي ته، مرزا علي قلي خان، مرحوم میر سهراب خان ۽ میر رستم خان تالپر سچل سائین جا بیحد معتقد هئا. سندس ئي وقت ۾ درگاهه شریف جو قبو پهریون میر رستم خان ٺهرایو، جنهن جي تاریخ هینئین ریت کنهن شاعر فارسي نظم ۾ موزون کئي:

والیءِ سنده میر رستم خان، ابن سهراب خان عالي شان
صاحبِ کرم و صاحبِ وسعت، راضي است دائما برو رحمان
هست درگاه حضرت قادر، بارگاه رفیع مثل جان
در برش خلعت مریدي شد، بر سرش قائم است تاجِ شهان
اوبنا کرد گنبذِ اخضر، هست آن روضه بهشت نشان
عام و خاصان جبه سایه اند، سر سر بمالند همچو صد خاقان
هست آن میر طالب المولیٰ، داد او را خدا بلند مکان
مي کند هرکه آستان بوسي، همه مشکل برو شود آسان
سال تاریخ جستم از خالق، گفت روضه مقدس برهان. (1225هجري)

مون یارهین سنڌي ادبي کانفرنس میهڙ ۾ هڪ مضمون موکلیو هو، جنهن ۾ سنڌي زبان جي ترقي ۽ بقا جي لاءِ هيءَ رٽ پیش کئي هیم ته سنڌ جي قدیم شاعرن جو کلام سنڌ جي کنڊ کڙڇ مان هٿ کري سندن سوانح حیات سان گڏ سندن نثر ۽ نظم جي خوبین تي لکجي ته انهن پنهنجي پنهنجي دور ۾ سنڌي ٻولي ۾ کهڙیون کهڙیون نزاکتون ۽ جدتون پیدا کیون. انهيءَ اهم کم جي لاءِ سنڌ جي اهل قلم ۽ اصحاب سخن ۽ فاضل حضرات جي هڪ کمیٽي ٺاهي وجي. جنهن جو سپ کان پهریون فرض ۽ کم هي ٿئي ته شاهه عبداللطیف ٻٹائيؒ کان پوءِ سچل سائینؒ جي رسالي (کلیات) کي سنڌ جي گوشي گوشي مان هٿ کري پروفیسر گربخشاڻيءَ واري شاهه جي رسالي جي ترتیب تي چپایو وجي. چوته شاهه ٻٹائي کان پوءِ سچل سرمست ئي وڏو شاعر ۽ ولي ٿي گذریو آهي ۽ جنهن ٻٹائي ڏٹيؒ جي تقلید ۽ تتبع تي، سسئي پنهون، عمر مارئي، مومل راڻو، سهڻي میهار، هیر رانجهو، نوري جام تماچي تي سنڌي ۾ بیت چیا آهن ۽ کافین جا دریاهه وهائي چڏیا آهن ۽ هرهڪ بحر ۽ وزن ۾ ٿي مصرعیون چو مصرعیون کافیون چیون اٿس، جن ۾ تصوف، وحدت الوجود جا عجب اسرار ۽ رمزون بیان کیون اٿس ۽ درد ۽ سوز جا دونهان دکائي چڏیا اٿس جو پاڻ وڏو صاحب درد عاشق هو. جیئن چیو اٿس:

دلم پر غم پریشان زاشتیاقش ز در دم شیر داده دایهءِ ما

بیتن ۽ کافین کان اڳتي وڌي سنڌي زبان ۾ سي حرفیون مداحون، مولود ۽ مرثیا بہ چیا

اٿس، جنهن سخن شناس، سندس رسالي جو غور سان مطالعو ڪيو آهي اهو آساني سان هن نتيجي تي پهچندو تہ حضرت پٽائي کان پوءِ هن بي نظير شاعر ڪيئن نہ سنڌي زبان کي غير مانوس، ثقيل اوپرن لفظن کان پاڪ و صاف ڪري سينگاريو آهي ۽ سندس ڪلام جي بيهڪ، ترڪيب، نفاست سولائي، ربط، تناسب ۽ توازن حيرت ۾ وجهندڙ آهي، جنهن لاءِ ڪنهن بہ فرهنگ ۽ حاشيي جي ضرورت نہ آهي.

تون آهين صاحب صورت جو هي بہ غلام تنهنجو.
آهي ذوق شوق مولیٰ مونکي مدام تنهنجو.
جي آهن اصل اوهان جا سي نہ وسارجو ميان،
مون تي مقرر آهي سائين سلام تنهنجو.
راتيان ڏينهان رئڻ ۾ هينئڙو اداس هيڙو،
رهبر آڻي رسايو پل ۾ پيغام تنهنجو.
دلگير تون متان ٿئين ڪر دور درد کي ميان،
اول آخر اسان وٽ هوندو مقام تنهنجو.
رد ڪر فڪرِ فنا کي اميدوار ٿي رهہ،
هِت هُت يقين جاڻج آهيان امام تنهنجو.
تون آهين اصل اسانجو، آهيون اسين بہ تنهنجا،
قبول ڪيو آهي "سچل" ڪلام تنهنجو.

ڪافي

نروار چئو نجومي، اڄ ڪي اچن ٿا،
مون هت نماڻيءَ جو، پرين حال کو پڇن ٿا،
هن پار ڏانهن اچڻ جو چئو کي سڃڻ چون ٿا،
پرين آهين پنڌ ۾ ڪي نہ ويڙهي پنهنجي وسن ٿا،
"سچو" جي سڏ لهڻ لاءِ قاصد هيڏي ڪدن ٿا.

ڪافي

دل کي دوستن جون ڳالهيون ڳارين ٿيون،
ڳالهيون ڳٽن واريون ، اهي ٻارڻ ٻارين ٿيون،
هو جي ڪيائون ڳجهہ ۾ اهي مامان مارن ٿيون،
"سچل" ڳالهيون دوستن جون نت مونکي مارن ٿيون.

ڪافي

تنهنجو درد اصل ڪان اختيار ڪيوسون،
تنهنجي سخن سچن تي اعتبار ڪيوسون.
ڪي ٿا پچن پرين ڪي عرش يا ڪرسي تي،
تنهنجي اکين ۾ سهٽا عجب اسرار ڏٺو سون.
ڪي ٿيا طابع تجلي يا شعلي، نور يارو،
اسان صورت هن ۾ ٿ ديدار ڪيوسون.
تنهنجو حسن ٻنهي جهانين سجڻ سهي ڪيوسون،
تنهنجي سچي ڳالهه ان تي اعتبار ڪيوسون.
"سچو" سڳ دروازه روز ازل ڪان آهي،
پير عبدالحق جو پيزار ڪيوسون.

ڪافي

ميندڙا هت آءُ ميان هت ويڻي ڪانگ اڏايان،
تو ساريندي سپرين، هت سودا ساهه ڏيان.
راڙا رتي راز جي ڪا آهه هنيان،
ڪامل ڪنڊي ڪاڪ جي، آءُ جاني ڪيئن جيان،
شال اوهانجو اڳتي سچو نينهن نيان.

ڪافي

چوندس هلي حال هيءُ، پئي پيش پرين جي پاڻ
تو تان آهي ميندڙا، ڪاڪ ساري قربان
دل کي ديوانو ڪيو هيڪر تنهنجي پاڻ
نامياڻ ڏسج ننگ ڏي آءُ ته ٽيس اڻ جاڻ
آندم هيڪ عتاب جي "سچو" پنهنجي جاڻ.

ڪافي

مونکي ڪانڊ بنا هيءَ ڪاڪ ڪوڙ آهي ور ڪاڪيون
سودل باجهون سرتيون مري ٿي مشتاق
منهنجو ساه سڌير ٿئي اچي جي اوطاق

سڦري آهي سون کان خاصي ڌٽ جي خاڪ
تن "سچو" جو عشق تنهنجي چيري ڪيڙو چاڪ.

ڪافي

روئان زارون زار مان مارن کي ملان، ڏيان ڏوراپو ڪن کي پري ٽيا پنهوار
وڻي ويا پاڻ سان منهنجو ساه سنگهار اٽم اهو آسرو ايندم اجڙ وار
ڪندا منهن ملير ڏي رڻ چڙي ريڊار سودم گوندر گذري جو دم ان ريءَ ڌار
رکي ويڙهيچا ويا مون تي سر ميار راتيان ڏينهان اوڏهن "سچو" ساهه سنيار.

ڪافي

هلي هڻي حال وڃي ڏوٽين کي ڏسان،
پيڪين مون پهچائين پلا پنهنجي پال،
منهنجو ماروئڙن ريءَ، جيئڻ آ جنجال،
هڻي وڇوڙي جي ڪنهن سان ڳڙهيان ڳالهه،
"سچو" جي سربر ۾، مارن جي آهي مقال.

بيت

مومل راڻي تي چيل بيتن جو نمونو:

آءُ راڻا رنگ لاءِ موتي ڪاڪ ڪنڌن کي،
لاهج لڳ خدا جي ذرو پرزو زنگ،
نامیا پاڙ ننگ مهڻين هاب متان ڪرين.

آءُ راڻا رک راز، مون هن نماڻي سان،
توکي ڪريان ڪيترو، نامیارا نياز،
جوڻي ڪيم ناز، تنهن مهڻين هاب ڪري ڇڏيو.

چڙهندي سانءِ چکي، نه ته منهن ڏيکارج مينڊرا،
آندو مون کي انهين، ڪنهين لاءِ لکي،
چاڙهيو مونکي ڏاگهه تي تنهنجي عشق تکي،
مر ٻيو ڪو سر سکي، انهي جي اولاڪ جو.

سوڍل سڪائي، آءُ پٽ گهٽو آهيان،
راتو ڏينهان تنهنجي وات اٽم وائي،
آءُ ڪرها ڪاهي، جو ڪارنهه لهي ڪاڪ تان.

اچين جي اوطاق، منهنجي ميان من مينڊرا،
تہ عيبن کان آجي ٿيان، ڪوجهي ٿئي نہ ڪاڪ،
مڙيئي مشتاق، تنهنجي ڏسڻ لاءِ آهيان.

هيءَ ڏوهارڻ ڏاهه، تون ڏولیو ساري ڊٽ جو،
ڪامل تِکو ڪاڪ تي، چڙهي ڪرهل ڪاهه،
ڪاٽيون ڪنڊيون ڪاڪ جون پي لڳن باغن باهه،
اهو مهڙو مون تان لاهه، ڪا مهر پويئي من مينڊرا.

عمر مارئي تي چيل بيتن جو نمونو:

پنهوارن پيغام، جيڪر مڪا نہ تڏهين
جو اڄ مونکان پري ٿيا ويڙهيچا وريام،
تيلهان مون ڏي نہ آيا، سنگهارن سلام،
هئا ملير مدام، پرڪو سانگن اچي سانگ پيو.

ٿيا پنهوار پري آءُ ڏوراپو ڪنهن ڏيان،
انهن ٻاجهون مارئي ٿي هت مري،
نيئن خبر ڪري، ڪو اوڏي اباڻن ڪي،
پري ڏينهن پيانِ جيڪس سانگن ڪو سانگ پيو.

پڪا پانور ڪنڊئين، ٿرون ڏور ٽئان،
هوند ڏوراپا ڏيان، پر پنهوار پري رهيا.

پانور پاس پيا، ڏوٽن وڏا ڏينهڙا،
ٽانئروجي ٽرِ ٽريچا ٿيا، لنگهي ملڪ ملير.

فقير رجب علي درازي

سچل سرمست جون تصنيفون

سنڌ جي مشهور وجودي صوفي، سچل سائين سرمست جا ڪتاب جيڪي هن وقت تائين موجود آهن، سي سڀ نظم ۾ نہ آهن. روايت آهي تہ گهٽي قدر سندس لکيل ۽ جوڙيل ڪتاب، سچل سرمست پاڻ ساڙائي ۽ ٻوڙائي ڇڏيا هئا ۽ سندس جيڪو گهٽو نايابڪتابي خزانو رهيو، ان مان بہ وقت جي بيقدري ۽ ناشناسائي ڪري ڪجهہ پاڻ ضايع ٿي ويو. وري بہ اها اسان جي خوش قسمتي چئبي جو اهڙي عارف، ڪامل ۽ واصل جو ڪجهہ ذخيرو اسان وٽ موجود آهي.

سرمست جي سموري تصنيف توحيد ۽ معرفت الاهي سان ڀرپور آهي. صوفي سرمست جي ڪلام جي اها خوبي آهي، جو سندس ڪلام نهايت عام فهم ۽ سولو آهي. تصوف ۽ سلوڪ جا مشڪل ۽ پيچيده مسئلا اهڙي طرح عيان ۽ واضح ڪيا اٿس، جو ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. توحيد ۽ معرفت جا نهايت باريڪ ۽ پيچيده مسئلا پڌرا ڪيا اٿس. جن جي سمجهڻ ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ حق جي ڳولائن کي مدت مديد تائين سخت جفاڪشي ڪرڻي پوي ٿي. ليڪن هن صوفي بزرگ تصوف جون اهي سڀ مشڪلاتون اهڙي طرح دفع ڪيون آهن، جو نو آموز کان وٺي پيرِ ڪُهن تائين سلوڪ جو رستو هر طرح صاف ٿي ويو. جو سيڪو حق جو ڳولائو بنا ڪنهن خلل جي توحيد معرفت جو معراج ماڻي سگهي ٿو. سندس تصنيفون، جي هن وقت دستياب ٿي سگهن ٿيون سي هي آهن:

ديوان آشڪار، رازنامہ، گدازنامہ، عشق نامہ، تارنامہ، مرغ نامہ، رهبر نامہ، وحدت نامہ، وصلت نامہ. سندس ڪلام ڪافين، بيتن سي حرفين، مداحن ۽ مرثين جي صورت ۾ آهي. سندس تصنيفون خواه ڪلام سوز و درد ۽ موج و مستي سان ڀرپور آهن، جن جي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان ڪيف و مستي ۽ سوز و درد پيدا ٿئي ٿو ۽ دنيوي ڪدورتن کان خيال کي صاف ۽ پاڪ ڪري بلند پرواز ٿيو، اصليت جي معراج معرفت تي پهچائين ٿيون، مولیٰ جي طلب ۾ پٽڪندڙ جي رهنمائي ڪن ٿيون. ڪلام ۾ توحيد و معرفت جا سمورا راز اظهار ڪيل آهن ۽ اهڙي عام فهم سليس پيرائي ۾ خوش

اسلوبي سان بيان ڪيل آهن، جو انهن کان متاثر ٿيڻ کان ڪوئي رهي نٿو سگهي. ٻولي اهڙي ته سليس ڪم آندي وئي آهي جو هر ڪوئي آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو. خاص ڪري پارسي زبان، ان کي جو طفل مڪتب ۾ بخوبي سمجهي سگهندو. سندس تصنيفات مان ديوان آشڪار، رازنامہ، گداز نامہ، تار نامہ، مرغ نامہ، عشق نامہ، رهبر نامہ ۽ وصلت نامہ پارسي زبان ۾ آهن. جن مان ديوان آشڪار، راز نامہ، گداز نامہ ۽ تار نامہ طباعت هيٺ آيل آهن. ليڪن دستياب ٿيڻ مشڪل آهن. "ديوان آشڪار" پهريون دفعو مرحوم هز هائينس سر مير علي مراد خان والي رياست خيرپور جن چپايو هيو، جنهن جو ذخيرو ختم ٿي وڃڻ تي ٻيو دفعو درگاهہ شريف جي طالب سرگواسي ديوان وليداس گاجريا رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر شڪارپور چپايو هيو، جنهن جو پڻ ذخيرو ختم ٿي ويو آهي، صرف ڪن صاحبن وٽ ڪي نسخا موجود آهن، جي بطور تبرڪ جي پنهنجي ساهہ سان سانڍيون تا اچن. راز نامہ، گداز نامہ ۽ تار نامہ هندستان ۾ ڪنهن طالب حق لکنئو جي ڪنهن پريس ۾ چپايا هئا. باقي پارسي تصنيفون پريس هيٺ آيل نہ آهن. فقط ڪن اهل بصيرت وٽ قلمي نسخا موجود آهن. حضرت سچل سرمست صاحب جن جو سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام، ڪافيون، ڏوهيڙا ۽ سي حرفيون مرحوم مرزا علي قلي بيگ نهايت جفاڪشي ڪري جمع ڪيون ۽ 1902ع ۾ ماستر هريسنگهہ ڪتب فروش ليٿو پريس لاهور مان بن پاڳن ۾ چپايو، جن ڪي رسالو سچل فقير چوڻ ۾ اچي ٿو. پهرئين پاڳي ۾ 1340 ڪافيون يا ڪلام آهن ۽ ٻئي پاڳي ۾ ڏوهيڙا يا بيت ۽ سي حرفيون آهن. انجي ڪتاب ۽ ڇاپي ۾ غلطين جي ڪمي ڪا نہ آهي، ان هوندي بہ ايترو ڪلام يڪجاءِ جمع هئڻ سبب مرحوم مرزا صاحب جي محنت ۽ سعيو قابل تحسين آهي. ٻيو ڪلام جو مجموعو منشي پوکر داس ڪُتب فروش شڪارپور جي چپائي پڌرو ڪيو هو، جنهن جي ضخامت گهٽي گهٽ هئي ۽ ان ۾ ته غلطين جي ڪا حد ئي ڪانهي. ٻنهي چاپن جو ذخيرو ڪتب خانن مان گهٽي وقت کان ختم ٿي ويو آهي. انهن جا نسخا ڪن طالبن وٽ ايڏا ۾ موجود هوندا. اهڙي ڪمي ڏسي تازو هڪ مخلص فقير نمائي هندستان مان ڪمال عقيدت ۽ محبت سان ٻڌودي ڪان، جتي هو هينئر رهي ٿو، زر ڪثير خرچ ڪري سڀ تي چپارايو آهي. پريس وارن بہ نهايت محنت سان چاپيو آهي، چپائي نهايت ديده زيب آهي، اهڙي محبت ۽ محنت لاءِ بيشڪ انهن ڪيرون لهڻيون. انهن پنهنجي وٽ آهر ڪوشش ۾ ڪا ڪوتاهي ڪانہ ڪئي آهي. ان ڪتاب جو نالو انهن "سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام" رکيو آهي، ازانسواءِ سندس ڪلام ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهي ۽ يڪجا جمع ٿيل نہ آهي، ڪيترن صاحبن وٽ قلمي آهي ۽ ڪيترن کي زباني ياد آهي. اهڙي طرح پنهنجي سونهاري سنڌ جو بي بها ادبي سرمايو ۽ اهڙي عارف و عاشق، منصور، امام عشق جو توحيد و معرفت ۽ عشق درد الاهي جو نايابگنج يڪجا جمع ڪرڻ جي ڪنهن قدردان هن وقت تائين همت نہ ڪئي آهي، جو هر طرح فخر ۽ ناز جي لائق آهي. مرحوم مرزا علي قلي بيگ جي ڇپايل رسالي جي حوالي موجب حضرت سرمست سچل سائين جن جي چولي بدلجڻ

بعد باقي رهيل ڪلام جو شمار 936606 آهي، جنهن مان صرف 1340 ڪلام شايع ٿيا آهن. جي صرف "يڪ مشت نمونہ خروار" آهن. باقي هيتري گنج کان غافل ٿي ويهڻ کنهن بہ طرح مناسب نہ آهي. ان لاءِ صاحبِ بصيرت و قدر دان حضرات جي توجہ جي ضرورت آهي. سندس ڪلام مان ڪجهہ حصو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

ديوان آشڪار

مرحوم هز هائينس سر ميرعلي مراد خان واري چپايل نسخي ۾ جنهن ڪلام سان آغاز ڪيل آهي ان جو پهريون بيت هي آهي:

جلوهٔ حسنش چوبيني ديدهٔ عبرت کشا
تا بهر مظهر شناسي بادشاهے کبريا

ڪهڙو نہ موثر ۽ دلپذير سبق ۽ اصلي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ طئي شده رهنمائي ڏنل آهي. سرگواسي ديوان واري چپايل نسخي جو آغاز هن طرح آهي:

بادشاها خلعتي از عشق بپوشاني مرا
جرعئہ از جام توحيد بنوشاني مرا

بادشاهہ حقيقي سان حقيقي عشق کان بهتر انسان لاءِ ٻيو ڪو مقصد ڪونہ آهي. ساري ديوان ۾ توحيد ۽ معرفت جي راز کي پڌرو ڪيو ويو آهي ۽ حق جي طالبن لاءِ رستو سهل ڪري ڏيکاريو ويو آهي. بيخودي ۽ موج مستيءَ جا عطاري ۽ منصوري نعرا هنيل آهن. جيئن تہ:

هر کجايم جا بجايم من خدايم من خدا
تاچہ شد پوشيده ام کز درد اين خاکي قبا

در ولايت جسم و جان بادشاهي مي کنم
بادشاهي چيست ليکن، خود خدائي مي کنم

اگر خود راخدا داني خدائي
وگر خود را گدا داني گدائي.

جسم رفت خيال اندر بحربي پايان رسيد
آمده از موج ومستي"هل من مزيد"

اي دل بـزن نـعـرهٔ پـر شـور بسـرِ مـنـبـر
كـه ايـن غـيـر خدا نـبـود بـاديـده دل بـنـگـر.

از خويشتن رفـتـيـم آن نـعـره مـولائـي زنـم
و از ما ومن رستـيـم آن نـعـره مـولائـي زنـم.

راز نامو

راز نامو پارسي ۾ مثنوي چيل آهي جنهن مان چند بيت پيش ڪجن ٿا.راز نـامـي ۾ تخلص "خدائي" اٿن. انجو سنڌي ۾ منظوم ترجمو درگاهه شريف جي طالب فقير هادي بخش ڪيـو آهي.

از سـر درد بـگـفـتـم نـامـه را — حكم شد از حق تعالىٰ خامه را
"راز نامه" نام كردم ايـن كـتـاب — هر كه ميـخـوانـد شود او كـاميـاب
درد عشـق انـدران كـردم بـيـان — ايـن بـيـان از دل شـده نـه از زبـان
نوخيال است، خـيـال ايـن رابـيـاب — از سـر تـوحـيـد تـانـوشـي شـراب
عـاشـقـان سرها در ايـن بـاخـتـنـد — ني از مسئله نـامـهـمـا آمـوخـتـنـد
پـهـلـوان شـوانـدريـن مـيـدان در آ — بـگـذر از مـن در ايـن چـوگـان در آ
يـكـدم از خـويشـتـن بـيـزار شـو — بـگـذر از مـن واقـفِ اسـرار شـو
گـرتـوهسـتـي خـدا دور اسـت دور — گر توئي باشي خدا گردر ظـهـور
ازدوئي بگذر كـه تـو جـانـان شـوي — يـک شوي يک باش تاسلطان شـوي
از تـوئـي وا وتـوئـي وا وتـوئـي — همـچـون احـوال آمـدي انـدر دوئـي
كـيـسـتـم من كـيـسـتـم من كـيـسـتـم — در تحـيـر مـانـده ام تـا چـيـسـتـم.

خورشيد احمد علوي

سچل سائينءَ جا سوانح نگار

سوانح نگاري ادب جو هڪ اهم جز آهي، جنهن جو موضوع آهي، بزرگن جون حياتيون ۽ انهن جا ڪارنامـا. اهي زندگيون يا ته هڪ قسم جي تذڪري جي صورت ۾ هونديون آهن يا ڪنهن جليل القدر هستيءَ تي جداگانه تصنيف لکي ويندي آهي. ان فن جي غرض ۽ غايت بڌي آهي. هڪ طرف انساني فاني زندگي کي ڪجهه وقت لاءِ بقا حاصل ٿئي ٿي، ٻئي طرف وري آئيندہ نسلن کي سندس بزرگن جا ڪارناما ۽ عظمت ياد ڏياري کين سجاڳ ڪجي ٿو:

تازہ خواهي داشتن گاهے — گرد اغهائے سينہ را
گاهے هے باز خوان — ايـن قصـۂ پارينـہ را

سنڌ جي عالمن، صالحن ۽ شاعرن جي احوالن سان وطن عزيز جا تذڪرا پريل آهن، جهڙوڪ: تحفة الڪرام، مقالات الشعراءَ، مڪلي نامو، بيان العارفين، حديقة الاوليا، مشائخ سنڌ وغيره، جي ميرن جي عهد کان اڳ جا لکيل آهن. ٽالپرن جي عهد ۾ ڪنهن مستند تذڪري جي نه لکجڻ سبب ان زماني جي ڪچ جيترن عالمن ۽ فاضلن جون حياتيون گمنامـيءَ جي گوشي ۾ رهجي ويون آهن، جتي سنڌ جي مورخ ميرعلي شير قانع پنهنجي مشهور تصنيف تحفة الڪرام ۾ گذشته ۽ همعصر سنڌي اوليائن، عالمن ۽ شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي. اتي پنهنجي همعصر عارف ۽ شاعر سچل سرمست کي درگذر ڪيو اٿس. ان مان سمجهڻ گهرجي ته ميرعلي شير قانع، سچل جو وڏو همعصر هو. جنهن وقت تحفة الڪرام سنه 1181هـ ۾ لکي پورو ڪيائين، ان وقت سچل مس 28 سالن جو ڪپرو جوان هو ۽ ڪا غير معمولي شهرت حاصل ڪانہ ڪئي هئائين. جنهن ڪري سندس ذڪر متئين تاريخ ۾ اچي نہ سگهيو. سچل سرمست جا هينيان سوانح نگار قابل ذڪر آهن.

1. **مخدوم الله بخش**

هن صاحب "تذڪره مخاديم" ۾ پهريون دفعو هموطن عارف سچل جو ذڪر ڏنو آهي، جنهن

ڀ ٻڌايو اٿس تہ ڪيئن ولي محڪم الدين سيلانيءَ جي، سياحت ڪندي، ساڻس ملاقات ٿي، جنهن چمات هٽندي چئي ڏنس: "سندس لاءِ هڪ ئي عشق جي ضرب بس آهي." سچل جا طبق روشن ٿي ويا، مڪمل حال طاري ٿيو ۽ قدرت وٽان شاعرانہ بهرو مليس. عمر پر سماع ۽ سرود ۾ مستغرق رهيو. وڌيڪ تذڪري ۾ سندس ڪهڙن جي مخدومن سان سندس تعلقات ڏيکاريل آهن.[1]

2. مرزا علي قلي بيگ

مرزا صاحب (متوفي 1912ع) مرحوم قليچ بيگ جو ٻيون نمبر پاڻ پهريون نمبر سنڌي مسلم گرئجيوئيٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر سچل جي رسالي جو پهريون جامع هو. سڄا سارا اٺ سال مسلسل ڪوششون ۽ تڪليفون وٺي، جدا جدا نسخا پيٽي 1902ع ۾ شاعر جي فوت ٿيڻ کان صرف 83 سال پوءِ سندس سارو ڪلام گڏ ڪري مع صحيح سوانح عمري ٻن وڏن جلدن ۾ ڇپائي ڏنو ڪيو. ڊاڪٽر سورلي جو شاهہ جي سوانح نگار شمس العلماء قليچ بابت قول، مرزا علي قلي بيگ سان پڻ لاڳو آهي: سچل جي حياتي جو محقق طالب مرزا علي قلي بيگ آهي، جنهن جي تحقيق يقين پري آهي. هو خوش نصيب هو. جو ڪيس سينہ بہ سينہ روايتون ٻڌيون، جي وڃيو سچل جي زماني تائين پهچن، جو سلسلو هينئر منقطع ٿي چڪو آهي. سچل جي پوئين سوانح نگارن لاءِ مرزا موصوف ئي اهم ماخذ آهي.

3. ڇيڻمل پرسرام گلراجاڻي

هن سنڌي اديب (متوفي 1948ع) پنهنجي ٻن تصنيفن "سنڌجا صوفي سونهارا" ۽ "سچل سرمست" ۾ سچل جو ذڪر ڪيو آهي. پهريون ڪتاب ويدانت ۽ تصوف جي اصولن سان گڏ سنڌ جي صوفياءِ ڪرام تي آهي. ٻيو محض سچل بنسبت آهي، جنهن ۾ هن جي زندگي، شعر، تصوف ۽ فلسفي تي دلچسپ پيرائي ۾ بحث ڪيل آهي. ويروروڌ وڃائڻ، ايڪي ۽ ملاپ قائم ڪرڻ ۽ ان ذريعي قديم سنڌ جي صوفياڻي ايڪي کي زنده ڪرڻ ۽ ڦهلائڻ تي زور ڏنو ويو آهي.

4. در محمد ۽ هيمراج

هنن ٻن ماستر دوستن سچل جو ڪلام گڏ ڪري مختصر ديباچي سان 1910ع ڌاري ڇپايو ۽ شاعر جي زندگي لاءِ سندس ماخذ علي قلي بيگ وارو رسالو هو.

5. آغا صوفي

مشهور سنڌي شاعر مرحوم غلام نبي آغا صوفي شڪارپوري، (متوفي 1941ع) درازي

(1) هي روايت غلط ۽ ڏند ڪٿا تي مبني آهي. (مرتب)

طالبن مان هو. 1933ع ۾ ضخيم تصنيف، سچل سرمست، شايع ڪيائين، جنهن جي ست ست مان سندس والهانه عقيدت جو ثبوت ملي ٿو.

رسالو سچل سرمست قرب ۽ عشق جو پورهيو آهي، جن جي ذريعي هو ڪن حقيقتن کي ويجهو رسيو. ٻين نسخن کان شاعر جو ڪلام گهٽو ڏنو اٿس جو صاحب موصوف خيرپور ميرس جي رياستي ڪتب خانه، درازي طالبن فقيرن ۽ ڳائيندڙن جي ذريعي حاصل ڪيو. آغا جا تنقيدي مقالا سرمست جي زندگي ۽ شعر تي نئين روشني وجهن ٿا.

6. مرحوم دين محمد وفائي

مولوي حاجي دين محمد وفائي (متوفي 1950ع) پنهنجي تصنيف "لطف اللطيف" ۾ "شاهه جون وقت جي وڏن ماڻهن سان ملاقاتون" جي تحت شاهه جي سچل بنسبت پيشنگوئي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن لاءِ سندس سند مرزا قليچ بيگ مرحوم آهي. ٻي تصنيف "مشاهير سنڌ" ۾ شاعر جي زندگي جو احوال ۽ ڪلام تي راءِ ڏني اٿس. ان کانسواءِ سندس سچل تي محققانه مقالا الوحيد سنڌ آزاد نمبر ۽ رسالہ توحيد ۾ بعنوان "سچيڏنہ جو فارسي ڪلام" ۽ "سچل جي عارفه بصري سان ملاقات" قابل ذڪر آهن.

7. ڪلياڻ آڏواڻي

ڪلياڻ آڏواڻي ڊي. جي. ڪاليج ڪراچي سنڌ جي اڳئين سنڌي پروفيسر جو به سچل سرمست جو گهرو مطالعو ڪيل هو. مٿس ڪئين تحقيقي مقالا لکيا جي سندس رٽيل ٿيسس "سچل جي زندگي ۽ شعر" جي ڪڙي هئا، سي قسطوار "سنڌو" رسالي ۾ ڪجهه وقت تائين شايع ٿيندا رهيا.

8. هدايت علي نجفي

هدايت علي (متوفي 1942ع) پنهنجي تصنيف "سنڌي زبان، ان جي شعر ۽ شاعرن جي تاريخ" ۾ سچل سائينءَ جو ذڪر ڪندي ڏيکاريو آهي تہ سچل سنڌي ڪافي جو موجد آهي ۽ وائيءِ ۾ به شاهه کان مختلف آهي. گوهن عروضي شعر چيو آهي، پر ثابت علي شاهه ڪائنس اڳاتو آهي.

9. پروفيسر لطف الله بدوي

فاضل معاصر تذڪره نگار "تذڪره لطفي" جي پهرين پاڳي ۾ شاهه ۽ سچل جا موازنہ ۽ ان متعلق آغا صوفي جي اٽاريل اعتراضن جا جواب محققانه انداز ۾ ڏنا آهن. اڳين تذڪره نگارن جي ڪن غلطين جي تردید ڪئي اٿس. سچل متعلق نئين ماخذ تذڪره مخاديم، مان احوال فراهم ڪيو آهي.

10. خانبهادر محمد صديق ميمڻ

خانبهادر پنهنجي تصنيف "سنڌ جي ادبي تاريخ برٽش حڪومت کان اڳ" ۾ شاعر جي حياتي، تصوف، فلسفه ۽ شعر تي بحث ڪيو آهي، جنهن لاءِ سندس ماخذ مرزا علي قلي بيگ ۽ آغا صوفي وارا رسالا آهن.

11. نماڻو فقير

تازو "سنڌ پريس" بڙودا وارن سچل سائين جو ڪلام هڪ قيمتي ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪيو آهي. شاهه عبداللطيف پٽائي گهوٽ جڏهن سچل فقير کي سندس ننڍپڻ ۾ ڏٺو هو تڏهن فرمايائين، "اسان جيڪو ڪنو چاڙهيو آهي، تنهن جو ڏڪڻ هي (سچل فقير) لاهيندو." سچل سائين قربدارن جي ڪٽڪ ۾ مرد منصبدار هو ۽ سنڌ جي اهڙي بزرگ جو ڪلام "نماڻي" فقير صاحب بڙودي ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. منجهس سچل سائينءَ جا اٽڪل ست سئو سنڌي ۽ سرائڪي چوند ڪلام جدا جدا سرن هيٺ رديف وار ۽ پنج نيون چوند سي حرفيون ۽ 184 سنڌي ۽ پنجابي ڏوهيڙا ڇپايا ويا آهن. تنهن کانسواءِ ڏکين لفظن جي معنيٰ به الف بي وار ڏني ويئي آهي. مهاڳ 29 ڪن صفحن ۾ سچل صاحب جي صوفياڻي زندگيءَ تي پڙ مختصر روشني وڌي ويئي آهي. رسالو ڳاڙهي باردر سان اوچي بئنڪ پيپر تي ٽلهي سنڌي ٽائيپ ۾ ڇپيل آهي ۽ منجهس جملي 500 صفحا آهن. رسالي جي بيهڪ ۽ جلد وغيره سڀ عمدا آهن.

12. متفرق مضامين

مٿين صاحبن کانسواءِ جن ٻين وطني اديبن سچل سائين جي حيات ۽ شعر تي ڪي سنجيده، مفيد ۽ پر مغز مضمون لکيا آهن، تن مان هي آهن:

ميجر شيخ ساز علي "ساز" ڪاليجي زندگي واري زماني ۾ استاد آغا صوفيءَ جي زير اثر ڪي عمدا مضمون ڪاليج مخزن ۽ "سنڌو" رسالي لاءِ لکيا آهن. خصوصاً سندس شاهه ۽ سچل جو موزانو قابل قدر آهي. گرديال، هڪ درازي طالب "وشو پارتي" مخزن ۾ انگريزي مضمون "سچل صحرا جو فرزند" "Sachal the Son of the Desert" لکي شاعر جو ٻاهرين دنيا سان تعارف ڪرايو. عبدالواحد سنڌي، اردو رسالي "ماهِ نو" ۾ پنهنجي مقالي "سچل جي حيات ۽ شعر" جي ذريعي اردو دان طبقي کي هن سنڌ جي بلند پايه صوفي شاعر کان آشنا ڪرايو. سنڌي ادبي بورڊ ياران سچل جي رسالي کي نئين سر تفتيش ادبي ۽ تدقيق علمي جي نقطءِ نظر کان سنواري ۽ مرتب ڪرڻ جو ڪم مشهور سنڌي اديب جناب عثمان علي انصاري کي تفويض ڪيل آهي ۽ قوي اميد آهي ته صاحب موصوف ٿورڙي وقت ۾ ڪا شايان شان تصنيف سنڌين کي ڏيندو چو ته اڄا هن شاعر تي ايترو ڪو ادبي ڪم

ٿيل نہ آهي، جيترو شاهہ تي ڪيل آهي.[1] سچل جا ٻيا پهلو به جهڙوڪ فارسي، اردو ۽ سرائڪي شعر اڃا بنهہ نوان آهن ۽ سنڌي نوجوانن جي ڪوشش ۽ توجہ چڪائي رهيا آهن. شال ڪو سنڌي نوجوان هن صوفي شاعر ۽ عارف کي پڙهي پرجهي سندس پيغام جي سڃڻ دور دور پهچائي.

کاشکي مردي آيد و کاري بکند

(1) هينئراڻا تصنيف سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپجي وئي آهي.

حڪيم محمد صادق راڻيپوري

سچل بابت هڪ غلط روايت

مرحوم مخدوم ميان الله بخش صاحب جي تاليف ڪيل "تذڪره مخاديم" جي هيءَ روايت آهي ته خواجه محڪم الدين سيلاني درازن ۾ آيو هو ۽ منصور سنڌ سچل سائين کي چمات هٽي چئي ڏنس ته سندس لاءِ هڪ ئي عشق جي ضرب ڪافي آهي، جنهن مان سچل جا چوڏهن طبق روشن ٿي ويا. اها روايت بالڪل غلط ۽ واقعي جي خلاف آهي ۽ مخالفين جي ايجاد آهي، جنهن کي ڪڏهن به سوانح نگار ڪو نه لکيو آهي. حتيٰ ڪ خلد آشيان جنت مڪان سر مير علي مراد خان صاحب تالپر والي خيرپور ميرس جيڪو سائين منصور سنڌ جو رسالو ڇپارايو هو ان ۾ اها روايت موجود نه آهي. اهو رسالو راقم الحروف مرحوم ميرولي محمد خان تالپر ويٽل ڳوٺ ڪنڊرا، تعلقه روهڙي وٽ 1928ع ۾ ڏٺو هو. ٻيو ته حضرت منصور سنڌ سچل سائين ڪٽي به خواجه محڪم الدين سيلاني جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي ۽ نه پنهنجي فارسي ڪلام ۾ ۽ نه سنڌي ۾، نه سرائڪي ۾ ۽ نه اردو ڪلام ۾. حالانڪ هن شيخ فريد الدين عطار، شمس تبريز ۽ منصور عليه الرحمة سيني کي ساراهيو آهي ۽ پنهنجي ارادتمندي جو اظهار ڪيو آهي. جيڪڏهن خواجه محڪم الدين صاحب سيلاني کان فيض مليو هجيس ها ته ضرور ان جو ذڪر به ڪٽي نه ڪٽي آڻي ها. بلڪ پنهنجي فارسي ڪلام، سنڌي ڪلام ۽ سرائڪي اشعار ۾ پنهنجي مرشد ڪامل اڪمل حضرت خواجه پير عبدالحق صاحب عليه الرحمة جو بيان ڪيو اٿس. شعر ديوان آشڪار ۾:

روزيک بودم بخدمت مصطفيٰ — سيد الڪونين آن خيرالوريٰ
اين چنين فرمود مارا از ڪرم — جز برخصت پير عبدالحق مبا.

جي هجين عاشق ته برسر مينهن محبت جو وساءِ،
ساه جو سانگو ڪرين ته پيرهن پڙ ۾ نه پاءِ،

هيءِ حقيقت حال جي ساري وڃي سائين سڃاءِ،
سو سچو مرشد سچو جو پير عبدالحق آه.

سلڻ جهڙي سا نہ آهي جا پاڻ پرين پرجهائي،
عام نہ سمجهن ان کي جا صاحبن سمجهائي،
عبد ٿي ڄاتو جنين ميان تن بازي هت هارائي،
حق کان حق نصيب ٿيو ٿي مدعا "سچو" جي سيائي.

آهن دم دم جا ديدار اپر اسانجي نار تي،
بگا ڏاند ٻڌائون ٻيئي ڳالهه ڪريان آءٌ تنجي ڪيهي،
وهن سي ڏارون ڏار اسان ڳاڏيءَ جي ڳٽڪار تي،
آيو نيڙ پاڙچ پاڻي مرشد عبدالحق ٿيو ساڻي،
سا جوئر پڇايم جار، آهن ڪم سچل ڪلتار تي.

نہ منجهه ڪفر نہ منجهه دين، نينهن بنا اٿئي سپ نابين،
مرشد عبدالحق سچو کي توڙون اها ڪئي تلقين.

سرائڪي بولي (سي حرفي)

الف — اندر باهر توهين وسدا سهڻا سيو بن شبه گمان ميان
سپ صورت وچ سارا سير تيڏا اٿان هو رهيان حيران ميان
اهو ظاهر باطن هي ظهور تيرا وت ليها ڦيريوئي فرمان ميان.

ي — يار ظهورا سو ظاهر ڪيتا، ڪوئي ڏيکي دلدار ميان
اکيان کول اٿان جي تون عاشق هو وين هي وقت اهو ديدار ميان
آپ چور اٿان آزاد ٿيوين سچو ڏيک صحيح اسرار ميان
هادي هي ميڏا عبدالحق، سائين صوفي صاحب جو شاهنشاهه ميان
سپ علم تنهن کون معلوم هويا، اسرار سيو آگاهه ميان
تنهن دي خاڪ قدم تون قربان ڪران صدقي سر سيو سر واه ميان.

ٻيو تہ منهنجي عمر اسي سالن جي قريب آهي ۽ مونکي نندپڻ کان حضرت بادشاهه سچل سائين سان بيحد عقيدت آهي ۽ اسان جي شهر کان درگاهه شريف هڪ ميل کن دور آهي. آءٌ سندس خاندان جي پڙهيل ۽ لائق بزرگن کان منصور سنڌ جي سوانح حيات پچندو رهيو آهيان. ڪنهن

هڪڙي بزرگ کان ٻه اها روايت سيلاني صاحب واري ٻڌڻ ۾ نه آئي آهي. جيڪڏهن اهو واقعو صحيح ٻه هجي ها ته تواتر جي ذريعي کنهن نه کنهن کان ضرور ٻڌڻ ۾ اچي ها. مگر تواتر طبقي کان هيءَ ڳالهه پايه ثبوت کي پهتل آهي ته منصور سنڌ سچل سائين جو مرشد پير خواجه عبدالحق صاحب عليه الرحمة اهڙو ڪامل مڪمل هو، جنهن کيس ظاهري توڙي باطني علوم ۾ کنهن ٻئي بزرگ ڏانهن متوجه ٿيڻ جو احتجاج باقي نه ڇڏيو هو:

محبوب سو آهي من ۾ معشوق منو آهي من ۾
بي فائدو بازار گهمين ٿو، اٽئي بلبل باغ بدن ۾
مرشد ڪامل سانول سپرين، آيو صاف صِحن ۾
فيض فاروقي فائق بخشيو، فهمائي هن فن ۾.
مطلع منهنجي ديواني دل ڪيو، دوست دلاسو ڏيو،
ڪيو قول هادي ڪالهه تو مڙني اڳيان مونسان اهو،
هوندس سچو تو ساڻ آءٌ، تو پير عبدالحق چيو.

۽ هيءَ ڳالهه تواتر کي پهتل آهي ته منصور سنڌ کي سندس ڪامل مرشد سچو ڪوٺيندو هو، جنهن ڪري اهو تخلص سنڌي ڪلام ۾ اختيار ڪيائين ۽ پڻ کيس مرشد ڪامل منصور ٻه ڪوٺيندو هو، جنهن جو ثبوت سندس ڪلام ۾ جا بجا ڏسڻ ۾ ٻه اچي ٿو:

مڙس ٿي منصور ڇئو، نه ته ڪيم ڇئو منصور آن،
منصور جي منزل مٽي، آهن تماچا تهمتان.
سگهه نه جي ساري سگهين، سائين اکين تنهن تي متان،
منصور واري ملڪ تي، آهن سدا نڪتا نوان،
سڻ سچو تون سمجهه رک، توکي جڳائي ٿو چوان.

سرائڪي ڏوهيڙي ۾ صاف فرمائي ٿو:

هڪ ڏينهن ميڪون مرشد آکيا تون مَي پيالا پيوين،
آکيم اينوين سائين اينوين.
آکيس اپڻي ذات لکا، اُٺ ٻيئين تيڏا مطلب ٿيسي کيوين،
آکيم اينوين، سائين اينوين.
آکيس آپ سجاڻڻ ٻاجهون، همدم مول نه ٿينوين.
آکيم اينوين، سائين اينوين.
آکيس حلاج نقارا ماريا، سچو تون پي مارين تيوين
آکيم اينوين سائين اينوين.

وري هڪ سنڌي ڪافي بہ ڏسو جنهن ۾ دم منصوري ٽوهڻي:

اسين ساڳي خود آهيون، پر عام چوي ائين ناهي ناهي.
ماڳ انهيءَ ۾ شاهہ منصور جون ميان، ڏين ٿا لکين گواهيون،
ڪيئن چڙهيو وڃي ڦاهي ڦاهي.
مست سرمد جي سرتي وڙهيون، سيڙڻ جهڙيون سرواهيون،
عشق اوقات اهو آهي آهي.
ساعت هڪ ۾ سپ چنيون سي ميان، ڦاڪواريون سپ ڦاهيون،
ڪير چڙهي هاڻ لاهي لاهي.
بتخاني کان آهيون بيزاري ميان، ڪيئن ڪعبي ڏانهن ڪاهيون،
دين ايمان بہ چاهي چاهي.
زوران زوري پون اوقاتون ميان، ڏاڍيون برهہ جون باهيون،
سچل آهي ڪڏهن ناهي ناهي.

انهيءَ منصوري دم ۽ شطحيات سبب کهڙن جا مخدوم صاحبان سندس مخالف هئا ۽ کيس سوريءَ چاڙهڻ ۾ ديرئي نہ ڪن ها ۽ نہ هي سچو منصور وانگر چڙهڻ کان گريز ڪري ها. پر رياست جا ٽالپر حڪمران منصور سنڌ جا حد کان زياده معتقد هئا.

شيخ اياز

سچل سرمست جي عظمت

[هيءَ اها تقرير آهي، جا شيخ اياز، 14 جون 1954ع تي، سکر ۾ "سچل سرمست" جي ورسيءَ جي صدارت ڪندي ڪئي هئي.]

اڄ اسان پنهنجي ادب جي هڪ پُر عظمت شخصيت کي خراج تحسين ادا ڪرڻ لاءِ ڪٺا ٿيا آهيون. اسانجي سرمست سان عقيدتمنديءَ جو سبب اهو نه آهي ته هو فقط ولي الله هو يا ڪا خدا رسيده ۽ برگزيده هستي هو. اڄوڪي اجتماع جو مقصد سچل سرمست کي انهيءَ عظيم شاعر ۽ فنڪار جي حيثيت ۾ سمجهڻ ۽ ساراهڻ جو آهي، جنهن کي سنڌي ادب ۾ دوام حاصل آهي.

سچل سرمست جي شاعري هڪ ازلي استفهام آهي، هن جو هر شعر سوال آهي. هيءَ ڪائنات ڇا آهي؟ هي خاڪ و باد، هي ابرو باران جو عالم پنهنجي صدها رنگينين جي باوجود ايترو ناپائيدار ڇو آهي؟ انسان جي ازلي منزل ڪهڙي آهي؟ هيءُ پرديسي پکيئڙو ڪٿان اڏريو آهي؟ سندس ديس ڪهڙو آهي؟ هي انسان، گوناگون شرعي لباس ويڙهي، پنهنجي حسين اصليت ڇو ٿو لڪائي؟ جڏهن انساني دل ديرو آهي، ڪنهن لامڪان جي مڪين جو، ته پوءِ هي دين ڌرم ۽ ڪفر اسلام جا تفرقا ڇا جا؟ سندس شاعريءَ ۾ هر هنڌ تجسس پيو بکي. هر شعر ۾ گويا هن جو نعرهءِ رندانه، ڪوئي ازلي سوال آسمانن سان پيو ٽڪرائي:

"آهيان آهيان آهيان وو موٽي چوان تا ناهيان ڪي ته آهيان وو،
دوکي واريون لکين ديواريون ڊوڙ انهيءَ ٽو ڏاهيان وو".

ڪيتري نه سرمستي ۽ زورِ بيان آهي انهيءَ شعر ۾، هستي ۽ نيستي جي پُراسرار حقيقت شاعر جي دل ۾ جا ڪيفيت پيدا ڪري ٿي، ان جو اظهار متئين شعر کان بهتر ٿي نٿو سگهي. نفي ۽ اثبات جي معمي جو اهو احساس جڏهن سندس شخصي وجود ڏانهن لڙي ٿو، تڏهن هو پاڻ کان پڇڻ ٿو لڳي:

"سچو نانءُ سڏائين، چئو ته ڪٽي تون آهين؟"
"ڪهڙي ديسئون آيو اديون ڙي هي پرديسي؟"
"ڪٽئون اڏري آئين وي پکيئڙا پرديسي؟"

ڀ جڏهن ڪيس انهن سوالن جو جواب نٿو ملي ته ڪيس روحاني ڪوفت ٿي ٿئي، ان جو اظهار ٻه اهڙو ئي لاثاني آهي:

"آءُ ساڻي، سانون ڪا ڳالهه سڻاوين وو."
"يار دي ٻاجهون مئن نامرندي نا جئندي هان."
"آيم رات عتاب، ڏاڍا سخت سنگهارن جا."

شعر جي شيريني ۽ لطافت سان گڏ اهي شعر شاعري جي روحاني اضطراب جا آئينہ دار ٻه آهن. روحاني اسرار جي جستجو شاعر کي پٽڪائيندي ٿي رهي. هو انهيءَ تلاش ۾ حيران ۽ سرگردان آهي. جتي ڪٽي جهاتي ٿو پائي ته متان ڪائي جهلڪ نظر اچي. ايندي ويندي کان ڏس ٿو پڇي ته من ڪوپرينءَ جي پار جو پتو پوي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان جو رمزيت سان اظهار ٿو ڪري:

"ساري راڄ تيڏي دي مئن."
گولڙي گولڙي هوسان، شال مهر پويئي."
"پلا ميان رانجها! آوين آوين ساه سيباوين."

ڀ جڏهن هن کي ڪنهن ازلي حقيقت جي جهلڪ نظر ٿي اچي ته هو پڪاري ٿو اُٿي:

"حيران ڪيتا، حيران ڪيتا،
مئن ڪون حُسن حيران ڪيتا."

ڀ جڏهن حيرت ڪجهه جهڪي ٿي ٿئي ۽ هو ڪجهه منزلِ حيات جي ويجهو ٿو وڃي ته جهونگارڻ لڳي ٿو:

"لڳيان، هڻ لڳيان، اکيان تو نال."
"اکيان لڳيان نال رانجهودي، اکيان لڳيان نال رانجهوندي."
"مون سان ڪيون ميهار، ڳجهيون ڳالهيون وو دوستيءَ جون."

بس پوءِ شاعري سرمستي ئي سرمستي آهي. هر شعر الستي نعرو آهي. احساسِ حسن سان مخمور، جذبءِ بيخودي سان سرشار:

"جنهن دل پيتا عشق دا جام، سا دل مستو مست مدام."

"ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.
ڪوئي مست، ڪوئي سرمست چوي، ڪوئي راه دين درست چوي،
ڪوئي عاشق روز الست چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.
ڪو خاص چوي، ڪو عام چوي، ڪو پختو چوي، ڪو خام چوي،
ڪوئي "سچو" سچو نام چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان."

مستي ۾ بيخودي جي انهيءَ منزل تي پهچي، هو دنيا جي هر ظاهر پرستيءَ ۽ تفرقيبازيءَ کان بي نياز ٿي وڃي ٿو ۽ پاڻ کان آخري سوال پڇي ٿو. سوال جو انداز ته ڏسو. ڪيڏو نہ پيارو آهي:

"تون ڪيون درويش سڏاوين، سچو، تون ڪيون درويش سڏاوين؟" ۽ پوءِ خود ئي جواب ڏي ٿو:

"عشق جو ڏس انصاف، سڀ مذهب ڪيائين معاف."

هر اهلِ معرفت وانگر سندس مذهب تنگ نظريءَ کان مٿي آهي ۽ هو انسان جي روحاني برادريءَ جو علمبردار آهي. اهو هر انسان جو ازلي حقيقت جي جستجو ۾ آهي، سو انساني مذهبن ۽ فرقي بندين کي بي معنيٰ سمجهي ٺڪرائي ڇڏي ٿو. سچل سرمست جي ذات ۽ سندس شاعري، ٻئي انهيءَ اصول جون آئينہ دار آهن.

سچل سائين جي تخيل تي مختصر تبصري بعد، مان سندس فن جي هئيت جي باري ۾ ڪجهہ چوڻ چاهيان ٿو.

سچل سرمست جو شعر فارسيءَ ۾ وزن جي بلڪل قريب اچي ٿو ان ۾ ملتاني ڪافيءَ ۽ هندي گيت جون سموريون خوبيون آهن. خصوصاً، هر ڪافيءَ جي پهرين سٽ ته بي پناهہ روانيءَ سان چيل آهي. سندس ڪافيءَ ۾ گداز ۽ شيريني آهي. جيڪڏهن جديد سنڌي گيت ۽ ڪافي ۾ سچل جي شاعريءَ جو روح سمايو وڃي ته ان ۾ ڪافي دلڪشي پيدا ڪري ٿي سگهجي.

احسان بدوي

سچل سائين جو اردو ڪلام

سنڌ جي وادي پنهنجي گود ۾، جن باڪمال شاعرن ۽ اديبن کي جنم ڏنو آهي تن جو ذڪر ايترو ته دلچسپ آهي جو ان کي پڙهي حيرت جي انتها نٿي رهي. حقيقت ۾ سنڌ جي صحرائي خطي مان اهڙن گلن جو پيدا ٿيڻ، جن پنهنجي لازوال خوشبوءِ سان هن کي معطر ڪيو. سي پنهنجي نوعيت جو اڪيلو مثال آهن. سنڌ جي انهن خصوصيتن ۽ اعليٰ شخصيتن کان متاثر ٿي شاهه پٽائي هي پنهنجي مشهور دعائيه مصرع چئي آهي: "سائينءَ! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار". حقيقت ۾، جيئن جيئن اسين سنڌ جي ادبي تاريخ جو مطالعو ڪنداسين، تيئن تيئن اسانجي اڳيان گونا گون حقيقتون ظاهر ٿيندينون ويندينون. اها ڪا گهٽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه نه آهي ته سنڌي شاعرن پنهنجي طبع جا جوهر نه فقط سنڌي زبان ۾ ڏيکاريا آهن، پر سندن تخيلات ايترا ته وسيع آهن جو اهي سنڌ جي دائري کان نڪري هندستان ۽ ايران تائين پهچي چڪا آهن ۽ اتي شهرت حاصل ڪئي اٿن. آءٌ سمجهانْ ٿو ته شايد اهي اسانجا ئي شاعر آهن، جن پنهنجي مادري زبان ۾ شعر چوڻ کان سواءِ عربي، فارسي، اردو ۽ سرائڪي ٻولين ۾ به اها غضب جي شاعري ڪئي آهي، جا اسان لاءِ فخر ۽ افتخار جو باعث آهي ۽ سنڌ ان تي بجا طور ناز ڪري سگهي ٿي.

شايد اهو ئي سبب آهي، جو قبله مخدومي لطف الله صاحب بدوي پنهنجي بي نظير تصنيف "تذڪره لطفي" ۾ سنڌ جي فارسي گو شاعرن جي ڪلام کي قلمبند ڪري هڪ طرف سنڌ جي هن سرمايه کي زماني جي بادو باران کان محفوظ ڪيو آهي، ته ٻي طرف سنڌ وارن کي پنهنجي گذريل عظيم الشان ادبي ڪارنامن کان متعارف ڪيو آهي. آءٌ اها ڳالهه ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان ته اهو ڪيترو نه بهتر ٿئي ها، جي قبله مخدومي ان سان گڏ انهن شاعرن جو به ذڪر ڪري ها، جن پنهنجي جگر ۽ دل جي خون سان اردو شاعري جي چمنستان جي آبياري به ڪئي آهي ته سندس تصنيف هوند زياده مڪمل ۽ جامع ٿي پوي ها. ان ڏس ۾ ڪي قدر پير حسام الدين راشدي قدم کنيو آهي ۽ پنهنجي هڪ ادبي مقالي ۾ سنڌ جي اردو گو شاعرن جو ذڪر ڪيو اٿس، جو مقالہ

"اردو رسالہ" ۾ ڇپيو هو ۽ ان جو سنڌي ترجمو رسالہ نئين زندگي جي ڪن اشاعتن ۾ آيل هو. هي مقالو جيتوڻيڪ مفصل نہ آهي، پر تنهن هوندي بہ اسانجي ڪنهن حد تائين تشنگي مٽائي ٿو. بهرحال راشدي صاحب جو اهو ادبي ڪارنامو تحسين جوڳو آهي، جو هن صاحب سنڌ جي انهن اردو ادبيات جي طالب علم هئڻ جي حيثيت ۾ آڻ هن فرض کي شايد اڳتي هلي ادا ڪري سگهان. جي ڪين فرصت ملي ۽ حالتون هموار ۽ خوشگوار رهيون. بهرحال هن مقالي ۾ آڻ سنڌ جي بلند پايہ صوفي شاعر سچل سرمست جي اردو ڪلام کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

ان کان اڳ جو اسين سچل سرمست جي اردو شاعريءَ جو ذڪر ڪيون ۽ ان جي ڪلام جي مختلف خصوصيتن کي ظاهر ڪيون، اهو بهتر ٿيندو تہ اسين ان زماني جي ادبي ۽ تاريخي پس منظر جو جائزو ونون. سچل سرمست جنهن دور جي پيداوار آهي، سو دور ميرن جو عهد آهي. تاريخي نقطہ نگاهہ کان ميرن جي صاحبي جيتوڻيڪ سياسي بساط تي غلط چال هلڻ ڪري سنڌ کي ڳڇ وقت تائين غلاميءَ جو طوق پهرائي ڇڏيو، مگر ان جي باوجود هو رعيت جا گهٽگهرا ۽ امن امان جا ڪوڏيا هئا. ميرن فقط حڪمران هئا، مگر انهن جي دربار هميشہ شاعرن ۽ اديبن سان آراستہ هوندي هئي. اسين هن عهد کي بقول صاحبِ "تذڪره لطفي" سنڌي شاعريءَ جو سونهري دور چئي سگهون ٿا، مگر ان سان گڏ پارسي شاعري کي بہ اوج حاصل هو. هن جو شايد اهو بہ سبب ٿي سگهي ٿو تہ فارسي زبان کي دربار جي سرپرستي حاصل هئي. ڪيترائي تالپر حڪمران فارسي جا نهايت ئي بلند پايہ ۽ صاحبِ ديوان شاعر هئا. ظاهر آهي تہ اهڙي ماحول ۾، جتي حڪمران طبقي جا فرد شعر و شاعري جي محفل ۾ شمع ٿي اچن تہ اتي رعيت جا ڪيئي فرد پروانہ ٿي پچڻ لاءِ اچن تہ ڪا تعجب جي ڳالهہ آهي؟

سچل سرمست جيئن تہ ان دور ۾ رهيو ٿي جو سنڌ جي فارسي شاعري جو آخري دور هو. ان ڪري مٿس بہ فارسي شاعري جي خدوخال جو اثر پوڻ لازمي هو ۽ هن پنهنجو فارسي ڪلام "ديوان آشڪار" جي صورت ۾ ڇڏيو آهي. مگر هيءُ منهنجي مقالي جو موضوع نہ آهي. جنهن ڪري آڻ پنهنجي مقصد ڏانهن رجوع ٿيان ٿو. جيتري قدر سنڌ جي ادبيات جو مطالعو سندم رهنمائي ڪري ٿو تہ خبر پوي ٿي تہ سچل کان اڳ بہ ڪن سنڌي شاعرن اردو ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي، جنهن سان پير حسام الدين راشدي پڻ متفق آهي. مگر جيتري قدر سچل سرمست جو اردو ڪلام شستہ ۽ جامع آهي، ايترو شايد ٻئي سنڌي اردو شاعر جو نہ آهي. سچل سرمست کان پوءِ فقير قادر بخش بيدل ئي آهي، جنهن پنهنجي بلند تخيل سان اردو شاعري جي آسمان تي پرواز ڪيو. بهرحال سچل سرمست پنهنجي دور جو هڪ بلند پايہ اردو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس زماني ۾ سنڌ جي حدن کان ٻاهر هندستان جي سرزمين تي انشاء، مصحفي، نظير، رنگين ۽ نصير، سچل جا همعصر اردو شاعر هئا، جي استاد شاعر هئا ۽ جن پنهنجي ڪلام کي هر پهلو کان مڪمل ڪيو آهي. سچل ريخته جو سالڪ هو ۽ ان وقت جي هندستان جي اردو شاعرن جي نموني جو شعر چيو اٿس. تاهم هن

جو ڏار زبان ۾ طبع آزمائي ڪري ۽ ان ۾ نفيس خيال نيائڻ تحسين جوڳو آهي.

سچل جي ڪلام تي نظر وجهڻ سان اسانجي دل تي جا پهرين پهرين چيز اثر ڪري ٿي اها آهي سندس زبان داني. سچل جي اردو ڪلام جي اردو جيتوڻيڪ ايتري پختي ۽ مڪمل نه آهي، پر اها زبان قديم دڪني اردو کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهي. آءٌ هن سلسلي ۾ سچل سرمست جا ڪي اشعار هيٺ نقل ڪري ڪن دڪني شاعرن سان پيٽيان ٿو.

بيمار ہوں تیرے برہ کا چھوٹن میرا مشکل ہوا
یہ درد میرا دیکھ کر افلاطون لایعقل ہوا
اے یار تم آتا نہیں، مجھ پر شفا بخشی کرو
اس درد میرے کی دوا آنا تیرا اک پل ہوا.

منهنجي اڳيان قطب شاهي سلاطين مان سلطان عبدالله قطب شاه جو ڪلام آهي. آءٌ ان جا چند شعر پيش ڪريان ٿو:

گلشن ہے تو پیارے بلبل ہے دل ہمارا
رنگ بانس دونوں تجھ میں پھل ہے پھلیا ہوا

* * * * *

تیرے درشن کوں اے محبوب آتے ہیں حبیباں سب
دکھا درشن جو ھوویں راکھ جل رشکوں رقیباں سب

ولي دڪني جنهن کي ڪن حلقن ۾ اردو غزل جو موجد ليکيو وڃي ٿو. ان جي زباندائي به ڏسو:

دل بیتاب کہ اک آن نہیں اسکو قرار
زلف دلدار سون ہمسر ہے پریشانی میں

* * * * *

مدت ہوئی سجن اے دکھایا نہیں جمال
دکھلاکے اپنے قد کوں کیا نہیں نہال

مٿين چند مثالن کي پڙهڻ کان پوءِ شايد هي حقيقت واضح ٿئي ٿي ته سچل جي ڪلام کي پڙهندي هڪ منٽ لاءِ به اهو شڪ نٿو ٿئي ته ڪو انسان هي اردو هڪ سنڌي زاد شاعر جي زبان کان ٻڌي رهيا آهيون. ان جيڪ هت مولوي عبدالحق کي دعوت ڏيان ته جنهن صاحب ملا وجيه ۽ علي قطب شاهه جي ڪلام جي تدوين ڪئي آهي ته پاڪستان جي هن دور افتاده خطي ڏانهن توجه ڏي ته ڪيس هتي به اهڙائي خوشبودار گل ملندا، جن دڪن جي خاڪ کي معطر ڪيو.

سچل پنهنجي زماني جو هڪ صوفي منش شاعر ٿي گذريو آهي. ان ڪري ظاهر آهي ته

سندس مئي مان جيڪي نغما نڪتا هوندا سي به ان ئي رنگ ۾ رڳيل هوندا. سندس اردو ڪلام تي نظر وجهڻ سان اسانکي سندس شعر ۾ "تصوف جي مقامات" جو سمورو احوال ملي ٿو. صوفيانه شاعري جي جدا جدا عنوانن تي هن نهايت ئي صفائي سان بحث ڪيو آهي. صوفي بزرگن وٽ "يقين" هڪ نهايت ئي اهم ڳالهه آهي. معرفت کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته پهريائين هنن وٽ يقين هئڻ گهرجي. سچل هن مسئلي کي کهڙي نه چگي پيرايه ۾ ادا ڪيو آهي:

اگر اثبات کو جانو نہ ہرگز تم گدا ہوگا
یقین کرنا گدا گر ہیں ، لیکن خود خدا ہوگا

مسئلهءِ وحدت الوجود اسلامي تصوف جو تاجو پيٽو آهي. انتي ساري تصوف جي عمارت کڑي ڪيل آهي. "همه اوست" جي باريڪ نڪتن کي کهڙي نه عمدي نموني نپايو ويو آهي:

نہیں دیدار کوئی دوجہاں نہ جائے دیکھن کی
نظر کی جائے تمہاری ہے ببین تا خود لقا ہوگا
زمیں پر کیا، فلک پر کیا، کیا پر عرش کرسی پر
دروں بیروں ہم اندرے کلی تو جا بجا ہوگا
ھو الاول، ھوالآخر، ھو الظاہر، ھو الباطن
اُدھر وہی، اِدھر وہی "سچو" کہہ تم کجا ہوگا.

اهڙي نموني سچل جو اردو ڪلام تصوف جي باريڪ مسئلن سان پريور آهي، جنهن ۾ "نفي اثبات"، "فنا ۽ بقا"، "ذڪر ۽ فڪر"، "حال ۽ قال"، "همه اوست ۽ وحدة الوجود" جهڙا دقيق مسئلا نهايت آسان نموني طالب کي سمجهايل آهن.

هنن ڳالهين کان سواءِ سندس اردو ڪلام ۾ حسن وعشق جو بيان، هجر ۽ وصال جو ذڪر، درد ۽ محبت جون ڳالهيون وغيره نه فقط ايترو. پر هن پنهنجي شعر ۾ محبوب جي بي اعتنائين ۽ عاشقن جي حالِ زار جو داستان دلگداز انداز ۾ ڳايو آهي. هڪ هنڌ پنهنجي ڪيفيت جو ذڪر هن طرح ڪري ٿو:

کس کو کہہ سناؤں، میرا یار ہے خیالی
میرا حال پوچھتا نہیں ہے اصل سے لاابالی

کهڙو نه درد پريو داستان! عاشق پنهنجي درد جو احوال دلبر سان اورڻ گهري ٿو. مگر هو ايترو ته بي پرواهه آهي جو ڏانهس خيال به نٿو ڪري. "لاابالي" لفظ ۾ ڪيترو نه زور آهي منجهس ڪيتري قدر نه محبوب جي طريقهءِ ڪار جو چٽو نقشو سمايل آهي. وري ڪلام ۾ بي هنڌ ساڳئي وقت سئي طريقي سان درد جو احوال اوريو آهي.

تیرے درد مجھ کو جانا یوں بے خبر کیا ہے
مجروح میرے دل کو اس اک نظر کیا ہے

سچل صرف ايستائين نٿو وڃي، بلڪ ان کان ب ڪجھ اڳيرو پنھنجي معشوق جي شڪايت ڪري جذبات جي ترجماني ڪئي اٿس. چوي ٿو:

تیری ہجر میں پیارا روتا ہوں زار زارا
وعدے تیرے نے ہم کو اب منتظر کیا ہے

محبوب جي جدائي جو ذڪر ۽ ان جي شڪايت ته هر شاعر ڪئي آهي، مگر سچل هنن سٽن ۾ "وعدي تي منتظر" رهڻ جا الفاظ آڻي هجر ۽ فراق جي ڪيفيت کي نهايت ئي واضح بڻائي ڇڏيو آهي ۽ جان پيدا ڪئي اٿس. محبوب جي بي اعتنائي جو بيان ته شاعرن ئي نهايت درد خيز طريقي سان بيان ڪيو آهي، مگر محبوب کي ان جي بي اعتنائي ياد ڏياري ٿو ته توسان ب ڪڏهن منهنجي آشنائي هئي ۽ منهنجي ڳلي۽ مان ب تنهنجو گذر ٿيندو هو، تنهنجو ذڪر فقط سچل ئي ڪري ٿو. ٻڌو چا ٿو چوي:

اتنی یہ بے نیازی سا جن نہ کر "سچل" سے
اسکی گلی میں تم نے اک دن گذر کیا ہے

محبوب جي هن بيپرواهي، بي نيازي ۽ لا اُبالي هوندي ب سچل سندس حسن جو شيدائي آهي، سندس حسن تي نہ فقط پاڻ مفتون آهي، بلڪ جنهن جي ب مٿس نظر پيئي آهي سو سندس لازوال حسن تي حيران ۽ مستان آهي:

بیچارہ ایک نہیں میں آشفتہ اس صنم کا
کتنے ہوئے ہیں حیراں دیکھ کر حسن لایزالی

سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ نہ فقط محبوب جي صفت ڪئي آهي، بلڪ سندس اڳيان اها زندگي پٽر ڪان پري آهي، جنهن ۾ حضرت عشق جو واسطو نہ آهي. ڪهڙي نہ عمدي نموني حسن جي خاصيت بيان ڪئي اٿس:

پتھر ہے اس کی زندگی، بن عشق ہے شرمندگی
جس کو سجن کا درد ہے رویت اسکی زرد ہے۔

وري اڳتي هلي عاشق جي خاصيت کي نهايت واضح طور ظاهر ڪيو اٿس:

عاشق وہی جس غم ہوا دونوں جگت ایک دم ہوا
دن رات اس ماتم ہوا، اکھیاں کا آب اگم ہوا

برھا ظاہر بدنام ہے، باطن میں کلی کا نام ہے
نا صبر نا آرام ہے وہ واہ وہی ماتم ہوا

سچل جيئن تہ ھڪ اھل دل ۽ سوز گداز جي مڪمل تصوير ھو ان ڪري مٿس عشق جا ڪشف وڪرامات ان جا واردات وقت بوقت ظاھر ٿيندا ھئا. ھن ڪيفيت کي ھڪ ھنڌ ھئن ٿو بيان ڪري:

عشق عجب آفتاب ہے، نا کشف کرامات ہے
تقویٰ نہ کوئی طاعت ہے، تن من نہ مرجوعات ہے.

"سچل سرمست" جو اردو ڪلام اھڙي طرح حسن و عشق جي ڳالھين ۽ سوز گداز جي جذبات سان پر آھي، جنھن کي پڑھندي دل ۽ دماغ تي ھڪ عجيب ڪيف ڇانئجي وڃي ٿو ۽ شاعر جي صحيح جذبات جي تصوير اکين اڳيان ڦري ٿي. ان کان اڳ جو مان پنھنجي مقالي کي ختم ڪريان، اھو ضروري سمجھان ٿو تہ ھن ڳالھ جو بہ ذڪر ڪريان تہ سنڌ جي ڪنھن اديب ايڏا تائين سچل جي اردو ڪلام ڏانھن توجھ نہ ڏنو آھي. حتيٰ ڪہ مرحوم آغا صوفي سچل جي جامع پنھنجي ضخيم تصنيف ۾ صرف سندس چئن غزلن تي اکتفا ڪئي آھي. ھينئر وقت آھي تہ سچل جي اردو ڪلام کي جو ٽيڙيل پکيڙيل آھي تنھن کي ھڪوار گڏ ڪري مٿس بصيرت افروز مقدمو لکي منظرعام تي آڻيون. آءٌ پنھنجي مقالي کي سچل جي ھن غزل تي ختم ڪريان ٿو:

مجھ کو تیرا جادو لگا نا صبر نا آرام ہے
تیرے طرف سے اے صنم نا خط نا پیغام ہے
آتش لگائی جان سون فریاد پر فریاد ہے
مرتا ہوں تیرے ہجر میں سر سوز کی صمصام ہے
اس حال اپنے کی خبر کس کو سنائوں اے سجن
جنجال ہے یہ زندگی مرنے میں میرا کام ہے
یا مجھ سے پُر فضا دور کر یا خون تیرا گل ہوا
تم ہو بہا میرے خون کی مجھکو یہی الہام ہے
اکھیاں جادوگر تیریاں دل ہماری لوٹ لی
پھر پڑے زلف کے پیچ میں "سچو" دلوں کا دام ہے۔

شفيع احمد علوي

سچل سرمست جو فارسي ڪلام

قديم زماني کان سنڌ ۽ ايران جا پاڻ ۾ سياسي ۽ ثقافتي ناتا قائم رهيا آهن ۽ سنڌ ايراني تهذيب ۽ تمدن کان گهڻي قدر متاثر ٿي آهي. انهن صدي عيسوي جي اختتام کان اٺويهين صدي جي نصف تائين هڪ هزار ورهين جي عرصي کان وڌيڪ فارسي سنڌ جي دفتري ۽ ادبي زبان ٿي رهي آهي. سنڌين ان جو ثانوي زبان وانگر مطالعو نه ڪيو. پر مادري زبان کري پڙهيائونس ۽ ان ۾ ايترو ته استعداد ۽ مهارت حاصل ڪيائون، جو منجهس پنهنجا شاهڪار تصنيف ڪيائون ۽ ڪيس وسعت ڏنائون. سنڌين جون فارسي ادب لاءِ ڪيل خدمتون تحسين لائق آهن ۽ ان متعلق مختلف تذڪرا جهڙوڪ "مقالات الشعراء" ميرعلي شير قانع، "تڪملہ مقالات الشعراء" محمد ابراهيم خليل وغيره متفق آهن. سنڌ جي فارسي ادب جو مطالعو ڪرڻ نهايت اهم آهي، ڇاڪاڻ ته ادبي، فلسفي، اخلاقي ۽ تصوف جي نقطہ نظر کانسواءِ ان ۾ ئي وطن عزيز جو هزار سالن جو ادبي سرمايو سمايل آهي. نهايت مسرت جي ڳالهہ آهي جو ڪجهہ وقت کان ملي فارسي ادب ڏانهن توجهہ ڏنو ويو آهي ۽ ان ڏس ۾ مرحوم دين محمد وفائي صاحب "مشاهير سنڌ" محترمي لطف الله بدوي صاحب "تذڪره لطفي"، ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي صاحب "سنڌ جا فارسي شعراء" جون ڪاوشون قابل ذڪر آهن، اسان کي ايراني نقادن جي ملڪي فارسي ادب تي ڪيل ڪڙين تنقيدن کان مرعوب ٿيڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهي منصفانہ ڪين آهن ڪي وطني اديب ۽ شاعر آهن، جي پنهنجي وقت جي ايراني نسل اديبن ۽ شاعرن سان برميچي سگهن ٿا. سنڌ جي فارسي ادب جي سرسري مطالعي کان سواءِ انجي اديبن ۽ شاعرن جو اختصاصي مطالعو بہ ضروري آهي. انهن جي ادبي آثارن پڙهندي سندن عهد، شخصيت ۽ نظريہ متعلق نيون نيون حقيقتون واضح ٿين ٿيون جي سندن متعلق مروج غلط روايتن ۽ ڏند ڪٿائن ۽ جڙتو احوالن جي تردید ڪن ٿيون. مصنفن جي ڪتابن مان اندروني شهادت (Internal Evidence) جي ذريعي سندن متعلق معتبر احوال معلوم ٿين ٿا. جنهن تي مغربي تحقيقات جو بنياد ٻڌل آهي.

هن مختصر مقالي، جنهن ۾ سچل سرمست جي فارسي شعر تي تبصرو ڪيو ويو آهي، تنهن جي لکڻ جا هي سبب آهن:

(1) سچل سرمست جي فارسي ڪلام تي اڳي سنڌي ۾ ڪابه تنقيدي نظر نه وڌي ويئي آهي. البت مرحوم آغا صوفي شارح سچل سرمست انجي فارسي شعر جو نمونو ڏنو آهي ۽ مرحوم وفائي ان جي مثنوين جو ذڪر ڪيو آهي.

(2) سچل سنڌي ۽ سرائڪي زبانن کان سواءِ فارسي زبان جو پُرگو ۽ بلند پايه شاعر آهي. هو ديوان آشڪار، راز نامه، رهبر نامه ۽ تار نامه وغيره فارسي مثنوين جو مصنف آهي، تنهن ڪري هڪ وطني بلند پايه فارسي شاعر هئڻ سببان سندس مطالعو ڪرڻ اهم آهي.

(3) سچل هڪ شاعر کان وڌيڪ وڏو مفڪر ۽ صوفي آهي ۽ هو منصور حلاج، عطار، شمس تبريز وانگر مجذوب صوفي آهي ۽ "وحدت الوجود" جو وڏو شارح آهي.

(4) سندس سنڌي شعر کي چگي طرح سمجهڻ ۽ شاعري جي نظريي، فلسفي ۽ تصوف جي سرچشمن کي پروڙڻ لاءِ فارسي ڪلام جو مطالعو نهايت ضروري آهي.

(5) سندس فارسي ڪلام "ديوان آشڪار" جو مطبوعه نسخو سندم دوست خدابخش يزدي معرفت پڑهڻ لاءِ مليو. جو ڪتاب "بهائي لائبريري ڪراچي" جي ملڪيت آهي ڪتاب جي سرورق تي لکيل تحرير مان خبر پوي ٿي ته اهو ڪتاب مٹئين ڪتبخانه کي پروفيسر ڏيپچند کنئرا هديو ڪيو آهي، جو صاحب کنهن وقت ڏي. جي سنڌ ڪاليج ۾ پروفيسر هو.

سچل جو نالو عبدالوهاب بن صلاح الدين بن صاحبڏنو فاروقي هو. 1152هـ ۾ درازن ۾ جائو هو. سندس والد صلاح الدين صغير سني ۾ فوت ٿي ويو ۽ سچل جي پرورش ميان صاحبڏني ۽ چاچس ۽ مرشد خواجه عبدالحق رح ڪئي. چون ٿا ته شاهه پٽائي جڏهن درازن ۾ آيو هو ته سچل کي ڏسندي چيو هئائين: "ابا هن نينگر جي نگهداري ڪجو. منجهس مٹيا آهي، اسان جا ڪُني چاڙهي آهي، تنهن جو ڏکڻ هي ڇوڪر لاهيندو." متداول عقلي ۽ نقلي علومن ۾ تعليم حاصل ڪري طريقت ۾ چاچس خواجه عبدالحق جو مريد ٿيو. جنهن متعلق فنا في الشيخ وارو عقيدو ٿي رکيائين، جيئن ديوان آشڪار ۾ چيو اٿس:

گر بگوئي ميشوم واقف ازان اسرار راز — پس تو کن با صدق دل روئي به سو شهردراز
هست آنجا پير عبدالحق عارفِ اوليا — مي کند آن سر وحدتش مسکين نواز

وري ٻئي غزل ۾ سندس روحاني بلند پروازي بيان ڪندي چوي ٿو:

يک روز بودم من بخدمت مصطفيٰ — سرورِ کونين آن خير الوريٰ
اين چنين فرمود مارا از کرم — جز برخصت پير عبدالحق ميا

از گروهي خاص او را کرده ام — جلوه فيضش بودهم جا بجا
شان و شوکت پيرما بالا تراست — همچو اوکس نيست در عالم علا
"آشکارا" خاک پائي پير باش — تا شوي از دوستيش بادشاه

مٿئين غزل مان نہ صرف مرشد جي بلند مقام جي خبر پوي ٿي پر سالڪ جي فنافي الرسول ۽ صاحب حضوري هجڻ جي ڄاڻ ٿئي ٿي. تحقيق اها مولا جي مهر آهي جنهن کي وڻيس تنهن کي عطا ڪري:

ذالک فضل الله يوتيه من يشاء

سچل ڪليات عطار، ديوان شمس تبريز، مثنوي معنوي، ديوان احمد جام زنده پيل ۽ آثار جامي جو گهرو مطالعو ڪيل ٿو ڏسجي ۽ مٿيان تصوف جا ڪتاب سندس سرچشما هئا. انهن شاعرن جو پنهنجي ديوان آشڪار ۾ اعتراف ڪيو اٿس، چوي ٿو:

من شدم عاشق بنامِ آشفتگان — ره رفيق خواجه احمد جام ماست

خواجه احمد جام زنده پيل عارف ڪامل ۽ صاحب ديوان هو. سندس هيئيون شعر عارفانہ مجلس سماع ۾ ٻڌندي حضرت خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي تي حال طاري ٿيو جنهن انهيءَ حالت ۾ وصال ڪيو:

ڪشتگانِ خنجر تسليم را — هر زمان از غيب جاني ديگر ست

ديوان شمس تبريز بابت چوي ٿو:

گر کسي ديوان شمس الحق بخواند باليقين
از خودي آزاد گردد و زمن و مائي بدر

سچل خواجه فريد الدين جو گهرو مطالعو ڪيو ٿو ڏسجي ۽ انجي ڪتابن رازنامہ، وصلت نامہ ۽ منطق الطير جي پڙهڻ جو ذڪر ڪيو اٿس. عطار سندس روحاني مرشد آهي ۽ سچل ان جو اويسي مريد آهي. بارها عطار کي نهايت شوق ۽ والهانہ انداز ۾ ياد ڪندو هو ۽ خاڪ نيشاپور کيس ڏاڍي عزيز آهي:

اي صبا باما حقيقت شهر نيشاپور کن خواه — ميکنم قربان بران خاکِ زمين اين جان وتن
از عطارگان محب در پير مغان است — از ولي الله دعاي آشکارا خويشتن

وٽس عطار جو مرتبو مرشد جي ارشاد موجب رومي ۽ جامي کان مٿاهون آهي:

اي دلا خوشبو زشه عطار در جانم رسيد — آن زمان يکبار گي از کفر و دين مارا کشيد
چه جلال الدين چه جامي غاشيه بردار او — اين چنين تعريف من از پير عبدالحق شنيد

خواجه عطار جو صوفي شاعرن ۽ عارفن ۾ اٽاهون درجو آهي. چيو ويو آهي تہ منصور حلاج جو روح انڪل ٽن سو سالن کان بعد عطار جي صورت ۾ آيو. هو عرفان جي آسمان جو شهباز آهي.

جي مقامات ۾ين عارفن مدتن ۾ طئي ڪيا سي عطار قليل عرصي ۾ تمام ڪيا. عين منصوري روح عطار ۾ ۽ ڪار فرما آهي ۽ منجهس ساڳيو جذبو ۽ مستي آهي. منصور وانگر استغراق جي حالت ۾ اناالحق جو نعرو هنيو اٿس چوي ٿو:

در آور وادئي ايمن که نا گاه — درختي گويدت اني انا الله
روا باشد انا الحق از درختي — چرا نبود روا از نيک بختي

يا وري :

در ره توحيد جان ايثار کن، — ديده را دربار او دربار کن
در جلال حق جمال حق به بين — با صفات ذات رب العالمين
من نمودارم برائي جان تان — وانمايم سر حق را آن زمان
من خدايم من خدايم من خدا — فارغم از کبر و کينه وز ريا

(بيسر نامه)

سچل ۾ ۽ ساڳيو عطار جو مست روح ڪم ڪندڙ نظر اچي ٿو ۽ هن ۾ اهو ئي جوش، جنون، مستي، آشفته سري ۽ بي باڪي آهي. هن ۽ منصور ۽ عطار وانگر "اناالحق" جا نعرا هنيا. جيئن ته سندس خيالن ۽ عبارت تي عطار جو گهرو اثر پيل آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن سچل ڪي سندّ جو عطار سڏجي ته بجا آهي. سندس هيٺيان شطحيات مٿين شاعرن جو عڪس آهن:

در ولايت جسم و جان پادشاهي ميکنم
پادشاهي چيست و ليکن خود خدائي ميکنم

به شاهي ميزنم نعره گدائي — گدائي نيست وليکن خود خدائي
بگمراهي نيفتاديم هرگز — جهان را مي کنم اين رهنمائي

اناالحق جو نعرو هڻڻ هرڪس و ناڪس جو ڪم نه آهي، هي اهي عارف آهن جي بحر توحيد ۾ وڃي غرق ٿيا ۽ انهيءَ درجي تي وڃي پهتا، جتان جي خبر قدسي به ڏئي نٿا سگهن، جنهن لاءِ شاهه پٽائي فرمايو آهي:

عاشق چئو مَر ان کي، مَر کي چئو معشوق
خالق چئو مَر خام تون، مَر کي چئو مخلوق. (پٽائي)

جنهن لاءِ حافظ شيرازي ٻڌايو آهي:

ميان عاشق و معشوق هيچ حائل نيست — تو خود حجاب خودي حافظ از ميان برخيز

امير خسرو انهيءَ منزل جي هيئن ٿو خبر ڏي:

من تو شدم تو من شدي من تن شدم تو جان شدي
تا کس نگويد بعد ازين من ديگرم تو ديگري. (خسرو)

اهي سرمست راتيان ڏينهان بيخودي جي ولايت ۾ وسن ٿا ۽ پنهنجي هستي کان بالڪل بي خبر ٿي وڃن ٿا، جتي الوهيت ۽ عبوديت جو ڪو به امتياز نٿو رهي.

هي مشاهدو صرف پاڪ نظر وارو ئي ڪري سگهندو. انهيءَ واديءِ بيخودي ۾ خمار ۽ مستي جي حالت ۾ حيرت جا جلوه ڏسي سچل، منصور حلاج وانگر استغراق ۽ ڪيفيت جي جذبي ۾ "نعره انا الحق" هنيو. سندس رڳ رڳ مان اهو آواز نڪتو:

الفارني في الله والباقي بهي، من نيستم والله بالله من نيستم

مٿس سندس مرشد عطار وانگر وقت بوقت حال ۽ وجد طاري ٿيندو هو. حقيقت ۾ اهو نڪو فلسفو آهي، نڪا ڪا رسمي شاعري ۽ نه وري منطقي فڪر يا استدلال آهي. هي الله جي عطا ڪيل جذبن مان هڪ پاڪ جذبو آهي جو صرف حال وارن عارفن تي ئي وارد ٿيندو آهي. نه سڀ ڪنهن کي ئي نصيب ٿيندو آهي. جيئن سرمد چيو آهي:

اين دولت سرمد همه کس را ندهند

انهن بقائي حق ۾ فنا ٿيڻ وارن بابت مولانا رومي فرمايو آهي:

چون فنا از فقر پيرايه شود او محمد وار بي سايه شود
فقر فخري را فنا پيرايه شود چون زبانِ شمع او بي سايه شود — رومي

سچل جي فارسي ڪلام کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

ديوان آشڪار

هي سچل جي غزليات، ننڍين مثنوين، رباعين وغيره جو مجموعو آهي، جو پهريون پيرو هزهائينس ميرعلي مراد خان تالپر جي اهتمام سان شاعر جي وفات کان ستت ئي پوءِ تدوين ڪري چپايو ويو هو ۽ ٻيو پيرو ساڳيو ديوان سچل جي ٻن طالبن مرحوم آغا صوفي ۽ ديوان وليداس سابق ڊپٽي ڪليڪٽر جي نيڪ ڪوشش سان نستعليق خط ۾ مطبع رفاه عام اسٽيم پريس لاهور ۾ مولوي نور الحق جي اهتمام سان طبع ٿيو. مٿس چاپي جو سال نه ڏنل آهي. هن ٻٽي چاپي ۾ سچل جا صرف 313 فارسي غزل درج آهن ۽ سندس ٻيو ڪلام جو پهرين چاپي ۾ ڏنل هو سو نه آيل آهي. غزل مختلف اوقات جا منجهس شامل آهن ۽ ڪي ته سندس پيري واري عرصي ۾ لکيل هجڻ جي شاهدي پرن ٿا. مثلاً هيٺيون شعر سندس 71 سالن جي عمر جي گواهي ڏئي ٿو:

گذشته عمرما هفتاد يکسال ولي از غمزه عشقش نوجوانم

مرحوم مرزا علي قلي بيگ، جامع "رسالهٔ سچل"، سندس شعر چوڻ جي حالت متعلق لکي ٿو: "جڏهن سارنگي ۽ طبلي تي هٿ لڳندو هو، تڏهن بيخود ٿي ويندو هو ۽ مٿي جا وار کڙا ٿي بيهندا هئس ۽ اکين مان پاڻي وهندو هوس ۽ شعر مستي ۽ بيهوشي جي حالت ۾ چوندو هو، جي منشي ۽ فقير لکندا هئا. جڏهن هوش ۾ ايندو هو، تڏهن وري چئي ٻڌائيندا هئس. پوءِ پاڻ چوندو هيو: "ابا، اهو چوڻ واري چيو آهي، مون کي ته ڪا خبر ڪانهي."

ديوان آشڪار سچو شاعر جي جذبهٔ مستي، سوزگداز، رقت، وجداني ذوق، فنا، عبوديت، استغراق، تجليات معرفت، ذوق فنا في الوجود سان لبريز ۽ معمور آهي. ان جي سمجهڻ ۽ سندس باريڪين، رمزن ۽ اسرار کان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ هڪ خاص ذوق نظر جي ضرورت آهي جا ڪاملن ۽ پاڪ نفسن کي مليل هوندي آهي.

مرحوم آغا صوفي شڪارپوري شارح "سچل سرمست" ديوان آشڪار بابت لکي ٿو: "سرمست درازي جي ديوان آشڪار واري فارسي شعر جو پندار جي ڪٽي سنهي سمجهه سان قولبو ته نه رڳو شعر جي فن سان پرپور ڏسبو، پر خيال جي درياءَ جي اونهائي ايتري ته منجهس پاتي وڃي ٿي، جو ڪيئي ورهه جي وادي جا سر ٽوڙ ٽوها منجهس ٽهيون هٽي هيڄ ٿيا، پر تري پير نه پهتن. انهيءَ ديوان ۾ توحيد بنسبت چيل ڪلامن جو گهٽو حصو جدت سان پرپور آهي. جنهن جنهن وقت، جو جو حال مٿائنس طاري ٿيو آهي، سو پنهنجي ڪلام جي قالب ۾ پلٽيو اٿس ۽ اهو وري اهڙيءَ طرح جيئن ڪوزي ۾ درياءُ اهو واقعي حقيقت جي حال جو هڪ بي نظير ڪتاب آهي".

ديوان آشڪار هينين غزل "في حمد باري تعاليٰ" سان شروع ٿئي ٿو. جنهن مان شاعر جي موحد هجڻ ۽ ذوق عرفان خداوندي جي خبر پوي ٿي:

پادشاها خلعتي از عشق پوشاني مرا — جرعه از جام توحيد بنوشاني مرا
بر در درگاه عالي روز و شب من سائلم — کن زلطف خويش روزي دست افشاني مرا
هر کسي گويد که دشوار است راه عاشقي — از توجه خود کني اين راه آساني مرا
صد هزاران طالبان باشند من يک نيستم — هست در کوي تو کردن جان قرباني مرا

هي سارو غزل توحيد، وحدت الوجود، ذوق عبوديت، الاهي عشق ۽ محبت طالب جي طلب ۽ آرزو، ۽ هڪ سچي صوفي جي حقاني امنگن جو چٽو نقشو آهي. ٻيو غزل شاعر جي عاجزاڻي دعا بارگاه ايزدي ۾ آهي. جنهن ۾ سندس بلند عزائم ۽ مقاصد بيان ڪيل آهن. اها ساڳي توحيد جي طلب، حق آگهي ۽ خود شناسي جي تلقين ڪئي ويئي آهي.

خدا و ندا، تو برمن رحم فرما — رهائي ده مرا از قيد من و ما
بنو شاني شراب از سر وجدت — شناسم تا ترا، اي پادشا

پاڻ سچاڻ جي بي تابي ۽ تڙپ ۾ مٽس خدا شناسي جي حقيقت ڪلڻ لڳي ٿي:

من عرف نفسه فقد عرف ربه

من كجايم من كجايم من كجا — توئي موجود در عالم هويدا
بهر جائي ظهور خود نموده — ز سر خويش مارا كن شناسا
توئي در ظاهر و باطن همه يک — بجز تو نيست ديگر هيچ گويا

عارف ڪامل کي هر هنڌ ظهور محيط ڪل، تجليات توحيد مظاهر مان انجو عڪس، جلوه ۽ صورت بنا تشبيه نظر اچي ٿي. حق هر جاءِ موجود آهي (الا موجود الا الله)، پر ان کي ڏسڻ لاءِ چشم بينا ٿي گهرجي. "فانيما تولو فثم وجه الله." هستي کي وجائي نيستي ۾ جاودانی حاصل ڪرڻ صوفيا ڪرام. ۽ عارفن جو خاص شغل آهي. اهي هميشه نيستي ۽ فنا جا طالب آهن. ان ڪري آشڪار چوي ٿو:

نباشد آشكارا درميانه — تو باشي در دو عالم اى خدايا

سچل پنهنجي مرشد عطار وانگر پاڻ سچاڻ يا خودي يا خود شناسي جي تعليم نهايت زور سان ڏني آهي. هن ٻڌايو آهي ته ڪيئن بندو پنهنجي حقيقي در جي ڪي وساري ڪيئن شاه مان گدا ٻڌبو آهي. ڪيس اعليٰ مقام تي رسڻ لاءِ پاڻ پروڙڻ گهرجي. "من عرف نفسه فقد عرف ربه" جو ڪهڙو نه سهڻو تفسير ڪيو آهي:

نفس خود را چون تو بشناسي دلا — حق تعالىٰ را بداني با عطا
عارف آن باشد كه باشد خود شناس — هر كه عارف نيست گردد نا سپاس - عطار

هينيون "خود شناسي" تي انتخاب، ڪهڙو نه عمدو آهي.

هر آن كه اصل خود راهي شناسد — شود آگاهه او از اين معما
خويش را بشناس درگل گوهر است — ماه پنهان كه شود زير غلاف
اگر خود را خدا داني "خدائي" — اگر خود را گدا داني گدائي.

اي دلا هرگز مشو تو بيخبر، خودرا شناس — بگذري زين غافلي هم سربسر خود را شناس
بي قدر خودرا نمودي خويشتن رافهم كن — غير حق تو نيستي عاليقدر خودرا شناس

آنکس که شناخت خویشتن را دانی که بیافت ذوالمنن را
انسان شده ز بهتر عرفان پوشیده ز خاک پیرهن را
گه یوسف گشت گه زلیخا حیران نمود نل دمن را

سرمست هر ڪنهن کي پاڻ سڃاڻڻ منصور وانگر "اناالحق" جي نعري هڻڻ جي تلقين ڪئي آهي. سيني صوفياءِ ڪرام وانگر سچل کي شريعت لاءِ بيحد عزت هئي، پر وادي وحدت ۾ رسي واحد سان وصال ماڻڻ کان پوءِ هو شريعت جي پابندي جو قائل نہ آهي. جيئن چيو اٿس:

از شرع رو متاب گر مردي غوث و قطب و کنند سلام شرع
آن موحد که درد عشق گرفت سر تصديق کند بنام شرع
گفت ملحد که حد شرع گذشت چون بوحدت روم کدام شرع

آشڪار عشق جو وڻجارو هو ۽ سوز ۽ سڪ جو وڪرو هايو هئائين. "فنافي العشق" هو ۽ عشق سندس مقصد ۽ منتهيٰ هو. رومي جي هيٺين شعر مطابق سندس مڙني مرضن جو طبيب ۽ علاج آهي:

شاد باش اي عشق خوش سودای ما اي طبيبِ جمله علتهای ما

جيئن جيئن طلب ۽ آرزو، عشق ۽ محبت ۽ ذوق، عبوديت ۾ فنا ۽ استغراق، شوق ۽ مستي جا والهانہ جذبات وڌندا ويس، تيئن هو پنهنجي فقيري ۽ صوفياني وجدان ۾ فنا في الذات جي منزل تي بيخود نظر اچي ٿو ۽ "وفي انفسكم افلا تبصرون" جي حقيقت مٿس آشڪار ٿيڻ لڳي ٿي، سندس هي عشقيہ اشعار عشق ۽ عرفان جو مخزن آهن.

خواندي چه علم دعوت چه کشف چه کرامت جز دردني سلامت هي هي چه شد چه شد
گر کسي را عشق او دامن گرفت بالیقین داني که او گمراه نیست
جز محبت راه دیگر نیست نیست گرچه شاهي تاج افسر نیست نیست
جز یار دگر طرف نه بینند آن دید که پُر خمار عشق است
عشق شهباز عقل چون دراج عقل در حضرتش بود محتاج
دلا هرگز ز خوابان وفا نمي گردد خیال تاهم بر گذشته ما نمي گردد
همان دل است که پر از خزینه حق است دگر فناست، مگر آن فنا نمي گردد
میان عاشق و معشوق هیچ فرقي نیست زشخصي سایه هرگز جدا نمي گردد
عشق را داني که باشد نور پاک هر کسي را عشق باشد پس چه باک
از محبت عشق پیدا گذشته است هم زمین و هم عرش و هم کرسي و فلک.

ديوان آشڪار جو شعر عارفانہ ۽ حقيقي عشق تي آهي ۽ اعليٰ صوفيانہ شعر وانگر منجهس

تمثيل رکيل آهي. ان ۾ عاميانہ شعر وانگر رنگ وبود يا اجائي شاعراڻي ناهہ نوهہ. چٽسالي ۽ موسيقي وغيره جو سامان رکيل نہ آهي. هي رندي ۽ عارفانہ ڪلام آهي جو ماڻهن جي هدايت ۽ نصيحت لاءِ لکيو ويو آهي ۽ نہ روماني شاعرن وانگر جذبات برانگيخہ ڪرڻ لاءِ، شاعر خود ان جو اعتراف ڪيو آهي. جيئن چيو اٿس:

این سخن است نے از شاعریست کی خساں دا نند این اشعار ها.

ڪٽي ڪٽي ڪلام ۾ عروضي نقائص ڏٺا وڃن ٿا، جي شايد ڪاتبن جي غفلت سببن رهجي ويا آهن. ديوان آشڪار جي ٻولي سليس، شستہ ۽ پاڪيزه آهي ۽ مٿس "سبک هندي" جو اثر پيل آهي جو ماحول جي اثرات سببان ناگزير آهي. نازڪ خيالي، سوز و درد جو منجهس گهڻو سرمايو رکيل آهي. آشڪار جي طرز ادا سنائي ۽ عطار سان مشابهت رکي ٿي. جن جي شعر جون مکيہ خصوصيتون آهن. سادگي ۽ جوش. اهي خسرو، رومي ۽ حافظ کان مختلف آهن. جن جي ڪلام ۾ بلاغت ۽ جزالت پاتا وڃن ٿا. آشڪار جا ڪي غزل نهايت وجد، مستانہ ذوق ۽ ميناڄ سان لبريز آهن. مثال طور هن غزل ۾ آشڪار جي وجداني ڪيفيت ۽ شوق عالم آشڪار آهن.

من باو مست یار مست بما تاکه از عهد داد دست بما
دوست را مونسي وهم نفسي چند ایامها گذشته بما
آشکارا نوشاد باش صنم عهد نامه وفا نوشت بما

مٿين شعرن ۾ الستي عهد ۽ ميثاقي قول جي يادگيري ڏيارايل آهي ۽ اڳوٽي ۾ مست زندگي ۽ وصال جي ڏينهن ۽ ان جي سهڻين ڳالهين کي ساريندي لطافت ۽ شيريني مخصوص آهي جا عراقي، جامي عماد الفقيه ڪرماني جي ڪلام ۾ ملي ٿي. انهي شعر جي لطافت خيال، شستہ زبان تي اکثر دوکو کائي ان کي ڪنهن ايراني نسل جي شاعر جو شعر سمجهيو ويندو ۽ ساڳيوئي والهانہ انداز سندس هنن شعرن ۾ آهي:

ساقیا بر خیز در مجلس درا نو بهار آمد کني فرصت چرا
در پیاپي جام مي گلگوں ببخش در چنین که خوش آید مرا

يا سندس هي غزل:

در دو عالم پادشاه عشق سیار آمده گه بمومن گه بمسلم گه بکفار آمده

اهو آشڪار جو غزل، رومي جي غزل (هر لحاظ بصورت د گرآن يار آمد) جي ياد ڏياري ٿو. انهن چند مثالن مان آشڪار جي تغزل جو صحيح اندازو لڳائي سگهجي ٿو. آشڪار وحدت جو مشتاق آهي ۽ دخترِ رز کان بيزاري هيئن ٿو ڏيکاري:

ساقيا اين شراب انگوري ما نخواهيم كزوست صد دوري
لازوال است آن مي وحدت آن بنوشان زهم ز مهجوري

ٻئي هنڌ پاڻ کي منصور وانگر وحدت جي شراب جو سرمست ڪوٺي ٿو:

اين شيوه است رندي معلوم شد به رندان من از شراب وحدت منصور وار مستم

هو ساقيءَ کان ميءِ وحدت ٿو گهري:

ساقا مي همين نمي خواهم كن ز مي وحدت آگاهم

سچل جي ديوان آشڪار ۾ مختلف صوري لفظي ۽ معنوي محاسن آهن. سندس شعر ۾ غضب جي محاڪات آهي. جنهن جي وسيلي هو پنهنجي شاعرانہ امنگن ۽ خيالن کي اهڙن عمدن ۽ اثرائتن لفظن ۾ ادا ٿو ڪري ۽ جذبن ۽ اڌمن کي اهڙا رنگ برنگي ويس پهرائي ٿو، جو پڙهندڙن جون دليون بي اختيار ڇڪجيو وڃن ٿيون ۽ اها نقش ڪيل تصوير هو بهو سندن اکين اڳيان ڦري ٿي. ٻي جا خصوصيت ديوان آشڪار ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا آهي سندس اٽاهہ جوش، مستي ۽ جنون. شعر ۾ بيحد رواني آهي اهو خود بخود چيل شعر آهي ۽ آمد جو نتيجو آهي. ان قسم جي شعر پڙهندي ۽ ٻڌندي روح ڇڪ ڏئي ٿو. اهو گويا الهامي آواز آهي ۽ قدرت پاڻ ڪٽي لکيو آهي، نازڪ خيالي، اعليٰ مضامين، منجهس ركيل روحاني رمزون، ٻولي جو ميناڄ، واردات، جذبات قلبي وغيره ان جون امتيازي خصوصيتون آهن. ديوان ۾ تصوف جا مشڪل مسائل حل ڪيل آهن، روحاني حقيقتون ٻڌايون ۽ معنوي اسرار فاش ڪيا ويا آهن، جن مان خبر پوي ٿي تہ شاعر کي فطرت طرفان جهجو شاعرانہ ۽ عارفانہ بخرو مليل هو. مطلب تہ "ديوان آشڪارا" تصوف جو هڪ املهہ ۽ بي بها خزانو آهي. اهو سچل سرمست جي بيخودي، ذوق ۽ مستي ۽ بي باڪي جو ترجمان آهي، شراب وحدت، ڪاسءِ سوز و سرور ۽ صهباي معرفت جو چلڪندڙ ۽ چلڪندڙ جام آهي، جنهن ۾ تندو تيز خمار آهي. ان جي سرور ۽ خمار جي لذت سان آشنا ٿيڻ کا سولي ڳالهہ نہ آهي، چاڪاڻ تہ هوش و حواس گم ڪرڻ جو گهٽو سامان ديوان آشڪار ۾ آهي. ديوان جا ڪي غزل بيحد سرمستي ۾ چيل آهن، جن کي ڏسي اهل ظاهر کين شطحيات سان نسبت ڏيڻ لاءِ مجبور آهن، پر اسان کي تہ هن فنا في العشق عارف آشڪار جي صورت ۾ خواجہ عطار، رومي، حلاج ۽ بايزيد جي پڪار ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

"ديوان آشڪار" کانسواءِ سچل سرمست، هيٺين ڇهن فارسي صوفيانہ مثنوين جو مصنف آهي:

(1) راز نامہ: هڪ تمثيليہ مثنوي آهي، جنهن ۾ رمزن، ڪنايہ ۽ ٽميلي نوع معرفت جا معما ڏنل آهن.

(2) رهبر نامہ: هي طالبن جي هدايت ۽ تلقين لاءِ کين گمراهي کان بچائي صراط المستقيم تي آڻڻ لاءِ لکيل آهي.

مثنوين راز نامہ ۽ رهبر نامہ ۾ شاعر پنهنجو تخلص "خدائي" استعمال ڪيو آهي.

(3) سوز نامہ ۽ گداز نامہ ۾ عشق ۽ فراق جي حالتن جو بيان ڪيل آهي.

(4) وصلت نامہ ۾ ڦوڙائي ڪي ٻن وجهي حبيب سان هيڪاندي ٿيڻ جا رستا ٻڌايل آهن.

(5) تارنامہ: هن ۾ آهني تار جي سر گذشت منظوم ڪئي ويئي آهي ۽ سندس واتان انجي زندگي جو احوال بيان ڪرايو ويو آهي، جو بقول رومي عبرت خيز آهي:

و خشک تار خشک چوب و خشک پوست　　از کجا مي آورد آواز دوست

بقول مرحوم وفائي: "انهن سيني مثنوين جو بحر ۽ وزن مولانا جلال الدين رومي وارو آهي. صوفيائي ڪرام شيخ فريد الدين عطار کان وٺي هينئين ٽولن تائين انهيءَ بحر ۾ پنهنجي دل جو راز اوريو آهي". سچل انهن مثنوين ۾ تصوف جي اهم مسائل جهڙوڪ توحيد، وحدت الوجود، عالم خلق ۽ عالم امر، تجدد امثال، فنا ۽ بقا ۽ صوفين جي خاص شغلن، توبہ، مجاهدي وجد، تسليم، زهد، تقويٰ، صبر، شڪر وغيره تي مؤثر پيرايہ ۾ بحث ڪيو آهي. ٽپي ٽپي تي قرآني آيتن ۽ حديثن سان استدلال ڪيو اٿس. اگرچہ مثنوين ۾ مضمونن جي ترتيب جي لحاظ کان ڪو ظاهري خاص لاڳاپو ڪونهي ۽ نہ وري ڪا منجهن فڪر جي جدت يا نوائي رکيل آهي، جا سنائي، عطار، رومي، نظامي گنجوي ۽ جامي جي مثنوين ۾ ملي ٿي. تنهن هوندي بہ تصوف جي گهرائي، مختلف موضوعن جي بلند خيالي، حسن ۽ لطافت جذبات جي پاڪيزگي سببان سندن حيثيت مسلم آهي. شاعر منجهن هڪ فلسفي يا متڪلم جي حيثيت ۾ نظر نٿو اچي، پر هڪ صاف دل ۽ پاڪ نفس صوفي جي صورت ۾ ڏيکاري ڏئي ٿو ۽ تصوف جي نقطہ نظر کان زندگي جي اسرارن جي عقده ڪشائي ڪري ٿو.

سيني صوفين وانگر هو بہ اصحاب ڪرام، اولياءِ عظام ۽ سلف صالحين جو محب آهي. عطار وانگي خلفاءِ راشدين متعلق پنهنجي والهانہ عقيدت ۾ چوي ٿو:

مصطفيٰ و مرتضيٰ هر دويکي ست　　در ابوبکر وعمر کس را شکي ست
سر احمد بود عثمان در جهان　　احمدش گفته رفيقي في الجنان. (وحدت نامه)

مرشد برحق خواجہ عبدالحق هٹان وحدت جي جام پيئڻ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

من نه طالب باده انگوريم　　زان شراب انگوري، من دوريم
باده وحدت زلطف شه دراز　　خواجه عبدالحق بهر دوسر راز
ازيدِ ساقيِ کوثر خورده ام　　زان سبب اين گوئي سبقت برده ام
(گداز نامه)

سچل جو ڪو عاميانہ شعر نہ آهي، پر عاشقانہ ۽ عارفانہ آهي، پنهنجي توحيدي شعر ڏانهن اشارو ڪندي چيو اٿس:

اين سخن ڪه شعر باشد اي پسر! اين همه ذڪر است آيات و خبر

رهبر نامہ ۾ سالڪن جي خوبين جو چگي طرح بيان ڪيو ويو آهي ۽ ڪين مرشد جي فضائل ڪان بہ آگاهہ ڪيو ويو آهي. جيئن ڪين پروڙ پوي تہ هرڪس وناڪس مرشد ٿي نٿو سگهي. ڪين اهڙي شيخ جي بيعت ڪرڻ ڪان احتراز ڪرڻ گهرجي.

سچل جي مثنوين ۾ بيحد رواني ۽ سادگي آهي ۽ منجهن تصوف جا باريڪ نڪتا رکيل آهن. انهن مان سنائي، عطار ۽ رومي جي هيڪار پئي اچي. سچل جي ديوان آشڪار ۽ مثنوين جي پيٺ لاءِ آنجهاني نڪلسن جو رايو جو ديوان شمس تبريز ۽ مثنوي معنوي بابت آهي، سو ساڻن بہ لاڳو آهي:

هڪ (مثنوي) پر عظمت ندي جي مثال آهي جا نهايت خاموش ۽ عميق آهي ۽ وراڪا ڏيندي پر فضا وادين ۽ مرغزارين مان پنهنجو رستو طئي ڪري رهي آهي ۽ ٻيو (شمس تبريز) ان تيز ۽ تند سيلاب وانگر آهي، جو ڪنهن فلڪ بوس ٽڪر تان جاري ٿئي ٿو ۽ عرشن سان ڳالهيون ڪندو جوش خروش سان وهي رهيو آهي. ديوان آشڪار ۾ بيحد جوش و خروش ۽ مستي آهي. باقي مثنوين ۾ مانائي آهي ۽ خاموشي ۽ ٽڏي سيني سان تصوف جا مختلف مسئلا منجهن سمايل آهن. مطلب تہ سچل سرمست جو فارسي ڪلام اعليٰ قسم جو آهي، ٻنهي: ٻوليءَ توڙي فڪر جي لحاظ ڪان، جنهن جي سببان هن شاعر ڪي هند- پاڪ جي فارسي گو صوفي شاعرن ۾ بلند مقام حاصل آهي ۽ رهندو.

رشيد احمد لاشاري

سچل سائينءَ جو سرائڪي ڪلام

سچل سرمست توڙي سندن رشتيدارن يعني فاروقي فقيرن جي مادري زبان سنڌي هئي ۽ پاڻ اڪثر سنڌي ڪلام چيو آهن. ان وقت رياست خيرپور جا ميرَ ۽ ٻيا بلوچ سرائڪي ۽ ڳالهائيندا هئا. رياست خيرپور ۾ ملتان، ميانوالي، مظفرگڙھ، ديري غازي خان، ديري اسماعيل ۽ پنجاب جي ٻين ڪيترن هنڌن جا ذاڪرين ۽ علماءِ ڪرام، مجالس حسين ۽ تبليغ اسلام ۾ سرگرم حصو وٺندا هئا ۽ اڄ ڏينهن تائين اهو سلسلو هلندو اچي ٿو. اهو ئي سبب هو جو رياست جا باشندا "الناس اعليٰ دين ملڪوهم" جي مقولي مطابق سرائڪي ٻولي ڳالهائڻ ۽ ان ۾ طبع آزمائي ڪرڻ پنهنجي لاءِ باعث فخر سمجهندا هئا. اسانجو سرمست ۽ انهيءَ ماحول کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ سنڌي زبان سان گڏ سرائڪيءَ ۾ ۽ تمام گهڻو ڪلام چيائين ۽ ان ۾ ڪافي دسترس حاصل ڪيائين.

سرائڪي جي معنيٰ آهي سري يا اُتر جي ٻولي يعني سنڌ علائقي ۽ سنڌو نديءَ جي اترئين پاڳي جي ٻوليءَ کي سرائڪي سڏيو وڃي ٿو. هندستان جي قديم ٻولين مان سڀ کان اول سنڌي ٻوليءَ کي عربي ٻوليءَ سان مخلوط ٿيڻو پيو. بعد ۾ بلوچستان جي بولان لڪ مان ايرانين جي اچڻ ڪري منجهس فارسي جي ۽ آميزش ٿي ۽ انهيءَ ايراني تاثرات ڪري سرائڪي ٻولي وجود ۾ آئي، اهو ئي سبب آهي جو بولان لڪ يعني سبي کان وٺي جيڪب آباد تائين ڪچي ۽ پاڪ ٽاڙي جي علائقي ۾ اڄ ڏينهن تائين سرائڪي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. اها ئي سرائڪي ٻولي آهي، جنهن کي نقوش جو مصنف، سيد سليمان ندوي اردو زبان جو هيولیٰ سڏي ٿو.

جنهن وقت اسلامي علوم و فنون جو مرڪز ملتان ٻڌيو. تڏهن سرائڪي ٻولي معمولي تعمير سان "ملتاني" صورت اختيار ڪئي ۽ اتان جڏهن لاهور کي دارالحڪومت ٻڌايو ويو. تڏهن ملتاني منجهان پنجابي ٻول جي تشڪيل ٿي ۽ بعد ۾ هن نوزائيده زبان "اردو معلي" جو لقب حاصل ڪيو. اها سرائڪي آهي جا سنڌ جي اسلامي لشڪر جي زبان هئي ۽ مٿس "اردو" نالو به سنڌ ۾ پيو. جيئن ته سنڌ جا ماڻهو عام طرح اها چوٽي آڻيندا آهن ته "هتي اڙدو گڙدو" لڳي پئي آهي ۽

اها چوٽي تاريخي حقيقت کان خالي نہ آهي. سنڌ جا ڳوٺاڻا، جن کي اردو يا پنجابي نہ ايندي آهي سي پنهنجي سرائڪي مان ڪم ٽپائي وٺندا آهن. گويا سنڌي عوام جي اردو يا پنجابي زبان سرائڪي آهي، جا پشاور کان وٺي مڪران تائين ڳالهائي وڃي ٿو ۽ ڪٽي قبيلن جي نالن پٺيان. مثلاً : چانڊڪي (چانڊين جي ٻولي) سرائڪي (سرائين جي ٻولي) جتڪي (جتن جي ٻولي) بلوچڪي (بلوچن جي ٻولي)، ڇاڪاڻ تہ اڪثر بلوچ، بلوچي بدران سرائڪي ٻولي ڳالهائيندا آهن ۽ ٻيا بہ ڪيترائي نالا انهيءَ هڪڙي ٻولي جا آهن. جيئن تہ پنجابي ۾ هن وقت انهن سيني ٻولين کي ڳڏي "پنجابي" سڏيو ويو. خالانڪ پنجابي فقط لاهور ۽ امرتسر جي زبان آهي، تنهن ڪري منهنجي خيال مطابق انهن سيني ٻولين ۾ پنجابي توڙي اردو کي سنڌي سڏڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ تاريخ شاهد آهي تہ سڄو اولهہ پاڪستان ڪنهن وقت سنڌ سڏيو ويندو هو ۽ اردو توڙي پنجابي سنڌي ٻوليءَ جي پيدائش آهن.

سرائڪي ٻولي سنڌي ٻوليءَ جو ساڄو بازو آهي ۽ سرائڪي ٻولي کي ڏاري ٻولي سمجهي، سنڌ مان خارج ڪرڻ جي معنيٰ ٿيندي سنڌي ٻوليءَ جو هڪڙو بازو ودي ڇڏڻ ۽ پنهنجن بزرگن جو اڌ کان زياده ادبي سرمايو هٿ سان وڃائڻ، تنهن ڪري اسانجو فرض آهي تہ سنڌي ٻوليءَ سان گڏ سرائڪي ادب ۾ بہ اضافو ڪريون ۽ ان جو مدفون خزانو ظاهر ڪري، دنيا جي اڳيان پيش ڪريون.

جيئن تہ اسين مٿي چئي چڪا آهيون، تہ اردو ۽ پنجابي ٻوليون سرائڪي منجهان پيدا ٿيون آهن ۽ سرائڪي سنڌي ٻوليءَ جي بگڙيل صورت آهي، تنهن جي ثابتي بہ اسانکي سچل سرمست جي ڪلام مان ملي سگهي ٿي، جنهن سنڌي سان شروعات ڪري بتدريجاً سرائڪي يا پنجابي ڪلام جي مناسبت ۽ موافقت پيش ڪندي، آخر ۾ ولي دکني واري اردو جي نمونو تي وڃي اکتفا ڪئي آهي.

ڇاڪاڻ تہ سچل جو زمانو 1739ع کان 1829ع آهي ۽ اهو زمانو جرئت، انشا ۽ مصحفي وغيره جو آهي ۽ يقين سان چئي ٿو سگهجي تہ ميرن جي صاحبي ۾ سنڌ ۾ فارسي شعر جي عروج سان گڏ اردو ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي، جا بگڙيل سنڌي يعني سرائڪي جي معياري صورت هئي. ليڪن ايترو ضرور چئبو تہ اها اردو سنڌ جي اردو هئي ۽ نہ لکنو يا دهلي جي. تنهن کان سواءِ سچل سرمست اهو شخص آهي، جنهن سنڌي کافي کي باقاعدي تغزل جي رنگ ۾ آندو ۽ ان سان گڏ سرائڪي يا پنجابي ۽ اردو ۾ بہ غزل چيا. جيئن تہ اسانکي سچل سرمست جي سرائڪي ڪلام تي بحث ڪرڻو آهي، تنهن ڪري انهيءَ زبان جي مسئلي کي اتي ئي ختم ٿو ڪجي.

سچل سرمست کي سرائڪي يا پنجابي زبان تي ايترو تہ عبور هو، جو اتان جا زنانا محاورا ۽ زنانا جذبات بہ اهڙي رنگ سان پيش ڪري ٿو، جو خود اتان جا رهاڪو بہ ڏندن ۾ آڱريون وجهي رهجي ٿا وڃن. ملتان، جهنگ ۽ ميانوالي ضلعن ۾ سهٽا سهٽا نوجوان هڪ مخصوص لونگي مٿي تي ٻڌندا آهن، جنهن کي چيرو چئبو آهي. اتان جي زالن جا ڪنهن جي ياد، خوشي يا غم جي موقعي

تي عام محاورا آهن: "سدا جيئندا هووين" سدا جيئرو هجين، "تيڏيان جائين آباد هووين" تنهنجون جايون آباد هجن، "ميڏيان دعائين قبول پون" منهنجون دعائون قبول پون "تيڏيان لک هزار پلايان" تنهنجون لک هزار پلايون، "سگهڙو وا ڳ ولائين" جلد موٽي اچين وغيره. ڏسو ته اسانجو سچل سرمست مٿيان محاورا ۽ جذبات هڪ ملتاني عورت جي زباني ڪيئن ٽوادا ڪري ڏيکاري:

سدا جيئندا هووين هووين، چيري والڙا روز قيامت تائين،
جڏان تون وسدئين ميان نال خوشي دي، هوون آباد سڀ جائين،
اسان نماڻيان ديان در الله دي، پيان قبول دعائيان،
نال اساڏي تيڏيان هويان، لک هزار پلائين،
اگڻ "سچو" دي نانءَ سائين دي، سگهڙي واڳ ولائين.

پنهنجي پياري محبوب سان ملاقات وقت ملتاني عورت، جنهن صدق ۽ محبت وچان پنهنجي وفائن جو اظهار ڪندي آهي ۽ ان جي هر هڪ ڳالهه تان سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ ۽ هر ذلت برداشت ڪرڻ لاءِ مرد بہ بنجي بيهندي آهي، تنهن جو بيان بہ دلڪش ۽ جاذبيت کان خالي نہ آهي. هو پنهنجي محبوب جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ سندس گولي ٽي گذارڻ پسند ڪندي، هيڏانهن هوڏانهن وڃڻ جي بدران ڪيس پنهنجي پياري محبوب يعني حقيقي خاوند جي جهوليءَ ۾ لطف ايندو آهي، سندس ڪٽ جي پيراندي‌ءَ کان قدمن تي سر رکي ويهندي ۽ پاڻ کي پنهنجي خاوند لاءِ عصمت جو لباس تصور ڪندي، ايتري قدر جو ڪيس ائين چوڻ ۾ عيب نہ لڳندو ته مان پنهنجي پياري مڙس جي ڪتن جي لوڌ ۾ هڪ رواجي ڪتي هجان يا رڇ يا پولڙي هجان، جو ڪجهه هجان، پر پنهنجي محبوب کان هرگز جدا نہ هجان. انهيءَ جذبات جي تصوير سچل سرمست جي ڪلام ۾ ملاحظه فرمايو ۽ ان سان گڏ قافيه کي تصغير جي حالت ۾ استعمال ڪري، ان ۾ تڪرار جي خوبي، فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ رواني تي بہ توجهه ڪيو ۽ دل کولي داد ڏيو.

ساري راڄ تيڏي دي مئن گولڙي هوسان،
شالا اسان تي مهر پوويئي.
ايڏي اوڏي مول نہ ويسان وي،
يار سهڻا تيڏي جهولڙي جهولڙي هوسان.
سر پيراندي دي ميان لڳڙي هان مئن،
انگ تيڏي دي مٽي ڀاڻي جهولڙي هوسان.
لوڌ ڪتيان دي وي ميان دلبر تيڏي دي،
رڇڙا يا وت مئن پولڙي پولڙي هوسان.
روز ازل ڪنون ميان سڻ "سچو" سائين وي،
نانءَ تيڏي دي مئن گولڙي گولڙي هوسان.

يا وري اها مشتاق عورت پنهنجي محبوب جي اوچتي آمد تي، پنهنجي منڙي ۾ من موهيندڙ زبان ۾ بي ساخته چئي ڏيندي ته "بسم الله، بسم الله سهٹا مئن صدقي ٹيوان، رد بلا وي، دبلا، مئن واري جاوان" وغيره. هڪ طرف سندس محبوب ناز و انداز سان چيرو (لنگي) مٿي تي ٻڌيون بحري باز وانگر پنهنجن خوني چشمن سان هزارن دلين جو شڪار ڪندو اوچتو اچي وارد ٿئي ٿو. ۽ ٻئي طرف سالن جي وڇڙيل بي تاب ۽ بيقرار عورت پنهنجي محبوب جي استقبال لاءِ نهايت سڪ ۽ محبت وچان پڙڪو ڪائي اٿي ٿي. هن هنڌ اها ڳالهه واضح ڪرڻي آهي ته شاعر عڪاس فطرت آهي، هو شعر نٿو چوي، بلڪ فطرت جي مصوري ۽ عڪاسي سان گڏ هڪ لغت تيار ڪري ٿو. هر هڪ زبان ۾ لغت جا ڪتاب موجود آهن، ليڪن مخصوص ۽ زنانا محاورا، اهل زبان کان سواءِ ورلي کو استعمال ڪري سگهندو. ڪنهن غير زبان ۾ شاعري ڪرڻ وقت اهو شاعر مقبول عام ٿي سگهي ٿو، جو اتان جي زنانا محاورن ۽ جذبن کي نهايت شسته ۽ سنجيدي نموني ۾ استعمال ڪري، ورنه "صاحب قاموس" جو قصو ڪنهن کان ڳجهو ڪين آهي. هاڻي ڏسو ته صوفي سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ متئين جذبات ۽ محاورات کي ڪهڙي نه جاذب ۽ دلڪش نموني ۾ پيش ڪيو آهي:

بسم الله وي بسم الله سهٹا آيا، مئن صدقي ٹيوان،
بسم الله رد بلا وي رد بلا، مئن واري جاوان بسم الله.
بسم الله وي بسم الله

نال غماز دي دلبر آندا، سبز چيرا سر ڪج ڪلاه.
پيچان پيچ زلف ظالمدي، تنهن دي زير ڪيتا زلزلا.
ڳل عاشقان دي آڻ گهتيوني، اهو صورت والا سلسلا.
ناز نيٹاندي عاشق ماريوئي، پيا غازيان دي گهر غلغلا.
حوران ويڪ حيران هويان، اهو ويڑهي ويڑهي ولولا.
چشمان تنهن ديان باش بحري، ڪرن جوش واليان تي سو حملي.
سهٹي صورت ويڪڙ نالي، هڙ سچو ڪريندا الا الله.

شاهه عبداللطيف ٻڌائي هڪ زبردست سياح هو. هن سسئي جا ڏورين ڏونگر پنهنجي اکين سان ڏٺا ۽ اتان جي ماحول ۽ مختلف زبانن مان پوري واقفيت حاصل ڪئي هئائين، تنهن ڪري ڪٹي پنيور جي بولي ٿو استعمال ڪري، ڪٹي هاڑهي جبل جي، ڪٹي لس ٻيلي جي ته ڪٹي وري ڪيچ مڪران جي. شاهه درياءَ آهي، ان جهڙو مشاهدو ڪنهن نه ماڻيو هوندو. ليڪن اسانجي ڏولئي سچل سرمست به وسئون ڪين گهٹايو آهي، ڪٹي رهيو درازن جو شهر ۽ ڪٹي جهنگ ۽ منگهيانه ۾ يا چناب تي انارهن هزاري واري پل جي ويجهو شاهه رانجهن جي جهوڪ ۽ هير سيالڙ جو آستانو. تعجب جي ڳالهه آهي جو سچل سنڌ ۾ رهي، پنجاب جي مختلف ضلعن جي زبانن ۽ ماحول کي جدا

جدا هنڌن تي اهڙي جاذب ۽ دلڪش نموني ۾ پيش ڪيو جو پڙهندڙ کي اهو گمان ٿئي ٿو. ته هي ڪنهن سنڌيءَ جو ڪلام نه آهي، پر ڪنهن خاص پنجابي جي پڪار آهي: ڪٿي ڏسو جهنگ ۽ سرگوڏا جي ماڻهن جو خاص تکيه ڪلام "مڙ" ۽ "ڏر ڏر پيڙا" استعمال ٿو ڪري، ڪٿي راولپنڊي جي ڏني ۽ پوٺوهار جو مخصوص رنگ ۾ "فر"، "ڪڙي"، "بيبا" ۽ "جاتڪ" جهڙا تکيه ڪلام نظر اچن ٿا. ملتان، مظفر ڳڙهه، ديره جات ۽ بهاولپور جي "وت" "ول" تکيه ڪلام ۽ رسم رواج جي منظر نگاري جو ته حساب ئي ڪونهي ۽ سچل سائين جو سجو سرائڪي يا پنجابي ڪلام مٿين علائقن جي ماڻهن جي زنده تصوير آهي. مطلب ته سچل نه فقط سنڌ جو شاعر آهي، بلڪ سجو پنجاب ڪيس قيامت تائين ياد ڪندو رهندو. هزار افسوس! جو اسين سنڌي سندس سرائڪي يا پنجابي ڪلام کي سنڌي رسم الخط ۾ قلمبند ڪري رکو سنڌ تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪيس ملتاني يا لاهور تائين پهچائڻ جي ڪابه ڪوشش ڪانه ڪئي اٿئون. ڪهڙو نه سنو ٿيندو جو سندس سرائڪي يا ملتاني ڪلام خواجه غلام فريد چاچڙان شريف جي ديوان وانگر ملتاني رسم الخط ۾ چپائي پڌرو ڪيو وڃي. جيئن هن ڪامل جي فيض مان سنڌ وانگر پنجاب به مستفيض ٿي سگهي.

سچل سرمست جي مٿين ڪلام ۾، جا خوبي آهي، تنهن جو مثال خود سندس سرائڪي ديوان آهي، ڪيترا مثال ڏيئي ڪيترا ڏبا. طوالت جي خيال ڪري جدا جدا علائقا ماحول جي مثالن کي نظر انداز ڪري فقط هڪڙي تي اکتفا ڪجي ٿي. ڏسو ته هڪ هنڌ هير جي زباني رانجهو جي تعريف خود جهنگ سيال جي زبان ۾ ڪري ٿو ۽ تعجب ٿئي ٿو ته گهرويلي سندس جهنگ سيال جي طرز ڪلام ۾ روزمره جي ڪيئَن خبر پيئي:

نور پريا رخ پياريدا، الله پياريدا، دلداريدا
مئن نماڻي هير جٽي، تون صاحب تخت هزاريدا
سهڻا مٿنون اينوين پائيندا، جيوين گل هزاريدا
وڏڙي ويلي جو شاهه مليا، ٿيا سبب ستاريدا
مستان تون سرمست جو ڪيتيءِ "سچو" ڪيو بيچاريدا.

مطلب ته خالص پنجابي محاورا، جنهن اسلوب بيان سان سچل پيش ڪيا آهن، تيئن کو پنجابي شاعر به شاذو نادر پيش ڪري سگهندو. دور جاوڻ: پري گذارڻ. نيٽاندي نيڙي ٻهڻ: اکين آڏو ويهڻ. جهڙي لهڻ: ڪتراڳ دفع ڪرڻ. گهول گهٽڻ: قربان ڪرڻ. سڏي سيڙي ٽيڻ: حجاب دور ڪرڻ، ڪا به رندڪ نه هڻڻ. ديري هووڻ: اگڻ هووڻ، اگڻ اچڻ. اهي خالص بهاولپوري محاورا آهن، جنهن کي کو اهل زبان ئي مناسب جاين تي مناسب ماحول مطابق استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ جهڙي تهڙي جو ڪم نه آهي. خواجه غلام فريد چاچڙان والا (رياست بهاولپور) جي مشهور ڪافي جا ابتدائي لفظ آهن:

لڳ ڳئي نين اويڙي، لڳ ڳئي نين اويڙي

ليڪن ساڳئي قافيي ۽ رديف ۾ هير رانجهو جي ماحول مطابق مٿين محاورن کي، جنهن قادر الڪلامي سان سچل سرمست نپايو آهي، سو ان جوئي ڪمال آهي جيئن فرمائي ٿو:

تون تا آوس سا ڈي ويڑهي، سڻ وي ميان رانجهن
دوست اسانکون دور نہ جاوين، ٻهہ نيٹادي نيڑي
ڪيڑياندي نگري ڪنون توبهہ هوئي، لٿي اسان تون جهيڑي
تون تا ميڈا، مئن تاتيڈي، گهول گهتان سپ ڪيڑي
عشق تساڈي قيدي ڪيتا، لهہ پيئي سڈي سيڑي
سداهوين تون نال ڪرم دي، دوست سچو دي ديري

تنهن کان سواءِ ٻانهڑو ترتر وڃڻ، باغ بناوڻ، ڪوڪ سڏاوڻ وغيره محاورن کي نهايت خوش اسلوبي سان مناسب مهل ۽ موقعي تي استعمال ڪرڻ ۾ سچل جو ڪمر آهي. جهنگ سيال ۽ رنگپور ڪيڑيان والا (ضلع مظفر ڳڑهہ) جي ماحول جي سچي تصوير اکين اڳيان ڦري اچي ٿي. يعني رنگپور ۾ ڪيڑا قوم جا زميندار وڏي دٻدٻي ۽ مال و دولت جا مالڪ آهن، ليڪن هن سندن طول وهاڻ ڏيئي ساڙي ٿي ۽ سندن پلنگن تي پير ڏرڻ پنهنجي عشق و محبت جي توهين سمجهي ٿي ۽ چناب نديءَ ۾ ٻانهڑ تري، اُتي تڑپي پهچڻ چاهي ٿي، جتي سندس رانجهو مينهون چاري رهيو آهي. اتي پنهنجي محبت جو گلشن آباد ڪري ٿي. هوءَ رنگپور ۾ ظاهر خان ڪيڑي جي رسمي نڪاح موجب قيد آهي. سندس دل تي روز ازل کان رانجهو جو قبضو ٿي چڪو آهي، تنهنڪري مجبور آهي ۽ چوي ٿي تہ ٻي دا ڪٽان آڻيان جي هن ڪيڑي جي حوالي ڪريان؟ مون کي ان سچي محبوب جي سهڻي صورت نظر اچي رهي آهي. آخر ان جي درد و فراق جو تذڪرو ڪنهن سان ڪريان. ڏسو تہ سچل سرمست ان ڪيفيت ۽ ماحول جي تصوير ڪهڑي نہ جاذب ۽ دلڪش پيرايہ ۾ ڪڍي اسان اڳيان پيش ڪئي آهي. خيالي ۽ واقعہ نگاري سان سلاست، لطف زبان ۽ سادگيءِ الفاظ ۾ ملاحظہ فرمايو:

ادب نال اليسان، هو سان مئن رانجهو دي نال
ہن ڪيڑيان دي طول وهاڻي، پلنگين پير نہ پيسان
مئن رانجهن دي، رانجهن ميڈا، ڪيڑا گهول گهتيسان
پار درياهون جهوڪ رانجهن دي، ٻانهڑ ترتر ويسان
جنهن ترماهي منجهيان چاري، تنهن تر باغ بنيسان
هڪ دل آهي رانجهن نيتي، ڪيڑيان نون ڪيا ڏيسان
سهڻي صورت يار سچودي، ڪنهنکون ڪوڪ سڏيسان

سچل سرمست جو عشق ڪو عاميانہ عشق نہ آهي، هو جهڙي تهڙي عاشق کي عاشق نٿو تصور ڪري، سندس خيال مطابق سچو عاشق اهو آهي، جو برهہ جي حقيقت مان بخوبي واقف هجي.

اهڙي عاشق لاءِ سپ کان اول اها ڳالهه ضروري آهي، ته مجاز جو دامن مضبوطي سان جهلي ۽ "المجاز قنطرة الحقيقة" ڪري سمجهي، پل ته معشوق پاڻ ۾ ڳڏجي، سندس قتل جو منصوبو رٿين، پل ته ڪيس شهر ۾ ڏينورو ڏنو وڃي ۽ ان بعد سوريءَ تي چاڙهي سندس لاش لهرن ۾ لوڙهي ڇڏي، پر جيڪڏهن اتان به باهر نڪري اچي ته ڪيس باهه ۾ اڇلڻ گهرجي. اهڙي ريت سڙي وڃڻ کان پوءِ جڏهن ان عاشق جي خاڪ اڏامڻ لڳندي، تڏهن محبوب ڪيس سرمو سمجهي، پنهنجي اکين ۾ جايون ڏينڊا يعني محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ سرمي وانگر فنا ٿيڻو پوي ٿو. مطلب ته عاشق ڪي ڪوچهءِ محبوب ڏانهن وڪ وڏائڻ گهرجي. هوڏانهن وري رات ٿيندي، ته حسن جون فوجون روانيون ٿيندیون ۽ عاشق کي پنهنجي لتن سان لتاڙي، ڪٽي قيد ڪندا ۽ جا خواري ۽ ذلت انهن کي وٽندي، سا ان درد مند سان ڪئي ويندي. اهڙي طرح جڏهن هو ڪوچهءِ جانان ۾ وڃي پهچندو، تڏهن اتان جون پري چهره صورتون ان عاشق زار جي وهنجڻ لاءِ سرهو ميٺ ملڻ لڳنديون، يعني ڪيس خون جي درياءَ ۾ وهنجاريو ويندو ڪيس غوطن پٽيان غوطا ڏنا ويندا، آخر لت هٿي ٻوڙي ڇڏبو. ان بعد سندس لاش ڪڍي، واپس آندو ويندو. هڪ رنگين ۽ منقش محل تيار ڪيو ويندو. جنهن ۾ ٽنبن جي بدران ان عاشق جا هڏا ڳڏا استعمال ڪيا ويندا، چئني بازن مان ڏاڪا بنائي، ڏاڪڻ تيار ڪئي ويندي ۽ ان جي مٿان عاشق جو سر ٽنگي ڇڏبو ۽ اهي محبوب ان ڏاڪن تي پير رکي، مٿي چڙهندا ۽ انهيءَ وقت سندس اهڙو وصال ان عاشق جي خون جي قيمت ثابت ٿيندو. چاڪاڻ ته عاشق آهو ۽ معشوق شڪاري آهن ۽ عاشق کي پنهنجي عشوه، رمز ۽ غمزه جي پنبڻين جي تيرن سان شڪار ڪرڻ ٿا چاهين، جيئن ڪيس چيلي وانگر ذبح ڪري سندس کل لاهي وڃي ۽ بوٽين ڪري سيخن تي پچائجيس، بعد ۾ اهي محبوب ان عاشق جي جگر ۾ سمائجي هڪ ٿي وڃي. تڏهن ڇئجي ته بس اها ئي عشق جي آخري منزل آهي ۽ عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ ڪو به حجاب باقي نه رهيو آهي ۽ ڪين ڪو به غير سڏي نٿو سگهي:

من تو شدم تو من شدي، من تن شدم تو جان شدي،
تا ڪس نه گويد بعد از اين من ديگرم تو ديگري.

هاڻي ڏسو ته سچل سرمست پنهنجي سرائڪي ڪلام ۾ ان باريڪ نڪتي کي ڪهڙي نه وضاحت سان پيش ڪيو آهي ۽ ڪيئن نه عاشق جي وفائن، ۽ محبوب جي جفائن جي تصوير ڪڍي ڏيکاري آهي.

بات بره دي ايهي، هي سا عجب جيهي،
مل معشوقان مصلحت ڪيتي، عاشق قتل ڪريسون،
قتل ڪنون جو پچي، تنهنکون شهر ڏينورا ڏيسون،
شهر ڏينوري پچي تنهن کون، لهران وچ لڙهيسون،

سولي ڪنون جو پچي تنهن ڪون سولي سر چڙهيسون،
نهر ڪنون جو ٻاهر آيا، رمز اهين دل ريهي.
نهر ڪنون جو پچي، تنهن ڪون آتش وچ ستيسون،
آتش وچ جو ست تنهن ڪون ڦوڪ آڙاهه مچيسون،
ڦوڪ آڙاهه مچا تنهن دي، وائين خاڪ اڏيسون،
خاڪ عاشق دي اکيان وچ، سرمه جوڙ پئيسون،
عاشق جو سرمه ٿيوي، ڳالهه اُهين دي ڪيهي.
سنيان وقت صبوح دي ويلي، عاشق تيار ڪريسون،
شبا شب تنهن دي پچون، فوجان حسن چڙهيسون،
وچ لتان دي عاشق شودا، قابو قيد ڪريسون،
اول هڏيان ڏي ڪر پچي، اهو منصوبه چيسون،
نال تنهين دي جيهي وٽي، آپي ڪريسون تيهي.
چلو وي سنيان عاشق ڪيتي، سرهاملیٽ مليسون،
وچ دريا لوهو دي تنهن ڪون ڏو پان نال ڏويسون،
ڏوپي نال ڏوڪي تنهن ڪون، غوطي خوب ڏويسون،
غوطي ڪنون جو پچي، تنهن ڪون ڏيڪر لت ٻڙيسون،
ٻڏڻ ڪنون جو ٻاهر آيا، ڳالهه ڪرين ڪيهي.
رنگا رنگي نقاشي والا، محلہ ايڪ بٽيسون،
هڏي گڏي عاشق دي وت ٽنيين ڪام ڪريسون،
چارئي بازو ڪري ڏڪي، پوري جوڙ جڙيسون،
سر عاشق دا تنهن اتون ڏڪي درس ڏريسون،
پير ڏرين وت تنهن تي چڙهون، اندر وچ ٻهيسون،
خون دي قيمت اسان تي وسي، قتل ٿيا پرڏيهي.
عاشق آهو، معشوق شڪاري، اهو شڪار ڪريسون،
رمزان، غمزان مڑ گان والي، تنهن ڪون تير ڪريسون،
بسم الله دي نال عاشق ڪون چا تڪبير ڏويسون،
هٿين اپٽي گهن عاشق دي چا وت ڪل ڪليسون،
ٻوٽيان ڪرڪي آتش دي وچ سيخين سرچڙهيسون،
سيخين اتون لاهه ڪراتي، تل قل ڪر وندييسون،
تل قل دا وت ذرا پرزا، اڳيان جان جگر وچ پيهي.

اصل ڪنون جو ساڏا آها، سچو يار پچيسون،
وچ درازين جاءِ تنهين دي، تنهن لوڙ لڙيسون،
ٿي ملاقي نال تنهن دي، سارا وره وندبيسون،
اهو اساڏا اسان انهين دي، عاشق ڪيتم نيهي.

سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ ڏيکاريو آهي ته هن دنيا جو نظام بلڪل بي ثبات ۽ بي دوام آهي ۽ انساني هستي ڪابہ وقعت نٿي رکي، هي روح هڪ پکي جي مثل آهي، جو لاهوت لامڪان کان اڏامي، هن خاڪي جسم ۾ اچي قيد ٿيو آهي ۽ وري اوڏانهن واپس ويڙ ٿو چاهي. سچل سائين ان پکي کي سمجهائي چوي ٿو: اي پکي! تون پنهنجي اصلي ماڳ موٽي وڃ لاءِ متان پنهنجا پر پسائي ويهين، ائين هرگز نہ ڪجانءِ تون غير کي پنهنجو نہ سمجهہ ۽ جتان آيو آهين، اتي واپس اڏامي وڃ، فرمائي ٿو:

ڪٽئون اڏر آيئين، وي پکيئڙا پرديسي
ڪٽ آکيرا وو تيڏا آها، ڪٽ تساڏيان جائين
چلڻ ڪيتي وي سڻ پکيڙا، تون متان پر پسائين
جٽاهين هويا آوڻ تيڏا، ويسين اڏر اٽاهين.
غير نہ آپڪڙن ڪڏهان جاڻين، تئکون مين سمجهائين
اٽان اٽان سيل تساڏا، سچو يار سنائين.

سچل جي تعليم موجب، حق جي طالب لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي حقيقت کي سڃاڻي. هو معرفت الاهي کي هڪ قسم جو گلشن سمجهي ٿو ۽ سندس تصور ۾ هر گل ۽ هر شجر ۾ ان محبوب حقيقي جو جلوو موجود آهي. فنا جا طالب، معرفت جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ پنهنجي دل ۾ محبت جو وڻ پيڏا ڪن ٿا ۽ سوين هارسينگار ڪري ان ۾ پريت جي پينگهہ ٽنگي پنهنجو فرض ادا ڪن ٿا. سرمست جو چوڻ آهي ته هو حقيقي دوست، دل جي هندوري ۾ بہ پاڻ ٽولڏي ۽ پاڻيهي پنهنجي مشتاقن کي عيش ونشاط جا لوڏا ڏئي ٿو. ليڪن ياد رکڻ گهرجي ته عشق هڪ ريشم جي تند جي پينگهہ آهي، تنهن ڪري ان تي پير بہ پکو ۽ پختو ڏيڻ گهرجي ورنہ جو انهي ڏاڪي کان ڪريو ان جون هڏيون پاسريون چڪنا چور ٿي ويندیون ۽ قيامت تائين ڪڏهن سنئون نہ ٿي سگهندو ۽ اها حقيقت حاصل تڏهن ٿي سگهندي، جڏهن انسان پاڻ کان بيزار ٿيندو يعني هستي وجائي نيستي اختيار ڪندو.

تصوف جي انهيءَ باريڪ نڪتي کي، جنهن عجيب و غريب پيرايہ ۾ سچل سرمست پيش ڪيو آهي، سو ان جوئي ڪمال آهي. زبان جي سادگي، سلاست ۽ محاوري ڏانهن نظر ٿي ڪجي، تہ حيرت جي حد نٿي رهي، تہ هڪ سنڌي غير زبان ۾ ڪيئن نہ پنهنجي قادر الڪلامي ڏيکاري آهي. هيئين ڪافي ۾ سچل سائين" پٽ ديان پينگهان پاوڻ" يعني پٽ جو پينگهو ٽنگڻ هڪ نئون

محاورو وضح ڪري سرائڪي يا پنجابي ادب تي هڪ وڏو احسان ڪيو آهي:

ميڊڙي دل وچ يار پٽ ديان پينگهان پايان وو
آپي جهوٽي آپ جهوٽاوي ڏيندا لوڏي لک هزار
مينون دلبر جهوٽا ڏنڙا ڪيتا سهيليان سينگار
جهوٽي اتي يار سڃڻ دي، هووڻ خبردار
پير جوٽي تي محڪم ڏرڙا رهڻا بي اختيار
ساري جهوٽي سچو سهي ڪر ٽيوين آپ ڪنون بيزار

سچل سرمست پنهنجي سرائڪي ڪلام ۾ به "انا الحق" جي راز يعني "همه اوست" جي مسئلي کي نهايت بي باڪي سان واضح ڪري ڏيکاريو آهي. هو پاڻ کي منصور جو پوئلڳ ٿو سمجهي ۽ شاهه شمس تبريزي کي پنهجو روحاني پيشوا ٿو تسليم ڪري:

اسا ڏي جان ڪو لڳڙي، هوائي شمس تبريزي
اُهين جا تي مئين آياهان جٽان خاصان دي خونريزي
ويڪو منصور ڪون عشق ڪيتا سردار آويزي
اٽان مئين ره ڳئي مدت آڪيا برهاڪ برخيزي
ويڪو يارو عاشقان تي ڪيتي هي عشق انگيزي
اصل محبوب دي آهي، سچو يه خوب پرويزي.

ان سان گڏ سندس هي عقيدو آهي ته حق جي طالب کي دنيا جي محبت ۽ تعلقات فوراً ترڪ ڪرڻ گهرجن ۽ "الانسان سري وانا سره" جي قول مطابق پنهنجي جسماني تعلقات کي ڪجهه نه سمجهي محبت جو تعلق روح سان آهي ۽ نه جسم سان ۽ روح "لم يلد ولم يولد" جي تفسير مطابق ماءُ پيءُ ۽ ڪٽنب قبيلي کان پاڪ ۽ بي نياز آهي.

"ڪل شيءِ يرجع اليٰ اصله" سڀ ڪا شيءِ پنهنجي اصليت ڏانهن موٽي ٿي ۽ اسين الله جا آهيون ۽ الله ڏانهن موٽي ويندا سين. "انا الله وانا اليه راجعون". تنهن ڪري هر هڪ طالب جو فرض آهي ته پنهنجي جسماني تعلقات کان جدائي اختيار ڪري ۽ پنهنجي محبوب حقيقي سان ملي هڪ ٿي وڃي، ڇاڪاڻ ته اهوئي عشق حقيقي آهي. انهي حقيقت جو انڪشاف اسانجو سچل سرمست هيٺين ريت ڪري ٿو:

ڪٽ ٻابل ڪٽ مائي سيوائي، مئين رانجهن دي لڙه ڇيان
مئن تا رانجهن هڪ ٽيوسي، ڪيڙيان نال جدائي
ٻيلي ويسان رانجهو والي، ڇوڙ ٻاباڻي شاهي
ٻي هر ڪائي ما پيو ڇائي، هير عشق دي ڇائي
سچل آکي سوز ماهي دا، ٽيندين مئن گواهي

جيئن ته سچل وحدت الوجود جو قائل هو. تنهن ڪري ڪيترن هنڌن تي مٿئين حقيقت کي تمثيل وغيره کان سواءِ به بالڪل واضح ڪري ڏيکاريو اٿس ته اسين ڪنهن جا ڄاول نپايل نه آهيون، اسين عرش ۽ ڪرسي ۽ سمائجڻ وارا نه هئاسين، تنهن ڪري افلاڪ ڇڏي زمين تي آياسين ۽ هتي اسانکي پنهنجي ئي خواهش وٺي وئي. مان اصل لامڪان هوس، پر هتي اچي مڪان وارو ٿيو آهيان ۽ پنهنجي لاءِ تڪيه بنائي، هر صورت ۾ سمائجي چڪو آهيان. عشق هر وقت اها ئي ورندي ڏئي ٿو ته اسانجي ذات هر عيب کان پاڪ ۽ صاف آهي، تنهن ڪري اسانجي ذات صفات سڃاڻڻ گهرجي، چاڪاڻ ته اسين نه ڪنهن منجهان ڄاوا آهيون ۽ نه ڪنهن کي ڄڻيون ٿا. اهو ئي مان آهيان، جو رانهجو بنجي تخت هزارو چڙيم، ڪاشي جا تيرٿ ۽ تڪيا پيٽيم، نبي سڳورو بنجي ڪعبه جو حرم تيار ڪيم، ڪٽي شمس تبريزي ۽ ڪٽي منصور حلاج بڻيس. پاٺهي قاضي ملان ٿيس ۽ پاڻ کي پاڻ سوريءَ تي چاڙهيم. منهنجو ڪو به پيءُ ڪونهي، مان بيحد آهيان ۽ منهنجي حد ڪانهي، مطلب ته اسين هر رنگ ۾ سير ڪندا وتون ۽ اسين بيشڪ سچا ۽ صادق آهيون.

اسان نه ڪنهن دي ڄائي هون، اسان نه ڪنهن دي نپائي هون
چوڙ افلاڪ زمين تي آيا، عرش ڪرسي وچ مڻن نه سمايا
ايڏون دا وت پيوسي رايا، اسان اپٽي خواهش آئي هون
اصل آهس لامڪاني، اٿان آکر ٿيس مڪاني
تڪيا جوڙ ڪيتم انساني، صورت سپ سمائي هون
ڏتي اها عشق ولاڻي، سانون پاڪ منزه ڄاڻين
ساڏي ذات صفات سڃاڻي، ڄائي ڪنهن نه ڄمائي هون،
ڪٽان چوڙيم تخت هزارا، ڪٽان ڪاشي ويد دوارا
ڪٽان آهس نبي سونهارا، ڪعبي حرم بنائي هون
ڪڏهان شمس الحق هواهون، ڪڏهان حلاج دي نال رهيا هون
قاضي ملا آپ بنا هون، سولي پڪڙ چڙهائي هون
مائي باپ نه ميرا ڪوئي، بيحد آهس نا حد ڪوئي
هر جا ساڏا سير سپوئي، اٿان سچو پل سڏائي هون.

صوفيائي ڪرام جو عقيدو آهي ته جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم خود نور الاهي آهي ۽ "انا احمد بلاميم" جي مقولي کي پنهنجو جزو ايمان سمجهن ٿا. جناب رسول مقبولؐ جون بشري صفتون ڏسي ابوجهل جهڙا نادان حقيقت حاصل نه ڪري سگهيا ۽ کين اها خبر پئجي نه سگهي ته جناب رسول مقبول صه پنهنجي زبان مبارڪ سان پنهنجي ذات بابرڪات جي متعلق جو ڪجهه فرمائي رهيا آهن، سو بلڪل سچ آهي، سچل سرمست به پنهنجي سرائڪي ۾ جتي توحيد جو ذڪر ڪيو آهي، اتي رسالت تي به ڪافي بحث ڪيو اٿس ۽ ڪلمه طيبه جي پنهي جزن کي

تفصيل سان بيان فرمائي پيغام حق جي فرض ادائي ڪرڻ فرمائي آهي، جيئن رانجهو جو مثال ونئي فرمائي ٿو:

پيان وچ گمان، رانجهن ڪنهن نہ لکيا سنيان،
وچ لباس چاکان دي آيا، پل ڳئي نادان.
جنهان سهي شهہ رانجهن ڪيتا، ڪوڙين ٽئي قربان،
سچو نام ڏريوني ڪيها، آپي آپ زبان.

اڪثر ماڻهو ائين سمجهندا آهن تہ سچل سرمست رڳو اناالحق جو نعرو بلند ڪيو آهي ۽ شاهہ پٽائي وانگر نماڻائي ۽ نهنائي کي ويجهو بلڪل نہ ويو آهي. ليڪن اهو انهن ماڻهن جو نظريو آهي، جن سچل سائين جو ڪلام سرسري مطالعو ڪيو آهي. سچل شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جون منزلون طئي ڪري، بعد ۾ وڃي "انا الحق" جو نعرو بلند ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو آهي.

من نمي گويم انا الحق يار مي گويد بگو،
چون نمي گويم چو مرا دلدار مي گويد بگو

سچل جي سرائڪي ڪلام ۾ جتي جتي منصور حلاج جو ذڪر ۽ "اناالحق" جي دعويٰ آهي، اتي پنهنجي حقيقي مالڪ رب العزت جي بارگاهہ ۾ عاجزي ۽ انڪساري جي بہ حد ڪانهي، جيئن تہ فرمائي ٿو:

تيڏي در زاري زاري، الله ميڏي آهي آهي
مئن نماڻي عيبن هاڻي، تار تساڏي تاري تاري
نال تساڏي روز اول تون، يار اسا ڏي ياري ياري
حال اساڏي دي دلبر سائين، سڏ تنان ڪون ساري ساري
مُک وِڪالين تون هڪواري، هجر تيڏي مئن ماري ماري
سگ سچو هي در تيڏي دا، ڳل تنهين ڪون ڳاري ڳاري

مطلب تہ سچل سرمست جي سرائڪي ڪلام تي هڪ مفصل ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. هڪ مختصر مضمون ۾ ڇا لکي ڇا لکي سگهبو. هزارين ڳالهيون آهن، جن کي مجبوراً نظر انداز ڪرڻو پوي ٿو. فني نڪتہ نگاهہ سان اگر ڪنهن هڪ خوبي کي بالتفصيل بيان ڪيو وڃي تہ هڪ ضخيم ڪتاب تيار ٿي پوي. معنوي خوبيون ۽ تصوف جا باريڪ نڪتا سمجهڻ ۽ سلجهائڻ مون جهڙي هيڇمدان جي وت کان ٻاهر آهي. حسن عقيدت جي ڪري سرائڪي ڪلام جي مطابق چند بي ربط ڳالهيون قلمبند ڪيون اٿم. ورنہ "چہ نسبت خاک را با عالم پاک" آخر ۾ شاهہ دراز حضرت سچل سرمست جي منبع فيض شهر دراز جي مدح ۾ چند اشعار سرائڪي زبان ۾ پيش ڪري مضمون کي ختم ڪريان ٿو: "وما توفيقي الا بالله".

"شهر دراز"

فيض حق دا ڈيک بحرِ بي ڪران شهرِ دراز.
خضر دا روزِ ازل ڪون، آستان شهرِ دراز.
شهر راڻيپور دي تيڙي، خيرپور استيٽ وچ،
وحدتِ باري دا ڈيکو گلستان شهرِ دراز
هي شهاب الدين فاروقي دي اعليٰ يادگار،
مرتبي دي وچ هي رشڪِ آسمان شهرِ دراز.
نان سچل سرمست دا اتان هي آشڪار،
آشڪارا ڪر ڈتا رازِ نهان شهرِ دراز.
صدق هي صاحبڈني سائين دا، نيڪ و بد دي پرک،
عاشقان دا گهن رها هي امتحان شهرِ دراز.
جنهن سخي دي دل ڪيتا عشقِ محمد ڪون قبول،
هي اُهين دا آشڪار آستان شهرِ دراز.
حضرتِ عطار دا هي فيض روحاني اتان،
شهر نيشاپور دا گويا رازدان شهرِ دراز.
طوطيءِ سد ره پي هي اين جا اتي نغمه سرا،
بلبلا اي عشق دا هي بوستان شهرِ دراز.
ڪيون نہ هوسين تا قيامت امن تيڈي وچ جڈان،
پير عبدالحق هي تيڈا پاسبان شهرِ دراز.
با مسلمان الله الله، با برهمن رام رام،
حافظِ شيراز دا هي ترجمان شهرِ دراز.
هي سچل دا چوڈهين رمضان دي يومِ وفات،
هي وهيندا فيض دا بحرِ روان شهرِ دراز.
ساڪنانِ خلد تون، اهلِ درازا هن وڈيک،
هي سڄي سنسار وچ رشڪِ جنان شهرِ دراز.
طالبِ حق، ذات حق دي ڪر درازن وچ تلاش،
خضر تون وڈ رکيا هي پيرِ مغان شهرِ دراز.

مي ڪده دا قحط ناهين، جام تي ڪر جام نوش،
هي جڏان جائي شرابِ ارغوان شهرِ دراز.
فيض حاصل هي ڪيتا شهرِ دراز اُتون "رشيد"
روز و شب اوندا ٿيا، وردِ زبان شهرِ دراز.

مثنويون

ساقي نامو

ساقيا، ڏي پري کو جامِ شراب
ميٽجي جئن وجن گناه ثواب

اهڙي مئي ڏي هن زماني ۾
دل ڳري ۽ هجي اکين ۾ آب.

معرفت جو شراب ڏي ساقي،
منهنجي "مان مان" وجي رهان باقي.

ان طرح پاڻ کان ڏي آزادي،
جو فنا مان ملي بقا باقي.

ساقيا، ڏي شراب وحدت مان،
جي ڏسان کنهن ڏي مان تہ عبرت سان،

سير مونکي کرائي کثرت جو،
بيخودي بخش بحرِ حيرت کان.

ساقيا، هي شراب کين کپي،
تنهنجي وحدت جي مئي ملي مونکي،

ذوق ۽ شوق جو پيالو پر،
پنهنجي درگاه جي کتي کي ڏي.

ساقيا، ٽوڙ قيدِ هستيءَ کي،
آڻ شب و روز مونڊي مستيءَ کي.

بيخبر کر بنهي جهانن کان،
کڻ بلندي کي توڙي پستي کي.

زندگي ٽي خراب، اي ساقي،
ٽيو نہ حاصل شراب، اي ساقي!

عشق جي مئي بغير جا گذري،
هئي حياتي عذاب اي ساقي!

بيخودي جو شراب ڏي ساقي !
خود نمائي کي کر پري ساقي،

نيڪ يا بد بٽائي جئن چاهين،
پنهنجي در جي غلام کي ساقي.

جام مئي جو پيار اي جاني،
دور کر دل جي هي پريشاني،

عمر گذري ٻيو ٽيس ساقي،
رات ڏينهن آهي بس پشيماني.

ڏي نہ ساقي شراب انگوري،
آهي ان کان اسان کي صد دوري،

لازوال آهي جام وحدت جو،
جنهن جي پيتي وجي ٽي مهجوري.

ڏي کو مستي جو حال اي ساقي!
دور ٽئي قيل و قال اي ساقي !

هي وظيفا ۽ ورد کين کپن،
گهر جي تنهنجو خيال اي ساقي.

مونکي شيشي جي جام ۾ مئي ڏي،
دم ۾ ساقي هي درد ڇڏ لاهي،

پل "برابن جي ماءُ" جئي زاهد،
سڄ نظر کين ايندو انڌي کي.

ساقيا كول پنهنجو مئخانو، ڏي پري مونکي منهنجو پئمانو،
مست بيخود ٿيان شراب چکي هوڏ هٺ کان وڃان ٿي بيگانو.
ساقيا، مونکي بٽايئي راز دار ڪر خدا را خود نمائي کان بہ ڏار،
سپ کو پل بيدين ۾ ملحد سڏي، آهي دو عالم ۾ عاشق آشکار،
ساقيا! اڄ عيد ڪئي آهي اسان، پنهنجو نالو پيش ٿيو ان جي اڳيان،
حاضري ٿي جنهن جي سا دل ٿي قبول ، عارفن مونکي ٻڌايو هي بيان.
ساقيا، ڏي ان جي رمزن جو پتو، جيڪو واٽهڙو فنا جڳ مان ٿيو،
هڪ ۾ هڪ ٻڃجي هميشه هو رهيو، جاڻندڙ هڪ جي عيوض ڇاتو نہ ٻيو.
ساقيا هن عشق کان آگاهہ ڪر، سور سان ۾ سوز سان همراهہ ڪر،
بيڪس آهيان تنهنجو آڏو حال ڏس، درد ۾ الفت جو مونکي شاه ڪر،
ساقيا، ڪرمات منهنجو ننگ نام، مهرمان مونکي پري ڏي مئي جو جام،
ٻن جهانن ۾ رهان جئن مست ٿي، غرق ڪر وحدت جي وادي ۾ مدام.
ساقيا، ڏي جام مئي جو پُر ڪري، جنهن جي خوشبو سان طبيعت تر ٿئي،
يار جي دوري جو درد آهي گهٽو، شمع جهڙي ديد سان دلبر ملي.
اٽ هينئر محفل ۾ هل ساقي سڏو، گل جي موسم آهي چڏ سستي سگهو،
هڪ مٽان ٻيو جام مئي گلفام جو، ڪيترو هن مند ۾ ڏئي تو مزو.
ٿي نہ ساقي محتسب کان خوفناڪ، مئي مئل دل کي ڪندي ڇا ٽيڪ ٽاڪ،
ڏي پيالو زندگي جي آب مان، جئن رهان زنده هميشه زيرِ خاڪ.
جام مئي جو ساقيا پڏرو پيار، زاهدن واري ريا کان آهي عار،
ڪوڙ يا ٻئي جي پچر کان مئي پلي، پنهنجو منهن مئخاني ڏي ڪر آشکار.

تار نامو

مان ٻڌايان ٿو ٻيو هڪ داستان،
محو ٿين جنهن جي ٻڌڻ سان جسم جان.

يار فرمائي ٿو ڇئو هڪ مثنوي،
راز وارا بيت ٿورا معنوي.

پاڻ اشارو ٿو ڪري هو پاڻ کي،
ان جي ڳجهه جي ڳالهه ڪر سستي چڏي.

پاڻ ٿو ٻولي نٽا ٻوليون اسان،
پاڻ ٿو ڳولي نٽا ڳوليون اسان.

جئن ويس هڪ رات جو مئخاني ڏي،
اوچتو پئي ديد هڪ ديواني تي.

هئي هٿن ۾ ڪيس هڪ سهڻي ستار،
جنهن جي نغمن ۾ هيو هو مست يار.

مست هو مدهوش هو رقصان هيو،
بيخوديءَ جي ماڳ تي بيجان هيو.

پئجي ويو گردش ۾ ميخانو سڄو،
مون کي هن" هئي هئي" ڪري پاڪر وڏو.

ويجهڙو جيئن جو ڪيائين پاڻ سان،
محو ٿيا ان وقت منهنجا جسم و جان.

جان و دل کي اهڙي مستي ٿي عطا،
دين دنيا جا سيئي پولا لٽا.

پنهنجي آگر سان وڃايائين ستار،
راڳ سان مون کي ڪيائين بيقرار.

ڏوڙ منهن کي مون ملي دستار وئي،
ٿيو گريبان چاڪ ۽ سڏ سار وئي.

مون کي ان حالت ۾ آندو هن صدا،
جو گهڙي کن حوصلا ٿي ويا خطا.

بعد مدت جئن جو آيس هوش ۾،
اوچتو ٻيهر ٻه آيس جوش ۾.

تار کان هي حال ورتم سر بسر:
"ڪيئن سياڻن کي ڪرين ٿي بي خبر".

هيترو هي درد کنهن کان تو وٺيو،
يا ته کنهن آگر هڻي توکي ڦٽيو.

مون کي بيخود ٿي ڪري تنهنجي صدا،
دل کي سؤ موجون ٿي بخشي برملا.

تنهنجو هر آواز مستي ٿو ڏئي،
کنهن کي تنهنجو ڳجهه نڏو حاصل ٿئي.

رقص ۾ آواز آڏي ٿو کڏهن،
لا مڪان تائين اماڻي ٿو کڏهن.

تنهنجي رڙ ماتم مچائي ٿي کڏهن،
دانهن ديوانو بنائي ٿي کڏهن .

ساري محفل کي چريو چٽ ٿي ڪرين،
دور دانائي کي جهٽ پٽ ٿي ڪرين.

دل ۾ درد و غم وڌائي ٿي چڏين،
هت قلم جو سر ڪٽائي ٿي چڏين.

ڪاش توسان ڪم پيو آخر اچي،
جا بجا مون سان رکين شل دوستي.

اڳ ۾ ئي جئن تنهنجو واجو ٿو وڄي،
غير جو هر وهم دل تان ٿو ڪڍي.

ننگ ۽ ناموس واري ٿي ڇڏين،
جام مئي مان جيئن پياري ٿي ڇڏين.

جس هجيئي تون ٿي وڃائين حال کي،
مرحبا تون ٿي مٽائين قال کي.

هيءَ صدا تنهنجي پريشان ٿي ڪري،
چا پريشان بلڪ بي جان ٿي ڪري.

ڏي ٿي دل جي ديگ کي جولان جوش،
ٿي ڪٽي صبر و قرار آرام هوش.

منهنجي دل ورد و وظائف کان پڳي،
جئن وٽس تنهنجو ترانو ويو رسي.

ڪنهن وٽان مون لاءِ آند ئي ورد کي،
تنهنجي رڙ ٿي جان و تن ڳاري ڇڏي.

دوستي هاڻي ٿي توسان ڏينهن رات،
منهنجي دل مان دور ٿي غيرن جي تات.

هن جڳهه تي تنهنجي آمد ٿي ڪٿان،
آئي آهين ڪنهن مٿاهين ملڪ تان؟

ماجرا ماضيءَ جي سڀ مون کي ٻڌاءِ،
صاف ڏس اڳ ۾ ڪٿي هئي تنهنجي جاءِ؟

ڪهڙي حالت تو تي نازل ٿي وئي،
تنهنجي رڙ مون لاءِ قاتل ٿي وئي.

تون هلي آئين غمن جي ملڪ تان،
يا وري عشاق جي مجلس منجهان؟

ڪنهن پريشان حال ماڻهوءَ کي ڏٺئي،
يا ڪو گفتو غارفن وارو ٻڌئي؟

تن جي حالت کي ڏسي پر درد ٿئن،
درد ان جي ۾ برابر فرد ٿئن؟

تار تنهن دم رڙ ڪري ڪئي قيل و قال :
"ٻڌ تہ مان توکي ٻڌايان پنهنجو حال".

ڪاڻ اڳ ۾ مان هيس پٽرن ۾ پال،
ڪٽ چڙهيل بي رنگ ڏاتوءَ جي مثال.

پيرسن استاد آخر اوجتو،
مون کي پٽرن مان ڪڍي ٻاهر ڪيو.

پاڻ پالڻ لئي جبل جي پاڙ مان،
مون کي هت آندائين منهنجي ملڪ تان.

پوءِ کوري ۾ وڃائين اي جوان،
غير جيڪي هو ڪيائين مون منجهان.

اُت رجي ۽ خشڪ ٽيس آڙاهه ۾،
شڪل ڪرسيءَ جهڙي ورتم ٻاهه ۾.

لوهرن جي هٿ ۾ آيس هڪ ڇٽي،
آگ ۾ اڇليو ٿي جن هر هر ڪٽي.

پئي جليس ڪيئي ڏهاڙا ٻاهه ۾،
مار ڪاڏي مون گهٽي آڙاهه ۾.

ڏڪ ڏڪن تي صبر سان مون پئي سڻا،
موچڑا اهڙا نہ ڪنهن ٻئي کي لڳا.

اڳ جبل ۾ ٽولهه مونکي هئي گهٽي،
هت اچي هيٺي ٽيس جاڻي ڏٺي.

گوشمالين ۽ ڏکن ۾ دائما،
حال کان نڪتس هزارين ڦٽ ٽيا.

پوءِ پرندڙ ٻاهه مان ٻاهر ڪڍي،
اڙ ڳڻيا ڏڪ مون کي ماريائون وري.

ڪيترن ماڳن تي ٽيو منهنجو مڪان،
پرنہ ڪا ٻولي ٻڌي ڪنهن مون وٽان.

پوءِ هر پاڪيزه تن ڏوٽي ڏڪي،
نيٺ هن صورت ۾ آندائون ڇڪي.

هاءِ هن کان اڳ ۾ سؤ صدمان سٽم،
زخم کاڏم، ڏڪ جهليم ۽ غم ڏٺم.

بار غم جا پئي سنا مون بار بار،
جيستائين پنهنجي هٿ ۾ آندو يار.

مون هزارين ڏک ڏٺا آهن جڏهن،
يار جي هٿ ۾ پڳي آهيان تڏهن.

يار جي هٿ ۾ رسڻ جو ٿيو سبب،
جيڪو مونکي ٿو وڃائي روز شب.

هٿ ۾ آندائين حياتي ٿي عطا،
منهنجي جان آهي سندس هٿ ۾ سدا.

در حقيقت مون ۾ هئي سختي گهڻي،
هن جي هٿ، اي مهربان، نرمي ڏني.

هو ٿو ڳائي ۽ وڃائي، مان ڪٽي!
هو ٿو چوري ۽ چوائي، مان ڪٽي!

حال کان بي حال ٿي آهيان جڏهن،
ٻين کي بيخود ٿي بڻايان مان تڏهن.

هڪ ڏهاڙي پور پيو استاد کي،
درد پهچايان ڪو هن بي درد کي.

جڳ ۾ هر هڪ جنس جو نر ماد آ،
هيءَ اڪيلي چو سدا ناشاد آ.

ڪيس ساڻي ڏيان ته هم صحبت ٿين،
پاڻ ۾ گڏجي غم ۽ راحت ونڻن.

حال محرم پاڻ ۾ هر دم هجن،
يڪ تن و يڪ جان ۽ همدم هجن.

مون به ويچاريو ته راحت ناهه کا،
ويو پکڙجي درد مون کان جا بجا.

هاءِ جن کان رنج و غم مونکي رسيو،
عيش ۽ آرام جن مون کان کسيو.

هڪ سڪل وڻ مان انهن کاني ڪپي،
جنهن کي چلجڻ ۾ گهٽي زحمت رسي.

اڳ ۾ سا چيري ڪيائون چاڪ چاڪ،
پوءِ وري ويهي ڳنديائون ڦاڪ ڦاڪ.

پيٽ ڦاڙيائونس ٿي سالم صفا،
غير کان ٿي وئي سندس رڳ رڳ رها.

سل ڪڍي ميخون هنيائون ان ۾ ڪوڙ،
قرب سان قابو ڪيائون جوڙ جوڙ.

ان جي رڳ رڳ جي مٿان ميخون هٽي،
رنج و غم وارو قدم وينا ڪٽي.

هڪ به چا ان کي ملين سؤ زندگيون،
حال ڄاڻن ٿيون دليون عشاق جون.

ان جي خالي پيٽ اندر پيو شراب،
ويجهڙي ٿي يار وٽ کائي عذاب.

ان ۾ اوتي عشق واري مئي گهٽي،
منهنجي خاطر جاءِ جوڙيائون ڪٽي.

منهنجي غم سان هن جو غم همراز هو،
بن دلين جي درد جو آغاز ٿيو.

هاءِ هن کان اڳ ۾ ڪاڏم غم هزار ،
مون تي هر ڪنهن ڪئي ٿي هئي هئي بار بار.

پوءِ هڪ غمناڪ سان گڏجي رهيس،
درد جي درياهه ۾ داخل ٿيس.

هم وطن بڻجي ٿياسون هم ڪنار،
پاڻ ۾ گڏجي رهياسون راز دار.

منهنجي هن جي دوستي ٿي وئي گهٽي،
مان ٿيس مجنون ته هوءَ ليليٰ بڻي.

مان ۽ هو گڏجي رهيون سين آس پاس،
پئي نه ميلي ۽ وڇوڙي جي شناس.

منهنجو توڙي هن جو نالو گم ٿيو،
مان ڪٽي ۽ هو ڪٽي هر ڪو ويو.

پئي گڏيون سين پاڻ ۾ آرام ويو،
ڪاٽ ۽ فولاد وارو نام ويو.

هر ڪو طنبوري جو نالو ٿو وڻي،
هن منجهان هڪ، هڪ منجهان ٿو هل ٿئي.

اڳ هو ٻاتو پوءِ ٻوليندڙ ٿيو. هر کو عاشق ٿيو سندس آواز جو.
گڏ رهياسون غمزده ٻئي غمگسار. پاڻ ۾ هڪ ٿي وياسون آشڪار.
هو ڪٿي هئي ۽ ڪٿي منهنجو مڪان. مان جبل جي پاڙ مان هوءَ جهنگ مان.
مان ۽ هوءَ آيونسين ڪهڙيءَ جاءِ تان. هت پتو ناهي پڳيون آهيون ڪٿان.
پاڻ ۾ الفت رکيسون دم بدم. نينهن جي ناتي ڪيو پنهنجو هي ڪم.
بن منجهان هڪ تن ٿيو ويراڳ ۾ وحده واحد ٿو ٻولي راڳ ۾.
ڇا خبر آواز هي آيو ڪٿان. مون وٽان آهي يا ان ڪائي وٽان؟
پيو پتو آخر ته ان ۾ راز آه. منهنجو يا ڪائيءَ جو هي آواز ناه.
منهنجو ناهي يار جو آواز آه. هو وڃائي ٿو هي سڪٽو ساز آه.
يار جي هٿ ۾ اچان ٿي بار بار. سؤ صدائون ٿي ڪيان اي آشڪار.
تار طنبوري جي بخشيو هي فراق. دل ۾ يارن لئي وڏي ويو اشتياق.
سچ ته مون سان تار اهڙي ڪار ڪئي. ڪفر ۽ اسلام جي سڏ سار وئي.
تار جو اهڙو اثر ٿيو مون مٿان. جيڪو ٻڌندو دل وجائيندو هٿان.
جان و تن ڳاري ڪيائين دل ڪباب. تار آندو شوق وارو اک ۾ آب.
تار ڪان دل ۾ سوين موجون چڙهيون. سر تي سورن جون سوين فوجون چڙهيون.
تار سان دل ميڙ وانگر نرم ٿي. جان و تن ويا سوز ۾ سرگرم ٿي.
تار دل کي ميڙ جيئن ماري ڇڏيو. جسم ٽوڙي جان کي ڳاري ڇڏيو.
تار چانديءَ مثل دل ڪئي پاڪ صاف. روز شب پئي ٿي ڪري پنهنجو طواف.
تار سان غم جون سوين موجون چڙهيون. دل تي غمزن جون سوين فوجون چڙهيون.
ديگ دل واري تپائي تار وئي. عقل و دانش کي گهٽائي تار وئي.
تار منهنجي تن جي قاتل ٿي پئي. ان جي دانهن تي چري دل ٿي پئي.
تار آندو مون تي بي حاليءَ جو حال. بعضي ليليٰ بعضي مجنون جي مثال.
ڪل نٽي پئي ڪنهن جو هي آواز آ. ڪجهه ته سوچ ۽ سمجهه، ڪهڙو راز آ.
مست و بيخود ٿي بنائي هيءَ صدا. هوڏ هستي ٿي هٽائي هيءَ صدا.
هيءَ صدا ڪيئن ٿي ڪري بي اختيار. بن اکين مان ٽا وهن ڳوڙهن جا نار.
هن صدا ۾ سوز ساڙو سور آ. سربسر منصور جو مذڪور آ.
عارفن لئي هيءَ صدا بهتر بٽي. جيڪي سوريءَ تي وجن ٽا سر ڪٽي.
هيءَ صدا سوري چڙهائي ٿي ڇڏي. دم انالحق جو هٽائي ٿي ڇڏي.
هيءَ صدا ڳالهيون ڪري ٿي عشق جون. عاشقن تي جي اچن ٿيون آفتون.
تار جي رڙ جوش ۽ جولان ڏنو. بن اکين ۾ موجزن طوفان ڏنو.

تار جي رڙ درد لائي ٿي چڏي، در بدر ناچو بٽائي ٿي چڏي.
تار جي هي رڙ رسائي ٿي اتي، جسم سان گڏ جان ٽئي ٿي گم جتي.
تار جي رڙ کان مليا غم بيشمار، رنج کائي گنج ورتم بار بار.
تار جي رڙ کان ملن ٽا غم هزار، رمز ڄاڻيندڙ ئي ٽيندو راز دار.
تار جي رڙ سان هليو آرام ويو، ڪفر ويو ۽ دين ويو اسلام ويو.
تار جي رڙ آهه دردن جي دوا، ڪنهن يگاني کي ئي پوندي ڪل اها.
تار جي رڙ سان ٿو اوريان پنهنجو حال، زهر غم جو ٿو پيان شربت مثال.
تار جي رڙ کان عطا ٿي بيخودي، هي خودي گم ٿي ته آئي هو خودي.
جو خودي کان مرد زنده ٿو رهي، توڙي بندو آهه شاهي ٿو ڪري.
تار چئي ٿي مون ته ڪجهه ناهي ڏنو، ڪو پتو ناهي انهي آواز جو.
هي وڃائيندڙ جي هٿ ۾ آهه ڪار، يار کي پيغام ڏئي ٿو پاڻ يار.
جئن وڃائيندڙ چوي ٿو مونکي چئو، تئن چوان ٿي مان چگو توڙي منو.
ڪير آهي جيڪو دانهون ٿو ڪري، هجر ۽ غم کان جو آهون ٿو ڪري.
ڪو پتو ناهي اچي ٿي رڙ ڪٽان، مونکي حيرت ٿي اچي مان چا چوان.
هن سبب مونکي تعجب ۾ وڌو، منهنجو ڪو آهي وڃائيندڙ ٻيو.
مان هجان جيڪر ته ٻئي کي پڻ ڏسان، جيڪو ڳائي ٿو اهو آهي نه مان.
جئن مٿي تي هٿ رکي ٿو منهنجو يار، سڏ صدائون ٿي وجن ٽيون آشڪار.
جيستائين يار جو هٿ هو پري، رڙ نٿي نڪتي رهيس ٿي چپ ڪري.
کي ڏهاڙا توڙي کوري ۾ رهيس، ٻڙڪ ٻولڻ کانسوا ان ۾ جليس.
حرف مون کان کين نڪتو هاءِ هاءِ، دم ڪٽڻ جي کين هئي مون لاءِ جاءِ.
وصل ۾ افسوس ايڏو اشتياق، حيرت آهي کيئن ته آڻي ٿو فراق.
وصل سان ٽئي ٿو وڇوڙو کيئن ڪنو، حيرت آهي درد هي ڪهڙو ٽيو.
هجر ۾ آواز هرگز کين هو، ڪو ادب ۽ ناز هرگز کين هو.
پوءِ چا لئي وصل ۾ چيخ و پڪار، درد جون دانهون ٽين ٽيون بيشمار.
مئي جي منشا ۾ لڪل آهي نشو، ان جو آواز آهي ناهي ساز جو.
پير پنهنجي کان پڇيم آخر خبر، جيڪو کولي ٿو ٻڌائي دل جو در:
"وصل ۾ چا لئي وڇوڙي جي پڪار، جا بٽائي ٿي چڏي بي اختيار؟
وصل بٽجي ويو وڇوڙو چا سبب، چو وڇوڙو ٽيو وصال آهي عجب؟"
پاڻ فرمايائين، "ظاهر چا ڳجهو، تون نه آهين آهي هو ڃاڻين نٿو.
غور ڪر خاموش ٿي مون ڏي نهار، دل جي ڪن سان ڳالهه ٻڌ اي آشڪار.

تار مان آواز کافي ٿو اچي، پر نٿو سيکو سجاڻي راز کي.
جسم طنبورو ته تار آهي زبان، ٿي ڪري اسرار مولا جا عيان.
قلب طنبورو ٿيو ۽ تار جان، آهي ڪاريگر جي آگر جو بيان"
تار جي ساري حقيقت ٿي تمام، ماڻ ۾ آئي زبان بس والسلام.

راز نامو

مون هيننڙ پنهنجا غزل پورا ڪيا،
دل ۾ ليڪن راز ڪجهه رهجي ويا.

تنهنڪري هڪ مٿنوي ٻيهر لکان،
جنهن کي پوئين وقت ۾ ظاهر ڪيان.

حڪم اُن جي سان لکان تازو ڪتاب،
راز رمزن سان پريل خاصو ڪتاب.

عزم ناهي منهنجو آهي يار جو،
تنهنڪري معنيٰ جو دروازو کليو.

هي ڪتاب آخر زماني ۾ لکيم،
پنهنجي مخفي راز کي ظاهر ڪيم.

حال وارو کو ڏسي منهنجو ڪتاب،
جو پئي توحيد جو خاصو شراب.

هن رسالي جي خبر چا خام کي،
علم عارف کان سوا چا عام کي.

حڪم ٿيو مان راز نامي کي لکان،
پنهنجي پوئين وقت ۾ ڪجهه ڪم ڪيان.

جو پڙهي سو هٿ کڻي اسلام تان،
دور ٿئي هر مذهب ۽ ايمان کان.

راز رحماني هتي ظاهر ڪري،
هي "سچو" خود کي "خدائي" ٿو سڏي.

حال واري کانسوا منهنجو ڪتاب،
جو به پڙهندو سو وڃائيندو رباب.

هن رسالي کي سچ ڄاڻي خدا،
ڪير پڙهندو حال واري کانسوا.

هر کو اهڙو راز مخفي ٿو رکي،
شابس آهي ان کي جو ظاهر ڪري.

عشق سان ٽمٽار آهي هي ڪتاب،
ڏس منجهس معنيٰ جا موتي بي حساب.

جيڪو واقف ٿيندو منهنجي حال کان،
حال کان بيحال ٿيندو بي گمان.

غير واقف ٿي نه پڙهه منهنجو ڪتاب،
پر پڙهڻ سان راز حاصل ڪر شتاب.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

راز رمزن سان پريان ٿو هي ڪتاب،
ڪئن ڪيان ٿو دل جي شيشي مان شراب.

ڪئن نه قدرت سان خدا آهي ڪريم،
حيّ ۽ قيّوم، رحمان ۽ رحيم.

پاڻ مولا آهي قادر ڪار ساز،
شاهه مالڪ ملڪ جو ۽ بي نياز.

تون زبان سان اڳ ۾ بسم الله ڪر، پوءِ محمد شاهه جي ساراهه ڪر.
جئن خدا مان ٿيو عيان نامِ رسول، تئن رسالت ۾ اچي سو پيو قبول.
ويس بدلائي سڪندر ٿيو سفير، پاڻ نوشابه اڳيان آيو امير.
خود چيائين، "موڪليو مونکي امير، مان سڪندر شاه جو آهيان سفير".
نيٺ نوشابه سجاتو شاهه کي، با ادب بيهي رهي ان جاءِ تي.
خود چيائين، "تنهنجي ٻانهي مان ٿيان، روز و شب تو شاهه جي خدمت ڪيان.
چو ٿو پردي ۾ ڇپائين پاڻ کي، چو ٿو رنجن ۾ رهائين پاڻ کي".
در حقيقت پاڪ مرسل ۽ خدا، جيڪڏهن ڇاٽين ته ٻئي آهن ڪنا .
ناهي احمد ۽ احد ۾ ڪوئي فرق، مير آهي عشق جي مستي ۾ غرق.
جيڪي پيدا ٿيا زمين و آسمان، يا منجهن سج چند آهن نور سان.
آهي سيني ۾ سدا حق جو حضور، ظاهر و باطن انهيءَ جو آهي نور.
آهي موجودات ۾ مولا جي ذات، جو ڏسين ٿو آهي سا ان جي صفات.
هر وڳي ۾ هو رهي موجود ٿو، پٽ ڪڏهن پهري، ڪڏهن ويڑهي ڪٽو.
مختلف رنگن جو هڪ خيمو هٽي، شاهه وينو آهي ماري چڏي چانوٽي.
اندران سئو حڪم جاري ٿو ڪري، گاهه قادر، گاهه زاري ٿو ڪري .
هڪ ڇٽو ڏس سئو تماشا ٿو ڪري، پاڻ ٿو نعرو انالحق جو هٽي.
آهي بيرنگي هميشه رنگ ۾، پاڻ آهي صلح ۾ ڇا جنگ ۾.
هو ڪڏهن فرعون يا موسيٰ ٿيو، هو ڪڏهن مريم، ڪڏهن عيسيٰ ٿيو.
پاڻ ئي دنيا تي شاهي ٿو ڪري، پاڻ ئي خود کي سپاهي ٿو ڪري.
خود سميع آهي سدائين خود بصير، خود عليم آهي ڪليم آهي قدير.
درد سان پوندي سموري هي خبر، درد ڏاران بي خبر آهي بشر.
عشق وٽ چڏ پاڻ پيريءَ جي پچر، درد ريءَ آهي اجايو شوروشر.
عشق ۾ اچ دين ۽ اسلام چڏ، عشق ۾ اچ پنهنجو ننگ ۽ نام چڏ.
عشق ۾ اچ سپ وساري چڏ سبق، تو متان روشن ٿي ويندا نوطبق.
عشق ۾ اچ چڏ مسائل جي پچر، چو ٿو ويڳاٽو وتين پچ بي خبر.
عشق ۾ اچ چڏ حڪايت جو حصو، ڪو نه دارا ۽ سڪندر جو قصو.
پاڻ کي چڏ ڪر اميري عشق جي، آهي شاهي ڇا وزيري عشق جي.
عشق آهي ذات حق جي سربسر، درد ڏاران کين پوندي هي خبر.
عشق وٽ ۽ ترڪ ڪر تدبير کي، جان و دل سان ڏس انهيءَ تاثير کي.
عشق وٽ چڏ پاڻ پيريءَ جي پچر، رند ۽ سرمست ٿي رهه بي خطر.

عشق ۾ اڄ ڇڏ گناهه ۽ ڇڏ ثواب، تنهنجي دل ڪاري ڪندا تنهنجا حجاب.
عشق جو شهباز جنهن کي ٿو وٺي، نيڪ وبد کان ان کي واري ٿو ڇڏي.
دور آهي عشق جي منزل ڪٺن، ڪيترائي بحر وچ تي ٿا وهن.
عشق جي منزل پسائي لا مڪان، عشق واري کان پري سود وزيان.
عشق جي سنئين راهه ۾ طالب ٿي شاد، آهي ٻي هر راهه ۾ مڪر و فساد.
دو جهان ۾ عشق شاهي ٿو ڪري، لامڪان تائين رسائي ٿو ڇڏي.
درد آڏو عقل جي ڪهڙي مجال، درد وارو مرد آهي باڪمال.
مرد بٽجي درد سان ٿي همڪنار، عشق وارو ٿي وظيفن کي وسار.
عشق وٺ اي يار اهلِ درد ٿي، جي پڇين مونکان تہ ڪامل مرد ٿي.
عشق وٺ ۽ پنهنجي هستي کي وسار، يار جي رستي ۾ جان ۽ تن کي ڳار.
عشق وارو بحر آهي موجزن، ان جي موجن جو شمار آهي ڪٺن.
عشق آهي حق جو رستو بي گمان، "لي مع الله" آهي مرسل جو بيان.
عشق سبحاني جي خاصي قيل وقال، عشق ۾ چوغو جنيدي حق جو حال.
عشق ظاهر ڪئي انا احمد جي حد، ميم جو پردو هٽائي ٿيو احد.
لو ڪشف جي گفتگو ڪئي مرتضيٰ، عشق جون رمزون ٿيون انکان عطا.
اول ۽ آخر اهو موجود آهه، باطن ۽ ظاهر اهو موجود آهه.
هيءَ حقيقت عشق جي آهي ڪري، سر ڏئي حاصل ڪري وٺ سر وري.
ڪر مصلي کي ۽ چوغي کي تباهه، پهلوان ٿي ڪوٺ هستي جي کي ڏاهه.
خود پرستي ۾ برابر بند ٽٽين، ڪفر جو پاتئي جڙيو خورسند ٽٽين.
خاص مردن جو يقين آهي اهو، ڪفر توڙي دين کي ڪن ٿا ڦٽو.
سپ کي ناهي عشق جي رستي جي ڄاڻ، جيڪو عاشق آهي سو ڄاڻي ٿو پاڻ.
عشق جو مهراڻ آهي موجزن، جنهن ۾ کارونيار ڪن ڪڙڪا ٿا ڪن.
جي وڃي مسجد پڇين يا خانقاهه، عشق ريءَ حاصل نہ ٿيندي حق جي راهه.
درد دل سان پڙهه ڪلام ۽ ڪر نہ لڇ، جيڪڏهن بيدرد آهين تون تہ پڇ.
جيڪڏهن ڪجهه درد آهي تو ۾ يار، ڪن ملائڪ تو مٿان موتي نثار.
پاڻ سان جي درد کي شامل ڪرين، من گهر ئي محبوب سان محفل ڪرين.
عشق جي دو جڳ ۾ آهي سروري، عشق سان حاصل ٿئي ٿي برتري.
عشق هر ڪنهن کان رهي ٿو بي نياز، مان ڏسيان ٿو توکي پنهنجي دل جو راز.
انت ناهي عشق جو ڪنهن کي ادا، ان کي ناهي ابتدا ۽ انتها.
عشق جي نااهل کي ڪهڙي خبر، ان کي عارف ٿا سڃاڻن سربسر.

بي دليا چا عشق جي غم سان رهن، عشق وارا سر مٽس قربان ڪن.
هڻ ڪٽي وحدت جي دريا ۾ ٽٻي، "مان ۽ تون" ڪان جلد وٺ آزاد گي.
جي اجايو "مان ۽ تون" ۾ ٽڙڪندين، عشق جي رمزن کي حاصل چا ڪندين.
سئو ڪتابن جا پنا چو ٿو پڙهين، علم منطق ۾ اجايو ٿو ڪڙهين.
چو رهين ٿو مست مڪتوبات ۾، پاڻ کي چو ٿو وجهين آفات ۾.
عشق جي ڪانهي ڪتابن ۾ هوا، آهي ان جي عشق جو رستو جدا.
هر ڪتابي بحث کي تون باهه ڏي، عشق پهچائيندو تو وٽ يار کي.
پيٽ وارو علم شيطاني ٿيو، علم منطق جو پريشاني ٿيو.
ظاهري علم آهي سارو قيل و قال، جنهن ۾ حاصل کين ٿيندو حق جو حال.
ظاهري علم آهي يوناني سڃڻ، چو پڙهين ٿو جنهن ۾ ناهي ڪو لڇڻ.
عاشقيءَ جو علم پڙهه ڪر عاشقي، ٻيو سمورو علم آهي فاسقي.
عاشقي جو علم پڇ تون سربسر، پر نه پڇ مونکان ڪو منطق جو اکر.
جئن هتان آيس هلي هن جاءِ تي، جيڪي آندم سو وڃايان ٿو ڪٽي.
پاڻ مولا عشق جو تحفو ڏنو، عاشقي جو علم سيني ۾ وڏو.
علم ظاهر جي ذري ظاهر نه ٿي، هجر واري باهه ساڙيندي رهي.
عاشقي جو علم آندو هت سچو، جو بچيو باقي سو شيطاني ٿيو.
علم ظاهر آهي بي حاصل سڃو، عاشق آهين تون ته ڪر ڪجهه حوصلو.
پاڻ چئين ٿو عالم آهيان بي مثال، علم ظاهر سان نه هٿ ايندءِ ڪمال.
علم جون ڍاڑون هڻي ٿو بي حساب، قاف تائين ناهي ڇڻ تنهنجو جواب.
هي سمورو علم يوناني ٿيو، سربسر هي علم شيطاني ٿيو.
علم يوناني سڃو مڪر ۽ فساد، عاشقي جي علم ۾ ڪر اجتهاد.
علم اهڙي ڪان اسان پاسو ڪيو، گرچه سارو بو علي سينا لکيو.
عاشقيءَ جو علم آندو مصطفيٰ، پر ڪيو ظاهر زبانِ مرتضيٰ.
مڪتب آهي علم يوناني جي جاءِ، ڇڏ انهيءَ کي وسوسا پنهنجا وڃاءِ.
علم ظاهر ۾ رڳو جهيڑو جهٽو، علم عشاقيءَ ۾ ناهي ڪو ڦڏو.
فلسفو جادو طبابت يا رمل، آهي هر ڪو علم شيطاني عمل.
عشق تيزيءَ سان اچي ٿو اوچتو، علم ان کان ٿو پڇي، ترسي نٿو.
عاشقي جو علم جاتو صادقن، ٻيو سڃاتو عاشقن ۽ طالبن.
عشق ان جي کانسواءِ سڀ ڪجهه خراب، فهم رک و الله اعلم با الصواب!.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ناهي فردوسي، نظاميءَ جو جواب، دُر يگانو آهي منهنجو هي ڪتاب.
هن ۾ ناهن بادشاهن جا قصا، معرفت وارا ٿا سمجهن ماجرا.
ڪين آهي هي مسائل جو ڪتاب، منهنجي مرشد جي اڳيان ٿيو مستجاب.
درد دل جي سان لکيم هيءَ ماجرا، خود قلم کي حڪم فرمايو خدا
راز نامو آهي منهنجو هي ڪتاب، جو به پڙهندو سوئي ٿيندو ڪامياب.
عشق جي غم جو منجهس آهي بيان، جو زبان مان ناهي آهي دل منجهان.
تون خيال آهين وڻي ڇڏ هي خيال، جئن پئين توحيد جي مئي بي مثال.
عاشقن هن راهه ۾ ماريو مٽو، ڪين سوچيائون ڪتابي مسئلو.
پاڻ کي پنهنجي نظر ۾ گم ڪري، شاهه شاهن جو ڪري ڇڏ پاڻ کي.
مرد بڻجي اڄ انهيءَ ميدان ۾، "مان ۽ تون" کي ڇڏ انهيءَ چوگان ۾.
تڙ تڪڙ ۾ پاڻ ڪان بيزار ٿي، عشق جي رمزن جو واقفڪار ٿي.
پاڻ ۾ هوندين ته حق هوندئي خدا، پاڻ کان ويندين ته گڏ ٿيندئي خدا.
دور دوئي کي ڪري دلدار ٿيءُ، هڪ رهي اي يار تون سردار ٿيءُ.
ڪنهن کي ڳولينڊو وتين ٿو سچ ٻڌاءِ، در بدر ڊوڙين ڊڪين ٿو ڪنهن جي لاءِ.
تو بگاڙي پنهنجي حالت پاڻ آهه، تو کي دو ئي جي سجي ڇڪتاڻ آهه.
جيڪڏهن پنهنجي حقيقت ڄاڻندين، غير کان هر حال ۾ پاسو ڪندين.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

اي سڄڻ، تون عشق واري شمع ٻار، ڪم ڪري وڻ اڄ، سياڻي کي وسار.
مڃ اها منهنجي نصيحت اي ادا، پاڻ کان ٻاهر هڄ جي گهر دعا.
وڻ سڏو رستو پري رهه پاڻ کان، ورنه گمراهي ۾ ايندين بي گمان.
گم نه ڪر رستو اهو توحيد جو، هڪ رهي حق ساڻ هل ڪر غم نه ڪو.
هُل هيو طالب متان ويهي رهين، جيستائين راز سڀ حاصل ڪرين.
تون حباب آهين، حباب آهين، حباب، پاڻ ماري بحر بڻجي وڃ شتاب.
بحر جو نالو پيو پاڻيءَ مٽان، ان منجهان نهرن جا نالا ٿيا نوان.
موج کاڌي بحر سئو لهرون ٿيون، سي وري ساڳيون منجهس گم ٿي ويون.
اول ۽ آخر اهو موجود آهه، باطن ۽ ظاهر اهو موجود آهه.

پاڻ کي توحيد جي رستي ۾ ڳار،
پنهنجي هستي ٽوڙ "مان، مان" کي وسار.
تنهنجي "مان، مان" آهي ابليسي عمل،
ناهي ابليسي عمل جو نيڪ ڦل.
جاڻ دوئيءَ کي وڏي ڪافر جو ڪم،
هن طريقي سان هنيو شيطان دم.
جاڻ هر دم پاڻ کي حق سان ڪنو،
حق جو توسان تنهنجو حق سان واسطو.
غير حق ناحق ٿو سمجهين پاڻ کي،
باهه ۾ وجهه هر ڪتابي جاڻ کي.
هن جو تو تي تنهنجو هن تي ٽيو مدار،
واٽ وٺ "مان، مان" جي وائي کي وسار.
آهي "مان، مان" جو اهو پردو وڏو،
سچ پچين مون کان ته سڀ آهي ڦڏو.
جسم توڙي جان و دل سڀ يار آهه،
وچ ۾ ناهي غير سڀ دلدار آهه.
هي سڄو ڪتراڳ ڇڏ موران مٽي،
پاڻ کان ڪر هي پريشاني پري.
هن پريشانيءَ کي ٽاري ڇڏ صفا،
پنهنجي هستيءَ کي وساري ڇڏ صفا.
هي نشاني آهي شيطاني قدم،
بيخودي ۾ آهي رحماني قدم.
راهه رحماني ۾ آهي بيخودي،
بيخودي ۾ تون به سڀ ڪجهه پاڻ ٽي.
پاڻ حق ٽي مار سبحاني جو دم،
آهي سبحاني ۾ سلطانيءَ جو دم.
هت هميشه آهي حيرت ۾ رهڻ،
هڪ هجڻ، دوئي ڇڏڻ، يڪتا ٽيڻ.
جاڻ هر دم هڪ هميشه هڪ سجاڻ،
هن عقيدي ۾ نه ڪوئي وهم آڻ.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٽو رهان.

مصطفيٰ جي راهه وٺ دل صاف ڪر،
غير کان بيزار ٽي اڄ بي خطر.
مصطفيٰ کان ٽي هدايت جي سخا،
مرتضيٰ کان ٽي عنايت جي عطا.
مصطفيٰ ٽيو انبيا جو پيشوا،
مرتضيٰ ٽيو اوليا جو رهنما.
مڃ يگانن ۾ يگانو مصطفيٰ ﷺ،
ان جي رمزن جو خزانو مرتضيٰ ع.
سمجهندو رهه هڪ علي توڙي نبي،
ڪر نه احمد ۽ احد ۾ ڪا وٽي.
هيڪڙائيءَ سان رهيا اصحاب خاص،
دور دوئيءَ کان رهيا احباب خاص.
هڪ نه سمجهڻ آهي بس بيگانگي،
هڪ هجڻ سان ٽي رهي مردانگي.
هڪ جٽي جا روپ آهن ڪيترا،
هڪ گهڙي بدلائي ٽو ڪيڏا وڃا.
هي سخن منهنجو نه هرگز تون وسار،
مرد بڻجي حوصلو مردن جو ڌار.
مرد ٽي ڏيکار مڙسيءَ جو مثال،
عشق جي رستي ۾ حاصل ڪر ڪمال.
عشق جي اسرار کان رهه باخبر،
عشق سان حاصل ڪندين حق جي نظر.
عشق در ڪولي ڇڏيو اسرار جو،
عشق سان هر راز پڌرو ٽي پيو.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان .
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ڏس پڙهي تون حرف هڪڙو جسم جو، جنهن ۾ خاڪو آهي حق جي اسم جو.
جيڪڏهن سمجهين تہ سپ ڪجهہ اسم آهہ، در حقيقت اسم جملہ، جسم آهہ.
اسم ڌاران جسم آهي ڪجهہ بہ ڪين، پاڻ حاصل ڪر اهو پورو يقين .
حرف جي معنيٰ کي حاصل ڪر سگهو، عاشقن آڏو جي ماڻين مرتبو.
جو ڏسي ٿو آهي بولينڊ اهو، جو ٻڌي ٿو آهي ڇاڻيندڙ اهو.
حرف جي معنيٰ انهيءَ جي ذات آهہ، پاڪ وصفن جي منجهس اثبات آهہ.
ڏس اکين آڏو سيئي اسرارِ حق، هر ذرو پنيو ٿو ڪري اظهارِ حق.
هر طرح سان يارُ چالا ٿو ڪري، ڪيترا دلدار گفتا ٿو ڪري.
هن زبان تي آهي انجي گفتگو، جا بجا دلبر جي آهي جستجو.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان

جسم توڙي جان و دل دلدار آهہ، هر طرح سان هوش وارو يار آهہ.
ماهہ ماهي عشق واري بحر ۾، ٻئي جهان لوڙهي ڇڏيا جنهن لهر ۾.
عشق واري بحر ۾ ماري ٽهي، وچ هميشہ لاءِ هستيءَ کان ڇٽي.
پاڻ قوٽو آهي پاڻي بي گمان، جو وڃائي ٿو ڪري پاڻيءَ متان.
پيو قسي قوٽو تہ از خود آب ٿيو، موج ٿيو درياهہ ٿيو گرداب ٿيو.
نام ٿيو درياهہ سيني جو يڪو، ان ۾ آهي بي گمان مطلب اهو.
ڪيترون چيزون ڪيون پيدا ڪمند، جا بجا ڏس ڳڙ مٺائي ڪنڊ قند.
ڪئن ٿيو داڻي منجهان پيدا شجر، جنهن ڪڍيا پن ڏار تارون ۽ ثمر.
ڏس ڪٽي مان وڻ سندس وحدت ڪيو، ڪئن سمورو ڪم اهو قدرت ڪيو.
ميڙ مان ناهن تا ماڻهو مورتيون، اٽ، ڳئون، گهوڙي، گڏهہ، هاٿي، سنديون.
جي ملائي ميڙ ٻيهر مهٽبي، مورتيون ويندين سموريون ميٽجي.
ناهجن تا سون مان زيور هزار، مختلف جن جا نمونا بي شمار.
هن مٽيءَ مان ٽانوَ ڪيئي ٽا ٽهن، ڪنهن کي ڪونرو ڪنهن کي لوٽو ٽا چون.
ٻج بٽائي ڪجهہ ڪٽا تا پوکجن، برگ و گل سرسبز بنجي تا ڦٽن.
مون ٻڌايو صاف گدري جو بيان، آهي ان هڪڙي جو سارو داستان.

ڏس تہ ککڑي مان ٿي نکري ڪئن ڪپاھ، رنگ ڪيڏا ٿو ڪڍي سبز ۽ سياھ.
ڪوٽ چوغو پوتڑو دستار ڏس، ٽوپ چولو يا اڇٽ سلوار ڏس.
ناھ ڪپڑي جي نمونن جو شمار، جن سين جو آھي ککڑي تي مدار.
ھي سمورا ڇاڻ وحدت جا مثال، وحدت ۾ ڪثرت جو ھڪڙو آھي حال.
اصل ۾ وحدت منجھان ڪثرت بڻي، سربسر ڪثرت وري وحدت بڻي.
پاڻ تي پنھنجي نظر تون پاڻ ڪر، ڪين ڪجھ اللہ ريءَ ايندئي نظر.
مون ٻڌايو آھي وحدت جو بيان، آھي وحدت ۾ ئي ڪثرت جو بيان.

ڪير آھيان، ڪير آھيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آھيان، عجب ۾ ٿو رھان.

ھيئن چيو ڪافور ھيڪر فخر سان، مان ھوا ڪي ٿو وڃي قابو ڪيان.
جئن اٽيو تئن پاڻ بڻجي ويو ھوا، پنھنجي ھستيءَ کان ھميشہ ٽيو جدا.
ڌاڙ ھنئي پاڇي تہ سج جي روشني، سيگھہ ۾ آڻي ڪيان ٿو ھت ڪني.
پاڻ ليڪن روشنيءَ ۾ ٽيو فنا، پنھنجي ھستيءَ کان ھميشہ ٽيو جدا.
مرد ھڪڙي کي مليو ماڻھو عجيب، جنھن چيس، "اي يار اڄ منھنجي قريب.
ڏي ڏيو ٻاري تہ بڻجان ڪامياب، جئن ڏسان پنھنجي اکين سان آفتاب".
ھن چيس، "درويش ديوانو نہ ٿيءُ، بي خبر بي ھوش بيگانو نہ ٿيءُ.
ڪير آھي جو ڏئي سان سج ڏسي، سج فقط سج سان ئي ڏسجي ٿو سگھي.
ڪنھن کي ھستي سان نہ حق حاصل ٽيو، جنھن ڇڏي ھستي اھو حاصل ٽيو.
پاڻ کان ويندين تہ بڻبين پاڻ حق، تنھنڪري ھر حال ۾ تون ماڻ حق.
ياد ڪر مونکان ٻڌي نڪتو اھو، رھہ خدا جي راھہ ۾ صوفي سچو.
درد ھٽ ڪر درد آھي دلپزير، ورنہ رسوائيءَ ۾ رھندين اي فقير".
خود پرستن کي ملي ڪئن دڳ سڌو، ڪڍ ۾ گھليائون ڏڏو شيطان جو.
غار ۾ ديرو ڏمائيندا رھيا، خلق سان حيلا ھلائيندا رھيا.
جو ڪري ٿو خود پرستيءَ جي نگاھہ، سو ٿئي ٿو سخت رسوا ۽ تباھہ.
خود پرستيءَ جا لطيفا دور ڪر، ڇڏ خودي اڄ بي خودي ۾ سربسر.
آھي ذڪر ۽ فڪر وارن جو ڪمال، جي ھميشہ ٿا رکن دم جي سنيال.
عشق وارن عارفن جي راھہ ڏس، دم سنيالڻ سان انھن جو چاھہ ڏس.
در حقيقت دم سنيالڻ دمبدم، طالبن ۽ صادقن جو آھي ڪم.
دم سنيالڻ جو ڪندو رھہ انتظام، پاڻ کان گم ٿي رھين جئن تون مدام.

دم سنيالڙ ساڻ ظاهر عشق ٿيو،
دم زدن ۾ ڪوٽ هستيءَ جو پگهو.

عشق جو مهراڻ آهي موجزن،
وٽ سڏو رستو ٻڌي منهنجو سخن.

ڪنهن محل عاشق مقامِ ذڪر ۾،
ڪنهن محل آهي مقامِ فڪر ۾.

ڪنهن محل هن وٽ مقاماتِ شهود،
ڪنهن محل هن وٽ مقاماتِ وجود.

جي سندس عظمت تجلي ٿي ڪري،
ذڪر ان جو ڪين باقي ٿو بچي.

جي وري عزت تجلي ٿي ڪري،
بس شهود ان دم نٿو آڏو رهي.

جي تجلي ڪبريائي ٿي ڪري،
بس گهڙيءَ ۾ فڪر فاني ٿو ٿئي.

جي تجلي ٿي ڪري خود پاڪ ذات،
ڪين باقي ٿي بچي هي ڪائنات.

"مان اوهان جو رب" ٿي ٻولايو خودي،
"مان سراسر حق" چوايو بي خودي.

پاڻ کي فرعون سڀ جو رب سڏيو،
پنهنجي هستي کان اهو نعرو هنيو.

دم "انا الحق" جو هنيو منصور شاه،
بيخودي ۾ پاڻ آيو بادشاه.

هن خودي فرعون تي آندو عذاب،
نفس جي خواهش ۾ ٿيو خوار ۽ خراب.

بيخودي منصور کي برتر ڪيو،
دو جهان ۾ انجو عشق اظهر ڪيو.

ديندار ي ۾ برابر شاهه هو،
قرب هو منصور تي الله جو.

ڪير آهيان، ڪير آهيان ،ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

جيڪڏهن ڪو ٻار پيدا ٿو ٿئي،
ڪيئن نه دائي جي هٿن ۾ ٿو پلي.

دم سنيالڙ آهي دائي جي مثال،
جنهن منجهان حاصل ٿئي ٿو هر ڪمال.

فڪر وارو ٻار پلجي ٿو پوي،
نوجوان هڪ ڏينهن بڻجي ٿو پوي.

پالنا ۾ ٿي ڪري دائي ڪمال،
خود بلندي تي ٿي پهچائي خيال.

رهنمائي ٿي ڪري دم جي سنيال،
جو خدا ڏي ٿو وڃي ڇڪجي خيال.

هن طرح هي ٻار ڪامل ٿو ٿئي،
ڪيس دائي جو نٿو اونو رهي.

ٻن ۾ آخر هيڪڙائي ٿي اچي،
گم ڪري ٿي جان، دل ۽ جسم ڪي.

سڀ وڃن ٿا يار باقي ٿو بچي،
دم انا الحق جو دمادم ٿو لڳي.

هر طرح هر حال ۾ حق ٿو رهي،
حق هڪالي ٿو ڇڏي هر غير کي.

راز وحدت جو ڪلي ٿو بي گمان،
هن حقيقت جو گهٽو آهي بيان.

ڪير آهيان،ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

چند جي چاندڻ آهي جا بجا، پر اهو پاڻي ۾ ڏسجي ٿو صفا.
جي پوي ٿي عکس تي پنهنجي نظر، هوبهو پاڻيءَ ۾ ڏسجي ٿو قمر.
آهي دل عارف جي پاڻيءَ جي مثال، جنهن ۾ ظاهر ٿئي ٿي ذاتِ ذوالجلال.
چڏ وساري علم تون دعوات جو، چو ته هن ۾ ناهي کو رستو سڏو.
ترک کر هي علم تسخيرات جو، پنهنجي هٿ سان ٽوڙ لالچ جو ٽڪو.
چڏ خدارا خلق ساري جي پچر، يار جي زلفن ۾ دل کي قيد ڪر.
يار سان رهه غير جي هر ڪار چڏ، غير سان هرگز نه رهندو يار گڏ.
ڪنهن جي هستي ناهي دلبر ڪانسوا، آهي دلبر جا بجا جلوه نما.
اي سڃڻ مولئ جو طالب ٿي گذار، پنهنجي دل جا وهم سارا تون وسار.
تنهنجي چوڌاري ٿيا ماڻهو ڪنا، وهم شيخي جي ۾ آهين مبتلا.
اي سڃڻ تون وهم شيطاني نه ڪر، چڏ انهيءَ پيريءَ بزرگي جي پچر.
غير جي هر ڳالهه کان بيزار ٿيءُ، هيڪڙائي ۾ رهي هوشيار ٿيءُ

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

اي سڃڻ وٺ جلد مسڪيني جي راهه، ٿي وجين جيئن دو جهان جو بادشاهه.
راهِ مسڪيني خدا جي راهه ڄاڻ، ٿي فنا توحيد جي رستي ۾ پاڻ.
پاڻ ٿي مسڪين مڃ منهنجي صلاح، آهي مسڪيني جي رستي ۾ فلاح.
جي هلڻ چاهين خدا جي راهه سان، من جومطلب پاءِ مسڪيني منجهان.
راهِ مسڪيني نه آهي راهِ عام، ڄاڻ وارا ڄاڻندا ان جو مقام.
راهِ مسڪيني ٿي وحدت سان گڏي، شاهه شاهن جو بٽائي ٿي چڏي.
وٺ خدا جي راهه مسڪيني منجهان، خود کي روشن ڪر انهيءَ خورشيد سان.
مصطفئ مسڪين کوٽيو پاڻ کي، ٻڌ سچي دل سان انهي اهجاڻ کي.
پاڪ مرسل پاڻ کي مسڪين چئي، خود فقيرن کي هدايت ٿي ڪئي.
آهي مسڪينن جو اعلئ مرتبو، جنهن ۾ آهي راز وحدت جو سچو.
هر طرح هر حال ۾ مسڪين ٿي، اڄ خدا ڏي وات وحدت جي وٽي.
پاڻ مسڪيني جي منزل ماڻ تون، هڪ احد احمد کي هر دم ڄاڻ تون.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

چڏ طلب جنت جي مولئ کي سنيال پنهنجي دل مان دور ڪر ديگر خيال.
چو رهين ٿو غير جي فڪرات ۾، پنهنجي دل کي چو وجهين آفات ۾.
خواب ٿو جنت جي حورن جو لهين، حسرتن جا داغ دل تي ٿو سهين.
جنت ۽ دوزخ جو خالي آهي نام، رند عاشق مست بڻجي رهه مدام.
دوزخ آهي ڏار دلبر کان ٽيڻ، جنت آهي يار سان يڪجا هجڻ.
جاڻ پڙدو راهه جو دوزخ جي باهه، هن سخن تي ڪر حقيقت جي نگاهه.
جو نٿو محبوب جو منهن هت ڏسي، سو هميشه هت به انڌو ٿو رهي.
جو هتي هستي نٿو ماري سگهي، سو هتي دوزخ ۾ داخل ٿو رهي.
رک يقيني طور هي خاصو خيال، دور ڪر وهم ۽ گمان وارو خيال.
عشق ريءَ آهن سيئي ڪوڙا قصا، راز جاڻن ٿا هي ديوانا پڪا.
هي ڪهاڻيون ڪوڙ وارا ٿا ٻڌن، صدق وارا پاڻ پاسي ٿا رهن.
يار جو جلوو نٿا عامي پسن، عشق وارا ٿا اهو ديدار ڪن.
عشق جي رستي ۾ چا بزدل جو ڪم، معرفت وارا رکن ٿا هت قدم.
عشق جي دولت ڪيو دل کي غني، سون چانديءَ سان نه سا آباد ٿي.
درد دلبر جو وٺي ايثار ڪر، صدق دل سان يار جو ديدار ڪر.
عشق بيشڪ ٿو بٽائي با ڪمال، عشق سان وسري وڃي ٿي قيل و قال.
گفتگو سان ٿي وڃي ٿي دل سياهه، عشق ڏاران ناهي ٻي ڪا حق جي راهه.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

رهه يگانو معرفت رک دل جي پاڻ، هن مٽيءَ مان دل جي رمزن کي سجاڻ.
پاڻ کي جاڻي يگانو ٻڌ بيان، معرفت جو راز ظاهر ٿو ڪيان.
موجزن دريا ۾ ڪشتيءَ جو مثال، در حقيقت آهي هستي جو مثال.
واقعي احوال پنهنجي جي خبر، پنهنجي مرشد کان لڌي مون سر بسر.
چوطرف کان آهي بحرِ بي ڪران، جنهن ۾ هڪ ڪشتي ڦري ٿي بي گمان.
پاڻ کي سمجهي ٿي ڪشتي ڪوه قاف، خود سري کان ٿي هٽي لاف و گزاف.
پر اها ڪشتي ٿي پاڻيءَ ۾ ٻڏي، بحر مان بيهر نٿي باهر اچي.
بحر ۾ ٻيڙي وڃي ٿي غرق ٿي، ان منجهان موجون اٿن ٽيون هر گهڙي.
موجزن هڪ بحر بڻجي ٿو وڃي، جو ڪجهه آهي جهٽ ۾ هڪ ٿي ٿو وڃي.
آهي ڪشتي مثل هن هستي جو حال، گم ٽيڻ سان ٿو اچي مستي جو حال.

پنهنجي هستي کي فنا ڪر پاڻ تون،
"مان ۽ تون" ۾ هيڪڙائي آڻ تون.

حق چپايو "مان ۽ تون" واري حجاب،
ڪر هي پردو دور، وٺ راهِ- صواب.

عشق آيو، جنهن اهو لاٿو حجاب،
عشق آيو، جنهن بٽايو ڪامياب.

عشق آڻي پنهنجي آتش ۾ وڏو،
راز مخفي کي ڪٽي ظاهر ڪيو.

عشق پنهنجي راهه ڏيکاري چڏي،
خود بخود حاصل ٿي دولت عشق جي.

درد دل جي ڳالهه ٻڌ وٺ نيڪ راهه،
خود نمائيءَ سان مبادا ٽيئن تباهه.

هن خودي کان خود ڪيو بيزار عشق،
دل بٽائي قابلِ ديدار عشق.

عشق ميٽي ٿو چڏي باطل خيال،
شير آڏو جانور جي ڇا مجال.

عشق جي پڻ شير وانگر آهي چال،
جو هڪالي ٿو ڪڍي هر هڪ خيال.

جانور ان جهنگ کان رهندا پري،
شير جنهن ۾ جاءِ پنهنجي ٿو ڪري.

حال جي هي ڳالهه آهي ڪر خيال،
قال جو ناهي قصو چڏ قيل و قال.

جنهن جي دل ۾ عشق خيمو ٿو هڻي،
پنهنجي هستي تان اهو هٽ ٿو ڪٽي.

عشق پوڙها ٿو بٽائي نوجوان،
ناتوانن کي ڪري ٿو پهلوان.

پنهنجي هستي کان چڏائي ٿو چڏي،
بينوا حاڪم بٽائي ٿو چڏي.

مان ٻڌايان ٿو ته آهي عشق شاهه،
عشق آڏو جاڻ هر هستي تباهه.

هن سخن کي شعر گوئي تون نه جاڻ،
آيتن وانگر مٿس ايمان آڻ.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

سروجي تنهنجو ته ڏي ۽ شاد ٿي،
پنهنجي هستي کان، مگر آزاد ٿي.

راز وحدت جو سراسر ڪول تون،
هل سڏو حق بول ۽ حق ڳول تون.

عاشق کي خاص آگاهي ملي،
عالمن کي ڇا خبر اسرار جي.

آهي هي رستو سڏو ڪر اعتبار،
هن حقيقت کي نه هرگز تون وسار.

آهي مولىٰ جو قسم هي حق جي راهه،
ويجهڙو آهي انهي رستي ۾ شاهه.

ڪين ملندي راهه ٻي هن کان سوا،
هي سچو رستو ٻڌايو مصطفىٰ.

عشق پڌرو ٿو ملامت سان رهي،
شان و شوڪت کان سدائين ٿو ٽهي.

ڪين رهندي عشق جي هستي لڪل،
ڏس پڌر پٽ ۾ سندس خيمو لڳل.

ڪيئن پڌر پٽ ۾ اهو خيمو لڪي،
جو سجي دنيا ۾ ظاهر ٿو رهي.

عشق بيشڪ هڪ تماشا گاهه آهه،
جنهن نه جاتو ان کي سو گمراهه آهه.

هر طرح ان ۾ ملامت ٿي رهي،
ٻڌ سخن ۽ سمجهه ساري راز کي.

ڪين ڇڏ هرگز ملامت جي پچر، چوتہ ٿيندين ان منجهان تون بهره ور.
ريءَ ملامت عشق رهندو ڪٽ بہ ڪين، هن حقيقت ۾ بلاشڪ رک يقين.
عاشقن هر نيڪنامي ڪئي ڦٽي، تنهن ڪري ڪونين ۾ وينا ڪٽي.
تن جي آڏو ڪجهہ بہ ناهن ٻئي جهان، هن حقيقت ۾ ڪندو ڪهڙو گمان.
تن جي آڏو آهي هي دم جو جهان، آهي سو دم جو جهان غم جو جهان.
عشق وارن لاءِ جڳ آهي فنا، ترڪ دنيا سان جي ماڻن ٿا بقا.
چاڻ حق جو نور سڀ ارض وسما، اڪ پٽي ڏس ان جي قدرت جا لقا.
آدمي جي روپ ۾ بي روپ يار، مصطفيٰ جي نام سان ٿيو آشڪار.
جنهن نہ چاتو ان کي سو گمراهہ ٿيو، چاڻ واري سان خدا همراهہ ٿيو.
"من ر آني"، پاڻ فرمايو نبي، جنهن سچاتوان کي تنهن هستي ڇڏي.
بر فلڪ احمد احد ٿيو عرش تي، هت سڏايائين محمد فرش تي.
فرق احمد ۽ احد ۾ تون نہ ڪر، چاڻ ساڳيوئي محمد سربسر.
مصطفيٰ مخلوق جو سردار آهي، ان جي قدمن ۾ سجو سنسار آهي.
مصطفيٰ جي راهہ حق جي راهہ آهي، جنهن ڇڏي هي راهہ سو گمراهہ آهي.
ٻن جهانن ۾ محمد نامدار، شاهہ اعظم آهي بيشڪ شهسوار.
خود وٺي آيو احد احمد جو نام، ٻن جهانن جو ڪيائين اهتمام.
چا ٻڌايان حال ڪنهن بيدرد کي، چو تہ هي رستو وٽن ٿا مرد کي.
جي اچا آهين خودي سان محترم، رک نہ هن درياه ۾ پنهنجو قدم.
اڄ عدم جي بحر ۾ ٿي بي مثال، پَس هميشه پنهنجي جانب جو جمال.
مون اُتان پنهنجو ڪيو شوريده حال، بند ٿي منهنجي هميشه قيل قال.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

چاڻ ٻن کي هڪ هميشه پاڪباز، جلد منهنجي گفتگو جو سمجهہ راز.
مرد مولیٰ جا ٻيائي کي وسار، يار سان هڪ ٿي هميشه گڏ گذار.
هڪ نبوت جو اکر آندو هتي، هڪ ولايت جو وکر آندو هتي.
هڪ ٿي آيو انبيا جو رهنما، هڪ ٿي آيو اوليا جو پيشوا.
هي سمورو آهي هڪڙي جو بيان، سمجهہ واري وٽ نہ رهندو کو گمان.
هو ٿو بولي ناهي منهنجي گفتگو، بول هڪ ۽ ڳول هڪ اي راهروا!
جو چوي ٿو يار سوئي ٿو چوان، حڪم جي تعميل وينو ٿو ڪيان.

گفتگو منهنجي سراسر راز آهي، اصل ۾ ان يار جو آواز آهي.
مان ڪٿي مونکي نه معلومات آهي، ظاهر و باطن خدا جي ذات آهي.
بادشاهي پوش پهري ٿو ڪڍهن، گودڙيءَ ۾ لعل بڌجي ٿو ڪڍهن.
پٽ ڪڍهن پهري ڪڍهن پائي ڪٿو، چپ ڪڍهن آهي ڪڍهن ماري مٿو.
آهي آدم خود حوا سان هو ڪڍهن، آهي بلقيس ۽ سليمان سان ڪڍهن.
هو ڪڍهن گريان ڪڍهن خندان رهي، هو ڪڍهن عيسيٰ ڪڍهن عمران رهي.
هو ڪڍهن خاصو صحابي ۽ رسول، هو ڪڍهن بڌجي ٿو اولادِ بتول.
هو ڪڍهن آهي عبيدالله پير، هو ڪڍهن صاحب ڏنو روشن ضمير.
آهي ان هڪڙي جي سپ ذات وصفات، ڄاڻ هڪڙي جي جڳهه هي ڪائنات.
هيڪڙائي ۾ رهي ٿو پاڻ هڪ، تون به ان هڪڙِي کي هر دم ڄاڻ هڪ.
سمجهه، ڏس ۽ چئو هميشه يار هڪ، ظاهر و باطن ٿيو دلدار هڪ.
ڏس به هڪ ۽ چئو به هڪ ۽ ڄاڻ هڪ، جئن رهي هر دم ڪنو تو ساڻ هڪ.
آهي قوتو پاڻ پاڻيءَ جو شريڪ، اصل ۾ الله جاڻي ٿو وڌيڪ.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ڇڏ انهن لاهن ۽ چاڙهن جي پچر، عشق جي مستي ۾ اي دل ڪر گذر.
جلد اي دل دو جهان کي ڪر قٽو، جئن ڏسين تون عشق جو عالم چٽو.
پير عبدالحق اسان جو رهنما، جنهن اڳيان هڪ شخص آيو پارسا.
با ادب ٿي ان چيو: "اي شاهِ دين! مونکي سمجهايو اوهان "عين اليقين".
پير فرمايس ته "ڏڪ اي نيڪ فال، تو پڇيو مون کان اهو سهڻو سوال.
هن طرح علم اليقين آهي عيان، باهه جئن معلوم ٿئي دونهين منجهان.
صاف دونهين مان حقيقت ٿي ملي، باهه مان نڪري هوا ڏي ٿو هلي.
تو اهو علم اليقين سمجهيو صفا، ڏڪ هينئر عين اليقين جي ماجرا.
هن طرح عين اليقين حاصل ڪجي، باهه کي ويجهو وڃي ۽ جاچجي.
جي ڪيئي عين اليقين کي دل نشين، غور سان ڏڪ تون هينئر حق اليقين.
پاڻ پنهنجو آڳ ۾ اڇلائجي، پنهنجي هستي کي سراسر ميٽجي.
هي ٿيو حق اليقين تحقيق ڄاڻ، ٿي فنا، ان مان بقا جو ماڳ ماڻ.
تن بدن فاني ٿيا هڪ ذات ۾، نور ظاهر ٿي ويو ظلمات ۾.
پنهنجي هستي کي ڪري ڇڏ گم صفا، بيخودي سان ڪر اناالحق جي صدا.

دم انا الحق جو اچي ٿو حق وٽان، هي حقيقت ڄاڻ تون ويساهه سان.
جيڪڏهن دل سان وٺين هن راهه کي، بيگمان حاصل ڪرين الله کي.
عشق ڏس طرحين تماشا ٿو ڪري، ڪيئن ته آڻي ٿو نرالي جاءِ تي.
جيئن جو پنهنجو پاڻ ڏيکاري ٿو عشق، جان و تن کي جلد ۾ ڳاري ٿو عشق.
نور کي ڳولڻ ٿا پاڇا جا بجا، پر ٽين ٿا نورجي آڏو فنا.
هن طرح جيڪو بہ ڳولي ٿو خدا، سو خدا آڏو ٿئي ٿو خود فنا".

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

هڪ ڏهاڙي هڪ سچي سالڪ صفا، منهنجي مرشد وٽ اچي ڪئي هي صدا :
"هت اچي حاضر ٽيان ٿو هر گهڙي، ڇا هتي پڻ ٽيندي منهنجي رهبري.
ڇا هتي پڻ هٽ ۾ دامن کي ڪبو، پنهنجي مرشد سان سدا رهبو ڪنو؟"
پير مشڪي هي چيو اُن مرد کي، "مان اسان کان هوءَ جڳهه آهي مٽي.
پاڻ پنهنجو ڄاڻ ۽ مونکي سڃاڻ، منهنجي دامن کي وٺي رک منهنجي ڄاڻ.
هيڪڙائيءَ ۾ سدا هجبو هتي، هيڪڙائي ۾ ٻيو آهي ڪٽي!
هن حقيقت تي برادر غور ڪر، پڄ سڪندر واري پٽ کي سر بسر.
تنهنجي هستي پٽ سڪندر جي بڻي، باخبر ٻڌجي انهيءَ کي پڄ ڪٽي.
پٽ پڄڻ ڏاران نہ ملندو دڳ سڏو، ناهي سڀ ڪنهن کي پتو هن رمز جو".

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

چڏ ڪٽي ڪشف ۽ ڪرامت جي پچر، هي دعائن جا دلاسا دور ڪر.
راهه مولیٰ جي لطيفن ۾ نہ آهه، عشق وارو غم وظيفن ۾ نہ آهه.
قلب، روح ۽ نفس وارو ذڪر چڏ، پر نہ دردِ عشق وارو فڪر چڏ.
اصل ۾ سارو ٽڳيءَ جو ٽاهه آهه، راهرو هر دم هتي گمراهه آهه .
ذڪر قلبي ۾ وَڏن ٿا وسوسا، عاشقن جي راهه ٻي آهي صفا.
ڪاسبي هي راهه ڪن ٿا اختيار، جنهن تي ناهي واقفن کي اعتبار.
هي سراسر آهي شيطاني عمل، بيخودي ۾ آهي سبحاني عمل.
چڏ لطيفن جي نمائش جي پچر، هي نمائش آهي ذلت سربسر.
عام ليکي هو ولي الله آهه، پر اها جور و جفا جي راهه آهه.

ورد بيشڪ آهي، ليڪن درد ناهه، درد ڏاران ڪوبه ڪامل مرد ناهه.
ڏوهه سان حيلا بهانا ٿو ڪرين، بي سبب مڪر ۽ دغا ۾ ٿو مرين.
جو ٻيائي کي چڏي هوشيار ٿيو، جان و دل ڏئي يار کي خود يار ٿيو.
حق بنا دنيا ۾ ناهي ڪو ٻيو، باخبر ٿي رک پتو هن راز جو.
حق بنا ڪونين ۾ ڪونهي ٻيو، آهي فرمودو اهو توحيد جو.
ڪيئن ڪٽي مان ڪيچ بنجي ٿا پون، ڏس وري سي ماڻ ۾ ٿا ماپجن.
ڪيئن خدائي ۾ خدا گم ٿو رهي، بادشاهي ٿي گدائي ۾ ڇپي.
بحر ڪيڏو موج ۾ مخفي ٿيو، آهي پاڻيءَ جي متان پردو پيو.
بحر کان ٻاهر ٿيو پاڻي قڙو، بحر سڏبو بحر جي اندر اهو.
بحر توڙي نهر سارو آهي آب، هر ذري جو مرڪز آهي آفتاب.
موجزن درياه دل ۾ ٿو رهي، هي قلم ٿو راز نامي کي لکي.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

مان نٽو ٻوليان اهو ٻولي ٿو پاڻ، مان نٽو ڳولیان اهو ڳولي ٿو پاڻ.
مان نکي مسلم نکي کافر ڪٽو، منتر ۽ جادو منجهان ڇاڻان نٽو.
ملحد ۽ زنديق ناهيان بي گمان، دور آهيان انت ۽ بي انت کان.
مان نہ آهيان بزرگ ۽ ڪو شيخ پير، فقر جي تڪميل ۾ آهيان فقير.
عابد ۽ زاهد گدا مون کي نہ ڄاڻ، پيشوا ۽ پارسا مون کي نہ ڄاڻ.
مفتي و ملا نکي قاضي ٿيس، هر طرح هر حال ۾ راضي ٿيس.
مان نکي نوکر نکي آقا غلام، سڀ کي سچ پچ دور کان آهي سلام.
دور آهيان دين ۽ اسلام کان، ويجهڙو حق ٿو رهي هن رمز سان.
هن طلسمي رنگ ۾ رڳجي ويس، عشق جي ميدان ۾ پهچي ويس.
ٻڌ سراسر راز وارو هي سخن، دور ڪر سڀ "مان، اسان" ۽ جان تن.
دل ۾ هڪ درياهه رهي ٿو موجزن، غرق آهن "مان، اسان" ۽ جان تن.
جيڪي دروازا هيا، تن کي چڏيم، يار پنهنجي شهر مان حاصل ڪيم.
دم اناالحق جو هٽان ٿو دار تي، جنهن جو غوغا ساري دنيا ٿي ٻڌي.
عشق جون موجون رهن ٿيون بي ڪنار، راز عالم ۾ ٿين ٿا آشڪار.
مثلِ حيدر فتح ڪر خيبر جو ڪوٽ، هل هنئين سان هوت ڏي غازي ٿي گهوٽ.
پچ ڪٽي هي ڪوٽ خيبر جي مثال، دو جهان ۾ جيئن ڪرين حاصل ڪمال.

صدق دل سان علم لک توحيد جو، پيٺ وارو علم ڪر سارو ڦٽو.
دوش تي منصور جو جهنڊو رکيم، ان جي ٻيرق کي مٿان کولي ڇڏيم.
مان ڪيان ٿو ان جي رمزن جي پچار، جئن ٿئي دنيا سڄي تي آشڪار

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

مئي وٺي توحيد جي مخمور ٿيس، ملحدن جاتو ته مان مشهور ٿيس.
هر هميشه پي شراب ۽ پي شراب، لاهه تسبيح ۽ مصلي جو حجاب.
پاڻ کان شيخي بزرگي دور ڪر، ڇڏ اميري ۽ وزيري جي پچر.
ماءُ پيءُ پٽ زال وارو ميل ڏس، ڪئن نه پٽيرو آهي قدرت کيل ڏس.
عام کي ان ڳالهه جو ناهي پتو، حشر چا ٿيندو انهي احوال جو.
ڇڏ انهن وردن وظيفن جي پچر، عشق ڏاران ڪجهه نه ٿيندو ڪارگر.
ٽوڙ تسبيح ۽ مصلي کي وسار، پاڻ تان چوغو بزرگي جو اتار.
پنهنجي قاتل گودڙي کي باهه ڏي، هر طرح سان ڇڏ ڏڳيءَ جي ٽاهه کي.
چُست ٿي ڪيڏيون نمازون ٿو پڙهين، سُست مولئ جي طلب ۾ ٿو رهين.
خلق جو خادم ٿي مخدومي وسار، خوءِ فرعوني ڇڏي ڏي هوش ڏار.
جو رهيو مخدوم سو محروم ٿيو، جو رهيو محروم سو مخدوم ٿيو.
ناهي مخدومي ۾ رندن جو گذر، آفتون آهن انهي ۾ سربسر.
جاڻ اڳ ۾ اصل تنهنجو چا هيو، ڪئن فرشتن تو اڳيان سجدو ڪيو.
هت اچي غافل غلامي ٿو ڪرين، عبد ٿي سڀ جي سلامي ٿو ڪرين.
بادشاهي مان بٽايائون غلام، سخت حيرت ۾ رهان ٿو والسلام.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

جي منور ٿو ڏسين شمس و قمر، تن کي خود روشن ڪيو تنهنجي نظر.
ڏس وري هي برگِ گل شاخ ۽ شجر، بَهروَر جن کي ڪيو تنهنجي نظر.
آسمان تي تنهنجي اک جو نور آهه، چا ڏسي جيڪو نظر کان دور آهه.
تنهنجي اک هر راز کي ظاهر ڪيو، پر نٽو توکي پوي پنهنجو پتو.
تيز تلوار آهي مستن جي نظر، پج پري مونکان هٽي وڃ ڪر حذر.
آهي هستي سان پريل منهنجي نگاهه، هٽ پري زاهد مبادا ٿئين تباهه.

سر بسر آهي اها خوني نظر، غير واصل کي کندي زير و زبر.
آهي مستي سان پريل منهنجي نگاهه، دور ٿي ان کان هميشه گهر پناهه.
ناهي هرگز منهنجي معمولي نظر، وٺ خزانو عشق جو ڏي جلد سر.
شينهن جي اک ڏي ڏسڻ دشوار آهه، پر ڏسي سو جنهن کي حاصل يار آهه.
منهنجي اک ديدار جي قابل بڻي، کيئن نه هر کنهن واسطي قاتل بڻي.
آهي منهنجي اک مثال ذوالفقار، جنهن کي جڙ هٽ ۾ کنيو حيدر کرار.
کير سهندو عاشقن جي اَک جو تاب، پنهنجي هستي کي وجائيندو شتاب.
آهي صورت کانسوا منهنجي نظر، پاڪ اعليٰ ذات بيشڪ سربسر.

کير آهيان، کير آهيان، کير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

اڳ ۾ پنهنجي ماءُ مان پيدا ٿئين، پوءِ دائي جي هٿن ۾ تون وئين.
پرورش ڪئي تنهنجي دائي چار ڏينهن، تو لڳايو آهي ان سان پنهنجو نينهن.
ڇڏ انهي دائي کي مادر کي سڃاڻ، کر پري هي غير جي پوشاڪ پاڻ.
تنهنجو خلقيندڙ خدا آهي ٻيو، معجزو سمجهين متان تون ماءُ جو.
جسم جي دائي جو واري ڇڏ اکر، جسم توڙي جان و دل جي ڇڏ پچر.

کير آهيان، کير آهيان، کير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ٿورڙو پاڻي اگر ٿئي ٿو روان، موج دريا ۾ هٽي ٿو زور سان.
دم هٽي دريا ٿو سمجهي پاڻ کي، جا بجا پنهنجو ئي غوغا ٿو ٻڌي.
جيڪڏهن پاڻي کي ڪجهه رستو ملي، موج سان مهراڻ بڻجي سو وهي.
راهه جاري ٿي ته جهٽ دريا ٿيو، ان جي لهرن جو لقاء پيدا ٿيو.
هڪ جڳهه تان سير بڻجي ٿي وڃي، جا گهٽين ٻيڙين جا تختا ٿي پيڃي.
پاڻ خود هڪ موجزن دريا ڇڏي، هت لٿا آهيون منيءَ جي ملڪ تي.
بن جڳن ۾ ڪج ڪلاهي ٿا ڪيون، خود گدا هوندي به شاهي ٿا ڪيون.
جا بجا آهي سدا هڪ ذاتِ حق، خود انالحق جو پڙهايائون سبق.
بحر معنيٰ جو ڪليو منهنجي مٿان، "لا" ڇڏي "الا" ۾ آيس عشق سان.
اصل ۾ تون بحر آهين بي ڪنار، تو منجهان موجون اٿن ٿيون بي شمار.
فرق ناهي موج ۽ مهراڻ ۾، سڄ ته سڀ ڪجهه آهي پنهنجو پاڻ ۾.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

آهي موجودات موجن جي مثال، جنهن ۾ حق جي ذات جو آهي ڪمال.
اي سجڻ تون پنهنجي دل کي صاف ڪر، پاڻ اڳ ۾ ڇا هئين انصاف ڪر؟
هي سيئي قانون رسمي ڪر ڦٽا، پنهنجي ننگ و نام کي تون ڇڏ صفا.
رسم جي ڦندي ۾ هيئن ڦاسي نه وڃ، غرق ڪر رسمن کي منهنجي ڳالهه مڃ.
ڪيترا پاڻيءَ جا چشما ڏار ڏار، چند جي چهري کي ڪن ٿا آشڪار.
آهي چشمن ۾ سندس فاني مڪان، روشني قائم رهي ٿي چند سان.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

خلق جي هر رسم کان آزاد ٿي، ياد ڪر هڪ يار کي آباد ٿي.
هر طرح جي رسم کي تون ڏي ڏٽو، پاڻ وڪٽي هڻ محبت جو ستو.
رسم جي هر راه شيطاني بڻي، خود شناسي راه رحماني بڻي.
رسم جي هر ڪار دجالي رهي، دل الاهي عشق کان خالي رهي.
دور ٿي دجال کان تون دور ٿي، عاشقي جي راه ۾ مشهور ٿي.
ريت رسمن ۾ رهي ٿي ڪافري، آهي ساري بت پرستي آذري.
ڪفر ۽ اسلام جون پاڙون پٽي، مون مسلماني ڇڏي پنهنجي مٽي.
هر طرح سان مون مسلماني ڇڏي، مذهب و ملت پٽي پنهنجي مڏي.
مذهبن سان ناهي منهنجو واسطو، مان انهيءَ ڪٽراڳ مان جاڻان نٽو.
بت پرستي آهي رسمن ۾ صفا، هيءَ حقيقت آهي جاڻي هڪ خدا.
روڳ رسمن جو پري ڪر پاڻ کان، عشق رک لولاڪ واري شاه سان.
جاڻ رسمن کي صفا زنجير دام، جن ۾ ڦاسي تا وجن ماڻهو مدام.
اي سجڻ! هن دام کي ٽوڙڻ ڪپي، منهن زماني کان صفا موڙڻ ڪپي.
جي زماني کان قدم باهر ڪرين، راز حاصل سربسر هر هر ڪرين.
سپ کي سوگهو ٿو ڪري رسمن جو دام، جو بچيو ان کان سو آهي شاد ڪام.
مرد سو آهي جو ٽوڙي دام کي، هي جهان ڇا ؟ هو جهان هڪدم ڇڏي.
عشق جون رمزون ڪيان ٿو آشڪار، دين ۽ دنيا جي جهڳڙن کي وسار.
ننگ و نام ۽ ريت رسمن کي وسار، ڪافري ڇڏ تون موحد ٿي گذار.

کير آهيان، کير آهيان، کير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

آهي ان جو اسم، اسمن ۾ نهان، سپ فنا آهي، اهو آهي عيان.
اسم ايڏا چا کندين اثبات ۾، محو کر اسمن کي ان جي ذات ۾.
آهي اسمن ۾ سمورو اختلاف، جاڻ معنيٰ کي ته سپ کجهه آهه صاف.
تون فلاڻو پٽ فلاڻي جو نه چئو، پاڻ تون آهين اهو ناهي ٻيو.
بحر گم موجن ۾ پنهنجو پاڻ ٿيو، نيٺ موجن مان وري مهراڻ ٿيو.
گم ٿيون موجون ته دريا دم هنيو، سپ کجهه آهيان مان نه آهي غير کو.

کير آهيان، کير آهيان، کير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

مون کي طنبورو بنائي پاڻ يار، کيئن وڄائيندو وتي ٿو آشکار.
مون منجهان نغما ٿا نکرن بيشمار، سي ٻڌي وٺ قرب سان اي قربدار.
سر کڏي ٿو سوز مان هي ساز ٻڌ، هر نمونو جا اچي آواز ٻڌ.
يار جي هٿ سان وڄي ٿي ان جي تار، راز قدرت جا ٿين ٿا آشکار.
هجر جي يا وصل جي ٻولي ڪڏهن، حال مستي جي کري هولي ڪڏهن.
کجهه نٿو ٿئي حکم ان جي کانسوا، پنهنجي هستي کي مٽائي ڇڏ صفا.

کير آهيان، کير آهيان، کير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

منهنجو ڏاڏو مشتهر صاحب ڏنو، جو محمد حافظ اعليٰ شان هو.
هک ڏهاڙي شهر کان باهر ٿيو، سير خاطر واٽ ورتيون ٿي ويو.
کوٽڙي ۽ ڏيوٽي جي درميان، هک اگهاڙي مست عورت ٿي عيان.
اصل ۾ "بصري" انهيءَ جو نام هو، جنهن جي حالت کان نه واقف عام هو.
ويجهڙو خواجه جي بيهي پاکباز، درد واري دانهن ڪئي هک دلنواز:
"ڏس ته توکي ڪئن نه ساري ٿو خدا، تون خدا کان چو ٿيو آهين جدا."
بيت سنڌي ۾ ٻڌايائين ٻه ٽي، پيش خدمت ٿو کيان تن کي هتي:
"چري کري بصري کري تاکر نانهن، وئي پرائي وهانءِ تنجو هنئڙو تاهي ٿيو.
جئان گهٽو جڳ ۾، پر جم نه جئڻ ڏئي، باب نه پڙهج بي، هنج آلوده الف سان.
ور سان وجهئو کاڻ، کرسان کليون سمهين، آيل هي اهجاڻ، جو ڪڻ چڏي ٿهه ابهين."

هي ٻڌي خواجہ صفا بيخود ٿيو، سر بسر عاشق بٽيو الله جو.
پنهنجو پٽڪو پاڻ اچلائين مٿان، مئي محبت جي چکيائين چاهہ مان.
بس محبت کان سوا سڀ ڪجهہ ڇڏي، جهنگ ۾ رويهي رهيو گوڏا گڏي.
چهل چاليها ڪڍيا جئن مردِ راهہ، پوءِ هلي آيو عبيدالله شاهہ.
پاڻ خواجہ کي بٽايائين مريد ، لا مڪان تائين پڄايائينس ديد.
راز- وحدت جو مليس مرشد هٿان، حسنِ جانان جلوه گر ٿيس دل مٿان.
آهي الفت جي اهائي شاهراهہ، رک طلب هڪ يار جي ٻئي کي نہ چاهہ.
بس عبيدالله اسان جو شاهہ هو، هر طرح هر حال ۾ همراهہ هو.
هو سراپا نور هو مردِ ڪمال، کوڙ، جنهن پيدا ڪيا عيسيٰ مثال.
خضر خادم هو سندس درگاهہ جو، هر ولي جٹ هو سپاهي شاهہ جو.
ان جو هر دربان سڪندر جي مثال، چٹ ولايت جو هيس سر تي بحال.
ڪيترا خاقان و خسر و قيقباد، جَمُ جا دارا نوڪري ۾ شاد، شاد.
جٹ هيا "شبلي" "جُنيد" ان جا مريد، معتقد "ذوالنون" توڙي "بايزيد".
هر ملڪ ان جو ثناگو بي گمان، غوث توڙي قطب هر هڪ مدح خوان.
پاڻ هو آلِ محمد مصطفيٰ، جنهن جو ڏاڏو هو علي المرتضيٰ.
سو عبيدالله هيو نورِ خدا، خواجہ حافظ رهنما جو پيشوا.
تنهن عبيدالله هادي سرفراز، خواجہ حافظ سان رکيا راز و نياز.
پنهنجو مرشد پير "عبدالحق" سچو، جنهن جو اعليٰ مرتبو موليٰ ڪيو.
پير عبدالحق سخا جو بحر ٿيو، جڳ ۾ جنهن کوليو خزانو فيض جو.
وصف انجي کين ٿي سگهندي تمام، جو چوان سو ڪجهہ بہ ناهي والسلام.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ جا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان

هي سمورا اسم ٿيا هڪ ۾ فنا، هڪ ٿيا سارا برابر هڪ ٿيا.
هڪ منجهان پيدا ٿيا نالا لکين، هڪ منجهان ٿيون صورتون اعليٰ لکين.
"الف" پڙهہ "بي" "تي" جي وائي کي وسار، بت پرستي آهي "بي"، "تي" جي پچار.
الف مان پيدا ٿيا هي باب سڀ، تون ڦٽا ڪر تن سندا آداب سڀ.
پيش وحدت پيو ادب جو سر پڄي، دور ٿيا آداب وحدت کي ڏسي.
اوچتو وحدت جو خيمو جئن کتو، خودبخود اڏريو پکي آداب جو.
ٿي ادب ڪانپوءِ وحدت مستقيم، جو بہ چاهيو سو ڪيو سڀ ڪجهہ ڪريم.

لعل وحدت کي ادب کي آب ڇاڻ، هٿ ڪري هي لعل هر ڪنهن کي سيڃاڻ.
ڇڏ وظيفا اسم وٺ الله جو، غير کي، وٺ جا بجا نالو اهو.
ناهي ڪجهه مولئ جي نالي کانسوا، ڪاهلي آهي وظيفن ۾ صفا.
هوش سان هل ڇڏ وظيفن جي پچر، دربدر ڇو ٿو رُلين اي بي خبر.
راز رحماني جي ساري لهه خبر، ڪر وظيفن کان پري پنهنجي نظر.
فڪرِ حق جي ذات وارو رک مدام، پاڻ تي ٻيون لڏتون سڀ ڪر حرام .
بس انهيءَ هڪ فڪر ۾ هر گاه رهه، ان جي وحدت کان سدا آگاه رهه.
تون نه آهين يار آهين ياد رک، پاڻ پنهنجو غير کان آزاد رک.
"قل هو الله" آهي "الله الصمد"، ڇاڻ معنئ باليقين آهي "احد".

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

جا بجا جڳ ۾ جو ڏسجي ٿو عيان، سو سراسر عشق آهي بيگمان.
عشق از خود ڏس انا الحق جو ڏنو، جنهن جو هر نقصان آهي فائدو.
عشق ثابت ڪئي خدا جي پاڪ ذات، محو، جنهن ۾ ٿي سموري ڪائنات.
بس هيو هڪ خاص عاشق معتبر، پنهنجي هستي کان سراسر بي خبر.
وصل جي مئي سان صفا سرشار هو، رمز روحانيءَ جو واقفڪار هو.
عام سڏبو جيڪو آکيداس هو، پرت وارن ۾ هميشه پاس هو.
اصل ۾ نالو هيس "عاقل فقير"، مست ۽ مجذوب هو روشن ضمير.
رمز اثباتي ۾ هو هوشيار هو، "لي مع الله" جو بہ واقفڪار هو.
جان تي ظاهر ۾ پاتائين جڏيو، هرڪو ان جي حال کان واقف بڻيو.
هي خبر قاضين جي ڪن تي پئي جڏهن، گڏ ٿيا مُلاً ۽ مفتي سڀ تڏهن.
جلد عاشق سان لڙڻ لئي ٿيا تيار، صبر جو دامن کيائون تار تار.
اڳ ۾ هڪ سالڪ اچي ان کي چيو، "پاڻ کي تو قرب جو قيدي ڪيو.
تنهن ڪري قاضين ۽ مفتين جو سپاهه، توکي مارڻ ٿو اچي اي مردِ راهه."
رڙ ڪري عاشق ڏنس ورندي اها، "جو چيئي ٻيهر بہ چئو تون مرحبا.
جي حقيقي عشق کي حاصل ڪرين، پنهنجي هستي کي صفا واري ڇڏين.
عشق جي تلوار آهي چيلهه سان، ڪيئن نہ ان جو سير حاصل مان ڪيان.
عشق جي تلوار جي قابو ڪندس، خوف اڳتي جو رکي ڪئن ويهندس.
يار جي قدمن ۾ سر قربان ڪندس، عالمن کي هر طرح حيران ڪندس.

يار جي رستي ۾ قرباني ڪبي،
محب منڙي جي هي مهماني ڪبي.

راز سڀ منصور جئن ظاهر ڪبو،
عشق سان سولي تي سر پنهنجو ڏبو.

عاشقن جي صف ۾ جيڪو بيهندو،
پنهنجو سر سولي اڳيان حاضر ڪندو.

دل ۾ آهي بحر غم جو موجزن ،
موج ان جي موج ۾ آڻي ٿي من.

عشق منهنجو خون هاريندو بجا،
تيغ ان جي سان ڪٹ آهي روا.

سر ڏيٹ هن راه ۾ آهي پلو،
راز ظاهر ٿئي زبان سان عشق جو.

يار جئن چاهي خوشيءَ سان تئن ڪيان،
مان سندس قدمن اڳيان قربان ٿيان."

اوچتو ملن اچي ڪڙڪو ڪيو،
جن جي آڏو پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو.

دوبدو بيهي ڪيائين هيءَ صدا:
"مرحبا صد مرحبا صد مرحبا.

خوش هجو اي قاضيو! اي مفتيو!،
پنهنجي دل جي مدعا پوري ڪيو.

جي شريعت حڪم ڏئي ٿي قتل جو،
سيگهه ۾ هي ڪوٺ هستي جو پيجو."

حق جو ڪلمو سڀ ٻڌي حيران ٿيا،
جوش ۾ تن ڪي وڏا جولان ٿيا.

عالمن فتويٰ ڏني: " رسوا ڪجيس،
منهن مٽان دانگي ملي گهمرائجيس."

ڪيس چاڙهيائون گڏه تي خار مان،
لپ مٽيءَ جي ٿي هنيس خورد و ڪلان.

هر طرف هي هُل ٻڌو ٿي خاص و عام،
شير هو سيني جي وچ ۾ شاد ڪام.

عام ماڻهن ڪيس طعنا ٿي ڏنا،
هر طرف کان ٿي پٿر اُن کي لڳا.

ڏاند ان کي هو چڙهيءَ جي واسطي،
سو ڪهي ڪائڻ لڳا ماڻهو اُتي.

هي ٻڌي عاشق صفا سڀ کي چيو :
"هن ڪڌي ڪم کان اوهان توبهه ڪيو.

گوشت کائيندو جو منهنجي ڏاند جو،
پڪ انهيءَ کي موت ايندو اوچتو.

موت جي تلوار ايندي تن مٽان،
قتل ٿي ويندا هي قاضي ناگهان."

نيٹ هن بانڪي بهادر کي چڌي،
ويو هليو هر کوئي پنهنجي جاءِ تي.

گوشت سؤ چاليهه ماڻهن ۾ هليو،
جن بہ کاڌو تن جو سڀ کي هو پتو.

اوچتو تن جي مٽان آئي قضا،
جن بہ کاڌو ڏاند هو سيئي ڪنا.

جي هيا ملا ءِ مفتي سڀ مئا،
نيٹ ان عاشق بہ پورا دم ڪيا.

مون انهيءَ بابت گهٹو ماريو مٹو،
جگ ۾ هر هڪ ناهي طالب راز جو.

هاءِ مخفي راز ڪيئن رهجي ويا،
مان ٻڌايا. پر نہ جگ ظاهر ڪيا.

ڪيستائين پيو ٻڌائيندس ڪلام،
اي برادر بس ڪيان تو والسلام.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان.
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

سپ سچا عاشق وچي رستي لڳا،
مان هتي افسوس ڪاوان ٿو ڏڪا
عشق وارا ويا چڏي هن حال ۾،
جو اچا تائين رهان ٿو قال ۾.
عشق وارا ويا هليا حيران ڪري،
جن جي خاطر جيءُ منهنجو ٿو جلي.
عشق وارا ويا هتي حيران ڪري،
سوز جن جي ۾ ٿي دل سڏڪا پري.
دوستن وٽ عاشقن ديرا ڪيا،
بٽجي بي گهر مون هتي ڦيرا ڪيا.
عشق وارا ويا چڏي هت واءِ واءِ،
حال پنهنجي تي ڪيان ٿو هاءِ هاءِ.
عشق وارا جڳ چڏي آزاد ٿيا،
جاودائي عيش سان آباد ٿيا.
درد واريون ڪيتريون دانهون ڪندس،
عشق وارن واسطي آهون ڪندس.
دل ۾ تن جي درد جي جاگير آهي،
بس انهن ڳالهين جو هي تاثير آهي.
سر تي آيو عشق وارن جو فراق،
مونکي ماري ٿو انهن جو اشتياق.
عشق وارا ويا انهيءَ جي راهه ۾،
سپ دعاڳو ٿيا سندس درگاه ۾.
غم جي رمزن کي سڃاڻي ڪر نظر،
جيئن پوي توکي حقيقت جي خبر.
پير عبدالحق اسان جو يار ڏس،
حق جي رمزن جا لکين اسرار ڏس.
حق ڏنيون جنهن کي هزارين حڪمتون،
هر گهڙي آهن مٿس لک رحمتون.
پاڻ هادي رهنما، جنهن جو ٿيو،
حق جي رمزن جو پتو اُن کي پيو.
جنهنکي بخشيائين پيالو فقر جو،
اُن جو پارس سان وجي پاسو لڳو.
عشق جي جوهر کي حق جي ذات ڄاڻ،
آيتون حق جون ڏسي ان کي سڃاڻ.
هر صفت مولیٰ جي هت آيو ڪٽي،
غير ناهي آهي ساڳيو ئي ڏٽي.
جڳ جي شاهي ۽ بزرگي کان مٿي،
هن خدائي کي پجايائين ڪٽي.
دڳ ونايائين سڏو درويش کي،
مئي محبت جي پياريائين سڏي.
ڪوڙ مون جهڙا سندس در تي مريد،
سر ڏيڻ ۾ جيڪي سمجهن پنهنجي عيد.
پنج پٽ هن عشق جي سلطان جا،
گنج آهن دين ۽ ايمان جا.
ڇا ڪري سگهندي زبان تن جي ثنا،
پاڻ آهن پنهنجو مٽ عارف سچا.
منهنجو پهريون پيرزادو با اصول،
مرحبا آهي محمد وٽ قبول.
خود صفا تحقيق جا گوهر ڪري،
غير جي تقليد کان ٽئي ٿو پري.
دين ۾ دائم رهيس هڪ مشغلو،
معرفت جي ذڪر جو ۽ فڪر جو.
آهي هادي رهنما بيشڪ پلو،
مصطفیٰ ۽ مرتضیٰ جو دادلو.
اولیا ۽ انبيا جو پيشوا،
حق جو بند و خاص جڳ جو رهنما.
جنهن جي آڏو ٻئي جهان آهن ڦڙو،
عرش ڪرسي، جنهن اڳيان هڪڙو ذرو.
آهي معنیٰ جو خزانو هي فقير،
جو بزرگي ۾ رهي ٿو بي نظير.

پير زين الدين ٻيو والا صفات، آهي هو هادي جي زينت جنهن جي ذات.
آهي ساڳيو سر انهيءَ هڪڙي ۾ پاڻ، تون بہ هڪڙي ۾ اهوئي سر سجاڻ.
دين محمد آهي ثالث دلربا، عشق واري سلسلي جو رهنما.
پيشوا چوٿون محمد جو ولي، فخر دنيا جو سچو عاشق سخي.
بعد ۾ خاصو خدا داد آهي پير، عشق واري راه ۾ روشن ضمير.
هي سمورا نام ٿيا هڪ نام جا، يار هڪڙو آهي بيشڪ جا بجا.
هڪ منجهان هر هڪ لقا پيدا ٿيو، عقل کي هن حال حيرت ۾ وڌو.
هڪ اهوئي سر هتي آيو هلي، اصل ۾ آهي حقيقت هيءَ پکي.
تون انهيءَ ڪثرت ۾ وحدت کي سجاڻ، سچ ته وحدت آهي ڪثرت پنهنجو پاڻ.
هت قلم جو سر صفا ڪتجي ويو، جو هيو لکڻو اهو لکجي ويو.
هي خدائي ٿيو سندس در جو غلام، "راز نامو" ختم ٿيو بس والسلام.
حڪم ان جي سان ڪلي ٻيهر زبان، جيئن چيو مونکي سڃڻ تيئن ٿو چوان.
مختصر آهي برابر هي ڪلام، فائدو حاصل ڪري هر خاص و عام.
خون مان ٻوڙي قلم کي بار بار، هن رسالي کي ڪيو مون آشڪار.
عشق جا اسرار ظاهر ٿو ڪيان، محو آهن ذڪر ۾ دل ۽ زبان.
ڪنهن کي طاقت ناهي جو خطرو ڏئي، حڪم انجي ساڻ هلچل ٿي رهي.
عام ماڻهن کان پري ڪن ۾ اچي، يار مون سان ڳالهہ ڪئي اسرار جي.
کي ڏهاڙا بند هئي منهنجي زبان، اوچتو هي بار آيو دل مٿان.
فرض سنت مستحب کي خاص و عام، نفل واجب سان پڙهن تا صبح و شام.
ياد هر ڪو ٿو ڪري قرآن کي، پر وظيفن سان نٿو مولیٰ ملي.
هو پڙهن تا جيئن اجوروکو ملي، جيءُ سندن جهوري انهيءَ ۾ ٿو جهجي.
نفس پنهنجي کي ڏٺو ڪروٽ خدا، جسم ڪر مولیٰ جي رستي ۾ فدا.
ٻڌ ذرا سالڪ سخن منهنجو سچو، دل ۾ ان جي عشق جو ديرو لڳو.
حال ۾ هر هڪ سخن ڄاڻو بجا، حال ڏاران آهي هر گفتو خطا.
ڪيفيت ڄاتي نہ ڪنهن هن حال جي، آهي ساڳي ڳالهہ حال ۽ قال جي.
ديندارئ کي صفا واري ڇڏيم، هن مسلماني کي ميساري ڇڏيم.
بس پڄي ويا زهد، علم ۽ قيل و قال، ويو زماني تان ڪجي منهنجو خيال.
آگ ۾ اڇلائي ڇڏ سارا ڪتاب، ٻڌ "خدائي" جي حڪايت لا جواب.
عقل جان ۽ دل ۾ آهي سپ نڳي، غيب کان اهڙي خبر مونکي ملي.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ڪجهه ته ماضيءَ جو تصور دل ۾ ڪر، پنهنجي گذريل صورتن تي ڪر نظر.
تنهنجي پيري ۽ جواني جو مثال، جڏ ته هڪڙو خواب هو يا ڪو خيال.
خواب غفلت جو ڇڏي بيدار ٿي، حال پنهنجي کان سڃڻ هوشيار ٿي.
ڇاڻ ساريون صورتون خواب ۽ خيال، بڏ ذرا ويساهه سان منهنجي مقال.
سمجهه هن صورت جي هستي کي فنا، پاڻ کي هر دم انهيءَ کان رک جدا.
جيڪي وهمي صورتون سمجهي ٿو پاڻ، هي به تن ئي صورتن وانگر سڃاڻ.
پاڪ معنيٰ سان ڪري ڇڏ پاڻ کي، هل سدائين تون سڏو هن راه تي.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

اسم ذاتي جو هميشه ذڪر ڪر ذڪر ۾ مشغول رهه ۽ فڪر ڪر.
ذڪر جي تمثيل آهي سؤ سپاهه، فڪر آهي جڏ ته ان جو بادشاهه.
شاهه لشڪر کانسواءِ لاچار آهه، شاه ري لشڪر وري بيڪار آهه.
شاهه جي عزت وڌائي ٿو سپاهه، ياد ڪر هي خاص نڪتو خير خواه.
ذڪر سان ئي پنهنجي هستيءَ کي وسار، جسم کان بيهوش رهه ليل و نهار.
ذڪر جو فرمان مولیٰ ٿو ڪري، تنهن ڪري هي فرض بڏجي ٿو رهي.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

آهي ڪن ٻيڻن ۾ هڪ مشهور وڻ، جنهن کي چندن ٿا چون سپ اي سڃڻ!.
ان جي ڪل شاخون ۽ پن سپ سربسر، هر هميشه ٿا رهن خوشبو ۾ تر.
ان جي پرسان ٻيا به آهن اي سڃڻ!، ڪيترائي مختلف جنسن جا وڻ.
جيئن هتي هردم هوائون ٿيون گهلن، وڻ سيئي چندن جي خوشبو ٿا ونڻن.
ان جي نالي ۾ سمورا ٿا اچن، اصلي نالا تن جا گم ٿي ٿا وڃن.
هر شجر اهڙيءَ طرح چندن ٿيو، جڏ ته چندن آهي چندن مان ڦٽو.
هر شجر چندن ٿو سڏجي هر گهڙي، ان منجهان خوشبو اچي ٿي مشڪ جي.
آهي پر اسرار هي وڻ ايترو، ڪنهن به ان کي ناهي ظاهر ۾ ڏٺو.
جو اُتي ويندو اهو ٿيندو فنا، سر وڃائيندو انهيءَ وڻ ۾ صفا.

جاڻ هڪڙي ذات هر شيءِ ۾ عيان، هي مڪان آهي برابر لامڪان.
اڳ ۾ پنهنجي هوڏ هستي کي وسار، پوءِ بلاشڪ ڪر انا الحق جي پڪار.
خاڪ جو پُتلو نہ آهي تنهنجي ذات، تنهنجي هستي کي ڪڏهن ايندي نہ مات.
هي پراڻو پوش ٽي ويندو فنا، تنهنجي هستي کي سدا هوندي بقا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٽو رهان.

تو فقط هڪ دم منجهان آندا به دم، بن دمن توکي ڏنا هت ڪيئي غم.
وٺ فقط هڪ دم چڏي بن جي پچر، هٿ ڪري وٺ خاص وحدت جي خبر.
بن دمن مان جاڻ هڪڙو دم پلو، علم هر ڪنهن کي نہ آهي راز جو.
ظاهر ۽ باطن انهي جو آهي گنج، پاڻ هڪ آهي نہ آهن چار پنج.
ڪفر ۽ ايمان ۾ ڪانهي وٽي، آهي ساڳي ڳالهہ نيڪي ۽ بدي.
پاڻ کي نيڪي بدي کان رک جدا، وٺ طريقت جو سڏو رستو صفا.
پاڻ کي نيڪي بدي کان پاڪ ڪر، بس ٻنهي کي تون ملائي خاڪ ڪر.
ظاهر ۽ باطن جڏهن آهي خدا، پوءِ ڇئو نيڪي بديءَ جو آهي چا؟
پاڻ کي پڪڙي وري رهندين ڪٽي، جا بجا دلدار قيرا ٽو ڪري.
مان نہ آهيان آهي ان حاڪم جو ڪم، آهي دو عالم مٽان منهنجو قدم.
پنهنجي هستي تان ڪٽي سارو خيال، مون ڪيو منصور جو جهنڊو بحال.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٽو رهان.

روز شب تون راڳ سان همراز رهہ، ساز جي آواز سان دم ساز رهہ،
جي رکين ٽو عشق جي دل ۾ لغار، ٻڌ ذرا مون کان جدائي جي پڪار.
راڳ جو آواز عاشق ٽا ٻڌن، سوز وارا ان جي ويجهو ٽا وڃن.
جلد اي عاشق مزو وٺ راڳ جو، يار پنهنجي سان وڃي ٽي ويجهڙو.
راڳ کي معراج سمجهن ٽا ولي، روز شب ان کي ٻڌن ٽا متّقي.
غير جو هر فڪر ميٽي ٽو چڏي، وسوسا ۽ وهم ريٽي ٽو چڏي.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٽو رهان.

وٺ سبق هي معرفت جي راهه جو، فرق ڇڏ هادي جو ۽ گمراهه جو.
نيڪ و بد کي بحر وحدت ۾ وجهي، ڇڏ شڪايت ۽ گلا شيطان جي.
هو ڪڏهن هادي ڪڏهن همراه آ، راهرو هن راز کان آگاه آ.
رهنما بڻجي ڪڏهن پلجي پوي، هو ڪڏهن غنچو ڪڏهن گل ٿو ٿئي.
ياد ڪر "مجنون" جي ۽ "ليليٰ" جي ڳالهه، يا ٻڌي وٺ "وامق" ۽ "عذرا" جي ڳالهه.
اک ملي مجنون کي ليليٰ واسطي، جنهن کي گهايو هڪ نظاري نينهن جي .
ان جي صورت جو سدا حقدار هو، روز شب مفتون مٽس هر بار هو.
ڪجهه ڏٺائين کين ليليٰ کانسوا، جنهن جي الفت ۾ رهيو ٿي مبتلا.
راهه ۾ ان جو ڪڏيائين انتظار، ان جي غم جي مئي چکيائين بار بار.
غير کان مجنون وڏو منهن تي نقاب، صرف ليليٰ کي ڏٺائين بي حجاب.
راز کان آگاه ٿي اچ راهه ۾، هٽ ٽهي توحيد جي درياهه ۾.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

شهر قندار ۽ هرات آڏو عيان، آهي قلعو هڪ "قلايش" نام سان.
چو طرف قلعي جي آهي ڪوهسار، عام سڏجي ٿو تڏهن تڪشير غار.
وقت پنهنجي ۾ عجب اسرار سان، هن کي جوڙايو هيو نوشيروان.
ان ۾ هڪ مخفي جڳهه آهي جڙيل، جنهن ۾ هڪ پارس پٿر آهي پيل.
چار تلوارون اتي آهن عيان، ان جي چوڌاري قرن ٽيون هر زمان.
ور وڪڙ دڳ ۾ وڃڻ آهي محال، مون گهٽائي ڪئي ايا آهي مقال.
هر طرح سان بند ٽيا رستا بيا، در تي تلوارون ڪليل آهن سدا.
جيڪو پارس واسطي ويندو اتي، پاڻ پنهنجو سر وڃائيندو اتي.
جسم سان ڪوئي نه ٽيندو ڪارگر، هيءَ حقيقت ٿو ٻڌايان سربسر.
جو به ويندو ان جو سر ٽيندو قلم، ڪير تلوارن مٽان رکندو قدم.
قتل ٿي ويا هت بهادر ڪيترا، جن ڪٽايا پير بازو ۽ مٿا.
جيڪڏهن ايندو ڪو پارس جي قريب، پاڻ پنهنجو سر وڃائيندو غريب.
جي ڪرين حق جي طلب جو حق ادا، ڪر انهيءَ جي راه ۾ سر کي فدا.
جان و تن سان ڪيئن ملي توکي خدا، ڪر انهيءَ جي راه ۾ خود کي فنا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

آهي سپ ڪنهن ۾ سمايل ان جي ذات، مان ٻڌايان ٿو صفا انجون صفات.
حسنِ ڪامل سان ڪليو هو گل مثال، پاڻ پن پن ۾ پسائي ٿو جمال.
سبز ڳاڙهاءِ اڇا ڪارا هزار، رنگ رنگي ٿو پسائي بي شمار.
جيڪڏهن گل جي پنن کي مهٽبو، صرف پاڻي تن منجهان پيدا ڪبو.
هي سيئي گل جا پتا ٿيندا فنا، آب خوشبوءِ دار کي رهندي بقا.
ڏس زمين ۽ آسمان جي ويڪراڻ، پاڻ ۾ ڪيئن ٿو سمائي يار پاڻ.
ڪيتري دلڪش ٿي ڏسجي ڪائنات، آهي اندر توڙي باهر ان جي ذات.
سير سلطاني ڪري جو ڪجهه ڏٺم، سربسر ان جو پتو سپ کي ڏٺم.
جو ڏسين ٿو سو سندس آهي جمال، آشنا ٿي پنهنجي هستي کر حلال.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

آهي هڪڙي ٻيٽ ۾ هڪ ڳئون عجيب، جا پڄي ٿي بک لڳڻ سان بدنصيب.
بحر ۾ بي خوف ماري ٿي ٽپي، جهٽ اڇي ٿي بي بها موتي ڪڍي.
چند جيئن چمڪاٽ موتي ٿو ڪري، هوءَ تڏهن ٿي چاه مان چارو چري.
دور اونداهي کي موتي ٿو ڪري، روشنيءَ ۾ جا بجا هوءَ ٿي چري.
اوچتو موتي جا طالب ٿا اچن، ان مٿان پردو مٽي جو ٿا وجهن.
روشني بدران ٿي اونداهي ٿئي، بدحواسي ۾ ٿي هوءَ ڊوڙي ڊڪي.
سخت حيران ٿئي ٿي موتيءَ واسطي، غور ڪر اي راهرو هن ڳالهه تي.
آهي نادانيِ سڄي ڳئون جي عيان، جا مٽي ڪان ٻئي طرف ٿئي ٿي روان.
خود مٽي کي کين جاچي ٿي ڏسي، خاص موتي جنهن ۾ مخفي ٿو رهي.
بحر ۾ ٻيهر اڇي ڏئي ٿي ٽپو، ان منجهان آڻي ٿي هڪ موتي ٻيو.
غور سان ٻڌ هي قصو ڪر ڪجهه خيال، بي خبر بڌجين متان ڳئون جي مثال.
خاڪ جو پتلو پري ڪر پاڻ کان، بي بها گل هٿ ڪري وٺ ان منجهان.
چو ڪبي ساڄي اجايو ٿو رلين، خود اُهو آهين تہ پوءِ چو ٿو پلين؟

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

دم خدائي جو هٽان ٿو مان ڪڍهن، گڏ گدائي سان رهان ٿو مان ڪڍهن.
جسم سان آهيان تہ بڌجان ٿو گدا، پاڻ ۾ ناهيان تہ آهيان خود خدا.
ان گهڙي پرواز اعليٰ ٿو ڪريان، پنهنجي سر کي پاڻ بالا ٿو ڪريان.

مان نہ آهيان آهي ان جي ذات پاڪ،
جا ڪري ٿي وسوسا ۽ وهم خاڪ.

گم ٿيا سڀ روز شب ارض و سما،
اصل توڙي نسل جا نالا ويا.

چا مصلو چا مٽيو توڙي ڪتاب،
گم ٿيو ڏوهن ثوابن جو حساب.

شڪ عقيدا خوف بالڪل دور ٿيا،
دين، ايمان، ڪفر سڀ ڪافور ٿيا.

غم خوشي ۽ جان و تن سارا ويا،
ذڪر جا ۽ فڪر جا وارا ويا.

دور ٿيا هر ريت سجدا ۽ سلام،
ختم ٿي ساري عبادت صبح شام.

رد رياڪاري جا سڀ رستا ٿيا،
لڙ لٽا لاهي ۽ چاڙهي جا صفا.

گم ٿيا اوري پري هجر ۽ وصال،
ناهي هت ڪنهن جو تصور يا خيال.

ڪوبہ قلبي يا زباني ذڪر ناهہ،
هت عبادت ۽ سخا جو فڪر ناهہ.

ناهي مسجد ۽ مڙهي جو ڪو نظام،
رد وظيفا، رد جماعت، رد امام.

برج سڀ سج چند تارا ٿيا تمام،
ناهي ايڙ ۽ لهٽ جو انتظام.

گم ٿيا ڪشف ۽ ڪرامت جا قصا،
ڪين آهن هت حڪومت جا قصا.

ناهي ڪوئي جو ڪري ڪنهن جو سلام،
گم ٿيو نيڪي بدي جو انتظام.

حج زيارت جي غنيمت دور ٿي،
عقل ۽ تدبير جي هستي ڇٽي.

پنهنجي هستي کان ڪڍهن پاسو ڪيم،
اندر ۽ باهر سمورو حق ڏٺم.

هو ڪڍهن ناسوت مان ملڪوت ٿيو،
هو ڪڍهن جبروت مان لاهوت ٿيو.

عشق ۾ پرواز مون ايڏو ڪيو،
راز محرم ناهي ڪو هن حال جو.

ڪم نہ ايندو علم جو چرچو هتي،
ناهي ڪو بازار جو سودو هتي.

علم سان عالم جو ٿيندو احترام،
پير ڪوٿيندا انهيءَ کي خاص و عام.

تون اگر مولیٰ جو طالب ٿي پوين،
پاڻ تسخيرات کان پاسو ڪرين.

عشق جي تلوار کڻ ۽ مرد ٿي ،
مرد ٿي، پر درد ٿي ۽ فرد ٿي.

آهي شيخي چا بزرگي رهزني،
هي ڏڪي جا ڏاه ڏاهي ٿي خودي.

هي طريقو آهي ڏاڍو پر خطر،
بيخبر هن راهہ کان رهہ باخبر.

نور مرسل جو ڪيو مولیٰ عيان،
معرفت جا بحر نڪتا جنهن منجهان.

جنهن بہ ٻوبي بحر ۾ ماري ٽٻي،
سو اتان هرگز نہ ٿيو واپس وري.

بحر گوهر ۽ شناور گم ٿيا،
حال جي مستي پسايو هي لقا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

صوف جو وڻ صوف پيدا ٿو ڪري، انب سان ئي انب جو وڻ ٿو ڦري.
بن کي بيشڪ نام هڪڙو ٿو ڏجي، هن کي ميووهن کي وڻ ٿو ڄاڻجي.
آهي ساڳي ڳالهه آدم ۽ خدا، سمجهه "الانسان سري" کي صفا.
پر نرالو آهي ميوي جو سواد، ڪاڪ پن ٽاري ۾ ناهي ڪو سواد.
وڻ ۾ ناهي شاخ ميوي کان جدا، آهي ميوو شاخ سان محڪم سدا.
ڇڏ فنا جو ماڳ ماڻي وٺ بقا، مڃ نصيحت منهنجي، پس پنهنجو لقا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

مرد آهين تون ته واري ڇڏ حساب، حج زڪواتن سان نه ٿيندين ڪامياب.
عبد بڻجڻ جي عيوض عارف ٿجي، عبد واري وهم کان واقف ٿجي.
هونٽا ڇاڻن ته ڇا هي "يعرفون"، تنهنڪري زاهد چون ٿا "يعبدون"
عبد جي معنيٰ تي پردو ٿا وجهن، معرفت کي کين سمجهي ٿا سگهن.
پاڻ ۾ رهجي ته چئجي "يعبدون"، پاڻ کان ٻاهر ٿي پڙهجي "يعرفون".

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟

استقامت "اِهدنا" جو راز آهه، بي نيازي جو اهو آواز آهه.
"اِهدنا" جو راز سمجهايو علي، جنهن سڃي دنيا کي بخشي روشني.
اڳ ۾ پٺ پنهنجو هيو اعليٰ خيال، بينيازي ۾ ٿيو بالا خيال.
مان ٻهاريدار مولي جو غلام، نوڪري ڏيندو رهان ٿو صبح شام.
مصطفيٰ جي در جو سگ بڻجي رهيس، جان و دل سان ان جو طالب ٿي رهيس.
مان ڪمينو ڪير جو دعوا ڪيان، ڪئن انهيءَ جي دوستي جو دم هڻان.
يا خدا درگاه ۾ مونکي رساءِ، ان جي ادنيٰ خادمن سان گڏ رهاءِ.
مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ جو مان غلام، آلِ اطهر تي پڙهان ٿو سئو سلام.
مان نبي جي آل تان قربان ٿيس، ان جي قرباني منجهان سلطان ٿيس.
شاهه جي گهوڙي جي پيرن جي مٽي، شل پوي منهنجي لڳن تي هر گهڙي.
عشق آهي مصطفيٰ جي اسم سان، مرتضيٰ جي نام تان صدقو وڃان.
پاڻ فرمايو محمد مصطفيٰ، آهي بربادي محبت کانسوا.
راز وحدت جو ٻڌايائون صفا، مون گدا کي بادشاهي ٿي عطا.

مهر ڪئي مون تي رسولن جي امام،
عاشقن جي صف ۾ آيو منهنجو نام.

دم نه هڻ هستي جو سوچي ڪڻ قدم،
ياد ڪر مولىٰ ڪي بيشڪ دمبدم.

غير جو هر وهر دل تان دور ڪر،
مشورو منهنجو اهو منظور ڪر.

پنهنجي آڏو غير کي هرگز نه آڻ،
ماسوا چڏ حق جي هستي کي سڃاڻ.

رک پتو ويساهه سان هن راز جو،
جئن ونين هر دو جهان جو فائدو.

خود ڪيائون مهر جي مون تي نگاهه،
حق بنا هر شيءِ جي هستي ٿي تباهه.

هي "خدائي" ٿيو غلامن جو غلام،
راز نامو ختم ٿي ويو والسلام.

گداز نامو

جا بجا موجود آهي هڪ خدا،
سربسر مشهور آهي هڪ خدا.

هر جڳهه تي آهي هو جلوه نما،
ظاهر و باطن سندس آهي لقا.

ان جو نور آهن زمين و آسمان،
پاڻ ذاکر آهي پنهنجي ذکر سان.

ڪائنات اندر خدا جي آهه ذات،
ٻيون سيئي ان ذات جون آهن صفات.

پاڻ ظاهر ۾ ٿي آيو مصطفيٰ،
پر حقيقت ۾ اهو آهي خدا.

پاڻ ٿي وينو شريعت جو ڏٺي،
خود بخود قرآن کي آيو کٽي.

هڪ محمد ۽ خدا کي جاڻجي،
هن عقيدي ۾ نه کو شڪ آڻجي.

چپ چپاتي يار جو ديدار ٿيو،
منهنجي آڏو گنج معنيٰ جو کليو.

هڪ اٽل آئي انهيءَ درياهه مان،
جنهن منجهان اسرار ظاهر ٿو ڪيان.

گفتگو منهنجي نه آهي ان جي آهه،
جستجو منهنجي نه آهي ان جي آهه.

هن ڪتابت جي ڪيان ٿو ابتدا،
جان و دل محبوب تان آهن فدا.

هن جو نالو ٿو رکان نامئه گداز،
جسم و جان ڳاري ٿو ان نامي جو راز.

برف آڏو منهن ڪڍي ٿو آفتاب،
ساڳري پاڻي ٿي بڻجي پئي شتاب.

اصل پاڻي هو، اهوئي برف ٿيو،
برف مان پاڻي بڻيو جو تو ڏٺو.

برف هئي جيتر منجهس هستي رهي،
پنهنجي هستي کي وڃائي اصل ٿي.

ان ڳرڙ کانپوءِ نرالا ڪم ڪيا،
فيض ان جي سان سوين سبزا ڦٽا.

هو ڪڏهن پاڻي، ڪڏهن ٿو برف ٿئي،
اصل مان پيدا ٿو هر هڪ ظرف ٿئي.

چند پاڻي آهي نوکر جي مثال،
آب جاري آهي رهبر جي مثال.

برف ۽ پاڻي جو هڪڙو آهي حال،
جئن قمر ۽ بدر جو آهي مثال.

راه مولیٰ ۾ فنا ڪر جسم و جان،
بن جهانن ۾ ملي جئن توکي مان.

آهي بيشڪ عاشقن جو ڪر جلڻ،
پنهنجي هستي کي جلائي ڇڏ سجڻ.

ري جلڻ جي ڪين ملندين يار سان
ري جلڻ جي ڪين بڻبين راز دان.

آب کان نکري حباب آهي بٽيو.
آب ۾ آيو تہ آب آهي بٽيو.

بحر ۾ آيو حباب ۽ لهر ٿيو.
لهر مان ساڳيو قري سو بحر ٿيو.

جي مٿو ٻاهر ڪندو بٽبو حباب،
بحر ۾ هوندو تہ رهندو فيضياب.

نوڪر ۽ آقا جو فرق آهي اهو.
ڪول عبرت جون اکيون ڪر غور ڪو.

غرق ٿي توحيد جي درياه ۾.
جيئن رسين الله جي درگاه ۾.

عشق جي آڙاهہ ۾ خود کي جلاءِ،
ٿي چڙي مان باز، پنهنجا پر هلاءِ.

جيڪڏهن ڪجهہ لوڻ پاڻيءَ ۾ پوي،
سو ڳرڻ کان پوءِ ڏس چا ٿو ٿئي.

جي وجي ٿي لوڻ جي هستي مري،
خود بخود پاڻي ٿو بڻجي ان گهڙي.

عبد جي معبود سان گڏجي وجي،
غير کان آجو ٿي حق بڻجي وجي.

جئن سهاڳو ٿو ڪري چاندي صفا،
تئن ڪري ٿو عشق هي هستي صفا.

تون سهاڳو ڇاڻ مرشد جي نظر،
جنهن ۾ حق جو فيض آهي سر بسر.

تنهنجي هستي آهي چانديءَ جي مثال،
عشق ۾ آهي سهاڳي جو ڪمال.

جو خدا جي راه ۾ ٿئي ٿو فنا،
سو فنا مان ٿو ڪري حاصل بقا.

اي سڄڻ، هن خاڪ جي پتلي کي ڳار،
عاجزي ڇڏ، بي نيازي ۾ گذار.

مرد هڪڙي کي پلو گهوڙو هيو،
جنهن کي هو پاڻي پيارڻ ٿي ويو.

جئن جو دريا جي ڪناري تي پگهو،
وهت کي پاڻي پياري خوش ٿيو.

اوچتو گهوڙي کي لوڙهي لهر وئي ،
مرد جي دنيا ٿي ساري زهر وئي.

غرق ٿيو درياه ۾ گهوڙو بيگمان،
وائڙو مالڪ ٿيو هن حال کان.

پاڻ کي درياه ۾ اڇليائين ڪٽي،
جيئن ڪڍي گهوڙي کي پنهنجا هٿ هڻي.

پر نہ گهوڙي کي پگهو بيوس ٿيو،
خوب غوطا کائي، خود واپس ٿيو.

ويڙهجي لهرن ۾ ويچارو ويو،
هاءِ پنهنجي حال کان بي حال ٿيو.

نيٺ غوطن ۾ سندس اک وئي ڪلي،
اوچتو هن هڪ پٿر جي پٽ ڏني.

پٽ سموري سخت هئي قلعي مثال،
ان منجهان ڪنهن جو به نڪرڻ هو محال.

ڪين نڪتو پٽ منجهان مجبور ٿيو،
جسم ان جو ويو ڳري وهلور ٿيو.

ان جو سارو جسم پاڻي ٿي پيو،
موج درياه ۾ وري مارڻ لڳو.

ڪجهہ ڏهاڙا هو رهيو هن حال سان،
آب شيرين عام ٿي پيتو اتان.

تن بدن ان جو ڳري ۽ پاه ٿيو،
سر فرازي کان تڏهن آگاه ٿيو.

آب جاري ٿيو انهيءَ ديوار مان،
جسم ٻيو پيدا ٿيو ان جاءِ تان.

نام ٿي ويس "بادشاهِ عارفين"،
سپ سڏين پيا ان کي "شاهِ عاشقين".

اي سجڻ هن راز کان آگاه ٿي،
عبد جو اولو ڇڏي الله ٿي.

فڪر سان حاصل سمورو حال ڪر. دور ساري غير واري قال ڪر.
پنهنجي ساري ڄاڻ حاصل ڪر صفا. ڪير آهين، تنهنجي هستي آهي ڇا؟
جسم جي چولي کي قاڙي دور ڪر. پاڻ کي تون هوبهو منصور ڪر.
عاشقن جو شاه سو منصور هو. عارفن، جنهنکي ڪيو منظور هو.
عشق جي سوليءَ مٿان هسوار ٿيو. عاشقن جي صف منجهان نروار ٿيو.
جنهن سمورا سير سلطاني ڪري. باهر آندو عشق جي تلوار کي.
اُت هيا عارف بمع شبلي جُنيد. ٿيا سيئي حيران، پاتائون نه پيد.
شير دل آڻي وڏا واڪا ڪيا. شاه آڏو سپ سپاهي ٿي لڳا.
عاشقن جي راه ۾ هن سر ڏنو. پنهنجي جسم ۽ جان کان آجو ٿيو.
خاڪ واري جسم کان هو پاڪ ٿيو. آسمانن تي انهيءَ جو ٽاڪ ٿيو.
ٽوڙ هستي کي رکي پنهنجي شناس. لاهه لحظي ۾ هي ٻانهپ جو لباس
پير هينان هي سيئي عضوا ستي. رک قدم پنهنجا بقا جي ملڪ تي.
صاف دل ٿي، پاڪ رک پنهنجي نظر. يار کي ڏس، غير کان دل دور ڪر.
جسم کي ڇڏ، دل جي اک بيدار ڪر. پنهنجي دل کي جسم کان بيزار ڪر.
ديد پنهنجي ديد ان جي سان ملاءِ. دل ۾ ويهي پور دلبر جا پڇاءِ.
هي زمين ۽ آسمان ويا ميٽجي. بيخودي سالڪ کي هن مستي ڏني.
ڪر عدم جي بن ۾ هستي کي فنا. جيئن فنا کان پوءِ حاصل ٿئي بقا.
ڪئن ٿين ڪاغذ ۽ پاڻي ٻئي ڪٺا. هي ڳري ۽ هو ڪري هن کي فنا.
ڪر انهيءَ ڪاغذ کي پاڻي ۾ تباهه. پاڻ تان هن جان و تن جو بار لاهه.
بت بٽيو ڪاغذ ۽ پاڻي ذاتِ حق. پير عبدالحق ٻڌايو هي سبق.
عام رب جي راهه روزو ۽ نماز. خاص ڪن ٿا جان ۽ تن کي گداز.
جان ڳارڻ کانسوا ڇا حاصلات؟ جان ڳارڻ سان ملي ٿي حق جي ذات.
اي سجڻ هن راهه ۾ ٿي وچ فنا. چڏ بلندي کي ۽ پستي کي صفا.
در حقيقت آهي ڪائو جسم جو. روح جنهن ۾ آهي نوراني ڏيئو.
هي ڏيئو ڪائي ۾ مخفي ٿو رهي. پچ اهو ڪائو ته سارو غم وڃي.
ٽي وڃي ظاهر هي روحاني ڏيئو. دور ٿئي سارو هي جسماني ڏيئو.
غور ڪر ۽ ڄاڻ هر هڪ رمز کي. ڪر تصور شاهه جو هستي چڏي.
"عبده" جو قول آهي شاهه جو. عام ماڻهن واسطي آهي اهو.
شاه بيشڪ پاڻ کي ٻانهو سڏي. پر اسان ڄاڻون ٿا ان جي شان کي.
ٻئي کي ٻانهي جي سڏڻ جي ڇا مجال. آهي بيشڪ شاه اعظم باڪمال.

عارفن سمجهو محمد کي خدا، ان جي خدمت ۾ ڪندا سپ ڪجهه فدا.
جي پڪي آني جي اندر ٿو رهي، سو هوا ۾ ڪٽ اڏامي ٿو سگهي.
بعد مدت جي اهو آنو پيجي، پر هٽي پنهنجا اڏامي ٿو پکي.
ڪيئن اڏامي ٿو هوا ۾ شاد ٿي، جيئن وجي ٿو قيد کان آزاد ٿي.
هر گهڙي جهڙي طرف ڏي ٽئي تيار، پل اڏامي، ان جو آهي اختيار.
ان جو آني ۾ ڪٽي پرواز هو، ڪٽ سندس سر سوز ۽ آواز هو.
اي سڄڻ، هن جسم جي آني کي پڄ، عرش اعليٰ تي اڏامي جلد وڄ.
مرغ آهين پاڻ کي آنو نه ڄاڻ، ڪر يقين ۽ پاڻ کي جلدي سڃاڻ.
بي خبر بڌجين ته آنو ٽي رهين، مرغ بڌجين جي خبر پنهنجي لهين.
مرغ آهين تون جڏهن لاهوت جو، تون اچي هت آشيانو ڪيئن ڪيو؟
عرش اعليٰ جي مڪان پرواز ڪر، آشيانني ۾ وجي آواز ڪر.
چو وسارين ٿو بلندي جو مڪان، ڪيئن وڌيو توکي هي پستي جو مڪان.
هڪ جڳهه جنهن کي همالہ ٿا چون، جت پڄڻ انسان جو آهي ڪنن.
ات همیشه برف ايڏي ٽي وسي، جو نڻو ان جاءِ تي هر ڪو رسي.
جو هجي طالب اهو بيشڪ وڃي، اڳ ۾ ليکن ڪوڙ هستي جو پڄي.
پنهنجي هستي جا ڪڍي ڏاڳا چڏي، عشق جي آئين تي پختو رهي.
پاڻ ٽئي دنيا ۾ اهڙو پاڪباز، بن جهانن کان رهي جيئن بي نياز.
هڪ تکو گهوڙو ڪڍي بڌجي سوار، ٽيو همالہ جي طرف طالب تيار.
ران هينان پنهنجي گهوڙي کي رکي، ويو گهڙيءَ ۾ برف جي پاسي وڏي.
برف جي دريا ۾ آيو سربسر، برف ڏاران کين ڪجهه آيس نظر.
جسم ڳاري جان جاني سان گڏي، ويو ڳري گهوڙي سميت ان جاءِ تي.
فضل ڪر بندي مٿان، بنده نواز، پنهنجي پيارن جي طفيل، اي ڪار ساز.
عاشقن جي صف ۾ شامل رک سدا، ماسويٰ کان بي نيازي ڪر عطا.
اي سڄڻ، هي راهه آهي پر خطر، پير ۽ سر کان سوا ٽيندو سفر.
هت اچي ۽ جسم کي فاني ڪجي، پوءِ حاصل راز روحاني ڪجي.
ڏس سپيءَ ۾ پنهنجو گهر موتي ڪيو، پنهنجي جوهر کي منجهس مخفي ڪيو.
پڄ سپي ۽ هٽ ۾ ڪر موتي اهو، جلد بڌجي وڃه واپاري وڏو.
هي سپي موتي چپائي ٽي چڏي، پنهنجي هٽ سان ڪر اهو پردو پري.
بي بها موتي جو ملهه آهي اٿاهه، هٽ اچي توکي ته بڌجين بادشاهه.
جسم تنهنجو پٽ سپي وانگر ٽيو، ٽوڙ ان کي فيض حاصل ڪر سگهو.

ڪيئن ملي موتي سپي ٽوڙڻ بنا،
پاڻ کي دوئي جا پردا ٽو ڏنا.

ڇڏ هي فاني جسم، ماٽي وٺ بقا،
پنهنجي هستي کي وساري ڇڏ صفا.

ڪيئن ٿو هستي ساڻ حاصل ٿئي خدا،
ڇڏ اها هستي ته هو ناهي جدا.

ڪر خدا جي راه ۾ خود کي تباه،
ويهه بٽجي دو جهان جو بادشاه.

جسم جي هر ڪار کي بيڪار جاڻ،
عاشقن کي صرف سوليءَ تي سجاڻ.

خاڪ جي ڪوزي ۾ پاڻي ٽو رهي،
ڪيئن ٿئي ظاهر نه جي ڪوزو پڄي.

آب آهين پاڻ کي ڪوزو نه جاڻ،
پڄ اهو ڪوزو حقيقت کي سجاڻ.

جسم ڪوزو آهي، پاڻي پاڪ ذات،
ذات کي مخفي رکيو آهي صفات.

پاڻ کي ڪوزو بنائي تو ڇڏيو،
خاڪ ۾ خود کي ملائي تو ڇڏيو.

آب آهين تون ٽکر خود کي نه جاڻ،
آفتاب آهين، ڪکر خود کي نه جاڻ.

اڳ ۾ جيڪو آب جاري ٽو رهي،
سو قري ازخود ڳڙو ٿي ٽو پوي.

جي ڳڙي کي ٿي لڳي ڪوسي هوا،
جهٽ ڳري ۽ آب بٽجي ٽو صفا.

اڳ ۾ ٽوڙي پوءِ پاڻي ٽو رهي،
ڪا گهڙي ساعت هو صورت ٽو مٽي.

اي سجڻ، ڪر جسم فاني کي فنا،
جيئن حقيقي ذات سان ماڻين بقا.

پڄ ڪٽي هن جسم واري ڪوٺ کي،
شاه بٽجي وڃ ڇڏي هن اوٺ کي.

شيخ جامي جيئن ڏنو اسرار کي،
جهٽ ڪيائين بند هر گفتار کي.

اڳ لکيائين ٿي ڪتابن جا ڪتاب،
پر ٿيس هاڻي سمورا بند باب.

هن ڪتابن سان صفا ناتو ڇنو،
ويو لڙهي پاڻي ۾ انجو هر پنو.

شيخ کي حاصل ٿي حق جي آگهي،
هن صفا دنيا جي هر لذت ڇڏي.

پيو پتو ان کي جڏهن الله جو،
ٿيو وڃي طالب عبيدالله جو.

ان جي ذات آهي ڪهي توڙي سجي،
هوئي آهي عرش تي چا فرش تي.

عزم سان ڏس ڪوهه ڪيئن ٿو ڪوٽجي،
اڻ ڏٺل پاڻيءَ کي ٿو ظاهر ڪجي.

اڳ ۾ ڪڍجي ٿو مٽي کي سربسر،
پوءِ پاڻي ٿو اڇي سپ کي نظر.

ان طرح سان غير تي آڻي يقين،
آب حاصل ٿو ڪجي ڪوٽي زمين.

ڪر پري پردو مٽيءَ جو ڏس خدا،
جسم جي اولي کي لاهي پس لقا.

ڦاڙ چادر کي ۽ ٿي وڃ بي حجاب،
ابر ۾ آهي لڪل هي آفتاب.

ڇڏ انهيءَ هستيءَ، کي حاصل ڪر خدا،
پاڻ سان هر وقت واصل ڪر خدا.

پاڻ کان ڪر دور هي ڪاري بلا،
شهوت ۽ حرص و هوس واري بلا.

جلد ماري ڇڏ هي شهوت جي بلا،
تون متان ٿئين هن بلا ۾ مبتلا.

ڪيئن هوا ۾ ٿي هوا ڪافور ٿئي،
جسم ڪافوري ٿو جهٽ پٽ دور ٿئي.

ڪيئن هوا سان هيڪڙائي ٿو رکي،
اي سڄڻ ! تون ڄاڻ هن اسرار کي.

ذات بڌجڻ سان وجن ٽيون سپ صفات،
جسم کان آجو ڪري ٿي جڳ ۾ ذات.

مان نڦو ڪولي ٻڌايان هي بيان،
چو ته هت مجبور بڌجي ٿي زبان.

مڃ نہ مڃ، منهنجو سخن آهي اهو،
مان ٻڌائي ٿو ڇڏيان رستو سڏو.

ديندارئ ۾ هيس سالن جا سال،
هو سدا تسبيح ۾ منهنجو خيال.

سر وظيفن ۾ ڪپائيندو رهيس،
من کي مسجد سان ملائيندو رهيس.

زهد تقويٰ ۾ هيس شام و سحر،
سوزِ غم جي کين هئي مون کي خبر.

بندگي حق جي ڪيم سالن جا سال،
کين هو منهنجو رياضت ۾ مثال.

مون کيو ٿي ذڪر اثباتي مدام،
آفرين هر ڪنهن ڪئي ٿي صبح و شام.

نيٺ ورتم پير عبدالحق جو در،
جت ڪيم نيڪي بدي کي در گذر.

بحرِ وحدت ۾ هٽايائين ٽٻي،
پوءِ بخشيائين هيءَ دولت درد جي.

مون تي ايڏي عشق جي امداد ٿي،
دل جو ويرانو ويو آباد ٿي.

ديندار جو تڏو پٽجي ويو،
مذهبن سان واسطو متجي ويو.

هي مسلماني ڪٽي ۽ مان ڪٽي،
يار جو حسن آهي هر هڪ جاءِ تي.

هر طرح هستي جي سامان کي ڇڏيم،
ڪفر توڙي دين و ايمان کي ڇڏيم.

دل الاهي عشق سان معمور ٿي،
غير جو سودا ويو ڪافور ٿي.

خاڪ جي پتلي جي هستي ٿي فنا،
عشق سان هر چيز اڏري وئي صفا.

عشق جو مهراڻ موجون ٿو هڻي،
ان جي آڏو ڪير پنهنجو سر ڪٽي.

موج خوني آهي بيشڪ بي پناه،
ڪير سر ڪوڙو ڪري ٿيندو تباه.

رت ۾ رڳجي تيز پاڻي ٿو رهي،
پنهنجي خوني وهڪرن سان ٿو وهي.

مونکي فرمايو هي منهنجي پيشوا
غم لٿو نيڪي، بدي ۽ جان جو.

جسم جو پاندو توڙ سان پڳو،
هن ٽيٺ سان جو هيو سو هو ٽيو.

ڪنهن کي ناهي منهنجي حالت جي خبر،
ٽيا فنا اعمال منهنجا سربسر.

مونکي ان مهراڻ ۾ مرشد وڏو،
پير عبدالحق حقيقي رهنما.

هن متيءَ جي مٽ کي پيرن ۾ ڪري،
هٽ ڪري وٺ جلد حق جي ذات کي.

خاڪ جي پتلي کي اڳ ۾ ڏي ڏکو،
"مان اسان" وارو حجاب آهي وڏو.

هڪ ٿي ويندا پاڻ ۾ ذات ۽ صفات،
دور ڪر هر وهم کي ڪر چپ چپات.

آفتاب ۽ روشنيءَ کي ڄاڻ هڪ،
پنهنجو جلوو ٿا پسائن پاڻ هڪ.

جيڪو موجود آهي سو نابود ڪر،
جيڪو نابود آهي سو موجود ڪر.

پاڻ ماري پاڻکي موجود ڪر،
هوڏ هستيءَ جو هجڻ نابود ڪر.

هن فنا مان جلد حاصل کر بقا،
وٺ مزو هن مئي جو پس پنهنجو لقا.

مهربانيون پير جون کهڙيون لکان،
جنهن کيا ايڏا ڪرم منهنجي مٿان.

جڳ ۾ اهڙو ڪير بڌجي ٿو سگهي،
لامڪان تي جو رسائي ٿو چڏي .

جسم و جان و دين و دل کي هت چڏي،
خاڪبازي کان مٿي ڪر پاڻ کي.

لامڪان تائين وڃي پرواز ڪر،
جئن پوي هر راز جي توکي خبر .

خاڪ جي هستي کي جلدي دور ڪر،
پاڻ پنهنجو نور سان معمور ڪر.

رک مٿي مخلوق کان پنهنجو خيال،
عرش و ڪرسيءَ کي ڪري چڏ پائمال.

دار تي منصور جئن هسوار ٿي،
دم اناالحق جو هٽي نروار ٿي.

جا بجا تون ئي ٿو ڏسجين سربسر،
تن بدن واري ٻيائي دور ڪر.

تون ئي تون آهين اکين آڏو سدا،
پاڻ کي ڏس، دور ڪر دوئي صفا.

جاڙ صورت کان سواءِ پنهنجو جمال،
پاڙ جئن حاصل ڪرين پنهنجو ڪمال.

چڏ وڃائي پنهنجي هستيءَ جو و بال،
رک نظر ۾ صرف پنهنجو ئي خيال.

پاڻ کي پنهنجي نظر ۾ محو ڪر،
جئن ڏسين درگاه رب جي سربسر.

پٽ وري دل جي نگاهن جي دري،
ماڙ ويهي دو جهان جي سروري.

جسم کي گم ڪر نگاهن کي سجاڙ،
عقل ۾ ايندي نه هن معنيٰ جي جاڙ.

گم ڪري چڏ خاڪ جي پتلي جو گوڙ،
بحر وحدت جي ۾ ان کي جلد ٻوڙ.

تنهنجي اندر جي اکين ۾ هر زمان،
نور جو هڪ بحر آهي بي ڪران.

پاڻ کي هن بحر ۾ داخل ڪري،
ڪر فنا هن خاڪ واري جسم کي.

تنهنجي هستي آهي خيمو خاڪ جو،
تون انهيءَ خيمي کي ڦاڙي ڪر ڦٽو.

آهي ان خيمي جي اندر حق جي ذات،
ڏس انهيءَ کي ڪر مٿيءَ جي مٽ کي مات.

ڪر يقين ٻيو ناهي هو تو ڪانسوا،
پاڙ کي جاڙي سجاڙي پس لقا.

تون ڪڏهن اڏرين ٿو هر هڪ عرش تي،
پر ڪڏهن ڦيرا ڏئين ٿو فرش تي.

تون گدا گر، بادشاه ۽ تون وزير،
تون ئي دربان، تون ئي بڌجين ٿو امير.

جو ڪجهه آهي، تون ئي آهين جا بجا،
وچ ۾ آهي ڪين ٻيو تو ڪانسوا.

جئن جو پنهنجا پرهلائي ٿو خيال،
لا مڪان تائين پجائي ٿو خيال.

آهي موجان موج هر دم بحر ۾،
سربسر سالڪ لڙهي ٿو لهر ۾.

زور سان هڪ موج باهر ٿي ڪڍيس،
بي ٽڦڙ ماري تري ۾ ٿي هٽيس.

هو ڪڏهن اندر ڪڏهن باهر وڃي،
جهٽ لڙهي لهرن ۾ ان جو سر وڃي.

بحر سارو نور جو آڙاهه آهه،
ڪير ويندو جنهن کي پيارو ساهه آهه.

جو وڃي ويجهو وڃائي پنهنجو ساهه،
جان پنهنجيءَ کي جلائي ٽئي تباهه.

بحرِ اعظم جو عجب آهي لقا،
ان کي ناهي ابتدا ۽ انتها.

بحرِ اعظم بيشڪ بي ڪنار،
ڪين ٿيندو ان جي موجن جو شمار.

ان جي موجن ۾ جڏهن پهتو خيال،
موج سان ٿي موج ويو منهنجو خيال.

ان خيالي موج جو آهي لقا،
جيڪا پاڻي ٿي وهي ٿي جا بجا.

منهنجي اهڙي گردش احوال آهي،
حال کان ٻاهر هي منهنجو حال آهي.

هن طرح ظاهر ڪيان ٿو حال ڪي،
جئن پچاڙي جو پتو جڳ کي پوي.

ناهي ٻيو ڪجهه بحرِ اعظم کانسوا،
موج ۾ هڪ موج آڻي ٿي صفا.

بحر جي موجن جي طغياني ڏٺم،
موج بٽجي خود پريشاني ڏٺم.

هت مزو ۽ معرفت آهن مدام،
جسم جو ۽ جان جو ناهي مقام.

ڪير آهي معرفت جي عيش سان،
ڪنهن کي طاقت ناهي جو کولي زبان.

هر گهڙي حيرت ۾ حيران ٿو رهان،
لا مڪان جو مرغ بٽجي ٿو اڏان.

خاڪ جي پيري منجهان نڪتس مگر،
مان انهيءَ حيرت ۾ آهيان سربسر.

مون اشارن ۾ گهٽو ظاهر ڪيو،
پر نه سڀ کو راز کي سمجهي سگهيو.

مون کي مرشد راهه ڏيکاري ڇڏي،
دل وئي سيني خيالن تان کڄي.

منهنجو مرشد ٿو درازن ۾ رهي،
پير عبدالحق هدايت ٿو ڪري.

جيڪڏهن هڪ وار کو هن کي ڏسي،
پاڻ پنهنجو پاڻ کان ٻاهر رهي.

هي "خدائي" دم غلامي جو پري،
ان جي در جي خاڪ سرمو ٿو ڪري.

جو نه چشمن سان ٻهاريان بارگاهه،
مان سندس خادم، هو منهنجو بادشاهه.

پنهنجي هادي جي حڪايت چا ڪيان،
ٿي نه سگهندو ان جي وصفن جو بيان.

وڻ قلم ۽ بحر مس بٽجي پون،
پير منهنجي جي صفت پوري نه ڪن.

ختم ٿي ويو خير سان نامئه گذار،
درد وارن لاءِ ٿيندو دلنواز.

هت قلم جو سر صفا ڪٽجي ويو،
جو لکڻ ۾ آيو سو لکجي ويو.

عشق نامو

عشق مان آدم خدا پيدا ڪيو،
ان کي مخلوقات ۾ اعليٰ ڪيو.

پنهنجي مخفي راز جون رمزون رکي،
ان ۾ سونپيائين امانت عشق جي.

گهر وٺي دنيا ۾ هو آباد ٿيو،
انت ۾ بي انت آيو شاد ٿيو.

سچ سراسر آهي جيڪي ٿو چوان،
ڳجهه ڳجهاندر ڳالهه ظاهر ٿو ڪيان.

آدمي ناهي اهو الله آهه،
جا بجا موجود شهنشاهه آهه.

پاڻ خلقي سپ جو مظهر پاڻ ٿيو،
دور دوئي کي ڪري ڏس، ناهي ٻيو.

جوڙ جوڙي پاڻ هر شيءِ ٿيو خدا،
ان کي ٻيو ڄاڻڻ خطا آهي خطا.

پاڻ خالق پوش انساني ڏکي،
آدمي جي نام سان آيو هتي.

گودڙي ۾ لعل آيو هت لکي،
جوش ڪائي مئي صراحي ۾ پئي.

جو ڪجهه آهي سو اهو آهي هتي،
ظاهر ۽ باطن ٻيو ناهي هتي.

دو جهان جي مير يعني مصطفيٰ،
سربسر اسرار جنهن ظاهر ڪيا.

سو محمد ۽ احد هڪ ڄاڻ پک،
هڪ ٿيا سي هڪ ٿيا، آڄ نه شڪ.

جنهن ڪيا اسرار ظاهر بيشمار،
جنهن "انا احمد" چيو ٿي بار بار.

سو محمد ۽ علي ٻئي هڪ ٿيا،
شڪ نه آڄ هن عقيدي ۾ صفا.

"عشقنامو" نام ٿيو هن نظم جو،
هن قلم کي حڪم رحماني ٿيو.

چند بيتن ۾ ٿيو پورو ڪلام،
تنهنجي ڪاغذ کي پڙهن جئن خاص عام.

منهنجي هٿ ۾ اوچتو آيو قلم،
جنهن لکي ڪاغذ متان رو دادِ غم.

دل ۾ دريا ٿيو روان اهڙيءَ طرح،
موج ۾ موجون اچن جهڙيءَ طرح.

پڌ ذرا منهنجي زباني هي بيان،
عشق جي رمزن کي ظاهر ٿو ڪيان.

تاج شاهي عشق جو سر تي رکي،
آدمي عالم کي بخشي روشني.

بيت ۽ گفتا نه آهن مون وٽان،
هي ڳجهيون ڳالهيون پلا آيون ڪٿان؟

ڪنهن وٽان هي راز ظاهر ٿي ٻيو،
ڪير آهي، جنهن اهو گفتو ڪيو؟

هن حقيقت سخت عبرت ۾ وڏو،
مون کي عبرت بعد حيرت ۾ وڏو.

ايترا ظاهر ڪيا اسرار ڪنهن،
هي سيئي نڪتا ڪيا نروار ڪنهن؟

مون کي سمجهايو هي منهنجي پيشوا،
پير عبدالحق حقيقي رهنما.

حق جو گهر آدم جو گهر ٿيو بيگمان،
ان جي ذاتِ پاڪ جو آهي بيان.

تون نه آهين، آهي هو چڏ هاءِ هاءِ،
بحر وحدت ۾ اها هستي وجاءِ.

دل ۾ حق جي هيڪڙائي ٿي رهي،
بن چپن ۾ پر بيائي ٿي رهي.

معرفت ۾ آهي وحدت جو مقام،
گفتگو ۾ آهي ڪثرت جو ڪلام.

معرفت ۾ آهي هر ڪنهن کي بقا،
جو نٿو سمجهين، اهو آهي خدا.

پنهنجي بولي پاڻ ٿو بولي ٻڌي،
پاڻ دلبر ٿو ڏسي ۽ وائسي.

ان جو گفتو آهي هي منهنجو بيان،
ان جي رمزن کي ئي ظاهر ٿو ڪيان.

جاڻ ڳجهه الله جو انسان کي،
جنهن ڪيو ظاهر خدا جي شان کي.

پاڻ سپ ڪنهن کي سجاڻي ٿو ڪڏهن،
ڪين ڪنهن شيءِ کي ٻ جاڻي ٿو ڪڏهن.

چا ٻڌيو ان جو مقدر، يار ڏس،
ظلم توڙي جهل ان جي ڪار ڏس.

ظلم معنيٰ نفس پنهنجي کي کهڻ،
جهل معنيٰ پاڻ کان پاسي رهڻ.

هڪ "الستي عهد"، ٻيو "قالو بليٰ"،
عشق ڏاران ٻول ٻيا ڪنهن جا هيا.

عشق جئن نروار هي نڪتا ڪيا،
عشق وارا پنهنجي هستيءَ کان هٿيا.

آدمي واقف ٿيو هر رمز کان،
حڪم جو بندو ٿي بينو بي گمان.

ان کي حق بخشيو نيارو ذوق شوق،
جنهن کي چئجي عشق وارو ذوق شوق.

لامڪان جو راز انسان ۾ رکي،
آگ لاتائين انهيءَ کي عشق جي.

آدمي آهي برابر نور پاڪ،
بيخبر ٻڌجي متان سمجهينس خاڪ.

عرش وارن جو نشان آدم ٿيو،
ان منجهان پيدا سڄو عالم ٿيو.

ان منجهان پيدا اهي آثار ٿيا،
ان منجهان ظاهر سيئي اسرار ٿيا.

آدمي ڪونين ۾ ممتاز آهه،
لامڪان جي ملڪ جو شهباز آهه.

آهي هر هڪ رمز جو هو راز دان،
سڀ کو واقف ناهي ان جي راز کان.

ملڪ جو مالڪ اهو معبود آهه،
جملہ عالم جو بشر مقصود آهه.

آدمي ۾ عشق جو غوغا ٿيو،
راز مولا جو منجهس پيدا ٿيو.

عاشقن کي عشق حيراني ڏني،
پاکبازن کي پريشاني ڏني.

عشق مستيءَ جو ڪٽي نعرو هنيو،
زيرِ آتش هر دو عالم کي ڪيو.

مسجد و مندر کيا ويران عشق،
مفتي و قاضي کيا حيران عشق.

عشق آيو عقل پاڇوکڙ پڳو،
امر ان جي سان ادب راهي ٿيو.

آسمان تان عشق ڊوڙايو بشر، هت منڊيءَ جي ملڪ تي آيو بشر.
جئن اڏامي عشق جو گهوڙو هليو، آسمان سان نعل ان جو ٽي لڳو.
چو طرف ان نعل جو چمڪو ٽيو، ان منجهان خورشيد روشن ٿي ويو.
آسمان کي عشق گردش ۾ وڌو، ان پنڌيان سج چند کي چڪر ٽيو.
لامڪان کان عشق جي شهباز جو، عرش اعليٰ جي مٿان پرواز ٽيو.
عرش اعظم جي اچي عظمت ڏني، حق جي ڪرسيءَ جي وڏي وسعت ڏني.
آسمان واري بلنديءَ کي ڏسي، پاڻ جنت ڏي وري آيو وڏي.
جا گهڙي جنت ۾ هو نعمت هيس، هن منڊيءَ جي ملڪ تي محنت مليس.
هن جڳهه تان هن جڳهه تي جئن پگو، بس سراسر رنج و محنت ۾ رهيو.
هت اچي جوڙيائين محبت جو مڪان، خاڪ جو پتلو پريائين درد سان.
آهي محنت ۽ محبت جو خيال، موج ۽ دريا جي صورت جي مثال.
عشق ۾ مجنون سوين سلطان ٿيا، هن جهان ۾ هر طرح حيران ٿيا.
عالم و قاضي سوين حيران ٿيا، مفتي و ملا سوين مستان ٿيا.
عشق جي سلطان جو خيمو لڳو، جو بہ آيو سو اچي قابو ٿيو.
عقل کي هڪدم هٽائي ٿو ڇڏي، دين و ايمان کان ڇڏائي ٿو ڇڏي.
ناهي طاقت عقل کي هن جاءِ تي، عشق جو شهباز اڏري ٿو مٿي.
عشق آڏو عقل عاجز ٿو رهي، عقل کي ٿو هڪ اشاري سان کهي.
عقل شاهِ عشق جو دربان آهه، هي سپاهي آهي، هو سلطان آهه.
عشق کان مخفي نہ آهي کوئي راز، بن جهانن ۾ هو آهي شاهباز.
عشق آهي ذات حق جي سربسر، ان جو صورت کان سواءِ ديدار کر.
چو نہ ٿيندو عشق جو عالي مقام، عشق آهي بن جهانن جو امام.
جو ڪجهه آهي، عشق آهي جا بجا، دور کر سپ وهم وارا وسوسا.
عشق ڏاران جڳ ۾ بي کا راه ناه، عشق آهي شاه بيو کو شاه ناه.
عشق هر ڪنهن جي مٿان غالب ٿيو، معرفت وارو سندس طالب ٿيو.
جنهن اچي هن عشق جو درشن ڪيو، دين ۽ اسلام کان باهر ٿيو.
جسم کي ۽ جان کي فاني ڪري، عشق آڻي ٿو بقا جي ملڪ تي.
عشق آهي ذات، مولا ٿو ڏئي، ناهي اهڙي چيز جا لکجي سگهي.
عشق جو درياه آهي بي ڪنار، موج تي موج آهي جنهن ۾ بي شمار.
عشق ازخود هر گواهي ٿو ڏئي، هڪ گدا کي بادشاهي ٿو ڏئي.
عشق جي آتش ٿي ساڙي سربسر، جسم، توڙي جان دل، توڙي جگر.

عشق واري باه پڙڪا ٿي ڪري، دل پتنگن جئن انهيءَ ۾ ٿي پچي.
عقل چئي ٿو پڙهه وظيفا روز شب، عشق چئي ٿو ڇڏ خساري جو سبب.
عقل چئي ٿو طاعت ۽ تقويٰ ڪجي، عشق چئي ٿو پاڻ کي رسوا ڪجي.
عقل چئي ٿو هر وظيفو ياد ڪر، عشق چئي ٿو درد کي آباد ڪر.
عقل چئي ٿو ڇڏ نه روزو ۽ نماز، عشق چئي ٿو جاڻ هر هڪ رمز راز.
عقل چئي ٿو پاءِ پيريءَ جو لباس، عشق چئي ٿو هي وڪڻ ڪنهن ۾ نه قاس.
عقل چئي ٿو تون زريءَ جو پوش پاءِ، عشق چئي ٿو پاڻ ٿي واري وساءِ.
عقل چئي ٿو هر ملامت دور ڪر، عشق چئي ٿو ڪفر کي مشهور ڪر.
عقل چئي ٿو ڪر ڪتابن سان رهاڻ، عشق چئي ٿو رک ربابن سان رهاڻ.
عقل چئي ٿو ڇڏ نه پنهنجو ننگ و نام، عشق چئي ٿو لاهه هي قاسڻ جو دام.
عقل چئي ٿو ڪين لاهي ڇڏ نقاب، عشق چئي ٿو رهه هميشه بي حجاب.
عقل چئي ٿو زهد سان تسبيح پڙهه، عشق چئي ٿو جلد ڪر سوليءَ تي چڙهه.
عقل چئي ٿو رهه برائيءَ کان بري، عشق چئي ٿو ڇڏ گڏي نيڪي بدي.
عقل چئي ٿو عيش جو خانو بٽاءِ، عشق چئي ٿو گهر کي ويرانو بٽاءِ.
عقل چئي ٿو پارسا بٽجڻ کپي، عشق چئي ٿو بينوا بٽجڻ کپي.
عقل چئي ٿو عابد ۽ زاهد ٿجي، عشق چئي ٿو دور ڪر هن وهم کي.
عقل چئي ٿو علم جي تحصيل ڪر، عشق چئي ٿو محو ٿي وڃ سربسر.
عقل چئي ٿو قاضي و ملا ٿجي، عشق چئي ٿو"لا" منجهان "الا" ڪجي.
عقل چئي ٿو مان سان ڪر ڪار ڪم، عشق چئي ٿو مار"سبحاني" جو دم.
عقل چئي ٿو رهه هميشه تون خموش، عشق چئي ٿوجوش مان ڪر مئي کي نوش.
عقل چئي ٿو پاڻ کي موجود جاڻ، عشق چئي ٿو جڳ سڄو نابود جاڻ.
عقل چئي ٿو هوڏ ۽ هستي ۾ اڇ، عشق چئي ٿو موج ۽ مستي ۾ اڇ.
عقل چئي ٿو عالمن جو ڪر لباس، عشق چئي ٿو پي شراب ۽ رک شناس
عقل چئي ٿو ذڪر ڪر تسبيح ناهه، عشق چئي ٿو جلد ڪر جٽئي کي لاهه.
عقل چئي ٿو تون جماعت سان رهاءِ، عشق چئي ٿو درد کي رهبر بٽاءِ.
عقل چئي ٿو هار ۽ سينگار ڪر، عشق چئي ٿو حال کي هموار ڪر.
عقل چئي ٿو جا بجا مشهور ٿي، عشق چئي ٿو جڳ سڄي کان دور ٿي.
عقل چئي ٿو پاڻ وٽ ميڙو مچاءِ، عشق چئي ٿو پاڻ کي سپ کان بچاءِ.
عقل چئي ٿو بٽجي وڃ ماٺهن جو پير، عشق چئي ٿو رهه محبت ۾ اسير.
عقل چئي ٿو ويهه مسجد ۾ مدام، عشق چئي ٿو مئڪدي جو ڪر سلام.

عقل چئي ٿو ڪر طهارت هر گهڙي،
عشق چئي ٿو جسم کان آزاد ٿي.

عقل چئي ٿو ڪر سوال ۽ ڏي جواب،
عشق چئي ٿو سپ جي آڏو ٿي خراب.

عقل چئي ٿو نيڪ پنهنجو نام ڪر،
عشق چئي ٿو پاڻ کي بدنام ڪر.

عقل چئي ٿو هوش رک، هشيار ٿيءُ،
عشق چئي ٿو مست و عاشق، يار ٿيءُ.

عقل چئي ٿو دين کان آگاهه ٿيءُ،
عشق چئي ٿو فقر جو همراهه ٿيءُ.

عقل چئي ٿو پاڻ کي مرشد بڻاءِ،
عشق چئي ٿو وهم اهڙي کي وڃاءِ.

عشق بيشڪ هر طرح هشيار آهه،
عشق پنهنجو پاڻ کان بيزار آهه.

عشق رب جا راز پيدا ٿو ڪري،
عاشقن کي پاڻ شيدا ٿو ڪري.

عاشقن کي عشق حيران ٿو ڪري،
سالڪن کي پڻ پريشان ٿو ڪري.

عشق هر راحت وڃائي ٿو ڇڏي،
نيڪنامي کي جلائي ٿو ڇڏي.

عشق جي نعرن جي آهي ڏمر ڏڙي،
"لي مع الله" ۽ "انا الحق" هر گهڙي.

عشق جئن ماري ٿو "سبحاني جو دم"،
جڳ ۾ هي غوغا ٿو ٻڌجي دم بدم.

عشق واري ٿو ڇڏي هر هڪ ڪتاب،
هر دوکانداري ڪري ٿو هو خراب.

عشق جڳ ۾ آهي بانڪو بادشاه،
هڪ ٿو سمجهي هر مڙهي چا خانقاه.

عقل ۾ آهي بيائي جو اڪر،
عشق ۾ توحيد آهي سربسر.

عقل ۾ آهي همميشه افتخار،
عشق ۾ آهي سراسر انڪسار.

عقل کي آهي ڪمينن جو سلام،
عشق جو آهي سدا عالي مقام.

دم "اناالحق" جو لڳي ٿو عشق ۾،
ڪوٽ هستيءَ جو پڄي ٿو عشق ۾.

عشق جي درياه ۾ موجان موج آهه،
لامڪان تائين انهيءَ جو اوج آهه.

عشق جي چوغي ۾ هو "حق" جي پڪار،
عشق ۾ "مان مان" جي وائي کي وسار.

"لوڪشف" جو راز ظاهر ٿو ڪري،
عشق ٿو بي ميم احمد کي سڏي.

ڪاميابي عشق جو دستور آهه،
پر ملامت ۾ سدا مشهور آهه.

عشق هر هڪ علم ظاهر ٿو ڪري،
گفتگو جا رنگ ان ۾ ٿو پري.

جان کي جوهر اچن ٿا عشق سان،
ٽي سڃا انڌا پون ٿا عشق سان.

عقل دنيا جي پنيان آهي تباهه،
عشق آهي دو جهان جو بادشاهه.

عقل آهي خود پرستيءَ جو مقام،
عشق آهي موج مستيءَ جو مقام.

عقل دائم آهي دنيا جو غلام،
عشق جو دنيا چا عقبيٰ کي سلام.

عقل هر جا گهر بٽائيندو رهي،
عشق ويرانا وسائيندو رهي.

عقل جي آڏو رهن ٽيون صورتون،
عشق ميٽي ٿو ڇڏي سڀ مورتون.

عقل جي آڏو رهن ٽا سئو نقاب،
عشق لاهي ٿو ڇڏي هر هڪ حجاب.

عقل سجدن ۾ ٿو سمجهي پنهنجو سود، عشق هر شيءِ جو ويجائي ٿو وجود.
عقل چاهي ٿو ته رکجي سر بلند، بي نيازي عشق کي آهي پسند.
عقل جي آهي سدا قيل و قال، عشق آڻي ٿو صفا احوال حال.
عقل آهي بس ٻيائي سان ٻڌل، عشق آهي هيکڙائي سان ٻڌل.
عقل اٽکيل ٿو رهي تقليد ۾، عشق هر دم ٿو رهي توحيد ۾
عقل ڏيکاري ٿو جسماني جمال، جان و تن تي عشق آڻي ٿو زوال.
عقل سان دنيا جو درشن ٿو ڪجي، عشق سان پسجي ٿو حق جي ذات کي.

ڏينهن جمعي جي ڪيم پورو ڪلام،
"عشقنامو" ختم ٿيو. بس والسلام

ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران 2008ع کان 2012ع تائين چپايل سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتابن جو تفصيل

نمبر	ڪتاب جو نالو	مصنف/مرتب/مترجم	قيمت	سال
1	سپ رنگ	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	250	2012
2	امر جليل جا ڪتاب جلد ٻيو	امر جليل	800	2012
3	شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جا تاريخي انٽرويوز	پروفيسر اعجاز احمد قريشي	200	2012
	تم جيت گئي هم هار گئي	پروفيسر سليم ميمڻ	300	2012
	Shaheed Mohtarma Benazier Bhutto	Prof. Aijaz A. Qureshi	350	2012
4	ڪي نہ وسرن مور	ڊاڪٽر سحر امداد حسيني	120	2012
5	سوويئر "لعل شهباز قلندر"	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ڊاڪٽر نواز علي شوق		2012
6	سنڌڙيءَ جو شهباز قلندر	آزاد انور ڪانڌڙو	200	2012
7	قلندر لعل سيوهاڻي	ڊاڪٽر نواز علي شوق	120	2012
8	الشهباز	جليل سيوهاڻي	150	2012
9	قلندر نامو	حڪيم فتح محمد سيوهاڻي	100	2012
10	تذڪره شهباز	ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	120	2012
11	شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پيغام جو موجوده حالت تي اطلاق	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	250	2012
12	سنڌي شاعري جو اپياس	شمشيرالحيدري	150	2012
13	شاهہ عبداللطيف ڀٽائي مقالا ۽ مضمون	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	600	2012
14	ينيورءِ ديبل	عبدالقادر منگي	300	2012
15	شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي دور ۾ تصوف جا سلسلا	ڊاڪٽر عابد مظهر	300	2012

16	سنڌي ڪهاڻي	اسحاق انصاري	300	2012
17	فن ۽ فنڪار جلد ٻيو	ڪوثر پرڙو	300	2012
18	سيپيتا جا سونهان	محمد حسين ڪاشف	200	2012
19	مون ۾ تون موجود	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	200	2012
20	سنڌ جا قديم آثار ۽ تاريخ	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	250	2012
21	رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد نمبر 2	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	850	2012
22	شاهه جو رسالو (مڪمل فُورِ ڪلر)	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	1500	2012
23	وکريل ورق	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	350	2012
24	مقالاتِ عزيز	عزيز جعفراڻي	400	2012
25	فقير هدايت علي نجفي تارڪ جو سنڌي ڪلام	ڊاڪٽر نواز علي شوق	500	2012
26	شيخ اياز(شخصيت ۽ فن)	غلام سڪينا حميده قاضي	400	2012
27	امر جليل جا ڪتابَ جلد پهريون (1.دل جي دنيا ، 2. جڏهن مان نه هوندس، 3. تاريخ جو ڪفن، 4. منهنجو ڏس آسمان ڪان پڇو.	امر جليل	600	2012
28	رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد پهريون	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	800	2012
29	فيض احمد فيض ۽ پاڪستاني ثقافت	امان الله شيخ	250	2012
30	فيض جا ايلس ڏانهن خط	شبنم موتي	250	2012
31	فيض سان رهاڻيون	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	500	2012
32	راڳ نامون	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	270	2012
33	ميزان (فيض احمد فيض)	ڊاڪٽر نواز علي شوق	240	2012
34	جهڙي سونهن سندياس	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	250/-	2012
35	اديون آءُ اڃاڻ	ڊاڪٽر فهميده حسين	250/-	2012
36	شاهه سچل ۽ خليفو قاسم	محمد حسين ڪاشف	200/-	2012
37	شاهه عبداللطيف مدبر معلم ۽ مهربان	ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو	150/-	2012
38	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (شخصيت فن ۽ فڪر)	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	250/-	2011
39	ڪلام ريجهه علي شاهه	پروفيسر منظور حسين کهڙو	250/-	2011

40	سنڌ هيرن کاڻ	رسول بخش درس	150/-	2011
41	قلندر صوفي ۽ ملامتي	ڊاڪٽر نواز علي شوق	150/-	2011
42	تذڪره لال شهباز قلندر	انور ساگر ڪانڊڙو	150/-	2011
43	سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر	ڊاڪٽر مخمور بخاري	300/-	2011
44	سنڌي ڪلچر	غلام رباني آڳرو	200/-	2011
45	سنڌي موسيقي جا سر تار	خليل الرحمان شيخ	200/-	2011
46	شاهه جي رسالي جي سڃاڻي (جلد ٻيو)	محمد حسين ڪاشف	500/-	2011
47	سُر پورب	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	200/-	2011
48	ڪلامِ گروهڙي	ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو	500/-	2010
49	شيخ اياز نثر جلد پنجون	شيخ اياز	350/-	2010
50	سُر پرياتي	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	350/..	2010
51	شاهه جي رسالي جي سڃاڻي (جلد پهريون)	محمد حسين ڪاشف	500/-	2010
52	شاهه جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر	ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي	600/-	2010
53	سومرا راج گهراٽو	ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومرو	400/-	2010
54	قلندر لعل شهباز	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	200/-	2010
55	مان جي مئس پنڌ ۾	رکيل مورائي	500/-	2010
56	لاکو پير لطيف الله	پير محمد عالم قريشي صديقي	150/-	2010
57	شاهه لطيف الله قادريءَ جو ڪلام	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	100/-	2010
58	استاد بُخاري - فن ۽ شخصيت	آزاد انور ڪانڊڙو	650/-	2010
59	محمد عثمان ڏيپلائي ۽ سنڌي سماج تي سندس اثر	ڊاڪٽر ثريا ساز ڏيپلائي	300/-	2010
60	ڳڻوانن جون ڳالهيون	قمر شهباز	300/-	2010
61	ڇج پرائي	قمر شهباز	450/-	2010
62	ننگر ٺٽو: هڪ مطالعو	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	250/-	2010
63	صوفي شاهه عنايت شهيد	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	600/-	2010

64	شيخ اياز جلد پنجون (چار ڪتاب) (1.اُپر چنڊ پس پرين ، 2. هينئڙو ڏاڙهونءَ گُل جيئن، 3. الوداعي گيت، 4. ننڍ وليون	شيخ اياز	750/-	2010
65	شيخ اياز جلد ڇهون (ٽي ڪتاب) (1.ڪتين ڪر موڙيا جڏهن جلد پهريون، ٻيو ٽيون)	شيخ اياز	1000/-	2010
66	شيخ اياز جلد ستون (ٽي ڪتاب) (1.سر لوهيڑا ڇپيا ، 2. سُورج مُکي سانجهه، 3. چولين هوليون سمنڊ جون.	شيخ اياز	1000/-	2010
67	شيخ اياز جلد اٺون (چار ڪتاب) (1.جر ڏيئا جهمڪن ، 2. هرڻ اکي ڪيڏانهن، 3. چنڊ ڳليون، 4. تون ڇپر تون ڇانوَ	شيخ اياز	700/-	2010
68	شيخ اياز جلد نائون (پنج ڪتاب) (1.گهاٽ متان گهنگهور گهٽا ۾ ، 2. سامنجهي سمنڊ سپون، 3. ڪونجون ڪُرڪن روهڙ تي، 4. ڪاري رات ڪُهنگ، 5. وڏا وڻ وڻڪار جا.	شيخ اياز	600/-	2010
69	شيخ اياز جلد ڏهون (پنج ڪتاب) 1.اڻي اور الله سان ، 2. مينهن ڪٽيون، 3. اڪ جون ڦلڙيون، ٻيج ٻني ، 4. پکي ساڳي پار ج، 5. هي جي نهرون ننڍ جون	شيخ اياز	600/-	2010
70	شيخ اياز جلد پهريون (نثر) 1.جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي ، 2. ساهيوال جيل جي ڊائري، 3. ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون ، 4. جڳ مڙيوئي سپنو	شيخ اياز	730/-	2010
71	شيخ اياز جلد ٻيو (نثر) 1.ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان ، 2. خط انترويو ۽ تقريرون جلد پهريون ٻيو 3. اڳتي قدم جا ايڊيٽوريم	شيخ اياز	700/-	2010

72	شيخ ايياز جلد ٽيون (نثر) 1.ڪٿي ته پڇبو ٽڪ مسافر جلد پهريون، پيو ٽيون ۽ چوٿون	شيخ ايياز	1000/-	2010
73	شيخ ايياز جلد چوٿون (نثر) 1.شيخ ايياز ۽ صحافت	شيخ ايياز	500/-	2010
74	شاهه جو رسالو	ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	500/-	2009
75	سر آسا	ڈاڪٽر محمد علي مانجهي	250/-	2009
76	بيت نه پر آيتون	ڈاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو	250/-	2009
77	شيخ ايياز جلد ٽيون (پنج ڪتاب) (1.لڙيو سج لکن ۾، 2. پن چڙ پڇاڙان، 3. چند چنبيليءَ ول، 4. رڙ تي رمجهم، 5. پڳت سنگهه ڦاسي)	شيخ ايياز	500/-	2009
87	شيخ ايياز جلد چوٿون (پنج ڪتاب) (1.راج گهاٽ تي چند، 2. بڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي، 3. آکن نيرا ڦُليا، 4. جهڙ نيڻان نه لهي 5. سُر نارائڻ شيام)	شيخ ايياز	500/-	2009
79	سراج السالڪين	رسول بخش تميمي	150/-	2009
80	سنڌ جو سرمست	رڪيل مورائي	300/-	2009
81	ڪوهستان جو سفر	بدر ابڙو	400/-	2009
82	سنڌ صدين کان	ممتاز مرزا	400/-	2009
83	خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو	ڈاڪٽر عطا محمد حامي	600/-	2009
84	شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام	ڈاڪٽر عمر بن محمد دائوديپوٽو	100/-	2008
85	رسالو ميان سچل فقير جو	مرزا علي قلي بيگ	800/-	2008
86	شيخ ايياز جلد ٻيو (چار ڪتاب) (1. ڪپر ٿو ڪُن ڪري، 2.پٽڙ ٿو پور ڪري، 3. ٽڪرا ٽٽل صليب جا، 4. واٽون ڦُلن چانئيون)	شيخ ايياز	500/-	2008

87	شيخ اياز جلد پهريون (چار ڪتاب) (1.پوئنر پري آڪاس، 2.ڪلهي پاتم ڪينرو 3.ڪي جو پيجل پوليو 4.وڇون وسڻ آئيون)	شيخ اياز	500/-	2008
88	ننڍي ڪنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ	غلام حيدر صديقي	200/-	2008
89	سنڌوءَ جا گيت	ڊاڪٽر ڪمال جامڙو	300/-	2008
90	شاهه جو رسالو	ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ	400/-	2008
91	سُر ڪيڏارو	منظور احمد قناصرو	250/-	2008

نمبر	کتابوں کی نام	مصنف/مرتب/مترجم	قیمت	سال
1	سندھ میں اردو شاعری	ڈاکٹر نبی بخش خان بلوچ	350	2012
2	خطوط ڈاکٹر نبی بخش بلوچ	محمد راشد شیخ	250/-	2012
3	محمد ابراہیم جویو ایک صدی کی آواز	سید مظہر جمیل	750/-	2012
4	دشت وجود کی مسافت	آغا سلیم	250/-	2012
5	آئینہ خانہء شاہ لطیف	ڈاکٹر طاہر تونسوی	200/-	2010
6	حلقہ مری زنجیر کا	شیخ ایاز	800/-	2010
7	بوئے گل نالہء دل	شیخ ایاز	500/-	2010
8	دنیا ساری خواب	شیخ ایاز	650/-	2010
9	اے آہو چشم کدھر	شیخ ایاز	400/-	2010
10	سچل سچ ہے سارا	آغا سلیم	300/-	2010
11	سندھ ایک عام جائزہ	مظہر یوسف	400/-	2010
12	بھٹو کا تصور پاکستان	نصرت لاشاری	350/-	2009
13	شاہ جو رسالو	شیخ ایاز	650/-	2009
14	سچل سرمست، تاریخ، تصوف اور شاعری	ڈاکٹر نواز علی شوق	150/-	2009
15	سکھر تاریخ و تمدن	ڈاکٹر عبدالواحد اندھڑ	400/-	2008

Sr. No	Name of Books	Writer	Rate	Year
1	Musical Instruments of the Lower Indus Valley of Sindh	Dr. Nabi Bux Khan Baloch	200/-	2012
2	Alexander's Conquest of Indus Valley	Agha Saleem	400/-	2012
3	Lake Manchar	Taj Muhammad Sahrai	200/-	2012
4	Dr. G.M Mehkri on Sindh Articles	Muhammad Ibrahim Joyo	350/-	2012
5	Hazrat Shanshah Lal Shabza Qalandar	Syed Dinal Shah Darbelvy	400/-	2012
6	Mohen Jo Daro the Indus civilization	Jahn Marshall	3000/-	2012
7	Selection from the Risalo	G. A Allana	150/-	2012
8	Sufism & Classical Sindhi Poetry	Saleem Noorhassan	150/-	2012
9	Anecdotes of Vataayo Faqeer	Saleem Noorhassan	200/-	2012
10	6 Thousands years of History of Irrigation of Sindh	M.H. Panhwar	800/-	2011
11	The Epic of Dodo Chaneiser	Saleem Noorhassan	300/-	2011
12	Handicrafts of Sindh	Waheeda Khizir Qazi	180/-	2010
13	Sindhi Society & Culture	Prof. Dr. Ghulam Ali Alana	1600/-	2010
14	Life & Thought of Shah Latif Bhitai	Gul Mohammad Umrani	200/-	2010
15	Songs Of Freedom	Shaikh Ayaz	500/-	2010
16	Melodies of SALB, V-IV	Agha Saleem	400/-	2009
17	Shah Jo Risalo in Arabic & English	Faiz Mohammd Khoso	300/-	2009
18	Shah,Sachal,Sami	Mohd.Ibrahim Joyo	200/-	2009
19	Darazi School of Sufi Thought	Dr.Sakhi Qabool Mohammad Farooqi	400/-	2009
20	Melodies of SALB, V-III	Agha Saleem	500/-	2008
21	History of Sindhi Literature	Shaikh Aziz	250/-	2008

CULTURE DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.